هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل پاليسيءَ تحت

ڇه ماهي

# سنڌي ٻولي

[ تحقيقي جرنل ]

جلد تيرهون – شمارو ٻيو
ڊسمبر 2020ع

ISSN: 2519-9765



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

هائيَر ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل پاليسيءَ موجب

چهه ماهي
# سنڌي ٻولي
تحقيقي جرنل

جلد تيرهون- شمارو ٻيو

ڊسمبر 2020ع

ISSN: 2519-9765

ايڊيٽر
ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ

چهہ ماهي

# سنڌي ٻولي

## تحقيقي جرنل

| | |
|---|---|
| ايڊيٽر: | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي |
| جوائنٽ ايڊيٽر: | شبنم گل |
| سب ايڊيٽر: | شوڪت چاچڙ |
| ٽائيٽل: | اسدالله ڀٽو |
| ويب ڊولپر : | انيس ڪاڪا |
| جُلد ۽ شمارو: | تيرهون۔ شمارو: ٻيو (ڊسمبر 2020ع) |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپائيندڙ: | سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ۔ 71000 |
| ملهہ: | 250/۔ روپيا |
| ڇپيندڙ: | ميسرز پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد |

**ISSN-L: 2519-9765** Print Version

**ISSN: 2521-4608** online Version

www.journal.sindhila.org

SINDHI BOLI [Research Journal]

| | |
|---|---|
| Editor: | Dr. Muhammad Ali Manjhi |
| Joint Editor: | Shabnum Gul |
| Sub Editor: | Shoukat Chachar |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Web Developer: | Anees kaka |
| Volume: | 13th – Issue: 2nd (December2020) |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad Sindh, 71000 |
| Price: | Rs.250/- |
| E- mail: | sindhiboli@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.journal.sindhila.org |
| Printed by: | Pakiza Printers, Hyderabad. |

هي تحقيقي جرنل اداري جي سيڪريٽري، ميسرز پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد مان ڇپائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

## ايڊيٽوريل/صلاحڪاري بورڊ (ڏيهي)
Editorial/Advisory Board (National)

**پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق**
اڳوڻو چيئرمئن، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

**پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين**
اڳوڻي چيئرپرسن، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

**ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري**
محقق ۽ ماهر آثار قديمه

**پروفيسر ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو**
ڊين فئڪلٽي آف آرٽس،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**پروفيسر ڊاڪٽر ادل سومرو**
اڳوڻو چيئرمئن، سنڌي شعبو
شاه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

**پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجو**
چيئرمئن، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو**
اسسٽنٽ پروفيسر
علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد

**ڊاڪٽر منظور علي ويسريو**
اسسٽنٽ پروفيسر (NIPS)
قائداعظم يونيورسٽي، اسلام آباد

## ايڊيٽوريل / صلاحڪاري بورڊ (پرڏيهي)
## Editorial /Advisory Board (International)

**ڊاڪٽر چيتو لالواڻي**
اسڪالر / اڳوڻو ڊائريڪٽر
نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگئيج (ڀارت)

**پروفيسر ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي**
اڳوڻو چيئرمئن، سنڌي شعبو
ممبئي يونيورسٽي، (ڀارت)

**ڊاڪٽر روشن گولاڻي**
چيئرمئن بورڊ آف اسٽڊيز،
گجرات يونيورسٽي، احمد آباد، (ڀارت)

**ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي**
پريزيڊنٽ (وومين ونگ)
اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا (ڀارت)

**ڊاڪٽر هاسو دادلاڻي**
اڳوڻو سربراهه، سنڌي شعبو
SPC گورنمينٽ (P.G) ڪاليج، اجمير شريف (ڀارت)

**ڊاڪٽر سنڌيا چندر ڪندناڻي**
سربراهه، سنڌي شعبو
چاندي ٻائي ڪاليج، الهاس نگر (ڀارت)

**ڊاڪٽر سريش بابلاڻي**
ريسرچ اسڪالر
اجمير شريف (ڀارت)

## فهرست


ايڊيٽوريل — ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

### (ٻولي)

- سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط ۽ آئيويتا: هڪ جائزو — محمد ادريس جتوئي — 09
- مصدر جي آخر کان اڳئين حرف جي اعراب جو ترجيحي معاملو — ڊاڪٽر الطاف جوکيو — 16
- شاهه لطيف، سنڌو سڀيتا ۽ سنڌ- يورپي ٻولي: هڪ تاريخي اڀياس — ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي — 31
- سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ۽ سماجي علمن جي اصطلاحن جو باني: ننديرام ميراڻي 'سيوهاڻي' — مختيار احمد ملاح — 60
- سنڌي ٻوليءَ جي راين/ تاثرات واري متن ۾ موجود احساسن جو ڪمپيوٽر مشين ذريعي تجزيو — ڊاڪٽر مظهر ڏوتيو — 83
- دفتري سنڌي ۽ انگريز دؤر: هڪ جائزو — امين لغاري — 102
- سنڌيءَ ۾ گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي (Minutes) لکڻ جو فن ۽ ان جا اصول — خالد آزاد — 121

### (ادبي تحقيق)

- سنڌ مدرسة الاسلام جي 'مدرسہ مخزن' جو سنڌي ادب ۾ ڪردار — ڊاڪٽر ممتاز بخاري — 134
- شيخ اياز جا ساميءَ سان اختلاف ۽ اتفاق — ڊاڪٽر بشير احمد (فياض لطيف) — 148
- سنڌي اساسي شاعري- مختصر تعارفي تحقيق — ڊاڪٽر حاڪم ٻرڙو — 176
- مخدوم محمد صادق نئي صديقي: نئي جو هڪ نامور استاد — ڊاڪٽر انس راڄپر - محمد علي لغاري — 180

**ادارتي پاليسي**

Policy & guidelines for Authors

- ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل ۾ ڇپجندڙ مقالا جيئن تہ تحقيق تي مشتمل هوندا آهن, تنهنڪري مقالا نگارن جي متن سان اداري جو متفق هئڻ ضروري نہ آهي.
- مقالا نگارن کي گذارش آهي تہ مقالو تحقيق جي مروج اصولن تحت لکن, حوالا ۽ مقالي جو انگريزيءَ ۾ تَتُ (Abstract) ضرور شامل ڪن.
- هن جرنل لاءِ مقالو لکڻ وقت حوالي طور ورتل مواد لاءِ APA يا MLA طريقا قابل قبول هوندا.
- لکيل يا ڪمپوز ٿيل مقالا ٽپال ذريعي موڪليا وڃن, ساڳئي وقت مقالا جرنل جي اِي-ميل تي بہ موڪليا وڃن.
- ڪمپوزنگ لاءِ 13 پوائنٽ سائيز ۾ MB Bhitai Sattar فانٽ استعمال ڪيو وڃي.
- مقالي جي آخر ۾ مقالا نگار جو مڪمل پتو, فون نمبر ۽ اي ميل ڄاڻايل هجي.

# ايڊيٽوريل

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيقي ڪتاب، لغتون، انسائيڪلوپيڊيا ۽ ٻيا اهم ڪتاب شايع ڪندو رهيو آهي. اداري طرفان سنڌي ٻوليءَ ۾ تحقيق جي فن کي هٿي ڏيارڻ لاءِ ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل جي اشاعت پڻ 1994ع کان وٺي جاري آهي، جنهن جو تازو شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هن جرنل ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي گرامر، سنڌو لکت ۽ لسانيات جي مختلف موضوعن تي مشتمل مقالن کي ترجيح ڏني ويندي آهي. جيئن ته ٻوليءَ سان لاڳاپيل موضوعن تي لکندڙن جو تعداد تمام گهٽ آهي، تنهنڪري جرنل جي ٻئي حصي ۾ ادبي تحقيق، ثقافت، تاريخ ۽ قديم آثارن بابت ايندڙ مقالن کي به جاءِ ڏني ويندي رهي آهي. جرنل ۾ شامل هر مقالي جو معيار ۽ تحقيق جو اختيار ڪيل طريقو پڻ نظر ۾ رکيو ويندو آهي. هر مقالو لاڳاپيل موضوع جي ٻن الڳ الڳ ۽ غير جانبدار ماهرن جي راءِ ڪانپوءِ ئي شايع ڪيو وڃي ٿو. هن جرنل ۾ ڏيهه ۽ پرڏيهه جي مانوارن محققن سان گڏ، نوجوان محققن جي معياري مقالن کي به شامل ڪيو ويندو آهي، جيئن ٻوليءَ جي ترقيءَ جو سلسلو نين تقاضائن موجب اڳتي وڌي ميڄتا ماڻي سگهي.

سنڌي ٻوليءَ سان محبت رکندڙ مانوارن محققن، عالمن ۽ اديبن کي گذارش آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، لسانيات ۽ جديد تقاضائن موجب، سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه جي حوالي سان تحقيقي مقالا موڪلين، ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي سگهجن.

هن جرنل کي معياري تسليم ڪندي، گذريل سال هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC)طرفان ’ زيڊ ‘ (Z) درجي بنديءَ ۾ شامل ڪيو ويو هو. اڪثر سنڌي، اردو، بلوچي ۽ پشتو ٻولين ۾ ڇپجندڙ جرنل پڻ انهيءَ ئي درجي بنديءَ ۾ شامل هئا. پر سُتت ئي هائير ايجوڪيشن طرفان هڪ نئين آنلائين پاليسي HJRS متعارف ڪرائي وئي، ان پاليسيءَ موجب انهن مان اڪثر پاڪستاني جرنل ’واءِ ‘ (Y) درجي بنديءَ ۾ رکيا ويا آهن. تنهنڪري ’سنڌي ٻولي‘ جرنل کي پڻ ان درجي بنديءَ ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ ڀرپور لکپڙهه ڪئي پئي وڃي. حقيقت ۾ هي جرنل پڻ جديد تحقيق جون گهرجون

پوريون ڪري ٿو. اڳتي بہ اسان جي ڪوشش هوندي تہ هن جرنل کي اڳي کان اڳرو ۽ وڌيڪ معياري بڻائجي.

هن شماري ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط ۽ آئيويتا‘؛ ’مصدر جي آخر کان اڳئين حرف جي اعراب جو ترجيحي معاملو‘؛ ’شاهہ لطيف, سنڌوسڀيتا ۽ سنڌ۔ يورپي ٻولي‘؛ ’سنڌي ۽ ۾ سائنسي ۽ سماجي اصطلاحن جو باني: ننديرام‘؛ ’سنڌي ٻوليءَ جي راين/تاثرات واري متن ۾ موجود احساسن جو ڪمپيوٽر مشين ذريعي تجزيو‘؛ ’دفتري سنڌي ۽ انگريز دؤر‘؛ ’سنڌيءَ ۾ گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ جو فن‘ عنوانن سميت شامل ڪيل ٻيا مقالا پڻ پڙهندڙن لاءِ تحقيق جا نوان پهلو اجاگر ڪندا. اميد تہ ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل جو هيءُ تازو شمارو پڻ اوهان جي ذوق ۽ معيار وٽان هوندو.

هن شماري جي تياري ۽ وقت سر آڻڻ ۾ سيڪريٽري محترمہ شبنم گل, اسسٽنٽ ايڊيٽر شوڪت چاچڙ, پبليڪيشن آفيسر خالد آزاد ۽ ڊزائينر اسدالله ڀُٽي جون محنتون بہ شامل آهن.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**

چيئرمئن / ايڊيٽر

محمد ادريس جتوئي

# سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط ۽ آئيويتا: هڪ جائزو
# Script and Alphabet of Sindhi language: A review

***Abstract:***

*Sindhi is one of the ancient languages of the world. It has its own alphabet and script. Sindhi language has developed itself and changed into today's script. From Time to time, changes and reforms were made for the betterment. It is not true that Sindhi alphabet was developed by British Rulers. Before British rule, Persian and Arabic were the official languages of Sindh. But in Madrasas and schools or in seminaries Sindhi language was the medium of instructions.*

*Apart from that Sindhi language was being written in Devanagari, Gurmukhi, Hut wanki, Khojki, Gujrati and Khudawadi script.*

*In modern times, some of the experts of technology and scholars criticise Sindhi script and alphabet. Some discussions are going on that some letters should be reduced or increased in Sindhi. However, the experts of Sindhi language and linguists agree that the current Sindhi script is standardized. A brief analysis has been made in this research paper.*

سنڌي ٻولي، دنيا جي قديم ٻولين منجهان هڪ آهي، اُن جي پنهنجي الفابيٽ ۽ رسم الخط رهي آهي، اُها مختلف دورن ۾ ترقي ڪندي هاڻوڪي صورت تائين پهتي آهي. وقت بوقت اُن ۾ سُڌارا ۽ واڌارا ٿيندا رهيا آهن. اها ڳالهه دُرست نه آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط ۽ 'الف – ب' انگريزن ٺاهي آهي. جڳ مشهور سنڌي عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' ۾ واضح لفظن ۾ لکيو آهي ته:

> "سنڌي الف - ب جي صورتخطيءَ جي تاريخ کان اڻڄاڻائي سبب هن پوئين ويجهي دؤر ۾ عام طرح ائين سمجهيو ويو ته اها انگريزن جي ڪوشش سان انگريزن جي دؤر ۾ ٿي". (1)

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت کان اڳ فارسي ۽ عربي ٻوليون، دفتري ٻولين طور رائج هُيون، پر مدرسن، مڪتبن ۽ ديني درسگاهن ۾ سنڌي ٻولي پڻ پڙهائي ۽ لکي ويندي هئي. ان ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لوڪ ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو شاندار ورثو بہ موجود رهيو آهي. ماضيءَ ۾ مختلف نمونن سان سنڌي ٻولي لکي ويندي هئي، جن منجهان 'ابوالحسن جي سنڌي' گهڻو مشهور ۽ رائج رهي آهي. ابوالحسن جي سنڌيءَ بابت، سنڌ جي مشهور ديني عالم علامہ غلام مصطفیٰ قاسمي پنهنجي مضمون 'سنڌي حرفن جي صورتخطيءَ' ۾ لکيو آهي تہ:

"اسان وٽ قديم زبان جي نثري تقرير ڌن صدين کان مٿي نہ ملي سگهي آهي، جَسُ هجي ميون ابوالحسن سنڌيءَ ڪي، جنهن يارهين صديءَ جي آخر ڌاري سنڌي حرفن جي لکڻ لاءِ ڪا صورت بنائي ۽ 'مقدمۃالصلواۃ' نالي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيو". (2)

جڏهن تہ سنڌي ٻولي؛ ديوناگري، گُرمکي، هٽ واڻڪي، خوجڪي، گجراتي ۽ خداوادي ۽ ٻين لپين ۾ بہ لکي ويندي هئي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ قائم 'ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هال' جي ديوارن تي انهن لکتن جا نمونا لڳل آهن. نامور لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر مرليڌرجيتلي پنهنجي مضمون 'انگريزن جي دؤر ۾ عربي - سنڌي لکاوٽ' ۾ لکيو آهي تہ:

"انهيءَ وقت سنڌي جدا جدا لپين ۾ لکي ويندي هُئي ۽ لکاوٽ جو ڪو بہ هڪ مقرر سرشتو نہ هو. سنڌ جي اصلوڪي ۽ نرالي سنڌي جا سڄيءَ سنڌ ۾ تيرهن - چوڏهن نمونا هلندڙ هئا. ٻئي طرف عربي-فارسي لکاوٽ ۾ پڻ سنڌي آوازن لاءِ جدا جدا حرف پيا استعمال ٿيندا هئا." (3)

مطلب تہ ابوالحسن جي سنڌيءَ کان اڳ وارن دؤرن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ۽ الفابيٽ رائج رهي آهي. ان بابت سنڌي ٻوليءَ جي نامياري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي تہ:

"موجوده سنڌي - عربي صورتخطيءَ جي ابتدا ۽ اوسر جي تاريخ، ابوالحسن جي دؤر کان نَو سؤ ورهيہ اڳ شروع ٿي، ڇاڪاڻ جو سنڌي

> ٻوليءَ لاءِ ’عربي-سنڌي الف-ب‘ اسلامي دؤر کان وٺي استعمال ٿي. چوٿين صدي هجري ( ڏهين صدي عيسوي) جي پوئين اڌ ۾ خاص طرح سنڌ جي منصوره واري پرڳڻي ۾ اها صورتخطي عام رائج هُئي“. (4)

وڌيڪ ان بابت سنڌي لسانيات جي ماهر ۽ عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته:

> ”هن صورتخطيءَ جو باني مخدوم ابوالحسن نه هو، پر حقيقت اها آهي ته اهو رسم الخط مخدوم ابوالحسن کان ست سؤ سال اڳ البيروني (1017ع-1031ع) بلڪ محقق البيرونيءَ کان به ڏيڍ سؤ سال اڳ عرب سياح جاحظ (864ع) لکڻ شروع ڪيو هو، جنهن ئي موجوده رسم الخط کي اها شڪل ڏني هُئي، البته مخدوم ابوالحسن ان ۾ معمولي تبديلي آڻي، ان کي پنهنجي ڪتاب ’مقدمة الصلواة‘ ۾ ڪم آندو“.(5)

انگريز، سال 1843ع ۾ سنڌ جا حڪمران ٿيا ته انهن به شروع ۾ فارسيءَ کي دفتري ٻوليءَ طور استعمال ڪيو، پر اڳتي هلي انگريزن سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري حيثيت ڏني ۽ ان سلسلي ۾ سُڄاڻ انگريز عالمن سنڌي ٻوليءَ جي لغتن، گرامر، رسم الخط، صورتخطي ۽ آئيويتا تي وڏي تحقيق ڪئي. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، واڌ ويجهه ۽ استعمال لاءِ ڀرپور اُپاءَ ورتا. سنڌي ٻوليءَ کي مختلف حوالن سان معياري بنائڻ لاءِ ماهرن جون ڪاميٽيون جوڙيون، درسي ڪتاب لکرايا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي جي چونڊ پڻ ڪئي. جولاءِ 1853ع ۾ بارٽل فريئر جي ڪوشش ۽ ڏاهپ سان موجوده عربي-سنڌي آئيويتا ۾ سُڌارا ۽ واڌارا ڪيا ويا ۽ اُن کي سرڪاري طور سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي، جڏهن ته ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ان کان اڳ بمبئيءَ جي گورنر کان ديوناگري آئيويتا کي منظور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري چُڪو هو. بارٽل فريئر نه رڳو سنڌي ٻوليءَ کي ڪاروبار، عدالتن روينيو ۽ پوليس ٺاڻن ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ قدم کنيا، پر اسڪولن ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ کي تعليم جو ذريعو (Medium of Instruction) قرار ڏنو. انگريزن ۽ ٻين غير سنڌي آفيسرن لاءِ 15 مهينن اندر سنڌي ٻولي سکڻ لازمي قرار ڏني وئي، انهن جي ترقين ۽ پگهارن ۾ واڌارو سنڌي ٻوليءَ سکڻ سان مشروط ڪيو ويو. (هاڻي خبر نه آهي ته ڪهڙن سببن ڪري اهو سلسلو رُڪجي ويو

آهي. ڪجهه وقت اڳ تائين به سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن اهڙا امتحان وٺندي رهي) ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، رچرڊ برٽن ۽ ارنيسٽ ٽرمپ جا سنڌي آئيڊيا ۽ رسم الخط تي وڏا بحث مباحثا ٿيا. انهن مان هڪڙا ديوناگريءَ جا حامي هُئا ته ٻيا عربي-سنڌي رسم الخط جا- انگريزن پاران 'عربي، سنڌي' رسم الخط جي رائج ڪرڻ وقت به ڪجهه وقت تائين ديوناگري رسم الخط پڻ گڏوگڏ هلندي رهي، جيڪا اڳتي هلي ختم ٿي وئي.

سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ سُڌارن ۽ واڌارن لاءِ ايلس اسسٽنٽ ڪمشنر، انچارج تعليم کاتي، بارٽل فريئر کان هدايتون وٺي، مختلف خيال رکندڙ ٻوليءَ جي ماهرن جي هڪ ڪاميٽي تشڪيل ڏني، جن پنهنجا رايا ۽ تجويزون ڏنيون ۽ الف-ب جي ترتيب ۾ سڌارا ڪيا. اها ڪاميٽي راءِ بهادر جڳن ناٿ. خانبهادر مرزا صادق بيگ، ديوان پريداس، آنندرام رامچنداڻي، ديوان اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي، ديوان ننديرام، ميان محمد، قاضي غلام علي ۽ ميان غلام حسين ٺٽويءَ تي ٻڌل هئي. ڪاميٽي 52 اکرن تي ٻڌل 'عربي-سنڌي' پٽيءَ کي نئين سر ترتيب ڏيئي، ڪجهه اکرن ۾ سڌارا آندا ۽ اُها 'الف – ب' جي پٽي تعليم کاتي جي انچارج مسٽر ايلس جي نالي سان ڇاپي، سڄي سنڌ ۾ سرڪاري طور متعارف ڪرائي وئي. 'الف – ب' جي سُڌارن واري ان ڪاميٽيءَ ۾ 8 مقامي ۽ 3 يورپي عملدار هئا. مقامي ميمبرن ۾ 4 هندو ۽ 4 مسلمان هُئا. هن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ۽ گڏجاڻين جو احوال سڀ کان پهريائين خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب 'سنڌ جي ادبي تاريخ' ۾ ملي ٿو، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ان ڪاميٽيءَ جون گڏجاڻيون حيدرآباد سنڌ جي 'ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فار مَئن ' ۾ ٿيون. خانبهادر محمد صديق ميمڻ پاڻ ٽريننگ ڪاليج فار مئن، حيدرآباد ۾ 1936ع کان 1947ع تائين پرنسپال رهيو. گڏجاڻين جو رڪارڊ سندس نظرن مان ضرور گذريو هوندو. افسوس اهو آهي ته انهن گڏجاڻين ۾ ٿيل بحث مباحثن جو رڪارڊ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد ۾ محفوظ نه رهي سگهيو آهي. 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پڻ اهو رڪارڊ ڏسڻ لاءِ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد ۾ آيو هو، پر شايد اهو ڪيس نه ملي سگهيو. مون پاڻ ڪيترائي سال ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان ڪم ڪيو، ان دوران مون پڻ ڪوششون ورتيون ته اهي ڪاميٽيءَ جا منٽس يا ٻيو رڪارڊ هٿ اچن، پر ڪاميابي نه

ملي سگهي. ڪاليج سان لاڳاپيل ڪجهه جهونن ماڻهن ٻڌايو ته شايد اهڙو مواد انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ هجي. بهرحال، 13 جولاءِ 1853ع تي جيڪا الفابيٽ سنڌيءَ لاءِ منظور ڪئي وئي، تنهن جو بنياد گهڻو ڪري ابوالحسن واري سنڌي ۽ پراڻن ڪاتبن جي جوڙيل اکرن تي ٻڌل هو. ايلس واري ڪاميٽيءَ ۾ ڪجهه اکرن جي شڪلين جي به تبديلي ٿي، اها نئين سر تيار ڪيل نه پر سڌاريل ۽ سنواريل الفابيٽ آهي. بارٽل فريئر ان کي واضح لفظن ۾ Revised Alphabet سڏيو آهي.

ان کانپوءِ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر 'جيڪب' (جنهن جي نالي سان موجوده حيدرآباد سول اسپتال وارو تلڪ چاڙهي تائين جيڪب روڊ آهي) جي زماني ۾ به سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي صورتن تي ڪم ٿيو. 'اخبار تعليم' 1913ع ۾ پڻ مختلف لفظن جون ترجيحي صورتون ڇاپيون ۽ تعليم کاتي سڄي سنڌ ۾ اُنهن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ جوڳيون ڪوششون ورتيون. مرزا قليچ بيگ جون پڻ ان سلسلي ۾ ڪوششون واکاڻ جوڳيون آهن. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو جڏهن ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن ٿيو، ته انهيءَ زماني ۾ پڻ درسي ڪتابن ۾ اعرابن ۽ ٻيهڪ جي نشانين ۽ مختلف اکرن ۽ لفظن صورتن ۽ خاص طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ 'شد' ۽ 'جزم' جي استعمال تي وڏو بحث مباحثو ٿيو. ڊاڪٽر دائودپوٽي سان ڪيترن ئي عالمن ۽ ماهرن اختلاف پڻ ڪيا. ايلس ڪاميٽيءَ ۾ به ڪجهه ميمبرن سنڌي الفابيٽ بابت تجويزون ڏنيون. جيئن: ا، ء، ع،_ ط، ت،_ ض، ز، ذ جهڙن لڳ ڀڳ ساڳين ۽ متشابهه آوازن وارن اکرن مان ڪنهن به هڪ جي چونڊ ڪرڻ بابت راءِ ڏني، پر اُهي رايا قبول نه ڪيا ويا. جڏهن ته 1950ع واري ڏهاڪي ۾ جڏهن 'سنڌي لغت' تيار ٿي ته ان جي ترتيب موجوده الف_ب واري رکي وئي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن اُن الف_ب کي بهتر قرار ڏنو. 1990ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيترن عالمن 'رومن اسڪرپٽ' تي به لکيو. حليم بروهي ۽ ٻين اديبن ان کي اختيار ڪرڻ جي ڳالهه به ڪئي. ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرپرسن شپ واري زماني ۾، ان اسڪرپٽ تي مذاڪرا ۽ سيمينار ڪيا ويا.

اها حقيقت آهي ته ٻولين جي اسڪرپٽ ۾ سُڌارا ۽ واڌارا ٿيندا رهندا آهن، پر اهي سُڌارا ڪنهن سائنسي تحقيق کان پوءِ ئي ٿيڻ گُهرجن. ان لاءِ لڳاتار سائنسي سوچ جي روشنيءَ ۾ رٿائون جوڙيون وڃن ۽ تحقيق کانپوءِ آيل نتيجن جي روشنيءَ ۾

ٻوليءَ جي گهٽگهرن ۽ عالمن جي وچ ۾ اتفاقِ راءِ ضروري آهي. غير ضروري، ورجايل ۽ آزمايل تجربن کي وري نہ آزمايو وڃي.

اڄ ڪلهہ سنڌي ٻولي توڙي ٻين ٻولين ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي حوالي سان لساني ضرورتن تي بحث ٿي رهيو آهي تہ انهن تي تحقيق ٿيڻ گهرجي ۽ محنت ڪري حل ڳولڻ گهرجي. ان لاءِ بنيادي اصولن کي سامهون رکيو وڃي تہ ٽيڪنالاجي، ٻوليءَ جي مدد لاءِ آهي ۽ ان جو اوزار آهي، مڪمل ٻولي نہ آهي. جڏهن سنڌيءَ ۾ پهريون ٽائيپ رائيٽر آيو، تڏهن بہ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جو بحث آيو، ڪيترن ئي اکرن جي سلسلي ۾ ڏُکيائيون پيش آيون، پر ان وقت بہ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن ۽ سڄڻن ولايت تائين وڃي، مسئلن کي حل ڪيو ۽ ٻوليءَ جي مزاج ۽ گهاڙيٽن، وياڪرڻي بيهڪ ۽ الف – ب جو خيال رکيو. ان سلسلي ۾ سائين محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ غلام مصطفیٰ قاسميءَ جون ڪوششون واکاڻ جوڳيون آهن. ان ٽائيپ رائيٽر جي سڄي ڪم جي سرواڻي سائين غلام مصطفیٰ شاهہ ڪئي ۽ ٻوليءَ جي گهاڙيٽي، مزاج ۽ لساني ضرورتن جو خيال رکندي ٽائيپ رائيٽر تيار ڪيو ويو. اسان جي ٻوليءَ جي ماهرن ۽ ڪمپيوٽنگ انجنئرنگ جي ماهرن کي پڻ ٻين ٻولين جي تجربن مان بہ پنهنجي ٻوليءَ جي مزاج موجب فائدو وٺڻ گُهرجي ۽ گُهربل تبديليون عمل ۾ آڻڻ کپن. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۽ ٻين ادارن کي ان سلسلي ۾ وک وڌائي اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، پر اها ڳالهہ ضرور ذهن ۾ رکڻ گُهرجي تہ ٽيڪنالاجي، ٻوليءَ جي ترقي ۽ سَنوارڻ لاءِ آهي نہ ڪي ٻوليءَ کي بگاڙڻ لاءِ آهي.

موجوده دؤر ۾ بہ ڪي ٽيڪنالاجيءَ جا ڄاڻو ۽ علم ۽ ادب سان لاڳاپيل هستيون سنڌي 'الف – ب' جي سٽاءَ ۽ اکرن تي اُبهرائيءَ ۾ تنقيد ڪندي، الفابيٽ ۾ اکرن وڌائڻ ۽ گهٽائڻ جون ڳالهيون بحث هيٺ آڻي رهيا آهن. جڏهن تہ سنڌي لسانيات جي مڃيل ماهرن ۽ عالمن ويجهي ماضيءَ ۾ اها گڏيل راءِ ڏني تہ سنڌي ٻوليءَ جي 'الف – ب' جي ترتيب مستند ۽ معياري آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران مُستند سٽاءَ لاءِ هڪ گڏجاڻي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي ڪاميٽيءَ روم ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر نبي بخش قاضيءَ جي صدارت ۾ 26 جولاءِ 1995ع تي ٿي، جنهن ۾ واضح ۽ اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو تہ:

”اڄ ڪانپوءِ الف ـ ب جي سنڌيءَ ۾ اهائي ترتيب مستند ۽ قابل عمل رهندي، جيڪا سنڌي ادبي بورڊ جي شايع ٿيل ’جامع سنڌي لغت‘ (زير نگراني ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) ۾ استعمال ٿيل آهي“.(6)

”ان گڏجاڻيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مڃيل ماهرن ’ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش جي قاضي، محترم محمد ابراهيم جويي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي، ڊاڪٽر فهميده حسين، محترم امداد حُسيني، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ۽ پروفيسر شيخ محمد فاضل شرڪت ڪئي‘.(7)

بهرحال سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جو سفر روان دوان رهڻ گهرجي. ايڪيهين صدي انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جي صدي آهي، انهيءَ جي ضرورتن جي پورائي لاءِ ٻوليءَ جي گهرجن، مزاج ۽ گهاڙيٽي کي آڏو رکي اڳتي وڌڻ گُهرجي، ڇاڪاڻ ته ٻولي رڳو ماضيءَ جي سهاري تي گهڻو وقت زنده نه رهي سگهندي.

*(سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۽ انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ فار پرزرويشن آف هيريٽيج پاران 13 جولاءِ 2018ع تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هال ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڏينهن ملهائڻ وقت ڪليدي تقرير/ key note speech طور پڙهيل مقالو).*

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘ پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، 1999ع ص 436
2. جروار، خان محمد، مُرتب:’سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون‘، جُلد II، ’سنڌي حرفن جي صورتخطي‘، غلام مصطفيٰ قاسمي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2007، ص 73
3. جروار، خان محمد، مُرتب:’سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون‘ جُلدII، ’انگريزن جي دؤر ۾ جيٽلي، مرليڌر ڊاڪٽر ’عربي سنڌي لکاوٽ‘سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ص 452ـ453
4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘ پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ڄامشورو، 1999ع، صفحو437.
5. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا‘ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006، ص 231.
6. لغاري، محمد امين ايڊيٽر: ٽماهي سنڌي ٻولي، حيدرآباد، جولاءِ ـ ڊسمبر 2001ع، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ص 7ـ8).
7. ساڳيو ص 7

ڊاڪٽر الطاف جوکيو

# مصدر جي آخر کان اڳئين حرف جي اعراب جو ترجيحي معاملو

# A study of preferential form of the second last diacritical mark in infinitive

***Abstract:***

*The issues related to Preferential Form of Words were under consideration from 1888 to 1999 at Government level on top priority basis in Sindhi language. A heated debate over it also had been in 2008 by Sindhi Language Authority that drained out a big amount in investment without any result, so many problems remained unsolved.*

*There has always been the problem of diacritical mark on second last letter in infinitive due to dialectical differences in Sindhi Language, for instance:* اَڏِڻُ /اَڏَڻُ _ چَڪِڻُ /چَڪَڻُ. *Though various usages are prevalent in language which are correct in themselves in their forms, yet we have to set the standard forms according to the grammatical rules and regulations.*

*This issue has been highly noticed in 'Jamia Sindhi Lughaat', which are only cut and pasted in 'Mufasil Sindhi Lughat' to its fifth edition without any progress. These forms of infinitives are used with diacritical mark of 'Zair' rather than 'Zabar' in 'Sahiti Languge region/ Wicholo Dialect (Standard Dialect), Such as:* 'اَڏِڻُ_ ڪَسِڻُ_ وِسارِڻُ_ اُڀارِڻُ'.

*As per rule of Sindhi language, the command/ imperative words end on Short vowels/ Diacritical marks 'Paish' and 'Zair'.*

*So, if infinitive consists of diacritical mark of 'Zabar' on second last letter, the command words will be with 'Paish', if the infinitive consists of 'Zair' on second last letter, the command words will be with the same 'Zair' again. For example:*

- *Zabar is changed into Pesh:* لِڪَڻُ_ لِڪُ
- *Zair remains unchanged:* ڪَسِڻُ_ ڪَسِ

*According to the grammatical structure, the command words of* 'اَڏَڻُ_ چَڪَڻُ_ ڪَسَڻُ_ وِسارَڻُ_ اُڀارَڻُ', *will be as:* 'اَڏُ_ چَڪُ_ ڪَسُ_ وِسارُ_ اُڀارُ'. *This study*

*aims at clarifying the unsuitability of those command words from the above-mentioned infinitives which are sub-standardly used. The appropriate forms of command words from these infinitives will be as:* 'اُپارِ- اَڏِ- چَڪِ- ڪَسِ- وِسارِ'. *Thus, accommodating the grammatical rules and regulations, we should prefer the form of infinitive words as:* اُپارِڻُ- اَڏِڻُ- چَڪِڻُ- ڪَسِڻُ- وِسارِڻُ

- **اڀياس جو ٽُلهه:** سنڌي ٻوليءَ جي لهجن نسبت، مصدرَ جي آخر کان اڳئين/ ماقبل آخر (second last) حرف جي اعراب جو معاملو سامهون آيو آهي، جيئن: اُپارَڻُ/ اُپارِڻُ (بيهارڻ- همٿائڻ)- اَڏَڻُ/ اَڏِڻُ (ٺاهڻ- تعمير ڪرڻ)- چَڪَڻُ/ چَڪِڻُ (ذائقو وٺڻ)- ڪَسَڻُ/ ڪَسِڻُ (ڦُرڻ- ڇنڻ)- وِسارَڻُ/ وِسارِڻُ (ڀُلائڻ- دل تان لاهڻ) وغيره. حالانڪ انهن ٻنهي صورتن مان ڪنهن بہ صورت کي غلط قرار نہ ڏئي سگهبو آهي؛ البت، ٻوليءَ جي ڪنهن معيار پٽاندر ڏسڻ بعد ڪنهن هڪ صورت کي ترجيح ڏبي آهي.

آخر کان اڳئين حرف جي اعراب واري اختلاف نسبت، مصدرون: ' اُپارَڻُ- اَڏَڻُ- چَڪَڻُ- ڪَسَڻُ- وِسارَڻُ' وغيره 'جامع سنڌي لغات' (بلوچ، 1960 کان 1988) مان نوٽ ڪيون ويون آهن، جيڪي 'مفصل سنڌي لغت' جي پنجين جلد (سنڌي لئنگئيج اٿارٽي: 2019) تائين ساڳيون ئي صورتون نقل ڪري رکيل آهن. لفظن جون اهي ئي صورتون، سنڌ جي ساهتي پرڳڻي/ وچولي لهجي ۾ 'زبر' بجاءِ 'زير' سان ڪم آنديون ويندڻون آهن، جيئن: ' اُپارِڻُ- اَڏِڻُ- چَڪِڻُ- ڪَسِڻُ- وِسارِڻُ' وغيره.

اهي ترجيحي صورتن جا معاملا سرڪاري طور 1888ع کان 1999ع تائين هلندا رهيا. 2008ع ۾ پڻ ان سلسلي ۾ مذاڪرو ٿيو، پر سرڪاري خرچ سواءِ، ڪابہ ترجيحي صورت مقرر يا متعين ٿي ڪونہ سگهي. 2015ع ۾، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي جي نگرانيءَ هيٺ، راقم کي، صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن واري معاملي تي ڪم ڪرڻ سبب پي.ايڇ.ڊي جي ڊگري مِلي.

هي اعراب جو معاملو بہ 'ترجيحي صورت' جي دائري ۾ اچي پيو. ان موجب غلط يا درست واري ٽِري ڪونہ ڪٽبي آهي، البت، مختصر اڀياس بعد، مختلف صورتن مان ڪا هڪ صورت متعين ڪبي آهي. ظاهر آهي تہ صورت مقرر ڪرڻ سان هڪ معيار پڻ ٿهي بيهندو آهي.

اعراب جي ان معاملي کي ٻن رخن سان جاچي سگهجي ٿو: معياري لهجو ۽

معياري صورت! ان نسبت هن اڀياس کي هيٺين سوالن تي محيط رکجي ٿو:

- **اڀياس جا سوال:**
  - سنڌي ٻوليءَ جي لهجن مان ڪهڙو لهجو معياري آهي؟
  - مصدر جي آخر کان اڳئين حرف جي اعراب جو لسانياتي بنياد ڪهڙو هجڻ گهرجي؟
  - مصدر جي آخر کان اڳئين حرف جي اعراب ۽ ڪهڙي لهجي نسبت ترجيح ڏيڻ گهرجي؟
- **اڀياس جو عمل**
- **معياري لهجي جو تاريخي ۽ وياڪرڻي معيار**

لهجن نسبت سنڌي ٻوليءَ جا پنج اهم لهجا (dialects) آهن: اترادي، وچولو، لاڙي، ڪڇي ۽ لاسي. انهن لهجن ۾ 'ساهتي پرڳڻي' جو لهجو 'معياري' ليکجي ٿو، جنهن کي 'وچولو لهجو' پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. 'وچولي' جي دائري ۾ اختلاف ان حوالي سان ته رهيو آهي ته ان ۾ 'حيدرآباد' کي زوريءَ ڳڻيو ويندو آهي. البت، 'ساهتي پرڳڻي' کي 'وچولي' ۾ هجڻ تي اختلاف نه رهيو آهي، پر پوءِ به ويجهڙ ۾ ڊاڪٽر غفور ميمڻ، 'ساهتي پرڳڻي' کان اڻ واقف هجڻ سبب 'لهجن جي حدبنديءَ' بابت بغير تحقيق جي هن ريت لکي ڇڏيو:

> "سنڌ جي لساني جاگرافيءَ جا ٻه اهم حصا آهن: 1. لاڙ، 2. اتر، باقي ٿر، وچولو ۽ ڪوهستان انهن ئي ٻنهي حصن سان لاڳاپيل آهن ... لاڙ جو خطو ٽنڊي محمد خان کان شروع ٿي ٺٽي تائين، بدين کان ڪاري ڇاڻ تائين دنگ ڪري ٿو ... ٽنڊي محمد خان کان پوءِ وچولي جون حدون شروع ٿين ٿيون، حيدرآباد، مٽياري، هالا، ميرپورخاص ۽ سانگهڙ تائين وچولي جون حدون آهن ... دادو کان جيڪب آباد، ٿل تائين ۽ هيڏانهن وري موري کان سکر تائين اتر جون حدون آهن، لسانيات جا ماهر سؤ سيڪڙو حدبنديءَ تي اتفاق نٿا ڪن. حدبنديءَ بابت هر ڪنهن جو پنهنجو خيال آهي." (غفور، 2011: 174_ 179)

حالانڪ ڏڪڻ کان ساهتي پرڳڻي جي شروعات ئي تعلقي موري کان ٿئي ٿي. جڏهن لسانيات جا ماهر سؤ سيڪڙو حدبنديءَ تي اتفاق نٿا ڪن ته پوءِ ان صورت ۾ ڪا تاريخي يا علمي انداز ۾ ڳالهه ڪبي آهي، ائين خود ساخته حدبندي نه بيهاربي آهي!

حيدرآباد ۽ آسپاس کي وچولي ۾ شمار ڪرڻ بابت پيرومل هيئن اظهار ڪيو آهي تہ:

”حيدرآباد ۽ پسگردائيءَ جي ٻولي ٺيٺ ۽ کري ٻولي ليکجي ٿي. ان جو سبب 1853ع ۾ تعليم کاتي وارن درسي ڪتابن جوڙائڻ جو ڪم حيدرآباد جي معزز هندن ۽ مسلمانن تي رکيو ۽ هنن اها ئي ٻولي ڪم آندي، <u>ائين حيدرآباد وارن جي ٻوليءَ کي شرف مليو، پر انهيءَ تي ڪو ڏار نالو رکيل ڪونهي؛ تنهنڪري وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي.“</u>
(پيرومل، 1956: 93_ 94)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ حقيقت پسند ماڻهو هو، جنهن ’حيدرآباد‘ کي ’وچولي‘ ۾ شامل نہ سمجهيو، هو صاحب لکي ٿو:

”جيتوڻيڪ سنڌ جي ’وچولي واري ٻوليءَ‘ کي معياري تسليم ڪري ان کي ڪتابن ۾ آڻڻ ۽ لکڻ تي رسمي طور اتفاق ڪيو ويو، پر عملي طور گهڻي حد تائين حيدرآباد واري شهري ٻولي درسي ڪتابن توڙي سرڪاري دفتر جي ڪاروبار ۾ استعمال ٿيڻ لڳي. صورتخطيءَ جي مسلسل سڌاري واڌاري ڏانهن گهٽ توجهہ سببان ڪافي اوڻايون پيدا ٿيون... باوجود انهيءَ جي، جو سنڌي صورتخطي ڪنهن حد تائين معياري ٿي، مگر ان جي مختلف مسئلن کي سمجهڻ ۽ سنوارڻ جي ضرورت پوري نہ ٿي.“ (بلوچ، 1992: 15_ 16)

سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي نسبت، ساهتي پرڳڻي يا وچولي بابت جن بہ عالمن جو مثبت رايو رهيو آهي، تن ۾ ڪاڪو پيرومل، ڊاڪٽر بلوچ، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام حيدر سنڌي ٻرڙو، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر حامد علي خانائي، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، نصير اعجاز ۽ مقصود گل وغيره شامل آهن.
(جوکيو، 2013: 26_ 38)

معياري لهجي وارو معاملو بہ ڪنهن جو ذاتي نہ آهي، بلڪ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جو آهي، ان لاءِ اها ڳالهہ تسليم ڪرڻي پوندي تہ ’ساهتي پرڳڻي‘ جو لهجو، سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو آهي.

- **لفظن جي آخري ۽ ان کان اڳئين حرف جي ڇوٽي سُر جو معيار:** سنڌي ٻوليءَ جي

معياري ٻوليءَ نسبت اها ڳالهه مُسلّم آهي تہ واحد- جمع، مؤنث- مذڪر، حرف اضافت، اسم جي حالت فاعلي/ مفعولي، حرف جر وغيره جو دارومدار آخري چوٿين سُر تي بہ هوندو آهي. جنهن صورت ۾ آخري وينجن ساڪن رهندو تہ انهن جو دارومدار وري ماقبل آخري سُر تي هوندو آهي.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي واري تحقيق 'ٻوليءَ ۾ ڦير گهير/ تبديليءَ جي اڀياس لاءِ لسانياتي ڦرڻن جي چونڊ' ان حوالي سان قابل ذڪر آهي. جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ:

> "سرَ ڪيرائڻ يا نہ اچارڻ واري عادت لاسيءَ ۾ ايتري عام نہ آهي جيتري ڪڇي يا لاڙيءَ ۾، جن ۾ آخري يا لفظ جي پڇاڙيءَ واري سر کي ڪيرائڻ جي مضبوط روايت/ رسم (Trend) آهي." (ٻگهيو، 1998: 81)

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي پنهنجي تحقيق لاءِ جيڪا حد متعيّن ڪئي آهي، سا هالا پراڻا کان حيدرآباد آهي. اسمن جي آخر ۾ چوٿن سُرن جي ڪيرائڻ ۽ نہ ڪيرائڻ ۾ اها ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ ڊاڪٽر ٻگهيوءَ سنڌيءَ طرح اها ڳالهہ تسليم ٿو ڪري: 'حيدرآبادي لهجي ۾ آخري سُر واري ٻي- حسي موجود آهي.'

لهجي جي معياري هجڻ جو هڪ ماڻُ، لفظن جو، آخري ۽ ان کان اڳ چوٿين سُر جو چٽو استعمال آهي. حيدرآباد ۽ ان جي آسپاس جي اپلهجي ۾ اهڙي بيحسي نوٽ ڪيل آهي. مثال طور، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري 'زبر/ زير ۽ پيش' سان مؤنث- مذڪر جي بہ نمائندگي ٿيندي آهي، جيئن: ڇوڪرِ- ڇوڪرُ. جنهن صورت ۾ آخري ضميري پڇاڙيون 'م، س يا ن' ساڪن رهنديون تہ ان کان اڳئين اکر تي مؤنث- مذڪر جي اعراب رهندي، جيئن:

- مان آيُس (مذڪر صورت ۾ 'ي' تي پيش)
- مان آيَس (مؤنث صورت ۾ 'ي' تي زبر)

ستر واري ڏهاڪي ۾ ريڊيو پاڪستان تان 'آئيں سندهي سيکهيں' جو پروگرام هلايو ويو هو، جنهن کي ڊاڪٽر فهميده حسين ڪتابي صورت ۾ آندو آهي؛ جنهن ۾ مذڪر- مؤنث جي حوالي سان 'آخري' يا 'ان کي اڳئين سُر' جي صورتخطي، ٻوليءَ جي مزاج مطابق نہ آهي.

ياد رهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙيءَ وارو 'س، م يا ن' ساڪن رهندو آهي، ان کان اڳ وارو وينجن آواز مذڪر- مؤنث مطابق بيهندو آهي. هيٺ 'آخري

سُر' ۽ 'ان کان اڳئين سُر' (second last) ڏانهن بي حسي جا مثال پيش ڪجن ٿا:

"پچھلے سبق میں ہم نے آپ کو زمانہ مستقبل میں کچھ الفاظ بنانا سکھائے تھے جو کہ مکمل جملے کی صورت رکھتے ہیں، اور ان میں ضمیری نشانیوں کا استعمال ہوتا ہے۔ ان میں سے چند الفاظ میں دہراتی ہوں:

چوندُس — میں کہوں گا۔" (فهميده، 2011: 188)

اها ڳالهه مُسلّم آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ هر لفظ جو آخري سُر متحرڪ ٿيندو آهي، ليڪن ضميري پڇاڙين جي صورت ۾، آخري وينجن جي ساڪن هجڻ واري امڪان کي بہ رد نہ ٿو ڪري سگهجي؛ ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جي صورت ۾ 'آخر کان اڳئين سُر' تي ئي مذڪر- مؤنث جو دارومدار هوندو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿيل آهي.

جاٽايل جملي جي صورت ۾ هيئن ئي درست ٿيندو:

- چوندُس (مذڪر صورت ۾، آخر کان اڳئين اکر تي پيش)
- چوندَس (مؤنث صورت ۾، آخر کان اڳئين اکر تي زبر)

ٻئي هنڌ ڄاڻايل آهي:

| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
|---|---|---|---|
| آيُس | میں آیا | آيَس | میں آئی |

(فهميده، 2011: 176)

مذڪوره لفظ 'آيُس' ۽ 'آيَس' مبادا پروف جي غلطي هجي، پر جيئن تہ سنڌي ٻوليءَ جي عالمن اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ 'سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ جو آخري وينجن متحرڪ ٿيندو آهي'، ان سبب عالمن وٽ 'آخر کان اڳ' (Second last) واري سُر تي دارومدار هجڻ جو تصور ئي ڪونهي. هيٺ اهڙا 'آیئے سندھی سیکھیں' مان چند مثال خيال خاطر آڏو رکجن ٿا:

| اردو | سنڌي | خط نسخ ۾ الٿو |
|---|---|---|
| میں آیا۔ | مان آيُس- | مان آيُس. |
| میں گیا۔ | مان ويُس- | مان ويُس. |
| میں دوڑا۔ | مان ڊوڙيُس- | مان ڊوڙيُس. |

(فهميده، 2011: 176)

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ’ڇا، ان حالت ۾ ڄاڻايل لفظ جي مؤنث صورت ’مان وِيَس‘ بيهندي؟ جيڪا ٻوليءَ جي اصول (آخري وينجن متحرڪ) سان بہ ٺهڪي ٿي ۽ جعلي/ هٿرادو بہ آهي.

مسٽر ڊولامل ٻولچند جي ڪتاب ’A manual of Sindhi‘ ۾ آخر کان اڳ واري وينجن تي اعراب جو احتياط ڪيو ويو آهي، جنهن کي محمد ابراهيم جويي سڌاريو سنواريو هو:

| مذڪر | مؤنث |
| --- | --- |
| ماريو وِيُس. | ماري وِيَس. |

(Bulchand, 2003: 129)

اصل ۾، مذڪوره آخري وينجن ساڪن ٿيندو، جڏهن تہ آخر کان اڳئين وينجن جو ڇوٽو سُر مؤنث ـ مذڪر سبب تبديل ٿيندو، جيئن:

- مان آيُس (مذڪر صورت ۾ ’ي‘ تي پيش)
- مان آيَس (مؤنث صورت ۾ ’ي‘ تي زبر)

ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڄاڻايل مثالن جي صورتخطيءَ مان اهو اخذ ٿئي ٿو تہ ’آخري وينجن متحرڪ‘ رکڻ جي چڪر ۾، ڇوٽن سُرن جي اعراب جون صورتون جعلي ڏنيون ويون آهن.

هي لهجن يا اپلهجن جو معاملو آهي، جنهن اندر رهي ماڻهو پاڻ کي مقدَس سمجهي ٿو. حقيقت ۾ حيدرآباد يا ان جي آسپاس بنيادي طور لاڙي لهجي جو حصو آهي، جنهن ۾ آخري يا آخريءَ کان اڳئين سُر ڏانهن بي حسي رهي ٿي؛ پوءِ ڪڏهن زبر جي بدران پيش، تہ ڪڏهن پيش بدران زير تہ ڪڏهن وري زير بدران زبر جو استعمال محسوس ڪيو ويو آهي. وسرڳن جيان آخري اعراب وارو معاملو، صرف معياري لهجي نسبت نوٽ ڪري سگهجي ٿو، ٻي صورت ۾ اهڙي آخري اعراب/ ڇوٽي سُر واري بي حسي، لاڙي لهجي جي سونهن ۽ سڃاڻپ آهي.

- **مصدر ۾ آخر کان اڳئين ڇوٽي سُر وارو معاملو:** فعل وارن لفظن جون بہ بنيادي صورتون اهم ليکيون وينديون آهن: مصدرَ ۽ امرُ. مصدر مان مراد مرڪزي لفظ جو اهڙو هنڌ، جتان ٻيا لفظ ڦٽي جڙندا هجن. سنڌي ٻوليءَ جي مصدر جي آخر ۾ ’ڻ‘ جو اضافو ڪيو ويندو آهي؛ جڏهن تہ ’امر‘ مان مراد اهڙو منٿ يا حڪم وارو لفظ، جنهن ۾ ضمير حاضر کي ڪجهہ چيلُ هجي، جيئن:

- مصدرَ: لِکَڻُ.
- امرُ: لِکُ.

ان معاملي تي بہ اختلاف رهيو آهي تہ فعل واري لفظ مان 'مصدر' کي ڏاتو/ بنياد سمجهجي يا 'امر' کي! ٻوليءَ جي ساخت جي اڀياس بعد اهو طئي ٿيل آهي تہ فعل جي ڏاتو/ بنياد کي 'امر' مان ئي ڄاتو وڃي، يعني فعل جي شروعات 'امر' سان ڪئي وڃي، جيئن:

- امرُ: لِکُ.
- مصدرَ: لِکَڻُ.

ان نسبت سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي فعل 'امر' جي پڇاڙي 'پيش ۽ زير' ۽ 'اي' وچٽري سُر سان ٿئي ٿي، جيڪو ضمير حاضر واحد کي مخاطب هوندو آهي. يعني ڏاتوءَ ۾ 'ضمير حاضر واحد' جي 'امر' کي ئي ڏاتو سمجهيو ويندو آهي، جيئن:

- 'پيش' واري پڇاڙيءَ سان: نَچُ- اَچُ- ڏِسُ- ويهُہ- پِچُ- پِچُ- ڊُڪُ- ڇِنُ- روءُ- هَلُ وغيره.
- 'زير' واري پڇاڙيءَ سان: ڪَسِ- پُورِ- ڇوڙِ- سُڃاڻِ- مارِ- پيارِ- ڏاهِہ- ساڙِ- نهارِ وغيره.
- 'اي' وچٽري سُر سان: ڏي وغيره.
- 'ج' واري پڇاڙيءَ سان، فعل مجهول صورت ۾: اڇِجِ- آڻِجِ- ڪاوڙِجُ وغيره.

ڏنل اشارن مان مراد اها آهي تہ 'امر' بہ ڏاتو نہ ٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ان جي آخري پيش ۽ زير سبب، اعراب ۾ فرق رهي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا ان ڏِس ۾ لکي ٿو: "فعل جي ڏاتوءَ يا بنياد يعني root جي پنيان 'اَڻ' يا 'اِڻ' پڇاڙيون ملائڻ سان، جيڪا صورت ٺهي ٿي، تنهن کي 'حاصل مصدرَ' يعني 'infinitive' چئبو آهي؛ مثال طور:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڏاتو/ مصدر/ مُول | + | پڇاڙي/ علامت | = | حاصل مصدر |
| لِک | + | ـ اَڻُ | = | لِکَڻُ |
| مار | + | ـ اِڻُ | = | مارِڻُ" |

(الانا، 2010: 125)

يعني ڏاتو/ مُول ۾ جيڪڏهن 'اُ يا اِ' ملائبي تہ 'امر' جي صورت بيهندي، جيئن:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڏاتو/ مُول | + | پڇاڙي/ علامت | = | امُر |
| لِک | + | ـ اُ | = | لِکُ |
| مار | + | ـ اِ | = | مارِ |

وڏيڪ لاءِ اها ڳالهہ بہ سامهون اچي ٿي تہ جڏهن امر مان ’حاصل مصدر‘ بيهي ٿي تہ اعراب جي فرق سبب مختلف صورتون ٺهي بيهن ٿيون، جيئن:

| امرُ | حاصل مصدرَ | آخري اعراب جو ڇيد |
|---|---|---|
| لِکُ | لِکَڻُ | لِکُ > لِکَڻُ = اُ > اَ + ڻُ |
| مارِ | مارِڻُ | مارِ > مارِڻُ = _ > _ + ڻُ |

مٿين ٻن لفظن کي جاچڻ بعد هيٺيون ٽڪرُو حاصل مطلب سامهون اچي ٿو:

- ’امر: لِکُ‘ مان جڏهن حاصل مصدرَ بيهي ٿي تہ ’لِکُ‘ جو آخري پيشُ، زبر ۾ تبديل ٿئي ٿو.
- ’امر: مارِ‘ مان جڏهن حاصل مصدر بيهي ٿي تہ ’مارِ‘ جي آخري زيرَ تبديل نہ ٿي ٿئي.

حاصل مطلب: جيڪو امرُ آخري پيش رکي ٿو، اهو حاصل مصدر ۾ زبر سان تبديل ٿئي ٿو، جڏهن تہ جنهن امر ۾ آخري زير هجي ٿي تہ اها اعراب تبديل نہ ٿي ٿئي. مقصد تہ مصدر جي آخر کان اڳئين وينجن جي اعراب، سندس امر جي ’پيش‘ سبب تبديل ٿئي ٿي، جڏهن تہ ’زير‘ سبب ساڳي ٿي رهي.

امر جي آخري اعراب ۽ مصدر جي آخريءَ کان اڳ (second last) واري اعراب جي تقابل لاءِ هيٺين لفظن کي جاچجي ٿو:

| آخري پيش جو آخر کان اڳين اعراب ۾ تبديل ٿيڻ | | آخري زير جو آخر کان اڳين اعراب ۾ ساڳيو رهڻ | |
|---|---|---|---|
| امر | مصدر | امر | مصدر |
| اُپُرُ | اُپِرَڻ | اُپارِ | اُپارِڻُ |
| اُٿُ | اُٿَڻُ | اَڏِ | اَڏِڻُ |
| اچُ / آءُ | اچَڻُ | آڙِ | آڙِڻُ |
| اُڏامُ | اُڏامَڻ | باسِ | باسِڻُ |
| اُڏُرُ | اُڏرَڻ | ٻَٽاءِ | ٻَٽائِڻُ |
| اُگهُ | اُگهَڻُ | ٻِيهارِ | ٻِيهارِڻُ |
| ٻَچُ | ٻَچَڻ | ٻارِ | ٻارِڻُ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٽيءُ | ٽيَڻُ | چُونڊِ | چُونڊِڻُ |
| ٽِڙُ | ٽِڙَڻ | چانءِ | چانئِڻُ |
| جاڳُ | جاڳَڻُ | چِڏِ | چَڏِڻُ |
| جَڙُ | جَڙَڻ | چوڙِ | چوڙِڻُ |
| جَلُ | جَلَڻ | دَسِ | دَسِڻُ |
| ڄَمُ | ڄَمَڻ | ٻاھِ | ٻاھِڻُ |
| چُرُ | چُرَڻ | ڍارِ | ڍارِڻُ |
| چَرُ | چَرَڻُ | ڏارِ | ڏارِڻُ |
| چڙھُ | چَڙھَڻ | ڏَنگِ | ڏَنگِڻُ |
| ڇَڏُ | ڇوَڻ | ڏورِ | ڏورِڻُ |
| ڇِنُ | ڇِنَڻُ | ڏيکارِ | ڏيکارِڻُ |
| ٻوڙُ | ٻوڙَڻ | ڏيارِ | ڏيارِڻُ |
| ٻَھُ | ٻَھڻ | ڏارِ | ڏارِڻُ |
| ڏِسُ | ڏِسَڻُ | ڏَرِ | ڏَرِڻُ |
| ڏِي | ڏِيَڻ | ڏِڪارِ | ڏِڪارِڻُ |
| رُسُ | رُسڻ | ڏُوڪِ | ڏُوڪِڻُ |
| رَسُ | رَسَڻُ | رَتِ | رَتِڻُ |
| رَکُ | رَکَڻُ | رَکاءِ | رَکائِڻُ |
| روءُ | روئَڻُ | روڪِ | روڪِڻُ |
| رَھُ | رَھَڻُ | سارِ | سارِڻُ |
| رِيجھُ | رِيجھَڻُ | ساڙِ | ساڙِڻُ |
| سُڄُ | سُڄَڻُ | ساماءِ | ساماِئڻُ |
| سَڙُ | سَڙَڻُ | سَٽِ | سَٽِڻُ |
| سِڪُ | سِڪَڻ | سِجھاءِ | سِجھائِڻُ |
| سَگھُ | سَگھَڻُ | سُڃاڻِ | سُڃاڻِڻُ |
| سُمھُ | سُمھڻ | سَڏِ | سَڏِڻُ |
| سُڻُ | سُڻَڻُ | سَلِ | سَلِڻُ |
| سَھُ | سَھَڻُ | سنيالِ | سَنيالِڻُ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڦاسُ | ڦاسَڻُ | سيڪارِ | سيڪارِڻُ |
| ڦِٽُ | ڦِٽَڻُ | سيڪِ | سيڪِڻُ |
| ڦِرُ | ڦِرَڻ | سِينگارِ | سِينگارِڻُ |
| ڪامُ | ڪامَڻُ | شَرماءِ | شَرمائِڻُ |
| لِڪُ | لِڪَڻُ | رَساءِ | رَسائِڻُ |
| ڪَپُ | ڪَپڻُ | ڦِٽاءِ | ڦِٽائِڻُ |
| ڪُٽُ | ڪُٽَڻُ | ڦَٽِ | ڦَٽِڻُ |
| ڪِڙُ | ڪِڙَڻُ | ڦُلارِ | ڦُلارِڻُ |
| ڪُلُ | ڪُلَڻُ | ڦُرِ | ڦُرِڻُ |
| ڪِلُ | ڪِلَڻ | ڦوڙِ | ڦوڙِڻُ |
| ڪَٽُ | ڪٽَڻُ | ڦيراءِ | ڦيرائِڻُ |
| ڪِرُ | ڪِرَڻُ | ڦَبُولِ | ڦَبُولِڻُ |
| ڪُسُ | ڪُسَڻُ | ڪارِ | ڪارِڻُ |
| ڪُھُ | ڪُھَڻُ | ڪَسِ | ڪَسِڻُ |
| گَڏِجُ | گَڏجَڻُ | ڪوڙِ | ڪوڙِڻ |
| گُذرُ | گذرَڻ | ڪَٽِ | ڪَٽِڻُ |
| گَسُ | گَسَڻُ | ڪَرِ | ڪَرِڻُ |
| گھُرُ | گھُرَڻُ | ڪَسِ | ڪَسِڻُ |
| گھِڙُ | گھِڙَڻُ | گَڏِ | گَڏِڻُ |
| گھُمُ | گھُمَڻُ | گُذارِ | گُذارِڻُ |
| لِڪُ | لِڪَڻ | گھارِ | گھارِڻُ |
| لَڳُ | لَڳَڻُ | گھوٽِ | گھوٽِڻُ |
| لَھُ | لَھَڻُ | گھيڙِ | گھيڙِڻُ |
| مَرُ | مَرَڻ | ڳارِ | ڳارِڻُ |
| مُڙُ | مُڙَڻ | لاھِ | لاھِڻُ |
| مُشڪُ | مُشڪَڻُ | لاءِ | لائِڻُ |
| مِلُ | مِلَڻُ | مارِ | مارِڻُ |
| مُنجھُ | مُنجھَڻُ | مَٽِ | مَٽِڻُ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| وَٽُ | وَٽڻُ | موڙ | موڙڻُ |
| وِجهُہ | وِجهَڻُ | موڪِ | موڪِڻُ |
| وِڄُ | وَڄڻُ | موهِہ | موهِڻُ |
| وَڏُ | وَڏَڻُ | ميڙِ | ميڙِڻُ |
| وَرُ | وَرَڻُ | نِماءِ | نمائِڻُ |
| وَهُہ | وَهَڻُ | نِهارِ | نِهارِڻُ |
| ويهُہ | ويهَڻُ | نِهوڙِ | نِهوڙِڻُ |
| وَسُ | وَسَڻُ | وارِ | وارِڻُ |
| وِسِرُ | وِسِرَڻ | وِڇاءِ | وِڇائِڻُ |
| هُجُ | هُجَڻ | وَڍِ | وَڍِڻُ |
| هَلُ | هَلَڻُ | وِسارِ | وِسارِڻُ |
| هَڻُ | هَڻَڻُ | هَلاءِ | هَلائِڻُ |

امر جو 'پيش'، مصدر ۾ آخر کان اڳ واري وينجن وٽ 'زبر' ۾ مَٽجي ٿو، جڏهن تہ امر جي 'زير' مصدر ۾ آخر کان اڳ واري وينجن وٽ تبديل نہ ٿي ٿئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهٽ، اهڙا امر ملن ٿا، جيڪي مٿئين اصول کان الڳ ٿي بيهن ٿا، جيئن: 'ڏي_ ڏيَڻُ' يا 'کاءُ_ کائِڻُ'.

- **مصدر جي آخر کان اڳين اعراب جي جاچ:** اڀياس مان حاصل ٿيل مطلب اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن مصدر جي آخر کان اڳ واري اعراب جو اختلاف سامهون اچي تہ ان جو 'امر' لهو، تہ اعراب جي ٻيهڪ وارو معاملو واضح ٿي ويندو. فرض ڪريو تہ مصدرن ' اَڏَڻُ/ اَڏِڻُ (ٺاهڻ_ تعمير ڪرڻ)_ ڪَسَڻُ/ ڪَسِڻُ (ڦُرڻ_ ڇنڻ)_ وِسارَڻُ/ وِسارِڻُ (ڀُلائڻ_ دل تان لاهڻ)_ اُپارَڻُ/ اُپارِڻُ (ٻيهارڻ_ همٿائڻ) جو امر معلوم ڪبو تہ اعراب جو معاملو واضح ٿي ويندو، جيئن:
- اَڏَڻُ/ اَڏِڻُ (ٺاهڻ_ تعمير ڪرڻ) جون امڪاني طور 'اَڏِ/ اَڏُ' امري صورتون ممڪن آهن. جنهن صورت ۾ 'اَڏِ' ئي مناسب امرُ بيهي ٿو، ان ڪارڻ 'اَڏِڻُ' مصدر جي آخر کان اڳ (ماقبل آخر) واري اعراب 'زير' ئي مناسب بيهي ٿي.
- ڪَسَڻُ/ ڪَسِڻُ (ڦُرڻ_ ڇنڻ) جون امڪاني امري صورتون 'ڪَسِ/ ڪَسُ' بيهن ٿيون. ان پٽاندر 'ڪَسِ' ڪي ئي مناسب سمجهبو، تنهنڪري 'ڪَسِڻ' ۾ آخر کان اڳ (ماقبل آخر) واري اعراب 'زير' مناسب رهندي.

- وِسارَڻُ/ وِسارِڻُ (ڀُلائڻ- دل تان لاهڻ) جون امڪاني طور 'وِسارِ/ وِسارُ' امري صورتون ممڪن آهن. جنهن صورت ۾ امر: 'وِسارِ' مناسب آهي، ان لاءِ 'وِسارِڻُ' کي ئي ترجيح ڏيڻ گهرجي.
- اُيارَڻُ/ اُيارِڻُ (بيهارڻ- همٿائڻ) جون امڪاني امري صورتن 'اُيارِ/ ايارُ' مان سنڌي ٻوليءَ جي نسبت 'اُيارِ' مناسب آهي، ان لاءِ 'اُيارِڻُ' جي آخر کان اڳ واري 'زير' ساڳي رهندي ۽ ان کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

**نتيجو:**

- فعل جون ٻه بنيادي صورتون اهم آهن: امرُ ۽ مصدرَ. انهن ٻنهي صورتن مان 'امُر' کي ڌاتو/ مُول/ بنياد/ root طور تسليم ڪيو ويو آهي.
- امر جي ڌاتوءَ ۾ 'اَڻ' يا 'اِڻ' پڇاڙي ملائڻ سان 'حاصل مصدرَ' بيهي ٿي، جيئن: لِک + اَڻُ = لِکَڻُ- مار + اِڻُ = مارِڻُ.
- اُيارَڻُ (بيهارڻ)، اَڏَڻُ (ناهڻ)، چَکَڻُ (ذائقو وٺڻ)، کَسَڻُ (ڦُرڻ)، وِسارَڻُ (ڀُلائڻ) وغيره ۾ آخري اکر کان اڳ واري 'زبر' تي اختلاف سامهون آيو آهي، جيڪو ساهتي پرڳڻي/ وچولي لهجي نسبت 'اُيارِڻُ، اَڏِڻُ، چَکِڻُ، کَسِڻُ، وِسارِڻُ وغيره اچارجي ٿو.
- جيئن ته عام طور، 'امُر' جي آخري اعراب 'پيش يا زير' بيهندي آهي، ان لحاظ کان ڪنهن به مصدر جو امرُ معلوم ڪبو ته مصدر جي آخر کان اڳ واري اعراب هن ريت بيهندي:
  - زبرَ، امُر ۾، پيش ۾ بدلجي ٿي، جيئن: لِکَڻُ- لِکُ.
  - زيرِ، امُر ۾ ساڳي رهي ٿي، جيئن: کَسِڻُ- کَسِ.
- اِيياس موجب، 'اُيارَڻُ- اَڏَڻُ- چَکَڻُ- کَسَڻُ- وِسارَڻُ- ' جون امري صورتون ترتيبوار 'اُيارُ- اَڏُ- چَکُ- کَسُ- وِسارُ' بيهن ٿيون. جيئن ته سنڌي ٻوليءَ نسبت، اهي امري صورتون جعلي آهن، جن جون مناسب امري صورتون بيهنديون: 'اُيارِ- اَڏِ- چَکِ- کَسِ- وِسارِ'، ان ڪارڻ مصدر جون ماقبل آخر اعراب نسبت، مناسب ترجيحي صورتون: ' اُيارِڻُ- اَڏِڻُ- چَکِڻُ- کَسِڻُ- وِسارِڻُ' بيهارڻ گهرجن.

**نوٽ:** هن پيپر ۾ لفظ 'مصدرَ' کي غير جنسي مؤنث ۾ رکيو ويو آهي، جنهن جي جمع صورت 'مصدرُون' بيهي ٿي، جيڪا 'جامع سنڌي لغات' ۾ پڻ ڏنل آهي. واضح رهي ته ساهتي پرڳڻي ۾ لفظ: 'مصدرَ' ج 'مصدرُون' ڪم آندو ويندو آهي.

## حوالا


1. آڏواڻي، پيرومل، مهرچند (1956) ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘۔ ڪراچي۔ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
2. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1960 کان 1988) ’جامع سنڌي لغات‘ {جلد 1 کان 5}. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
3. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1992) ’سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي‘۔ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
4. ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر (1998) ’سنڌي ٻولي (لسانيات کان سماجي لسانيات تائين)‘ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
5. جوکيو، الطاف (2013) ’تاريخي لحاظ کان وچولي لهجي جي حقيقت‘. ايڊيٽر: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو. شمارو: 8، ص: 26۔ 38. ڪراچي: وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس اينڊ ٽيڪنالاجي، عبدالحق ڪيمپس.
6. جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر (2017) ’عربي۔ سنڌي آئيوٽا جي اکرن جا اچاري نالا ۽ معياري لهجو‘. ايڊيٽر: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو. ڪارونجهر تحقيقي جرنل. جلد: 9، شمارو: 17۔ ص: 57۔ 70. ڪراچي: وفاقي اردو يونيورسٽي آف آرٽس اينڊ ٽيڪنالاجي، عبدالحق ڪيمپس.
7. فہمیدہ حسین، ڈاکٹر (2011) 'آیئے سندھی سیکھیں'۔ حیدر آباد: سندھی لنگویج اتھارٹی
8. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر (2011) 'سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي ۽ اترادي لهجن جو تقابلي جائزو'. ايڊيٽر: طارق عالم ابڙو، ٽماهي مهراڻ. 61 (1۽ 2)، ص: 174۔ 179. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

ڊاڪٽر عبدالحفيظ قريشي

# شاهه لطيف، سنڌو سڀيتا ۽ سنڌ- يورپي ٻولي: هڪ تاريخي اڀياس
# Shah Latif, Indus civilization and Indo-European language: A historical study

**Abstract:**

*This research paper properly indicates the relation between proto Indus language and Indo-European Languages in the light of Shah Abdul Latif's Poetry. Through this paper, searched the impact of Indus Civilization on the East. It has been searched many linguistic aspects and roots of a Proto Indo-European languages through migration in Hunters and Gathrers Society Era to mature urban phase of Mohenjo-Daro from Indus Valley to West and due to such cultural assimilation process to evaluate `Indo-European Peoples` and Indo European Languages. In this Paper Search roots of `Ari`, `Ariya` even `Sawastika` in Sindhi Classical Poetry. The Sign of Proto Indus Language is Mono Syllabic Words. These words are evolved through a process of language. Some of them are compound words which indicate prefix and suffix. In this paper these types of mono Syllabic words are mentioned in the light of Shah latif's Poetry as well as in different regional dialects of Sindhi language. Modern research tells that there have been efforts of linguistic Sindhu civilization on the East. Arians predictive image also emerged from there. This continuity came into being from a great social human evolution. In different geographical regions of the Sindhi language, many mono-syllabic words are there, which are prominent in today's Sindhi in compound and simple forms.*

دنيا جو هر قومي سماج، هڪ زنده ايڪو (Organic Unit) هوندو آهي، ان جو ورثاءُ بہ هڪ زنده جيوَ وانگر ئي هوندو آهي. تهذيب جي اوسر ۾ ٻوليءَ جو جُڙڻ ۽ اشارن جي زبان کان تصويري لکت (Pictographic Script) ۽ تصوري لکت (Ideographic Script) تائين واري انساني سڀيتا واري سفر ۾ ٻوليءَ جي حيثيت هڪ اهم موڙ طور ثابت ٿي. ان سان ڪنهن بہ سماج جي هڪ مُٺ ٿيڻ وارو مقصد ساڀيان ٿيو. سنڌي سماج سمورا مرحلا اوسر جي هر ڏاڪي پٽاندڙ طئي ڪيا ۽ اڄ هن جو سنبنڌ، سنڌ يورپي ٻولين سان پڪو پختو آهي. هڪ سماج ۾ ٻوليءِ جي اهميت تهائين اهم ٿي وڃي ٿي، جڏهن ان جي سڀيتا

جو اثر عالمگير هجي.

**سنڌي ٻولي، گڏيل قومي سوچ ۽ اڪيلي سڃاڻپ:** سنڌي ٻولي، سنڌي سماج جي واحد گڏيل سوچ ۽ سڃاڻپ آهي. ان کي ميسارڻ جي هر دؤر ۾ ڪوشش ٿي آهي. سنڌ جي ماڻهن عربن جي بنو اُميہ بنو عباس جي دؤر، ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي سماج جي مختلف سطحن تي سنڌيءَ ٻوليءَ جي ڀرپور حفاظت ڪئي. هتي هڪ انگريز محقق فلپ ڪي. حتِي جي ڪتاب ’تاريخ عرب‘ جي دؤر جو حوالو ڏيڻ ضروري آهي، جنهن موجب عربن پاران ملڪ فتح ڪرڻ جا دؤر ۽ مرحلا هن ريت ڄاڻايا آهن:

> ”پهريون زمانو عسڪري ۽ سياسي دؤر هو، اهو عربن جي هلائڻ ۽ ڪاهڻ وارو دؤر هو.
>
> ٻيو دؤر مذهبي دؤر هو. ان جي شروعات عباسي خلافت واري دؤر واري پهرين صدي آهي. انهيءَ زماني ۾ خلافت واري آدم جي گهڻي آبادي اسلام قبول ڪري چڪي هئي.
>
> ٽيون دؤر فتح ٿيل قومن جي ٻولين تي فتح وارو دؤر هو. انهن ٻولين تي فتح واري زماني جي رفتار تمام ڍري رهي ۽ فتح ٿيل قومن ان ميدان ۾ تمام گهڻي مزاحمت جو مظاهرو ڪيو. انسان پنهنجي سياسي حقن، ايستائين مذهبي حقن تان هڪ ڀيرو دستبردار ٿي سگهي ٿو، پر ٻوليءَ ۾ اهڙي ڪشش ۽ ڇڪ هوندي آهي، جو هو ان جي بقا ۽ حفاظت ۾ ڪنهن بہ قسم جي قرباني ڏيڻ کان نٽندو ڪينهي.“ (حتِي، 2015ع: 107)

ساڳيءَ ريت سنڌ جي ماڻهن ايراني، افغاني ۽ دهلوي سامراج جي مقابلي ۾ سنڌ جي ’ثقافتي محاذ‘ تي، سنڌي ٻوليءَ جي حفاظت سان گڏ، ان جي ترقي ۽ واڌ ويجهہ ۾ بہ ڪين گهٽايو. شاهہ لطيف انهيءَ فارسي بالادستيءَ واري دؤر جو ’سنڌ جي ثقافتي محاذ‘ جو هڪ تمام وڏو سپهہ سالار (Supreme Comander) ٿي اُسريو، ۽ اُڀريو. هن سنڌي ٻوليءَ کي اهڙو ڪلام جوڙي ڏنو جنهن جو سنڌ تي وڏو گهرو فڪري اثر آيو آهي. هُن سنڌ جي ڏاتارن ۽ سخين جي ساراهہ ۾ سمنگ چارڻ جي ڳاهن کي وڌايو ۽ تصوف جي فڪر ۾ قاضي قادن، شاهہ لطف الله قادري ۽ ميين شاهہ عنات واري ساهتي سلسلي کي اڳتي وڌائي پڪو ۽ پختو ڪيو.

بنيادي طور تي سنڌي ٻولي ۽ سنڌو تهذيب جا اثر عالمگير رهيا آهن. اهو سڀڪجهہ سنڌوسڀيتا جي اوسر ۽ اُن جي ڏيساورن ڏانهن واپار ۽ ٻين مختلف سببن جي ڪري وجهڻ ۽ اچڻ، ويندي لڏپلاڻ ڪرڻ سبب ممڪن ٿيو آهي. سنڌو تهذيب جي وڻج واپار وارن ناتن ۽ ڏورانهن ڪنڊن ۾ سنڌين جو لڏي وڃي رهڻ، خاص طرح اولهہ

وارن ملڪن ڏانهن سنڌين جي لڏپلاڻ، هڪ پاسي ثقافتي انضمام (Cultural Assimillation) واري عمل هيٺ سنڌ- يورپي ٻوليءَ کي جنميو آهي ۽ ٻئي پاسي سنڌوسيپيتا جا نوان ورن سامهون آندا آهن.

**شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ جو محافظ:** ڪنهن قومي سماج جا وڏا ۽ عظيم شاعر ئي انهيءَ سماج ۽ ٻوليءَ جا محافظ هوندا آهن. عظيم شاعرن جو جنم ۽ انهن جي ٻولين جي اُسرڻ وارو عمل 'راست متناسب' (Directly Proportional) هوندو آهي، ڇو ته هنن جي فڪري ۽ فني مَهي ولوڙ سبب ٻوليون نه رڳو پنهنجي قومي سماجن ۾، پر پنهنجي پرپاسي وارن سماجن ۾ عزت ۽ عظمت ماڻينديون آهن. ان ريت اهي شاعر پنهنجي سماج کي امرتا بخشي ۽ جيئندان ڏيندا آهن. شاهه لطيف سنڌي ٻوليءَ جي لغت بابت چوي ٿو ته:

لامُون آءُ لغت، ڇيڙي وڏيس ڇپرين،
چوريءَ چانگا چريا، گنگن ڪئي نه گفت،
نيم سور ۽ سُرت، اگهي ٿي آهون ڪري. (شاهه)

شاهه لطيف، هن بيت ۾ 'سنڌي لغت' جي لامن (شاخن: الف، ب، ت...ي) کي بيان ڪري ٿو. هُن کي سنڌي ٻولي ۽ اُن جي لفظي ذخيري جي ڇڳيءَ ريت پروڙ هئي، هُن وٽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هر طبقي، هر هنري ۽ فڪري مڪتب ڪان ويندي، آڳاٽي سنڌي سماج جي هر ڪِرت واري گروهه جا ڪُهنا ڪان ڪُهنا لفظ موجود هئا. ان ريت هڪ وڏي شاعر جي حيثيت ۾ هن وٽ سنڌي ٻوليءَ جي عمدن لفظن جو پنڊار موجود هو. پڻائي پنهنجي سماج ۽ ٻوليءَ جي بقا آڏو ايندڙ للڪارن کان به واقف هو، تڏهن ته هن چيو:

> "فارسي سکڻ غلام بڻجڻ جي مثال آهي، اوهان 'آب' ۽ 'طعام' 'پيئڻ ۽ کائڻ' ته حاصل ڪري وٺندا پر انهن ٻن ڳالهين ۾ ٻڌجي ڪري، پنهنجا قومي- سماجي ڳُڻ ۽ خاصيتون وڃائي ويهندا ۽ 'عام انسان' بڻجي ويندا ۽ 'ڄام' معنيٰ اصلوڪا سنڌي بڻجي نه سگهندا." (بلوچ، 2009: 72)

جي تون فارسي سِکئو، گولو توءِ غلامُ،
اُڃئو تان آبُ گهري، بُکئو تان طعامُ،
جو ٻَڌو ٻن ڳالهِئين، سو ڪيئن چائي ڄامُ،
ايءَ عامن سندو عامُ، خاصن منجهان نه ٿِئي. (شاهه)

سُر مارئيءَ جي هڪ بيت ۾ شاهه لطيف جي مارئي ٻن ڳالهين جي تحفظ جي ڳالهه ۽ عزم ڪري هڪ 'وطن جي پاڻي' ٻيو 'اباڻي ٻوليءَ' لاءِ وچن ڪري ٿي. هتي

’ٻاٽي‘ زندگي آهي، ٻاٽي، ’تهذيب ۽ ثقافت‘، ’ريتون ۽ رسمون‘، ’مان ۽ سمان‘ سڀ ڪجهہ آهن، جنهن جي آڌار تي سماج زندھ رهن ٿا. ٻاٽي اعلىٰ اخلاق ۽ ڳڻ آهن، جنهن کي هارڻ نہ گهرجي، ان ريت ’اباڻي ٻولي‘ قومي ٻولي بہ آهي تہ قومي ٻول بہ آهن، جنهن ۾ سمورا اخلاقي ۽ اعلىٰ سماجي قدر، نيم، ريتن ۽ رسمن سوڌو سمورا انفرادي ۽ اجتماعي قول ۽ قرار موجود هوندا آهن، جن جي وسيلي سماج ٽڳندا ۽ زندھ رهندا آهن. شاھ لطيف چوي ٿو:

ماڙيءَ چَڙهِي سُومرا، آءٌ هَڏِ لجاڻي،
هٿان مون مَ هارجي، ٻاڻُرَ جو ٻاٽِي،
ٻولي ٻاٻاڻي، وٺي شالَ ويڙِ وڃان.

**قديم سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ ۽ پکيڙ جا ڪارڻ:** پراچين دؤر جا سنڌو لوڪ، شڪاري دؤر کان وٺي ساماٽيل سنڌو سڀيتائي دؤر ۾ هڪ وڏي دنيا سان وڻج واپار وسيلي رابطي ۾ هئا ۽ هنن پنهنجون ريتون رسمون ۽ عقيدا پڻ اتي جي ماڻهن کي وجي آڇيا، ۽ ان ريت دنيا جي هڪ وڏي حصي سان سندن واپاري، سماجي ۽ لساني ناتا جڙي پيا، جن جو اثر ۽ نشانيون، اڄ ڏينهن تائين انڊو-يورپين سماجن ۾ لڀجن ٿيون. دنيا سان سنڌ واسين جي لڳ لاڳاپي سبب سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ممڪن ٿيو.

مشهور اينٿراپالاجسٽ ۽ مذهبن جي تاريخ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ واري هڪ محقق، آلين ڊينيلائو (Alain Danie Lou) پنهنجي ڪتاب `The Tradition of Shiva Dinoysus` جي هڪ مضمون ’God of Love and Ecstasy‘ ۾ لکيو آهي تہ:

> ”سنڌو سلطنت جي دروازي ٻولي پنهنجيون سرحدون اُڪري، يونوچ سمنڊ (Meditranean Sea) تائين وڃي پهتي. باسڪئس (Basques)، جارجيا (Georgia)، ليڊيا (Lydia)، ايٽروسڪئن (Etruscan)، ڪريٽ (Crete)، ڏکڻ اٽليءَ جو پيلاسجيا (Palasgia) وارو علائقو، ويندي مالٽا (Malta) ۽ سڄو ايشيا مائنر (Asia Minor) انهيءَ ٻوليءَ کان متاثر ٿيو.
> (*Aoumiel, 1994: 5_6*)

**قديم سنڌو لوڪن جي يورپ ڏانهن پهرين لڏپلاڻ:** اوميل پنهنجي ڪتاب ’Dancing Shadows‘ ۾ سنڌين جي يورپ ڏانهن پهرين لڏپلاڻ کي تمام آڳاٽي دؤر کان ڄاڻائيندي لکي ٿي تہ:

”سنڌي آرين جي حملن کان گهڻو اڳ پراڻي پٿر واريءَ زماني ’Paleolithic

Era' ۾ هنن ملڪن (يورپي ملڪن) ڏانهن پکڙجي ويا هئا، اهو امڪاني دؤر 20000ق.م وارو هوندو." (Aoumiel, 1994: 116)

اٿين وسهڻ ۾ اچي ٿو ته، سنڌو لوڪ ان چوٿين ٽڏ واري دؤر ۾، جيڪو لاڳيتو پنجهتر هزار ورهيه هليو ۽ رڳو ڏهه هزار ورهيه اڳ پڄاڻيءَ تي پهتو هو. ان دؤر ۾ سنڌو لوڪ، باهه ٻارڻ ۽ ان کي سنڀارڻ ۽ 'سيانٽي پهڻ' سان باهه ٻارڻ جو هنر سکي ويو هو ۽ نئين دنيا ۽ شڪار جي شوق ۾ بلوچستان، عراق، فلسطين کان ٿيندا ڪريٽ جي ٻيٽن تي وڃي پهتا، اتي اُن دؤر ۾ به هنن وٽ شِوَ جي پوڄا عام هئي، اتان هو يونان ۾ داخل ٿيا ۽ پهريون اوڀر يورپ ۽ پوءِ سڄي يورپ ۾ پکڙجي ويا. پسوپتي ۽ سرسونوس جي چِٽر ۾ اهڙي هڪجهڙائي ان ڳالهه جو ثبوت آهي.

**قديم سنڌو لوڪن جي يورپ ڏانهن ٻي لڏپلاڻ:** سنڌو سماج جي ترقي يافته شهري دؤر کان گهٽ ۾ گهٽ اڳ اٽڪل 5000ق.م کان 4000ق.م ۾ سنڌو لکت جي هڪ تمام قديم ۽ آڳاٽي تصويري شڪل موجود هئي، ان جي ثابتي اوڀر ٻيٽ (Easten Island) مان لڌل ڪاٺ تي اُڪريل قديم لکت جي صورت ۾ ملي آهي. اِها لکت موهن جي دڙي ۽ ان جي سهيوڳي ٻين شهرن: لوٿل، ڍولا ويرا، چانهونءَ جي دڙي، لاکين جو دڙي ۽ هڙپا جي اوج ماڻڻ کان گهٽ ۾ گهٽ آڳاٽي ۽ اوائلي سنڌو تهذيب (Pre Indus) دؤر جي نظر اچي ٿي. 'اوڀر ٻيٽ' (Easten Island) تي اهي آڳاٽا سنڌو لوڪ ٻيڙن ۽ هوڙن ۾ چڙهي پهتا هوندا. انهيءَ جو مطلب ته سنڌو سماج اٽڪل 5000ق.م کان 4000ق.م ۾ نه رڳو چڪُ، ڦيٿو ۽ نار پر ٻيڙا ٺاهڻ ۽ سمنڊ ۾ هاڪارڻ وارو فن ايجاد ڪري چڪو هو. اهڙي 'اوڀر ٻيٽ' (Easter Island) واري لکت ۽ سنڌو لکت جي پيٽا وار تختي، قديم آثارن ۽ ٻولين جي ماهر ايم. ڊي هيوز تيار ڪئي آهي، جنهن جو مطالعو سنڌ ودوانن ۽ ماهرن لاءِ حيرت ناڪ آهي.

آمريڪي محقق اوميل (Aoumiel) اسڪاٽ لئنڊ ۾ سنڌو لکت (Indus script) جي ليڄڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

> "سنڌي لوڪن ساموندي سفر ڪري، سانتيڪي ساگر (Pacific Sea) کي اُڪري ايسٽر آئلينڊ (Easter Island) وڃي پهتا، قديم آثارن جي مشهور ماهر 'بشم' (Basham) سان گڏ ڪيترن ئي ٻين عالمن جو خيال آهي، هن ٻيٽ جي تصويري لکت هوبهو موهن جي دڙي واري لکت جهڙي آهي. هتي شِوَ ديوتا جي مورتي به موجود آهي." (اوميل، 2009ع: 115)

اِها لکت موهن جي دڙي واري لکت کان گهٽ ۾ گهٽ آڳاٽي ۽ اوائلي لکت وارو نمونو

لڳي ٿي، انڪري جو موهن جي دڙي جي لکت هڪ ليڪائين آهي ۽ جڏهن ته ڪاٺ تي اُڪيريل اها لکت مڪمل نموني تصويري ۽ ٻئي ليڪن ۾ آهي. هو وڌيڪ لکي ٿي ته،

"ان جي ابتڙ آرين جي سنڌ تي هلان 2150ق.م تائين ٿي هوندي."

(Aoumiel, 1994: 162)

## قديم سنڌو لوڪن جي يورپ ڏانهن آخري لڏپلاڻ:

اوميل سنڌين جي ٽين وڏي لڏپلاڻ وارو زمانو مرڪزي ايشيائي ڏنار لوڪن- آرين جي هلان واري وقت کي قرار ڏيندي لکي ٿي ته:

"آرين جا سنڌ تي حملا 2150ق.م کان 1200ق.م تائين هليا. اهڙن حملن کان بچي ويل سنڌي افغانستان، ايران، عراق، عربستان ۽ فلسطين کان ٿيندا، پهريائين اوڀر يورپ ۽ بعد ۾ اولهه يورپ پهتا هئا. ان ڪانسواءِ اوڀر ڏانهن وڏي انڊونيشيا ۽ امڪاني طور جپان تائين به ويا هئا. اهو به معلوم ٿئي ٿو ته هي ماڻهو پولينشيا ۽ اڳتي وڏي آمريڪا پهتا آهن، هي نسل ٻيڙين هلائڻ جو ماهر هو. تجارت سندن ڌنڌو هو."

(Aoumiel, 1994: 117_118)

جي.آر هنٽر 'سنڌو لکت' جو دنيا جي لاڳاپو ڏيکاريندي لکي ٿو ته:

"حقيقت به اها ته سڄي برهمي (Brahmi) الف- ب کي سنڌو لکت تان ڪنيل ٿي ڏسجي. اهو به سمجهيو وڃي ٿو ته اهي عالم جن برهمي لکت جو فونيقي (Phoemician) ۽ ڏکڻ وارين سامي زبانن جي لکت سان ڳانڍاپو ڏيکاريو آهي، سي ڪي غلط ڪونه آهن. ڇاڪاڻ ته اهڙيون ڇتيون شاهديون موجود آهن، جن جي آڌار تي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سامي ۽ فونيقي لکت، سنڌو لکت تان ورتل آهن."

(هنٽر، 1995ع: 22_23)

**سنڌ- يورپي ٻوليءَ جو جڙڻ:** دنيا ۾ 'سنڌ يورپي ٻولين' (Indo_ European Languages) وارو نظريو ۽ آريائي نظريو، ٻئي نظريا 1818ع کان اُسريا آهن. انهن جو بنياد سنسڪرت ۽ جرمن سوڏو ٻين ٻولين ۾ ڏنو ويو آهي. اوميل پهرين محقق آهي، جنهن قديم سنڌ جي آرڪيالاجي واري اتهاس جي بنياد تي، انهيءَ ٻوليءَ جو بنياد سنڌ قرار ڏنو آهي.

"سنڌ کان يورپ پهتل ماڻهن جي يورپي لوڪن سان انضمام جي نتيجي ۾ 'سنڌ- يورپي لوڪ' ۽ 'سنڌ- يورپي ٻوليءَ' جو جنم ٿيو."
(Aoumiel, 1994: 118)

'سنڌي ٻولي' دنيا جي هڪ آڳاٽي ٻولي آهي ۽ جڏهن ڪنهن ٻوليءَ کي ان جي لکت (Script) ملي ٿي ته، اها ان سماج جي ترقيءَ لاءِ مک موڙ ثابت ٿيندي آهي. ان ريت 'انڊس اسڪرپٽ' دنيا جي هڪ قديم لکت جو نمونو آهي. اڄ تائين واري دنيا ۾ موجود لکتون ان کان متاثر ٿيون آهن.

**سنڌ- يورپي ٻولي:** سنڌ يورپي ٻولين (Indo_European Languages) جي اصطلاح کي ننڍي کنڊ جا لسانيات جا ماهر 'هند- يورپي ٻوليون' ڪري ڄاڻائن ٿا ۽ ان کي سنسڪرت، جرمن ۽ ٻين يورپي ٻولين جي تناظر ۾ ڏسن ۽ پسن ٿا ۽ ميڪس مولر ۽ ٻين جي نظريي تحت هن کي آريائي پسمنظر ڏين ٿا، ايستائين جو چون ٿا ته هي ڪنهن هڪ ويڙهي ۾ نه پر هڪ ڇت هيٺان هڪ خاندان جي رهندڙ ماڻهن جي ٻولي آهي.

ميڪس مولر. ايف (Max Muller, F) جي ڪيل مختلف خطابن تي ٻڌل ڪتاب 'Lectures on Science of Language' ۾ هو چوي ٿو ته:

"هڪ زماني ۾ ايرانين، هندستانين، جرمنن، يونانين، رومين، ڪيلٽڪس ۽ سلاوڪ لوڪن جا وڏا ڳڏجي ڪري هڪ ويڙهي ۾ نه پر هڪ ڇت هيٺان رهندا هئا." (Muller, 1866: 213)

ان ريت هُو هڪ 'آڳاٽي سنڌ- يورپي ٻولي' (Proto_ Indo European Language) جا بنياد، ڪڏهن ڪڏهن اسڪئنڊي نيوين ملڪن ۾ ڳولين ٿا. ان کي هُو هڪ ڇت هيٺان (Under the One Roof) وارو پاڻيو ڪيل نظريو ڪوٺين ٿا، ان جي پيٽ ۾ اوميل جو چوڻ آهي ته:

"سنڌ- يورپي ٻولين ۽ سنڌ يورپي لوڪن جو وجود، مختلف قديم زمانن ۾ سنڌ کان يورپ ڏانهن لڏپلاڻ واري عمل هيٺ ٿيل ثقافتي انضمام جو ڦل آهي." (Aoumiel, 1944:118)

'ڪولن رينفرو' پنهنجي ڪتاب، 'Archealogy and Languages' ۾ لکي ٿو ته:

"The Language of the Indus Valley Seal Stones if infact and Early form of Indo_European." (Renfrew, 1988: 185)

"سنڌو مُهرن واري ٻولي سنڌ_ يورپي ٻولين کان حقيقت ۾ آڳاٽي آهي."

قديم آثارن جي هڪ روسي ماهر وِي.ايم ميسن جو چوڻ آهي تہ:

"جيڪا مُهر ڪئسپيئن سمنڊ جي اُتر کان 'التائن_ ٽيپي' واري ترڪمانستان جي ماڳ وٽان لڌي آهي، اُها 'آڳاٽي سنڌو' (Proto_ Indian) نموني واري آهي." (Renfrew, 1988: 192)

جي.آر هنٽر بہ سنڌو لکت کي 'پروٽو انڊين لکت' (Proto_Indian Script) سڏي ٿو. جنهن تہ اها لکت سنڌوسڀيتا سان لاڳاپو رکندڙ آهي، انڪري ان جو صحيح ۽ ٺُڙ اصطلاح آڳاٽي سنڌو لکت (Proto_Indus Script) ٿيندو.

## سنڌ_ يورپي ٻولين جا هڪ رُڪني مادا:

سنڌ_ يورپي ٻولين جي اڀياس جي شروعات 'سر وليم جونس' جي مقالي 'History and Culture of the Hindus' کان شروع، ٿي جيڪو 2 فيبروري 1786ع ۾ پيش ڪيو ويو ۽ جيڪو 1788ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. ان مقالي ۾ هن سنسڪرت، ڪلاسيڪل يوناني ۽ لاطيني ٻولين جي هڪ گڏيل پاڙ هئڻ بابت ٻڌايو ويو آهي، جيڪا بلاشڪ اڳتي گوٿڪ ۽ سيلٽڪ سان رليل مليل آهي.

"هن نظريي جو باني هڪ جرمن عالم، فرنينز بوپ (Fernanz Bop) (1791_ 1867ع) هو. هُن سنسڪرت ٻوليءَ جي قاعدن مان مادي جو تصور ورتو ۽ ان جي تقليد ڪندي، مادَن کي 'هڪ رڪني' قرار ڏنو. فرنينز بوپ جي پوئلڳن فرض ڪيل مادن کي صوتي گُڻ بہ ڏنا. جهڙوڪ: 'ڪرتيئس' چيو تہ مادو هڪ مڪمل وينجڻ (Consonant) آهي. ان کانپوءِ 'ووڊ' (Wood) پنهنجي مقالي 'سنڌ_ يورپي مادن جي جوڙجڪ' ۾ چيو تہ سنڌ_ يورپي مادا 'هڪ رڪني' صورت وارا هئا."

(صديقي، 1977ع: 113)

ٻولين جي بنيادي 'مادي واري نظريي' (Roots Theony) وارن ماهرن جو اِهو خيال، جرمن عالمن پاران ننڍي کنڊ جي ٻولين جي پيٽا وارا اڀياس خاص طرح سان سنسڪرت، جرمن ۽ يوناني ٻولين جي اڀياس کانپوءِ اُسريو.

"جديد زماني ۾ ٻولين جي تاريخي ۽ پيٽاوار اڀياس ۽ انهن جي ساختياتي تجزين جي ڪارڻ، ٻولين کي خاندانن ۾ ورهائي انهن ٻولين جي گڏيل

بنياد ٻُولڻ جي ڪوشش جي سبب، گهڻن ئي لسانيات جي ماهرن جي تحقيق موجب، ’سنڌ- يورپي ٻولي‘ (Indo_European Language) جي جديد جوڙجڪ ڪئي وئي ۽ اهو چيو ويو تہ ان کي ابتدائي مادي جي صورت چئي سگهجي ٿو، اوائلي صورت ۾ رڳو ماده وجود ۾ آيا. اهي ماده هڪ رُڪن (Monosylab) وارا هئا، پوءِ اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي جڙڻ سان نت نوان ’مرڪب لفظ‘ جڙندا ويا.“

(صديقي، 1977ع: 112)

ڪتاب ’Essays on Indo_ European Linguistics‘ ۾ ڊاڪٽر ستيا راجن بئنرجي ’بوپ‘ جي حوالي سان سنڌ- يورپي ٻولين جي لاڳاپي بابت ڄاڻايو آهي تہ:

”سنسڪرت، يوناني ۽ لاطيني ٻولين جي ماءُ نہ پر ڀيڻ آهي.“

(Bopp, 1990: 6)

بوپ وڌيڪ ان بابت لکي ٿو تہ:

"The Sanskrit and the European Languages derive from a common source." (Bopp, 1990: 3)

”سنسڪرت ۽ يورپي ٻوليون ڪنهن هڪ بنياد مان اُسريون آهن.“

ڪتاب، ’اردو زبان کا ماخذ هندکو‘ ۾ خاطر غزنوي پشاچہ جو اثر سنڌ جي الهندي پاسي هئڻ بابت ڄاڻائيندي وڌيڪ لکي ٿو تہ:

”پشاچہ، هند- يورپي ٻولين (Indo European Langnages) جي ڇاڙ هند- ايراني ٻولين (Indo_ Iranian Langnages) سان لاڳاپو رکي ٿي، جڏهن تہ ’هندڪو ٻولي‘ سنڌو ماٿر جي ٻولي آهي.“ (غزنوي، 2003ع: 162)

**قديم سنڌيءَ جا هڪ رُڪن وارا مادا:**

سنڌي ٻولي، سنڌو تهذيب جيان هڪ وڏو ۽ اعليٰ لسانياتي پسمنظر رکي ٿي ۽ قديم دؤر کان وٺي هڪ ’اڳل- آڳاٽي سنڌو ٻولي‘ وارا سمورا ڳڻ ۽ لڇڻ هِنَ پنهنجي اندر ۾ سانديي ۽ سنياري رکيا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ موهن جي دڙي يا ان کان آڳاٽي دؤر کان وٺي اهڙا ’يڪ پد‘ وارا لفظ کوڙسارا موجود رهيا آهن:

جهڙوڪ:  = Sa = سَ = سا

جنھن جو مطلب سگھارو آھي، ان مان لفظ شاھ، بادشاھ ۽ پاتشاھ جُڙيو. شاھ لطيف چيو آھي تہ:

* پاتشاهي نہ پاڙيان سَرتيُون سُئيءَ ساڻ.

جھڙوڪ:  پا = انھيءَ جي معنیٰ تحفظ ڏيندڙ آھي.

خالد احمد، ڪتاب 'The Bridge of Words' ۾ لکي ٿو تہ:

"هند- يورپي ٻولين جو لفظ 'پا' (Pa) جو مطلب، مضبوط، طاقتور ۽ آقا آھي." (احمد، 2004ع: 271)

هن اکر مان سنڌ- يورپي ٻولين وارا لفظي اسم جڙيا، جھڙوڪ: پاپا، بابا، ٻاٻا وغيره. انھيءَ مان 'پاپاءِ روم' بابا، بابو، ٻاپو ۽ ٻاٻل وغيره اُسريا.' اھو ساڳيو 'پا'، 'سا' سان گڏ= 'پاشا'، پاتشاھ بڻيو. شاھ لطيف چيو آھي تہ:

* پيرين آءٌ نہ پُڄڻي، ٻاٻل ڏئي نہ ٻُور.

جھڙوڪ:  = دَ = دا= دادا= داتا- انھيءَ يڪ پدي لفظ 'دَ' مان جڙيا آھن. جنھن جو مطلب 'ڏيندڙ' آھي. شاھ لطيف هن لفظ کي هن ريت ڪتب آندو آھي.

* دَرَ داتا مَگُ منگتا، ٻئي جي ڪَڍُ مَ ڪاڻ.

جھڙوڪ:  = گا، مان لفظ
آگا = آقا= آغا جُڙيو. شاھ لطيف 'آگا' يا 'آگي' وارو لفظ ڪيترائي ڀيرا ڪتب آندو آھي.

* اي آگي جو احسان، جو هادي ميڙيم هھڙو.

 = رَ = را = هن مان لفظ راءِ جُڙيو. شاھ لطيف اِھو 'راءِ' وارو لفظ پنھنجي ڪلام ۾ گھڻو استعمال ڪيو آھي.

* راءِ سين وڻا جي تن جاڙيجن جاڙ ڪي.

سنڌ جي قديم آثارن جي ماهر ۽ موھن جي دڙي واري قديم سنڌو لکت (Ancient Indus Script) جي عالم ايس.آر.راءُ، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جي باري ۾ لکي

تو تہ:

”سنڌي ٻوليءَ ۾ ’هڪ پد وارن لفظن‘ (Monosyllabic Words) جي گهٽائي آهي ۽ هڪ پد واريون پاڙون رکندڙ لفظن ۽ نالن جي گهٽائي مان اسان کي پتو پوي ٿو تہ هيءَ ٻولي ويدن کان بہ آڳاٽي آهي، ساڳئي لفظ کي پهرئين لفظ جي حيثيت سان، پوءِ پدن جي حيثيت سان ۽ بعد ۾ الف.ب جي شڪل ۾ لکيو ويو.“ (Rao, 1994: 262)

اڳل- آڳاٽي سنڌو ٻوليءَ ۾ تمام اوائلي زماني ۾ هڪ پَد وارا لفظ تمام گهڻا هوندا هئا، اهي ’هڪ پد وارا لفظ‘ پوءِ اڳياڙين (Preffix)، وچياڙين (Inffix) ۽ پڇاڙين (Suffix) سان مفرد لفظن مان ڦري ۽ ڳتجي ’مرتب لفظ‘ بڻيا. ان ريت ٻن يا ٻن کان وڌيڪ مفرد لفظن جي ملڻ سان ’مرڪب لفظ‘ جڙيا.

اهڙيءَ ريت ’سچ‘ لفظ هڪ مرڪب لفظ آهي. هن جي ’هڪ پد‘ واري صورت ’چُ‘ آهي، جنهن جي معنيٰ ’ٻول‘ آهي. اهو هڪ مڪمل وينجن سان گڏ ننڍي سُر آواز وارو صوتيو پڻ آهي. سنڌي سماج ۾ لاڙ ۾ اڃ بہ ’چئو‘ بدران عورتاڻي محاوري ۾ آهي تہ، ’چو چو! ابا چو!‘ جنهن جو اصل اُچارنديءَ ’سُر آواز‘ سان ’چُ- چُ‘ هوندو آهي.

* س + چُ = سچُ = صاف، نجُ ۽ نيارُ ڳالهہ.
* ڪ + چُ = ڪچ = خراب ۽ ٻنهہ غلط ڳالهہ
هتي ’سَ‘ ۽ ’ڪَ‘ اڳياڙي (Preffix) آهي.

شاهہ لطيف چوي ٿو تہ: ”شيشي جا جُڙيل موتي قبول ٿيا، اصلي موتي واپس ٿي ويا، پنهنجي جهوليءَ ۾ نجُ، نيار ۽ سنا ٻول ۽ صحيح ڳالهہ ڪنيو ٿو وتان، پر ان جي آڇ ڪندي شرم محسوس ٿئي ٿي ڇو تہ ماڻهو سچ واري، پهرين جوڙ جي ڳالهہ کي سمجهڻ جي سُڌ نٿا رکن!“ (بلوچ، 2009: 124)

اَگهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪن موٽَ ٿِي،
پَلَئہ پايو سَچُ، آڇيندي لَڄَ مَران.

سنڌو سڀيتا جي اوڄ واري زماني (2500_1500ق.م) ۾ سنڌ جو واپار يورپ تائين پکڙيل هو. سنڌ ورڪي واپاري اوير ۽ اولهہ يورپ تائين پنهنجون شيون/ وکر پهچائيندا هئا. انگريزي لفظ بينگل (Bangle) معنيٰ چوڙي آهي. اهو نج ۽ آڳاٽو سنڌي لفظ (Proto Indus word) آهي، هريانا (India) جي هڪ سنڌو ماڳ جو نالو ’ڪالي بينگن‘ آهي، جنهن جي معنيٰ ’ڪاريون چوڙيون‘ آهي.

ڪتاب 'وادیٔ ہاکڑہ اس کے آثار' ۾ صديق طاهر، سر آرل سٽائن جي حوالي سان لکيو آهي ته:

"ڊاڪٽر تساتوري، 'ڪالي بينگن' واري ماڳ جي اپريل 1918ع ۾ معائني ڪانپوءِ هن جو نالو 'ڪالي وَنگُ' (Kali vango) ڄاڻايو آهي."
(طاهر، 1993ع: 41)

شاهه لطيف سر يمن ڪلياڻ ۾ 'ٻنگان' ۽ 'ٻنگ' ڪمان لاءِ استعمال ڪيو آهي، جيڪا آڳاٽي زماني واري چوڙيءَ جي ابتدائي صورت آهي.

"هڻ حبيب! هٿ ڪٽي، ٻنگان لهي ٻاڻ"

---

"چوري چنگ، ٻنگ لهي، حبيبن هنيوس"

سنڌو ماٿريءَ ۾ مختلف نسلن جي ميلاپ سبب سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ صوتياتي تبديلين جي ڪري معنيٰ متجڻ سنجڻ وارو فرق آيو آهي. اکر 'ٻ' ۽ 'و' پاڻ ۾ متجن ٿا. ان ريت ٻنگ ڦري 'ونگ' ٿيو ۽ 'ٻنگان' ڦري 'ونگان' ٿيو ۽ اڄ بہ سرائڪي ۽ پنجابيءَ ۾ 'ونگان' لفظ 'چوڙين' لاءِ ڪتب اچي ٿو ۽ اسان وٽ اهو لفظ شاهه لطيف جي رسالي ۾ ڪمان لاءِ استعمال ٿيو آهي، جيڪا پڻ چوڙيءَ جي ويجهڙي شڪل آهي. لفظ، بينگل= بينگن= ٻنگان= ونگان جو ڌاتو هڪ ئي آهي، جيڪو آهي 'ٻُ' (ڪمان = Bow) جنهن مان رينبو (انڊلٺ = Rainbow) ٺهيو. اهو بنيادي لفظ/ ڌاتو قديم سنڌو 'يڪ پد وارو' اکر 'ٻُ' آهي. اسان جي ٻوليءَ ۾ متروڪ ٿي ويو آهي. انهيءَ 'ٻُ' واري ڌاتوءَ مان سنڌ- يورپي ٻولين مان 'بين' ۽ بينڊ (Bend=Curve) 'بوم' ٺهيو. جنهن جي معنيٰ 'وريل' آهي. 'بوم'، آسٽريليا جي اصلوڪن رهواسين جو قومي هٿيار 'بومي رينگ' ننگر پارڪر جي ڪولهين جي 'ڪاتر' جهڙو آهي، جيڪا پڻ وَنگ جي شڪل ۾ آهي. اهي سمورا لفظ هڪٻئي سان ملندڙ جلندڙ ۽ هم معنيٰ واري لڙهيءَ وارا آهن.

ان ريت لفظ 'هٽ' (Hut)، 'دَرَ' (Door)، 'سوتر' (Suitor) معنيٰ سُٽ جو ٺهيل اوڍڻو. جنهن کي هاڻي انگريزيءَ ۾ سوئٽر چيو وڃي ٿو ۽ اهڙا ٻيا انيڪ لفظ، مي، مان ۽ مين (Me)، نام (Name)، ۽ نانءُ (Noun)، واءِ، وائل (Vowel) ۽ اهڙا ٻيا ڪيترا ٻيا لفظ جيڪي 'سنڌ-يورپي ٻولين' (Indo_European Languages)، واري آڳاٽي رشتي ۽ سنڌو تهذيب جي عروج واري واپاري اثر جي ثابتي ڏين ٿا.

پنجاب- لاهور ۾ داتا جي دربار تي چوڙيون وڪڻڻ وارا ڇوڪرا هي لوڪ

گيت ڳائيندا آهن: ان ريت يورپ، سنڌ ۽ پنجاب وارن هن اصلوڪي لفظ کي اڄ بہ سنواري ۽ سنپاري رکيو آهي.

"ونگاں چڑھالو کُڑيو!
ميرے داتا دی دربار دياں۔"

سنڌو تهذيب پنهنجي اوُج واري دؤر ۾، هڪ ترقي پسند ۽ اڳتي وڌڻ وارو جوهر رکندڙ سڀيتا هئي، جيڪا پنهنجي اوج ۽ عروج واري زماني ۾، دنيا جي هڪ وڏي علائقي سان لهہ وچڙ ۾ آئي ۽ ان تي پنهنجا گهرا سماجي اثر ڇڏيائين ۽ ڪيترن ئي سڀيتائن کي جنم ڏنائين.

اوميل هن حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي چيو آهي تہ:

”دراوڙي- سنڌو ٻولي، فنلئنڊ، هنگري، ترڪي، منگول ۽ اِسڪيموز ٻولين اندر موجود آهي.“ (Aoumiel, 1994: 116)

’آڳاٽي سنڌي ٻولي‘ (Proto Indus Language) سنڌو تهذيب جي اوج واري شهري دؤر (Mature urban phase) ۾ ننڍي کنڊ جي هڪ وڏي حصي ۾ عام رابطي ۽ لاڳاپي واري ٻولي هئي. اِها هڪ عالمگير سنڌو تهذيب جي ٻولي هئي، جنهن سماج جي هر رُخ کان دنيا تي پنهنجو اثر وڌو.

المسعودي پنهنجي ڪتاب، ’مُروج الذهب‘ ۾ (332_330هہ) ۾ لکي ٿو تہ:

”سنڌ جي ٻولي هندستان جي ٻولين کان نياري آهي.“ (Elliot, 1976: 24)

هو وڌيڪ لکي ٿو تہ:

”هندستان جي ’راجائن جي راجا‘ (King of Kings) ’بلهرا‘ (ٻلپارا) جي ٻوليءَ کي ’ڪيرا‘ علائقي جي ڪري ’ڪيريا‘ (Kiriya) پيو آهي. جتي اها ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، سئمور (Saimur)، سبارا (Subara)، تانا (Tana) ۽ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ لاڙي (Lariya) ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. هن ٻولي جو نالو سمنڊ ڪري پيو آهي.“ (Elliot, 1976: 24)

اهي ٻوليون سنڌي ٻوليءَ جا لهجا (Dialects) آهن، جيڪي اڄ بہ لاڙي ۽ ڪڇيءَ جي صورت ۾ محفوظ آهن. سنڌي ٻوليءَ جو هڪ پهاڪو بہ انهن علائقن بابت آهي تہ:

سُمير ۾ نہ ساريون، ڪلر ۾ نہ ڪماند،

اڄ بہ ڏيپلي پاسي واري پَٽ جي ’سميري ڍنڍ‘ انهيءَ سئمور (Saimur) واري علائقي جي ياد ڏيارين ٿيون.

قديم آثارن جي ماهر ايل. فيئر سروس (L. Fair Servis) آڳاٽي ايلمتي لکت ۽ سنڌو لکت جي هڪ جهڙين صورتن تي تحقيق ڪندي، ان جي پيٽا وار تختي تيار ڪئي آهي.

هن آڳاٽي ايلمتي دراوڙي ٻوليءَ جي حدن ۾ ايران، ڏکڻ افغانستان، موجوده سڄو پاڪستان ۽ ڏکڻ هندستان جو اهو علائقو ڄاڻايو آهي، جيڪو سنڌو سلطنت (Indus Empire) جو چوٿون ۽ ڏاکڻون صوبو هو.

سنڌي ٻولي نندي ڪنڌ ڪانسواءِ دنيا جي هڪ وڏي ڀاڱي جي رابطائي ٻولي پڻ هئي، اِهو سيڪجهہ ان قديم پراچين سنڌو سماج جي معاشي ۽ واپاري هلچل جي ڪري ممڪن ٿيو هو.

**آريا، آري ۽ هاري:** يورپ ۾ ٻن صدين 1818ع کان 2017 ع تائين وڏو بحث ۽ مانڌاڻ مچائيندڙ لفظ ’آريا‘ اصل ۾ سنڌو سپيتائي لفظ آهي ۽ نام نهاد آرين جي اچڻ کان گهٽ۾ گهٽ اڳ موهن جي دڙي واري اوائلي ۽ اوج واري دؤر ۾ اهو لفظ قديم سنڌو لکت ۾ موجود رهيو آهي ۽ هڪ معزز ڪِرت سان واڳيل هئڻ جي ڪري دنيا جي انيڪ سنڌ ـ يوربي ٻولين ۾ مختلف صورتن ۾ پر ساڳي معنيٰ ساڻ موجود آهي.

هيءُ هڪ قديم سنڌو ٻوليءَ جي ’ڏاتو‘ وارو لفظ آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ’آري‘ صفت ۽ اسم ٻنهي طور موجود آهي. اهو اسم ماڄر جي مهاڻن کان وٺي قلات جي هوت ذات وارن جتن وٽ ’نالن‘ ۽ لقب طور موجود آهي.

عطا محمد ڀنڀري ڪتاب ’Indus Script‘ ۾ ’آر‘ جي معنيٰ ساراهيل ڪئي آهي ۽ ان جي موهن جي دڙي واري اکري صورت  = Aar ’آر‘ ۽ ’سار‘ جي اکري صورت  = Sar ڄاڻائي آهي. هن جو پانيو آهي تہ ”اهو ريڪٽڪ (Ractak) جو پٽ آهي، جيڪو سارين ۽ ساريجن جو وڏو ڏاڏو ٿي سگهي ٿو.“ (Bhanbhro, 2012: 27_28)

عربي ٻوليءَ ۾ اسم ’مُحَمَّد(ﷺ)‘ جي معنيٰ بہ واکاڻيل ۽ ساراهيل آهي. ان ئي ڪري شاهہ لطيف، سُر حُسينيءَ ۾ انهيءَ اسم ’مُحَمَّد(ﷺ)‘ کي ’آرياڻيءَ‘ جي هم معنيٰ ۽ مترادف اسم قرار ڏيندي چيو آهي تہ،

”ٻُرو هو ڀنڀورُ، آرياڻيءَ اُجاريو.“

’سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي لغت‘ ۾ لکيل آهي ته:

”هي هوت قوم جي سردار جو لقب آهي، جنهن جي معنيٰ شريف خاندان آهي، هي قوم آڳاٽي، بڻائتي ۽ اصل راجپوت نسل مان آهي. ايئرين ٻي صدي عيسويءَ ۾ تصنيف ڪيل جاگرافيءَ ۾ ’اوريتائي‘ لوڪن جو ذڪر ڪيو آهي.“ (فهميده، 2004ع: 4)

جرمن لوڪن، سامي نسل واري مذهبي ’يهوديت‘ جي اثر کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ’آريا نسل‘، ’آريائي ٻولي‘ واري ٻانئي کي هٿي ڏني، هنن پنهنجا بنياد ايشيا ۾ ڳوليندي وسان ڪونه گهٽايو، اهڙي تحقيق اڄ به جاري آهي.

”آڪسفورڊ جو هڪ پروفيسر ايف.آر آلچن اڄ به لسانيات ذريعي آرين جي کوجنا ۾ مصروف آهي.“ (ملڪ، 2002ع: 115)

فرانس ۾ آريائي خيال ۽ تصور رکندڙن مان هڪ اهم نالو رينان (Renan) جو آهي. آريائي نظريي جي باني ميڪس مولر ۽ فلسفي رينان جي حيثيت ساڳي آهي. رينان کي بين الاقوامي سَنَدَ حاصل آهي. رينان جي ذهني تشڪيل جرمن فلسفي ۽ علم اشتقاق ڪئي، هو لکي ٿو ته:

”سامي لوڪن جي ڪرڻ لاءِ هاڻ ڪوبه اهم ڪم ناهي رهيو. اسان کي جرمن ۽ سيلٽڪ رهڻ گهرجي ۽ پنهنجن ابدي عقيدن کي محفوظ رکڻ گهرجي.“ (ملڪ، 2002ع: 232)

**آري:**

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام جي سُرن: آبري، معذوري، ڪوهياري ۽ حُسينيءَ ۾ پنهونءَ جي پيءُ کي ڪٿي ’آري‘ ۽ ڪٿي ’آري ڄام‘ واري ’مانواري‘ لقب سان ڪوٺيو آهي. ’ڄام‘ نجو سنڌ جي سمن جو لقب رهيو آهي. شاهه لطيف چوي ٿو:

ڪيچئون ڪيچي آيا، منهنجا رت نه هئا رتي،
آريءَ جي اولاد ۾، منهنجي پُنهل منجهه پتي،
چڏي سَسُئي سُڃ ۾، ويا آڏيءَ جو اُتي،
آءٌ پير نه ڇڏيندس پنهل جو آهيان جانب جي جتي،
سورن جي سُتي، مون کي ڏئي ويا ڏير ڏهاڳ جي.

* مان وِرمَنِ وچ ۾، اولاڻي اُتَ آري.

* اُنءِ تان اوتين نہ ڪِئو، آريءَ اُتن جئن.
* اُونءِ تان اوتين نہ ڪِئو، جئن اُتن آري جام،
* ڪو جو لڳُس ڪانُ، آريءَ جي عشق جو.
* ٻاروچا ٻئا گهڻا، منهنجو اَجهو آرياڻي.
* آريءَ جو اُهڪُ، مون رِهنُما رَاهَہ ٿِيو.
* آرياڻي پنهونءَ ري، ڙي سرتيون منهنجي ڪانہ سري.
* اچين جي آري، تہ پاند پني لڪ لنگهيان.

(شاهہ)

شاهہ لطيف جي سهيوڳي ۽ بزرگ صوفي شاعر ميين شاهہ عنات بہ اهو لفظ صفت طور 'عزت واري'، 'مانواري' طور استعمال ڪيو آهي. شاهہ عنات چوي ٿو:

* جن جو آرياڻي اڳواڻ، تن کي ڪانهي ٻاڪ ٻَهِير ۾،
* آرياڻيءَ جا، عناتُ چئي، ڏونگر ڏيندءِ ڏِس،
* آرياڻي، عِناتُ چئي، ڪي جي ڪِيڙا قولَ.
* سگهي لهندءِ ساز، آريجا عنات چئي.
* آجپڻ عنات چئي، هت آريچن آهي.

(عنات: 2010: 240، 250، 251)

## آري ۽ هاري:

قديم سماجي ڪِرت واري دؤر ۾ جڏهن ماڻهو، ڏوٽي، شڪاري ۽ مالوند هئا. ٻاروهي ڏت، شڪار ۽ مال جي تانگهہ ۽ سائي جي سانگ ۾ پيا مختلف ماڳن تي ڦرندا هئا. اهڙي هنڌ هنڌ ڦِر ڦِران واري آوارگي ۽ لڏپلاڻ واري دؤر ۾ جَن ماڻهن پوکي راهي واري ڪِرت کي اختيار ڪيو ۽ ٽانيڪا ٽي ڳوٺ ٻڌي ويٺا. تَن پاڻ کي مهذب ٿي ڪوٺايو هوندو ۽ اهي لوڪ هنن سمورن ڏت، شڪار ۽ ڏنارڪي ڪِرت ڪرڻ وارن ۾ مانائتا هئا. جو هنن ابتدائي ڳوٺاڻي زندگيءَ واري زرعي سماج کي قائم ڪيو ۽ اهو ڳوٺاڻو سماج واڍو پوکيءَ واري اُپت مان اُسري، اوائلي شهري سماج ۾ گهڙيو، جتي واڍو اُپت بازار کي جوڙيو ۽ ڏيتي ليتيءَ وارو شهري سماج اُسريو.

"هر هلائڻ لاءِ لاطيني ٻوليءَ ۾ فعل (Verb) 'آرو' (Aro) آهي، پوکي جوڳي زمين لاءِ لفظ 'اريبل' (Arable) آهي، سنڌ يورپي ٻولين ۾ 'ڏنڌن وارو هر' (Harrow) 'سماڳو' آهي، قديم ناروي ٻوليءَ ۾ ان جو مادو 'هروي' هو. اِهو لفظ 'Harvest' جو بہ مادو آهي. جرمنيءَ ۾ بہ 'Harfest' آهي. عربي ٻوليءَ ۾ 'حارث' جي معنیٰ هاري آهي." (احمد، 2004ع: 198_199)

هن جديد دنيا جڙڻ کان گھڻو اڳ قديم دنيا ۾ بہ مختلف ڪِرت ڪندڙ سماجن واري انسان جو انسان سان لاڳاپو تهائين پڪو پختو رهيو آهي، هنن هڪٻئي کان سکيو ۽ پرايو آهي. ان ريت هڪ مهذب دنيا کان گهٽ مهذب يا وڌ مهذب دنيا ڏانهن نہ رڳو فن ۽ هنر جو سفر جاري رهيو، پر ٻولين جا بہ لفظ هڪ سماج کان ٻئي سماج، هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏانهن ۽ ان ريت ڪنڊ ڪنڊ وڃي پهتا. ان ريت 'آري' لفظ مختلف شڪلين ۾ پوکي راهي ڪندڙ ۽ مانائتن ماڻهن لاءِ ڪتب ايندو رهيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'آرائين' باغ وارو ماڻهو آهي ۽ سنڌو ماٿر (سنڌ _ پنجاب) ۾ پوکي راهي ڪندڙ لوڪ آرائين ڪوٺجن ٿا.

هنن سڀني لفظن آري، آرياٽي، آريجا، آريچا جي معنیٰ هر صورت ۾ 'مانوارا' (Honourable) ٿئي ٿي. هيروڊوٽس 'آريا' جي اصطلاح ميد ۽ ايرانين تي استعمال ڪئي هئي، جتي هن لفظ جو اُچار 'آرين' (Arian) آهي ۽ ان مان مطلب قديم ميدين آهي.

"سن 1819ع ۾ فريڊرڪ شليگل (Frederak Shalegal) ان لفظ جو تمام گهڻو واهپو ڪري مقبول بڻايو. هن لفظ آريا جو 'بڻ' آري (Ari) آهي. هن ان کي جرمني ٻوليءَ واري لفظ 'اهري' (Ahre) سان گڏي ڇڏيو. ان جرمن لفظ 'اُهري' (Ahre) جي معنیٰ عزت ۽ مان آهي. ٻنهي لفظن جي بُڻ ۽ مطلب هڪ ئي آهي. ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي بہ انهيءَ ڳالهہ سان سهمت ٿيندي نظر اچي ٿو." (آڏواڻي، 1980ع: 211)

انهيءَ دؤر ۾ جڏهن اجا ڏوتي، شڪاري ۽ مالوند سماج وڏي اوج سان تڳي رهيا هئا. ان دؤر ۾ ڳوٺ ٻڌي ٽانيڪا ٿي پوکي راهي ڪرڻ وارا لوڪ اُتم انسانن جي ليکي ۾ آيا ۽ 'عالي' يا 'آري'سڏيا ويا.

"ڪن تاريخ لکندڙن آرين کي مهذب ۽ شريف بہ سڏيو آهي."
(Moreland, 1936: 73)

مونيئر وليئم 'آريا' لفظ جو ڌاتو:

"سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ 'ري' (Ri) ۽ 'آر' (Ar) ۽ لاطينيءَ جي لفظ 'ايراٽروم' (Aratrum) مان ورتو آهي. جنهن جي معنيٰ هر هلائڻ ٻڌايو آهي." (Monier, 1936: 397)

ان ريت اها ڳالهه صاف ٿي وڃي ٿي ته:

"آرين جو مطلب شريف ۽ مهذب ڪونه آهي، پر هاري ماڻهو آهي، اهي ماڻهو جيڪي هر هلائن، پوکي راهي ڪن ۽ مال ڌارين ٿا."
(Monier, 1936: 396)

بنجامن واڪر 'The Hindu World' ۽ شري ڪانت تلاگيري 'Rigveda Historical Analysis' ۾ لکن ٿا ته:

"رگويد هڪ لک ٽيونجاهه هزار اٺ سؤ چويهه پَدَن (لفظن) وارو گهاتو جهنگ آهي. ان ۾ رگو چوٽيهه نظمن ۾ اِهو لفظ آريا ڪٿي ڪٿي ڇٽيهه ڀيرا استعمال ٿيو آهي. رگ ويد ۾ اِهو لفظ عزت سان سامهون واري لاءِ ڪتب آندو ويو آهي. جيئن اسان محترم، جناب، شري، يا شريمان چوندا آهيون. جيئن "رامائڻ ۾ راوڻ جي زال ڪيس 'آريا پتر' چئي ڪري ساڻس ڳالهائي ٿي." (Thapar, 2000: 3_4)

شاهه لطيف جي رسالي جي ڇهن سُرن: آبري، معذوري، ڪوهياري ۽ حسينيءَ ۾ اهو لفظ 'آري'، 'آرياڻي' ۽ 'آريجن' وارو ساڳي ويدن واري معنيٰ ساڻ: 'معزز'، 'مانوارو' ۽ 'اعليٰ' لقب وارو لفظ ستر ڀيرا ڪان وڌيڪ استعمال ٿيو آهي.

### آري ڄام:

ان ريت اِهو لفظ 'آريا' هر صورت ۾ اڳاتو سنڌو لفظ آهي ۽ ڪٿي ڪنهن مخصوص نسل لاءِ ڪتب نه آندو ويو آهي. گهڻو ڪري شاهه لطيف آريءَ سان گڏ 'ڄام' لفظ ملايو آهي. ڄام سنڌ جي سما حاڪمن جو لقب به آهي ته تخليق جي خدا جو 'زند اوستائي' نالو به 'جم' آهي.

* اصل آريءَ ڄام جي، پَلءِ آئون پيئي.

* اصل آريءَ ڄام جي، سڳي تون نه سياءِ.

اِهو 'آريا' لفظ مُنڍ کان وٺي مهذب ۽ مانواري لاءِ ڪتب آندو ويو. ڪتاب

’اندالاجي‘ ۾ لکيل آهي ته:

”راوڻ جو پٽ جيڪو پاڻ کي ’آريو‘ سمجھي ٿو، پنھنجي چاچي ۽ پيشن کي جيڪو رام کي حق تي سمجھي ٿو، هن کي ’اڻ آريو‘ چئي طعنو ڏي ٿو.“ (ملڪ، 2002ع: 224)

هندي لفظ ’اناڙي‘ اصل ۾ ’اڻ آري‘ آهي، معنيٰ جنھن کي باغباني ۽ زراعت جو هنر نه ايندو هجي. دنيا ۾ زراعت- پوکي راهي واري ڪِرت سڀ کان اول سنڌو واسين شروع ڪئي، ان ريت اهو لفظ ’آري‘، ’آريو‘ به وڻج واپار سبب ٻي دنيا تائين پھتو ۽ اُتي ٻين سنڌي رسمن سان گڏ مروج ٿيو.

لفظ جڙڻ ۽ عام واهپي ۾ اچڻ کانپوءِ اهي ثقافتي جوڙجڪ ۽ معنيٰ ۽ مفھوم واري دائري کان نڪري نسلي سياسي لسانياتي دائري ۾ به داخل ٿي سگھن ٿا. جرمن لوڪن يھودين جي دائري ۽ اثر کان نڪرڻ لاءِ، هن مھذب ۽ غير مھذب آريا ۽ اڻ آريا واري اصطلاح کي جنھن ريت ڪتب آندو ۽ ان جي ڪري انسان ذات کي ٻن مهاڀاري جنگين کي منھن ڏيڻو پئجي ويو.

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ لفظ ’آري‘، ’آرياڻي‘، ’آريجا‘ ۽ ان سان لاڳاپيل لفظ عزت ۽ احترام لاءِ ڪتب آندا ويا آهن ۽ رڳو سنڌ جي مخصوص ذات- هوت لاءِ نه ڪتب آندا ويا آهن. جھڙيءَ ريت ’ڄام‘ لفظ ماروي جي مڱيندي ’کيت‘ ۽ نوري واري ور ’ڄام تماچي‘ ۽ ويندي زرتشت جي ڪتاب، ’زند اوستا‘ ۾ تخليق جي خدا ’جَمُ‘ لاءِ به استعمال ڪيو آهي. جھڙوڪ:

* ڪٿيءَ ۾ ڪتيائين، مارو ڄام ملير جو.
* وڏي ڄام ڄمار، جنھن مياٽيون موڪيون.
* نه ڪِنھه ڄائو ڄام کي، نڪو ڄام وياءُ.

يورپي ٻولين ڏانھن اهو لفظ ’آريا‘، ’آري‘ قديم سنڌو لوڪن جي دنيا ۾ واپاري ڪِرت سبب ڦِرڦران واري دؤر (Wandering period) ۾ سنڌوندي جي ڄاڀلو لام ۽ هيٺين لام وارن لوڪن مان ئي منتقل ٿيو ۽ گھڻو امڪان آهي ته اهو مالوند ۽ وانڍيون ناهي عارضي پوکون ڪندڙ لوڪن جي پرئي مڙس لاءِ ڪتب ايندو هو. جيڪو پوءِ ’آري‘ ۽ ’اهري‘ مان ڦرندو ’آنر‘ (Honour) ۽ ’آنريبل‘ (Honourable) واري صورت وچي اختيار ڪيائين.

سڄي دنيا ۾ اهڙيون لفظي هڪجهڙائيون موجود آهن، انھن جي آثار تي ڪو

’هڪ نسلي ۽ هڪ ٻوليائي‘ يا ’هڪ ڇپر هيٺ رهڻ‘ وارو ’لساني نظريو‘ جوڙڻ هڪ غير سائنسي عمل ٿيندو. سنڌ- آريائي ٻولين واري سرشتي ۾ مٿي مائٽي واري اسمن، براهتر ۽ برادر، ماتر ۽ مدر، پدر ۽ فادر، ڏُهتر ۽ ڊوٽر کان علاوه باقي اسمي لفظ منو ۽ نوح، ابراهيم ۽ برهما، ساره ۽ سرسوتي، سرنجوس ۽ آرياٽي، ماروت ۽ مارس جهڙا تصديق هيٺ ثابت ٿيا ۽ ٻيا اسمي لفظ، سامي ٻولين، سنسڪرت ۽ سنڌ- يورپي ٻولين ۾ ساڳيا آهن.

اهڙين لفظي هڪجهڙائين جي آڌار تي پروفيسر شريف ڪنجاهي جو مقالو ’Punjab Scandenavian Language Contact‘ ۽ عربي ۽ انگريزي لفظي هڪجهڙائين تي، محمد احمد مظهر جي سهيڙيل ڪتاب ’English Traced to Arabic‘ مان ڪو اهڙو نتيجو ڪيڻ تہ ’اهي ٻوليون هڪ ئي ڇت هيٺ رهندڙ خاندان جون جدا جدا شاخون آهن يا اهي سمورا، سنڌ-يورپي ٻوليون ڳالهائيندڙ لوڪ هڪ ئي نسل مان اُسريا آهن‘ بنهہ غلط تحقيق ليکي ويندي. ايچ.اولڊن برگ، ڪتاب، ’Ancient India its Language Religion‘ ۾ لکي ٿو تہ:

> ”رڳو لفظن جي ٻن يا ٽن وينجڻن (Consonants) وارن مادن مان، اُن جي اصليت ڳولڻ ۽ ان مان تاريخ جوڙڻ هڪ خطرناڪ عمل آهي. ان سان غلط نتيجا مرتب ٿيڻ جو پڪو امڪان آهي.“ (Oldenberg, 1962: 55_57)

فريڊرڪ ميڪس مولر (Fraderic Max Muller) جو آريائي نسل وارو ڍُڪو بہ اهڙي ئي لفظي هڪجهڙائين تي آڌاريل هو. ان ۾ انهيءَ ڳالهين جو جائزو ئي نہ ورتو ويو آهي تہ اهي لفظي هڪجهڙائيون ۽ اهي لفظ قديم ۽ ابتدائي دؤر وارن، شڪاري ۽ ڌوتي انساني قبيلن جي لڏپلاڻ ۽ سنڌو سڀيتا جي وڌج واپار اوج ۽ عروج، ڊرڪڻ ۽ اُسرڻ واري تهذيبي ۽ واپاري لاڳاپن جي دؤرن ۾ هڪبئي ڏانهن منتقل ٿيا آهن.

دنيا جي مختلف کنڊن جي انساني سماجن جا لاڳاپا اڄ جي برق رفتار رابطائي دؤرن کان گهڻو آڳاٽا آهن. اهي لاڳاپا قديم تهذيبي خاص طرح مذهبن جي تبليغ، واپار ۽ لڏپلاڻ واري دؤر ۾ جُڙيا ۽ هڪبئي جي سڀيتائن جي اوسر ۽ ترقيءَ جو ڪارڻ بہ رهيا.

### قديم سنڌ- يورپي ٻوليءَ جو هڪ ڇت هيٺ وارو آريائي نظريو:

آريائي نظريي کي پکڙيندڙ ميڪس ميولر (Max Muller) اها هام هڻي ٿي تہ هو تمام جلد انهيءَ وطن کي نشانبر ڪندو، جتي سمورا آريائي نسل هڪ هنڌ تي رهندا هئا. يورپ ۾ انهيءَ نظريي جو نالو ’ساڳئي ڇپر هيٺ‘ (Under the Same Roof) مشهور

ٿيو، ان نظريي جو پاڻيو آهي تہ:

”هڪ آڳاٽي زماني ۾ ايراني، انڊين، جرمن، يوناني، رومي، ڪيلٽڪ ۽ سلاوڪ لوڪن جا ابا ڏاڏا گڏجي هڪ ويڙهي ۾ نہ پر هڪ ڇپر هيٺ رهندا هئا.“ (Muller, 1862: 213)

اڳتي هلي ميڪس مولر انهي آريائي- نسلي نظريي تان هٿ کڻي ويو هو ۽ چيو هئائين:

”جڏهن آءٌ آريا نالو کڻان ٿو تہ تڏهن منهنجو مقصد رت، هڏ، وار ۽ کيپراٽي نہ آهي، منهنجو مقصد اهي لوڪ آهن جيڪي آريائي ٻوليون ڳالهائن ٿا.“ (Muller, 1888: 22)

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ ’سنڌ- يورپي ٻوليون‘ (Indo _ Europian Languages) گهڻو تڻو يورپ ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ هيل تائين انهيءَ جي بنيادي، ’آڳاٽي سنڌ- يورپي ٻولي‘ جي ڳولا ۾ مسئلو گهڻو منجهندو ويو. خاص طرح سان قديم آثارن جي کوٽاين ۽ کوجنا کانپوءِ ننڍي کنڊ جي هڪ وڏي جاگرافيائي علائقي ۾ ڏهن کان ٻارهن لک چورس ڪلوميٽر ۾ پکڙيل سنڌو تهذيب ۽ سنڌو سلطنت جو ظاهر ٿيڻ ۽ اها بہ ’ڪرٽيا ڪاريا تاريخ‘ (Radio Carbon Dating) موجب ثابت ٿيل آهي نہ ڪي پاڻيو ڪيل آريائي لوڪن جي زماني کان گهڻو آڳاٽي ثابت ٿي چڪي آهي. اهڙي صورت ۾ اسان کي تمام قديم زماني ڏانهن موٽڻو پوندو. هزارين سال قبل مسيح ۾، اهي سنڌو سپيتائي ماڳن وارا شڪاري، ڌوٽي، ڌڻوند واپاري، واپاري لوڪ پيٽ قوت لاءِ کنڊ کنڊ لتاڙيندا وتندا هئا ۽ ايشيائي ماڳن کان نڪري ڪِريٽ جي ٻيٽن، پوءِ يونان کان ٿيندا اوپر يورپ ۾ وڃي آباد ٿيا ۽ انهي هزارين سالن جي سفر ۾ سپيتائون جوڙيندا ويا.

آريا لقب اختيار ڪندڙ لڏو ڪاٺو قبيلا اصل ۾ ڌڻوند لوڪ هئا، هو ڪنهن سبب يا موسمي تبديليءَ جي ڪري جابلو ماٿريون ڇڏي، سنڌونديءَ جي ميداني علائقن ڏانهن ڪي هزار سالن تائين هوريان هوريان ايندا رهيا هئا. عين الحق فريد ڪوٽي پنهنجي مقالي ’Pre_Aryan origins of the Pakistani Languages‘ ۾ لکي ٿو تہ:

”3500ورهيہ اڳ آريا لوڪ رڍن ۽ ٻڪرين جي ڌڻن سان گڏ سنڌوماٿري ۾ اچڻ لڳا. سنڌوماٿري هڪ زرعي سماج هو، انڪري اُن وقت مسئلا پيدا ٿيا، جڏهن ايڏا وڏا مال جا ڌڻ پوکيل فصلن ۾ ڪاهي پيا ۽ ان جي نتيجي ۾ جهيڙا جهٽا شروع ٿيا، ڪٿي ڪٿي انهن ڌڻوند لوڪن مڪاني ماڻهن

ڪي شڪست ٻہ ڏني، پر اوس فتح، مڪاني لوڪن جي ٿي ۽ آرين ڪي سپت سنڌو واري علائقي مان نڪرڻو پيو.“

(Fridkoti, 1991: 20)

آريائي لوڪن لاءِ ايچ. جي ويلز، ڪتاب ’مختصر تاريخ عالم‘ ۾ عام طرح سان مالوند لوڪن جي چڱي ماڻهوءَ واري راڄنيتيءَ طريقي بابت لکي ٿو تہ:

”رومي سمنڊ جي ڪنارن تي آباد ماڻهن وانگر، هنن جي سماجي زندگيءَ جو محور مندر نہ هو، هنن جا سردار سورما هوندا هئا نہ ڪي پروهت، هنن وٽ هڪ الهامي نظام بدران هڪ اشرافي سماج وارو نظام رائج هو. هنن جي خاص خاندانن جي اشرافيہ ڪي رهبر خاندان طور مڃيو ويندو هو.“

(ويلز، 2005ع: 87)

آريائي لوڪن جو ويدن کانپوءِ ٻيو وڏو ۽ اهم ڪتاب ’زند اوستا‘ آهي، انهيءَ پيغمبر زرتشت ۽ هن جي گهرياتين جي نالن مان ئي ظاهر آهي تہ اهي پهون پهريندڙ لوڪ هئا نہ ڪي سنڌوسيپتا يا ڪن ٻين تهذيبن جا جوڙيندڙ هئا. جهڙوڪ: ’زرتشت‘، (پيلو اٺ)، زرتشت جي پيءُ جو نالو ’پوروشسپا‘ (پورن گهوڙن جو مالڪ)، ماءُ جو نالو ’دغدودا‘ (ڳئون پال) ۽ زال جو نالو ’حووي‘ (پلن پسوئن جي مالڪياڻي) ان ريت سندن نالا سندن اصلوڪي ڪِرت جي آڌار تي رکيل آهن ۽ اهي صاف ظاهر ڪن ٿا تہ اهي مالوند لوڪ هئا.

جڏهن تہ سنڌو تهذيب جي اوائلي ماڳ ’مهر ڳڙهہ‘ جي شروعات 5000ق.م ڌاري ٿي چڪي هئي ۽ ان کانپوءِ 3500ق.م ۾ آمري واري تهذيب جُڙي هئي. رفيق مغل موجب:

”موهن جي دڙي جي عظيم ثقافت جو بنياد ٽي هزار (3000) سال قبل مسيح ۾ پئجي چڪو هو، جو آهستي آهستي اڍائي هزار (2500) سال قبل مسيح اُها ثقافت هڪ عاليشان تهذيب جي صورت اختيار ڪري چڪي هئي.“

(مغل، 1973ع: 75)

انهيءَ آريائي لوڪن جي ڏندڪٿائي قصي تي مور لينڊ (Moreland) جو رايو آهي تہ:

”جيڪڏهن نام نهاد آرين جو وجود ’سنڌ‘ ۾ فرضي طور قبول بہ ڪيو ويو تہ پوءِ بہ ائين چوڻو پوندو تہ اُهي سنڌوماٿر جي عاليشان بادشاهت جي تباهيءَ جا ذميوار هئا ۽ نہ ان ڪي بنائڻ ۽ جوڙڻ جا مالڪ هئا.“

(Moreland, 1936: 10)

”جيڪڏهن فرضي طور آرين جي اچڻ کي سنڌ ۾ قبول به ڪجي ته پوءِ به اُهي چوڏهن سؤ (1400) قبل مسيح ۾ آيا هوندا.“ (Rapson, 1922: 72)

اوميل ان بابت صاف ۽ چٽن لفظن ۾ اهو به لکي ٿي ته:

”تهذيب آرين جي پيداوار هُئڻ واري ڳالهه هڪ ڏندڪٿا کان وڌيڪ ڪانه آهي.“ (Aoumiel, 1994: 162)

آريائي نسل ۽ ٻولين جي نظريي، يورپ خاص طرح سان فرانس ۾ وڏي پذيرائي حاصل ڪئي، انهيءَ لساني بنيادن تي لاسن (Losin) جي ساٿي آگسٽ فريڊري پاٽ (August Fredert Pott) چئي ڏنو ته:

”يورپي قومن جو بنياد ايشيا آهي.“ (ملڪ، 2002ع: 228)

رشيد ملڪ، ڪتاب ’انڊالاجي‘ ۾ ’آگسٽ فريڊرڪ پاٽ‘ جي حوالي سان لکي ٿو ته:

”ڪلچر سج جي رستي سان سفر ڪندو آهي، تمام يورپي ماڻهو، ايشيا جا رهندڙ هئا ۽ ننڍڙن ابهم ٻارڙن وانگر پنهنجي ماءُ جي پرپاسي ۾ راند روند ڪندا هئا. ڪوهيڙي ۾ ورتل يادن کي تازو ڪرڻ جي ضرورت ناهي رهي. اسان کي واقعاتي ثبوتن تي پروسو ڪرڻ گهرجي، جيڪي ثبوت اسان کي يورپي ۽ ايشيائي ٻوليون پهچائن ٿيون ۽ ڪٿي به نه بلڪ اُتي بني نوع انسان جي روحاني توانائين جي تربيت گاهه ۽ کيڏڻ ۽ ڪڏڻ جو ميدان آهي.“ (ملڪ، 2002ع: 2228)

ڪوويئر (Cuvier) [1832_1769] انساني نسلن جي ترتيب لساني بنيادن تي ڪئي، هن کان ڏهه سال پوءِ مشهور تاريخدان مثلي (Michelet) پنهنجي ڪتاب 'History of Rome' ۾ سامي (Sami) ۽ سنڌو جرمن (Indo_Jurman) اصطلاحن کي استعمال ڪندي لکيو ته:

”سج جي رستي سان ۽ مقناطيسي لهرن جي رُخ سان انسان ذات جي سفري واٽ سان هلو، ايشيا کان يورپ تائين ۽ انڊيا کان فرانس جي سفر جو نظارو ڪيو. انساني سفر جو مکيه ماڳ انڊيا آهي. تمام انساني نسلن ۽ مذهبن جي جنم ڀومي انڊيا آهي. اها سڄي دنيا جي ماءُ جي پيٽ ۾ نيپاج واري جڳهه آهي.“ (ملڪ، 2002ع: 230)

ان ريت يورپي ليڪڪن جي هڪ وڏي تحريري سلسلي ۾ بائبل ۽ ٻين حوالن سان هماليائي جابلو سلسلي ۽ ڪوهه قاف جي اوچين چوٽين جي وچ تي، تبت جي اُتاهين پوٺن کي انساني پناهه گاهه قرار ڏنو. جيڪي حضرت نوح عليہ السلام واري طوفان کان بچي نڪتا هئا.

ان ريت اهو پانيو اُسريو تہ هر طرح سان آدم ثاني حضرت نوح وارو اولاد سنڌونديءَ جي مٿين جابلو لام مان اوسر ڪئي ۽ پوءِ سڄي دنيا ۾ پکڙيو. سنڌو جي مٿين لام وارن ڏنار لوڪن، هڪٻئي جي ڪِرت وارا لفظ 'آري' ۽ 'ڏراڙ' (دراوڙ) ضد ۽ انا ۾ هڪٻئي مٿان مڙهيا، ۽ هڪٻئي جي مذهبي روايتن تي بہ ڏاڙو هنيو. سمورا ويد سنڌو لوڪن جا جوڙيل آهن، جن کي آرين اُلٽو ڪري خاص ماڻهن جي ٻولي سنسڪرت (سم + ڪِرت) ۾ آندا. اهي اڄ بہ پنهنجي جوڙجڪ ۾ ديسي ۽ لوڪيہ رچنائون آهن. ان ريت مٿي جابلو لام وارا ڏنار لوڪ آريا ۽ هيٺين ميداني علائقن واري لام جا لوڪ دراوڙ (ڏنار) ڪونجڻ ۾ آيا. جيڪي مٿين لام وارن لوڪن-آرين جي مهذب ٿيڻ کان گهڻو اڳ سنڌونديءَ جي ڪنارن سان ميداني علائقن ۾ سنڌو تهذيب جوڙي چڪا هئا.

> "ويدي آريا لوڪن جو پرڏيهي هئڻ ۽ انڊيا ۾ اچڻ جي بہ تاريخ ۾ ڪابہ شاهدي نٿي ملي. ان ڳالهہ جي ابتڙ هن امر لاءِ ڪوڙ لساني شاهديون موجود آهن تہ ويدي آريا پاڻ سپت سنڌو واري علائقي کي پنهنجو وطن قرار ڏيندا هئا." (ملڪ، 2002ع: 249)

ڪنهن پوءِ تان لڏي ويندڙ لوڪن جي قومي يادن ۾ وطن جي ياد هميشہ قائم دائم رهندي آهي، قديم فونيشي ۽ مصري لوڪن کي پنهنجي وطن جو نالو تہ ياد رهيو پر اهو ياد نہ رهيو تہ سندن اڳوڻو وطن ڪٿي هو. گهوش پنهنجي ڪتاب 'The Aryan problem' ۾ لکي ٿو تہ:

> "رگ ويد ۾ بيان ڪيل جاگرافيائي ماڳن ۾ ان ڳالهہ جي چٽي شاهدي ملي ٿي پنجاب ۽ ان جي پرپاسي وارا علائقائي آريا لوڪن جو وطن هو. اهو ثبوت نٿو ملي تہ هنن جا وڏا ڪن ٻين ملڪن کان لڏي پلاڻي انڊيا آيا هجن." (Ghosh, 1957: 215_217)

الائيس البينيا ڪتاب، 'سنڌوءَ سلطنتون' ۾ آرين بابت لکي ٿي تہ:

> "هڪ سوچ اها آهي تہ آريا هتي ڪڏهن بہ نہ آيا هئا، اهي ماڻهو هتي جا قديم رهواسي ٿي سگهن ٿا. هڪ ٻي سوچ 2003ع کان سنڌونديءَ جي

پارتوندين جي ڪناري قديم قبرن جي ڪوتاين مان ملي آهي ته آريا وچ ايشيائي رياستن کان پاڪستان واري علائقي ۾ داخل ٿيا هئا."

(البينيا، 2013ع: 244)

ڏندڪٿائي، ڏٽوند آرين لاءِ اهو پانيو وچي جڙي ٿو ته، جنهن لاءِ ڪوڙ دليل ۽ شاهديون موجود ته، سنڌونديءَ جي مٿين، جابلو جوءِ واري لام، آريا لوڪن جي وطني پونءِ هئي ۽ جتي هو هزارين ورهين کان مال چاريندا وتندا هئا ۽ وٽن 'پئتو سماجي نظام' (Paternal System) لاڳو هو. هيٺين ميداني علائقي واري لام جيڪا اٽڪ واري چور لڪ کان سنڌونديءَ جي چوڙ وارن علائقن تائين آهي، اهو سنڌو سڀيتائي دراوڙي لوڪن جو ماڳ هو ۽ وٽن 'مائيتو سماجي نظام' (Maternal Society System) موجود هو. جتي ديوين جو راج هو ۽ وٽن واحد خلقڻهار هستي اون (Own) جو وجود تسليم ٿيل هو.

ڏٽوند آرين لوڪن نه رڳو سنڌوندي، سنڌ جي ميداني چراگاهي علائقن مان فائدو ورتو بلڪ قديم سنڌي ٻولي ۽ هن جي اعليٰ فڪر کي به ان ريت پنهنجو ڪيو، جو اڄ هو سڄا پڄڻ ۾ به نٿو اچي.

'پرڪاش ٻڌ' پنهنجي ڪتاب 'Political and Social Movement in Ancient Punjab' آر.سي زهنر (R,C.Zaehner) جي ڪتاب 'هندو ازم' جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"'ورتر' سنڌوماتريءَ جي اصلوڪن لوڪن جي دفاعي سگهه هئي ۽ جنگ جي ديوتا 'اندر' کي انهن تي اوس سوڀ حاصل ڪرڻي هئي." (Zaehnar, 1975_76: 22_27)

هو ورتر بابت وڏيڪ لکندي کين گيان ۽ ڏيان وارا، متقي ۽ پرهيزگار لوڪ قرار ڏيندي لکي ٿو ته:

"سنڌوماتريءَ جا اهي ورتر وڏي تپسيا ڪندڙ، متقي ۽ پرهيزگار انسان هئا ۽ هو ديوتائن جا پيارا ۽ لاڏلا هئا. ورتر هنن آريائن کي رگ (رگ ويد) سام (سام ويد) ۽ ياجوس (يجر ويد) جو علم عطا ڪيو."

(Budh, 1976: 25_51)

رشيد ملڪ ڪتاب 'اندالاجيءَ' ۾ لفظ ورتر کي سنڌوماتريءَ جو پروهت حڪمران قرار ڏيندي هن کي آرين جي قبضي خلاف وڏو مزاحمت ڪار قرار ڏيندي لکي ٿو ته:

"اهو سچو پر مختصر اپياس ٻڌائي ٿو ته، هي ٽيئي ڪتاب (رگ ويد، اٿر

ويد ۽ يجرويد) پنهنجي ترتيب صورت، شڪل ۽ جوڙجڪ ۾ غير آريائي آهن." (ملڪ، 2002ع: 109)

متي ڄاڻايل سڀ ڳالهيون، علم ۽ ڏاهپ جي اوس سوپ ڏانهن اشارو ڪن ٿيون. سنڌوماٿر جي لوڪن کي فڪري ۽ روحاني وڏي سوڀ اها ملي جو هنن جو 'شِوَ ديوتا' – 'مهاديو' جي صورت ۾ اهم جڳهه والاري ٿو. شاهه لطيف سچ جي اوس ڪامياب ٿيڻ بابت چوي ٿو ته:

"سَچُ جَنِ جو سِيرُ، گُرُ
وينُي تَنِ گڏِيو."

**سوا ستيڪا:** 'آريا' لفظ وانگر ساڳي صورتحال لفظ 'سواستيڪا' سان جُڙي آهي. 'سواستيڪا' جي نشان واري اهڙي هڪ سنڌو مُهر (Indus Seal) مِهَرڳڙهه مان به لڌي آهي، جيڪا 5000ق.م سان لاڳاپو رکي ٿي، اهڙيون مُهرون سمورن سنڌو سڀيتائي ماڳن تان لڌيون آهن. ڪتاب هندي- سنڌي لغت ۾ محمد پناهه ڦرڙي هڪ لفظ 'سُواس' جي معنيٰ هن ريت ڪئي آهي:

سُوَاسُ = سنو گهر = خوشبودار. (ڦرڙو، 2007ع: 197)

ان ريت سواستيڪا جو اشتقاق ڪرڻ سان ان لفظ جي معنيٰ سُتين وسندين وارا وجي ٿيندي.

[سواستيڪا: سُ= سٺي/ سهڻي+واستي= وسندي+ ڪا= جا= سٺين ۽ اعليٰ وسندين وارا وڪ]

'سواستيڪا' عطا محمد ڀنڀري جو موقف آهي، ان نشان (卐) جو مطلب 'نانو' آهي جيڪو شِوَ ڏانهن منسوب آهي ۽ نانيءَ سان لاڳاپو رکي ٿو. جهڙيءَ ريت 'شِوَ ۽ شڪتي'، 'اوم ۽ اَما' آهن. ان ريت هي نالو مقدس نشان 'نانا ۽ ناني' سان لاڳاپو ۽ نسبت رکي ٿو.

سنڌ جي تاريخ ۾ راجا چچ جي هڪ ڪاهه بابت ڄاڻايل آهي ته:

"ٻڌيه جي راڄڌاني 'نانا راڄ' (ڪاڪا راڄ) هئي ۽ ان جوءِ جي رهاڪن کي 'سويس' (Sawis) سڏيو ويندو هو." (Elliot, 1876: 145)

الائيس البينيا اهڙي ئي هڪ هم معنيٰ ۽ ملندڙ جلندڙ هڪ لفظ جي معنيٰ بابت لکي ٿي ته:

”سوات وارو اهو علائقو ’رگ ويد‘ ۾ ڄاڻايل ’سواستو‘ آهي. جنهن جي معنيٰ شاندار جاءِ ٿي آهي.“ (البينيا، 2013ع: 245)

’نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هلي.‘

انهيءَ چڱي ماڳ وار مقدس نشان ’سواستيڪا‘ جو نشان ننڍي کنڊ جي ڪيترن ئي قديم مذهبن ۾ متبرڪ نشان طور موجود آهي، جين، ٻڌ ۽ هندومت ۾ اهو نشان نظر ايندو. انهيءَ نشان کي هٽلر ’نسل پرستي‘ واري نشان طور اعليٰ درجي تي ڪتب آندو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ موجود آهن. جيڪي هن لفظ ’سواستيڪا‘ جي ساختياتي جوڙجڪ سان تعلق رکن ٿا.

جهڙوڪ: ”سوير: سُ= سٺي+ وير= وقت“

* پورهئي ڪارڻ پيٽ جي، اُٿين سوارا.

جهڙوڪ: ”سواٽ: سُ= سٺي+ واٽ= رستو“

* سُونهِين ٿيءُ سُواٽَ، تہ مَنجهان دِلِ ڏکُ لهين

جهڙوڪ: ”سواڏائي: سُ= سٺي+ واڏائي= خبر“

* مان اڇيڻُون ڪاءِ، سُواڏائِي سَڄڻين.

عطا محمد ڀنڀري پنهنجي ڪتاب ’Indus Script‘ ۾ هڪ ’سنڌو مهر‘ (Indus Seal) جي هڪ لفظ جي پڙهڻ جي ياج هن ريت سَ = Sa =  + سَا = Sa=  ’سَسَا‘= سنو نجو، نبار ايماندار ۽ صاف سٿرو حاڪم  طور ڪئي آهي. (Bhanbhro, 2012: 208)

ان ريت اهو صاف سمجهو ۾ اچي ٿو تہ اهو لفظ ’سُواستيڪا‘ (卐) ۾ اچي ٿو تہ اهو لفظ نجو ۾ ’آڳاٽو سنڌو لفظ‘ (Proto_Indus Word) آهي ۽ پانيوڪيل آرين جي اچڻ واري سال کان بہ گهڻو گهڻو پراڻو آهي.

## حوالا


1. آڏواڻي، ڪلياڻ، (1993ع) 'شاهه جو رسالو'، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
2. البينا، ايلائيس، سنڌيڪار: بخاري، مظفر، (2013ع) 'سنڌوءَ جون سلطنتون'، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي، نيرون بُڪس.
3. بلوچ، نبي بخش خان (ڊاڪٽر)، (2009ع) 'شاهه جو رسالو'، (شاهه جي سوانح ۽ فڪر سميت)، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت.
4. مرزا قليچ، بيگ، شمس العلماء، (2007ع) 'شاهه جو رسالو' (ڇاپو ٻيو)، حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
5. ڏيپلائي، محمد عثمان، (2016ع) 'شاهه جو رسالو'،(ڇاپو ٻيو)، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.
6. سراج الحق، ميمڻ، (2009ع): 'سنڌي ٻولي' حيدرآباد: سنڌي لينگئيج اٿارٽي، سنڌ
7. شيخ، ڀانهون خان، (2000ع۔ 2012ع۔ 2012ع) 'شاهه جو رسالو'، (3 جلد) (ڇاپو ٻيو) ڪراچي: شاهه عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
8. فهميده حسين، (2004ع) 'سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن جي لغت'، (ڇاپو پهريون)، ڪراچي: شاهه لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
9. فلور، وليم، تعارف: پنهور ايم.ايڇ پنهور (2004ع) 'ڊچ ايسٽ انڊيا ڪمپني'، سنڌيڪار: پنيرو عطا محمد، 'قديم سنڌ جي تجارتي تاريخ'، 111_146، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن
10. ڪاشف، محمد حسين، (2005ع) 'شاهه جي ڪلام جا فڪري ماخذ'، مرتب: ابڙو، آفتاب، شاهه لطيف عظيم مفڪر، 125_140، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
11. ڪاشف، محمد حسين، (2012ع)'سنڌ، سنڌي سمنڊ ۽ سميري'، مرتب: ڪاشف، محمد حسين، 'سپيتا جا سونهان' 17_39، ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ
12. احمد، خالد، مترجم: راج، شيراز، (2004ء) "لفظوں کی کہانی لفظوں کی زبانی" لاہور: مشعل بکس، عوامی کمپلیکس عثمان ملک، نیو گارڈن ٹاؤن، 54600۔
13. حتی، فلپ کے مترجم: سیّد مبادرالدین رفعت (پروفیسر) اور خان، محمد معین (2015ء) تاریخ عرب، لاہور: نگارشات پبلشرز، 24-مزنگ روڈ، پنجاب۔
14. عبدالحق (ڈاکٹر) (1961ء) "قدیم اردو"، کراچی-1: انجمن ترقی اردو پاکستان۔
15. صدیق، تابش، (1989ء) "مسلمان جہازران" (اسلامی جہازرانی کی مستند تاریخ) (سیکنڈ ایڈیشن) اسلام آباد: نیشنل بک فاؤنڈیشن۔
16. صدیق، محمد ادریس، (1959ء) "وادیٔ سندھ کی تہذیب"، اسلام آباد: محکمہ آثار قدیمہ پاکستان۔
17. ملک، رشید، (2002ء) "انڈالاجی- قدیم ہندوستان کی تاریخ کے چند گوشے"، (اشاعت اول) لاہور: فکشن ہاؤس، 18-مزنگ روڈ

18. Aoumiel, (1994) “Dancing Shadows”, (The Roots of western Religion and Beliefs) U.S.A: Published by: Llewellyn publication st, paul, Minnesota 55166-6383

19. Bhanbhro, Atta Mohammad, (2012) “INDUS SCRIPT”, Jamshoro: Department of Areheeology and Anthropology,Jamshoro: Universty of Sindh.

20. Budha, Parkash, (1976) “Political and Social Movement in Ancient Punjab”, Publisher: Motilal Banarsidas PVT Linuted ISBN No: 812082458x, 9788120824584.

21. Banerjee, Satya Ranjan, Dr, (1990), “Essays on Indo-European Linguistics” Calcutta: published by: Dasgupta, Ashin, Dr.

22. Dutt, Nilinaksha, Dr. Edited by: Majumdar, R.C. Dr, (1953) “The Age of Imperial Unity”, Bombay, India.

23. Faridkoti, Ain-ul-Haque, (1991) “Pre Aryan origin of the Pakistani Languges”, Lahore: Orient Research centre, Tariq Colony, Multan Road Lahore-25, Pakistan.

24. Hunter, W.M (1881), “Imperial Gazetteer of India”, Vol: IX 1st Editiand Dehli: India

25. Moreland, W.H and Chatterjee, Atul Chandra,(1936) “A short History of India” London: Published by, Longmans, Green and Co.

26. Mueller, Friedrich Max, (1882) “Lectures on the Science of Language”, London:

27. Mueller, Friedrich Max (Translated 1962) :Leetures on the Science of Language”, London

28. Olden berg H., (1962): “Ancient India its Language and Religion”, Calcutta: published by: Panthi Books.

29. Ranfrew, Colin, (1988) “Archeology and Languages” (The Puzale of Indo-European Origin), London: Published by: The Press of Syndicate of the University of Cambridge, UK.

30. Rao, S.R, (1991) “Dawn and Devolution of Indus Civilzation”, New Delhi: Published by, Pardeep Kumar Goel for Aditya Prakashan, F-14/65, Model Town-II, Delhi, 110009.

31. Rapson, E.J (Editor), (1922): “The Cambridge History of India”, Cambridge: vol:1, (Ancient India) published by: Combridge University Press.

32. Thapar, Romila, (2000) “Hindutva and History”, The Frontline, Vol: vol. 17, sep 30-Oct. 13, India.

33. Zeajmer. R.C, (1976) “Hinduism” London: OUP.

مختيار احمد ملاح

# سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ۽ سماجي علمن جي اصطلاحن جو باني نندي‌رام ميراڻي ’سيوهاڻي‘

# Nandiram Meerani – the founder of scientific and sociological terms in Sindhi language

***Abstract:***

*Dewan Nandiram Sehwani (1819-1875) was born in Sehwan. He had vast scholarship in Persian, Sindhi, Hindi and other languages. He started working as Munshi and translator in the office of Commissioner, later he joined as a teacher at Normal School of Karachi. He was the person, who actually prepared the existing Sindhi Alphabet. In his book, "History of Sindh" he has given in detail about his role in that committee. He was a trusted person of B. H. Ellis; therefore most of the assignments regarding books and reports were prepared by him. He wrote many text books and translation of academic books in Arabic-Sindhi characters. He won a handsome amount as award for his translation of Tarikh Mausmi into Sindhi. His major works are Bab-Namo, Esop's Fables, History of Sindh, Geography of the World, Drawing Book and many others. He is called the father of modern Sindhi prose. This research paper focuses on his role in introduction of scientific, social science, drawing, geometry, mathematics, etc. terminology in Sindhi language, which is ever big example in Sindhi.*

سنڌ جي قديم ۽ وچولي دؤرن جي تعليمي نظام تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ اهو تعليمي نظام گهڻو ڪري مذهبي اثر ۾ رهيو آهي. موهن لعل ڪيمچند، قديم دؤر جي تعليم جي سلسلي ۾ لکيو آهي تہ:

”اتهاس ڏي نهاريندا سين تہ هر ڪنهن نموني جي تعليم ڏني ويندي هئي. صبح جو سويل اٿي وديارٿي ۽ گُرو گڏجي ايشور جي پرارٿنا ڪندا هئا. تنهن ڪانپوءِ هرهڪ وديارٿي ورزش ڪندو هو، جيئن هرڪو ٻلوان ٿئي ۽ تندرست گذاري. تنهن ڪانپوءِ اشنان ڪري پاٺ پوڄا ڪان واندا ٿي تعليم وٺندا هئا. تنهن ڪانپوءِ گُرو انهن وديارٿين کي ڌرمي شاستر، ويد،

> پراڻ، راماڻ ۽ مهاڀارت جي سنسڪرت جي شلوڪن جون سمجهاڻيون ڏيندو هو. شام جي وقت سڀ وديارٿي پهاڙن تي گُروءَ سان گڏ ويندا هئا، جتي سهڻن نظارن کي ڏسڻ پسند ڪندا هئا ۽ ڪن چڱين ۽ اخلاقي ڳالهين تي بحث ڪندا هئا".[1]

قديم دؤر جا سنڌي ڪتاب اسان وٽ موجود نہ آهن، انڪري انهن جي علمي، ادبي ۽ سائنسي ڪٿ ڪرڻ مشڪل آهي. سنڌ جي وچولي دؤر ۾ بہ مذهبي ادب درسگاهن ۽ مڪتبن ۾ ڏنو ويندو هو. برطانوي عملدار رچرڊ برٽن سنڌي ٻولي ۽ ادب جو گهرو مطالعو ڪيو، ان جي نتيجي ۾ هن ڪلاسيڪل سنڌي ادب جي تاريخ مرتب ڪري ڏني. هن سنڌي ادب بابت لکيو آهي تہ:

> "سنڌي ادب لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ جڏهن انگريزن هندستان ۾ پير پاتو، تڏهن ڪنهن بہ ڏيهي ٻوليءَ ۾ ايترو علم ۽ ادب ڪو نہ هو، جيترو سنڌيءَ ۾ موجود آهي، پر ان جي شاهوڪاري عربي ترجمن ۽ مذهبي ڪتابن تي منحصر آهي. ڪتابن جي پوري ڪٿ نٿي ڪري سگهجي، پر ايترو يقين آهي تہ بہ تي سئو قلمي نسخا ڪٺا ڪري سگهبا".[2]

برطانوي راڄ جي آمد تائين سنڌ ۾ نہ سرڪاري اسڪول هئا، نہ وري شايع ٿيل ڪي ڪتاب موجود هئا. انڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي، سماجي، معاشي، اقتصادي يا، درسي اصطلاحن جو هجڻ بہ مشڪل هو. مسٽر پرنگل 1847ع ۾ جيئن ئي ذميواري سنڀالي، تہ هن سنڌ ۾ تعليم ۽ ٻوليءَ جي صورتحال جانچڻ لاءِ پنهنجي ماتحت آفيسرن کان رپورٽون طلب ڪيون. ماتحت آفيسرن پنهنجون رپورٽون پيش ڪندي لکيو آهي تہ سنڌ ۾ سرڪاري سطح تي ڪو بہ اسڪول هلندڙ نہ آهي، نہ وري سنڌي زبان ۾ لکت جو ڪو رواج عام آهي، البت هنن اعتراف ڪيو آهي تہ ڪجھ انفرادي ڪوششن سان مدرسا ۽ مڪتب مختلف ضلعن ۾ هلندڙ آهن. ٻيو تہ هنن پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻايو تہ سنڌي زبان ۾شايع ٿيل هڪڙو بہ ڪتاب موجود نہ آهي، البت ڪٿي ڪٿي قلمي پستڪ موجود آهن.اهي رپورٽون اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري حيثيت ۽ تعليمي ذريعي جو سبب بڻيون.

1853ع ۾ عربي-سنڌي صورتخطيءَ جي جاري ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي ترقيءَ ۾ انقلاب اچي ويو. سرڪار، سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت تسليم

ڪندي، سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو. انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکي ٿو تہ:

”انگريزن جو سنڌ تي قبضو، سنڌي ادب جي بدلجڻ ۽ سنوارجڻ جي حق ۾ هڪ پيش خيمو ثابت ٿيو. جيتوڻيڪ اڳوڻي ملڪي نظام، معاشري ۽ تعليمي ماحول جي تشڪيل ۽ صورتحال سان سنڌي زبان پوري طرح تهڪيل هئي، ليڪن ان هوندي بہ اسان جي زبان اجا ايتري ترقي يافتہ ڪانہ هئي، جو جديد زماني جي بدلجندڙ حالتن سان هلي سگهي ۽ ان جي سيني تقاضائن ۽ ضرورتن کي پورو ڪري سگهي، چنانچہ انگريز حڪومت، جڏهن ملڪي ۽ سياسي ضرورتن جي آڌار تي سنڌي زبان کي سنڌ جي تعليمي درسگاهن ۽ سرڪاري محڪمن ۾ رائج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن ان تي عمل ڪرڻ ۾ ڪين ڪيترين دشوارين درپيش ٿيون“.(3)

هن دؤر جي نثري ادب جي ترقيءَ لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ:

”حڪومت طرفان سنڌي ادب کي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ واري تحريڪ سبب، سنڌي مصنفن ۾ فطري طور پنهنجي ادب کي اجاگر ڪرڻ جو چاهہ جاڳيو. انهن ۾ ديوان ننديرام، اڌارام، پريداس، قاضي غلام علي، سيد ميران محمد شاهہ اول، آخوند عبدالرحيم، مرزا علي رضا، مرزا صادق علي بيگ ۽ ديوان ڪيولرام خاص طور برک هئا. ديوان ننديرام جو قدم انهن سينيءَ ۾ اڳيان اڳيان هو. انهن بزرگن هر موضوع تي، خاص طور تاريخ، وياڪرڻ، حساب، جاگرافي، آلجبرا، علم بدن ۽ منطق تي ڪتاب تيار ڪيا“.(4)

اوائلي دؤر جي نثر نويسن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو مختلف علمن لاءِ سنڌيءَ ۾ جوڙيل علمي اصطلاحن (Terms) جو هڪ وڏو ذخيرو آهي، جو سنڌي علم ۽ ادب تي سندن دائمي احسان وانگر آهي. سنڌيءَ ۾ تعليمي ضرورتن کي نباهڻ لاءِ جڏهن پهريون پيرو مختلف علمن، جهڙوڪ تاريخ، جاگرافي، حساب، جاميٽري ۽ آلجبرا وغيره جا ڪتاب جوڙيا ويا، تڏهن سڀ کان ڏکيو مسئلو، انهن نون علمن جي اصطلاحن جوڙڻ جو هو، ڇاڪاڻ جو سنڌيءَ ۾ ڪڏهن بہ ان قسم جا علمي ڪتاب

اڳي نہ لکيا ويا هئا. مثال طور، اڳي رياضيءَ جي علم متعلق اصطلاح جهڙوڪ: اٽپور، ڏهائي، مُور، وياج، راس، پاچي، ونڊ، جوڙ، ڪٽ، وڏو عام پورو ونڊيندڙ، ننڍي عام پيچ اپٽ وغيره رائج نہ هئا. مطلب تہ درسي ڪتابن جو دؤر سنڌي نثر جو بنيادي ۽ ڪلاسيڪل دؤر آهي. هن دؤر ۾ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي لفظن جو، سنڌي زبان ۾ استعمال ٿيو ۽ نوان سنڌي لفظ پڻ جڙيا. جيتوڻيڪ ليکڪن جي صورتخطيءَ ۾ فرق آهي، پر هنن ٺيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪيا آهن. ان سان گڏوگڏ عربي، فارسي ۽ انگريزي لفظن جا متبادل لفظ، سنڌي نثر ۾ رائج ڪيا، اُن درسي ۽ سائنسي نثري ادب جي تحريڪ جو سرواڻ ننديرام ميراڻي هو.

**ننديرام جي ولادت ۽ خاندان:** ديوان ننديرام ميراڻي، سنڌ جي تاريخي ۽ قديم شهر سيوهڻ ۾، 27 آڪٽوبر 1819ع يعني اوڻيهين صديءَ ڌاري، ديوان ٽڏو مل ميراڻيءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس ڏاڏو مهرو مهتو هو، سنڌ ۾ اڪثر پائيبند 'مهتو' سڏائيندا هئا. مهتو يعني وڏيرو ڪيس پراڪريت ۾ مهتو ۽ سنسڪرت ۾ مها يعني وڏو نالا ڏنل آهن. زمين جي مالڪن پاران ڳوٺاڻن کان ڍلون، مسواڙون ۽ ليکو چوکو اوڳاڙيندڙ کي 'مهتو' سڏيو ويندو هو. سندس ڏاڏو حضرت قلندر لعل شهباز جو مودي هو ۽ وڏو عامل پڻ سڏبو هو. 'عامل' عربي لفظ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي 'عمل ڪندڙ يا ڪاروبار هلائيندڙ'. اڳ هندو ڪامورا پاڻ کي 'عامل' سڏائيندا هئا ۽ 'مودي' ان کي چيو ويندو هو، جيڪو حضرت قلندر لعل شهباز جي فدائين ۾ نالو داخل ڪرائيندو هو. سندس پويان پاڻ کي 'ميراڻي ديوان' سڏائڻ لڳا ۽ اهو ئي سبب آهي جو جن هندن سرزمين سيوهڻ ۾ رهي قلندر لعل شهباز جي فدائين جي لسٽ ۾ نالو داخل ڪيو، انهن مان هي 'ميراڻي ديوان' پيش پيش آهن".[5]

نندیرام 1836ع ۾ پنهنجي گهروارن جي مرضيءَ سان 'وراڻ بائي' سان شادي ڪئي ۽ ٻن پٽن ۽ ٻن ڌيئرن جو اولاد ٿيس. سندس ڪتاب 'تاريخ سنڌ' جو ٻيو ڇاپو 1861ع ۾ شايع ٿيو، ان ڪتاب جي ديباچي ۾ هن جهڙوڪ پنهنجي آتم ڪٿا لکي آهي. ديوان نندیرام، 15 مئي 1875ع تي وفات ڪئي.

**نندیرام جي تعليم ۽ فارسيءَ ۾ مهارت:** ديوان نندیرام ميراڻي ننڍي هوندي کان ئي مسلمانن سان گڏ، سيوهاڻي قافين جي مڪتبن ۾، مولوين وٽان ابتدائي تعليم فارسي ۽ عربي پڙهيو، ذهين بہ حد درجي جو هو، جنهنڪري سُتت ئي پڙ ٿيو ۽ فارسي نثر توڙي نظم ۾ ماهر بڻجي پيو. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو تہ:

”ننديرام انگريز دؤر جو فارسي دان هو؛ اگرچہ شاعر نہ هو، ليڪن فارسي ادب سان سندس خاص اُنس هو؛ تاريخ سان زياده دلچسپي هيس؛ تاريخ معصوميءَ کي سڀ کان پهريائين هن صاحب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو“.[6]

**عربي-سنڌي لکت کي مقرر روپ ڏيڻ واري ڪاميٽيءَ ۾ ڪردار:** انهن ڏينهَنِ ۾، انگريز عملدارن کي اهڙن مُنشين جي ضرورت هئي، جن کي فارسي ۽ سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ تي عبور حاصل هجي، ان معاملي ۾ ننديرام سرڪار جون سڀ گهرجون پوريون ڪندڙ هو. اسڪول ڪولڻ جي ناڪامي ۽ بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي، ڪراچيءَ جو رخ ڪيائين، جتي ڪيس 1850ع ۾ سرڪاري طور منشيءَ جي نوڪري ملي وئي ۽ آفيسرن جي سنڌي ٻوليءَ واري امتحان ۾ سندس خدمتون واضح طور تي سرڪار جي سامهون اچي چڪيون هيون. مارچ 1853ع ۾ عربي-سنڌي لکاوٽ کي مقرر روپ ڏيڻ واري سرڪاري ڪاميٽي جوڙي وئي، جنهن ۾ ننديرام جو ڪردار سينيءَ کان اهم هو. ۽ پانئجي ٿو تہ ديوان ننديرام جي ترقي طرف وڌڻ جي اها پهرين منزل هئي، آخر سنڌي الف ب جي تياريءَ لاءِ دل ۽ جان سان ڪم ڪرڻ لڳو ۽ صورتخطيءَ جي نهڻ تائين انهيءَ ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿي رهيو. ’تواريخ سنڌ‘ ۾ پنهنجي ڪردار جو اعتراف ڪندي جيئن لکيو اٿس، تيئن هتي ڏجي ٿو:

”سنڌ ڏيهہ ۾ اڳين حاڪمن جو سرڪاري ڪم پارسي قلم ۾ هلندو هو ۽ هاڻوڪي سرڪار جو پڻ متي قلم ۾ 1852ع توڻي پي هليو پر جڏهہ سنڌ جي اختياري ڪم چوڙڻ ٻڌڻ جي واڳ قدر ڄاڻندڙن اهل قلم صاحبن جي هٿ ۾ آئي تڏهہ ڄاتاءُ تہ جهڙي طرح انگريزي سرڪار جي ٻئن ڏيهن ۾ مادري زبان سان سهنجائي ۽ خوبي ڪري سيڪو سرڪاري ڪم هلندڙ آهي تهڙي طرح هتي پڻ رواج ڏيون تہ ڪم ۾ پڻ صفائي رهي ۽ عام کي بہ فائدو رسي انهن ڏيهن ۾ قدر ڄاڻيندڙ غريب نوازيندڙ رعيت کي وڏڏڙ ۽ گهڻو ڪري سيڪهہ علم جا گهرندڙ عالمن ۾ عامل فاضلن ۾ جناب مسٽر سر بارٽل فرئر صاحب بهادر اڳيون ڪمشنر سنڌ ۽ مسٽر ايلس صاحب بهادر اڳيون اسسٽنٽ ڪمشنر سنڌ جي سيڪهہ پرڪري سنڌ ڏيهہ جا جوڙجڪ ڪندڙ هئا تڏهہ پهراءِ ۾ پوئين جناب رڳو سنڌي الف بي جي ٺهرائڻ جو ڪم سٽيو. جئين تہ گهڻي بحث ۽ چڪاس ۽ هوڏ ۽ ڏيهي ماڻهن جي صلاح ۽ ان وقت جي ناظمن صاحبن جي راءِ ساڻ متفق ٿي، هن

حقير جي مدد سان سنڌي الف- بي نٿاهي ۽ ڇپرائي، سرڪاري ڪم ۾ ٿورو ٿورو رواج ڏنو".[7]

**ننديرام کي سرڪاري انعام:** 1852ع ۾ بمبئي حڪومت سنڌ جي تعليم لاءِ ڏهه هزار جي ساليانې بجيٽ منظور ڪئي. مارچ 1853ع ۾ اها رقم ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر جي اختيار هيٺ رکي ويئي ۽ ڪاتي جو نالو 'تعليم ڪاتا' رکيو ويو. سنڌ ۾ پهريون خانگي اسڪول 1851ع ۾ قائم ٿيو هو، پر پهريون سرڪاري اسڪول 1854ع ۾ قائم ٿيو. اسڪولي ڪتابن جي گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪتابن جي ليکڪن ۽ مترجمن کي خاص معاوضا ڏنا ويندا هئا. اصلوڪي ڪم جو اعزازيو الڳ هو ته ترجمي جو الڳ. ڪجهه خاص ڪمن لاءِ صلاحڪار مقرر ڪيا ويندا هئا ۽ غير سنڌي ليکڪن جون خدمتون حاصل ڪيون وينديون هيون. خاص ڪتابن ۽ ترجمن لاءِ انعام ڏنا ويندا هئا. 1853ع ۾ بي ايچ ايلس هڪ اشتهار ڏنو، جنهن جو متن هيٺ ڏجي ٿو:

"هڪڙي 'تاريخ معصومي' جنهن کان سنڌ جي ماڻهن کي گهڻو فائدو رسندو ۽ اهو ڪتاب فارسي عبارت ڪري سليس ۽ مربوط آهي، جو شخص تهه ڪتاب جو سنڌي وائي ۾ پسند ڪيل ترجمو ڪندو اهو ڏيڍ سو روپيا مهيني خانگي ۽ سرڪاري انعام جي جوڳو ٿيندو".[8]

شروعاتي سالن ۾ ڪتابن جي جانچ پڙتال ۽ انعامن لاءِ هيٺيان ميمبر هوندا هئا:

1. ڪيپٽن ڊسنٽر ول، سربراهه
2. ليفٽيننٽ هربرٽ آرٿر، ميمبر
3. ليفٽيننٽ هارگارڊسن، ميمبر
4. ليفٽيننٽ اسٽئڪ، ميمبر

ان وقت سنڌ جي تعليم جي معاملن کي ايلس بيرو ڏسندو هو. سر بيرو ايلس (1823–1887ع)، بارٽل فريئر جو اعتماد رکندڙ آفيسر هو ۽ فريئر جي غير موجودگيءَ ۾، سنڌ جي ڪمشنر جا فرض به انجام ڏيندو هو. هو ان عهدي تي 1851ع کان 1858ع تائين رهيو. سنڌ ۾ تعليم ڪاتي جو انچارج به مسٽر ايلس هو. هن صاحب سنڌ ۾ تعليم جي ڦهلاءَ، ڪتب نويسي، سنڌي رسم الخط، سنڌي درسي ۽ ادبي ڪتابن جي ڇپائي، سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ بابت علمي ڪم، سنڌ ۾ اسڪول کولرائڻ، استاد مقرر ڪرائڻ ۽ هر انهيءَ ڪم ۾ حصو ورتو، جنهن جو سهرو بارٽل فريئر کي ڏنو وڃي ٿو. مسٽر ايلس

هر ڪم ۾ بارٽل فريئر کي انتظامي طور بهترين رٿون ڏيندو هو. جنهن جي منظوري بارٽل فريئر بمبئي حڪومت کان حاصل ڪندو هو".[9] هن ڪتابن جي ترجمي جي اشتهار سان گڏ، پنهنجي طرفان بہ ڏيڍ سو روپين ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

انهيءَ سرڪاري اعلان ڪانپوءِ، سنڌ جي مسلمان عالمن ۽ هندو پڙهيل طبقي خوب طبع آزمائي ڪئي، ان سلسلي ۾ قاضي غلام علي ٺٽوي بہ ڪتاب جو ترجمو ڪيو هو، پر سندس ترجمو مقابلو ڪٿي نہ سگهيو. سنڌي الفابيٽ جي ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ۾ غلام حسين سبزپوش ۽ منشي ڪيمسنگهہ حيدرآبادي نمايان آهن. اهڙن مشهور ڄاڻُن جي ترجمن موڪلڻ ۽ بي ريا منصفن جي جاچ لاءِ مقرري منشي ننديرام کي البت ڏلو ڪيو. ڪيس خاص انديشو هو تہ ڄاڪاڻ تہ جاچيندڙن مان ڪُجھ نئين الف ب کان اڻڄاڻ آهن تہ شايد هو سندس ترجمي جو پورو قدر ڪري نہ سگهن. پر منشي صاحب اجايو دل لوڏي رهيو هو. مقرر ٽيل صاحبن ويهي چڱي پر امتحان ۽ بحث ۽ تڪرار ڪري، آخر ڪلام سڀ ڪنهن جي علم جي ڪسوٽيءَ منشي ننديرام جي ڪتاب کي پهرين نمبر ۾ آندو، ۽ ترجمي ڪندڙن مان هن جي نالي سبقت جي گوءِ کٽي ۽ ڪيس ڀوليل مٿي انعام سان مرڪندڙ ڪيائون".[10]

بي. ايچ ايلس طرفان باسيل ڏيڍ سؤ روپيا نقد انعام ديوان ننديرام کي تمام جلدي ملي ويا، باقي سرڪاري انعام ملڻ لاءِ ديوان صاحب کي چڱو انتظار ڪرڻو پيو ۽ ڪيس مايوس ڪري وڌو. ان سلسلي ۾ پروفيسر چيتن ماڙيوالا لکيو آهي تہ:

> "رقم تہ منشي ننديرام جلدي ڪائي ڪپائي ڇڏي، جنهنڪري هاڻ هو سرڪاري انعام ملڻ لاءِ واجهائڻ لڳو. مگر جيتري وڏيڪ انتظاري ٿي ڏيکاريائين، اوتري دير ۾ دير ٿي پيئي. تنهن وچ ۾ منشي صاحب کي هرو ڀرو هٿ تنگڻ کان بچائڻ لاءِ سرڪار ڪيس منشيءَ جو عهدو ڏنو. سرڪار اها ڳالھ بيشڪ منشي صاحب جي دل وٽان ڪئي، نہ تہ منشي سڄڻ جي ڪيس خير ڪا اميد هئي، تنهن ڪانسواءِ سندس چاهنا پڻ خاص سرڪاري نوڪري تي هئي، جا حاصل ڪري هو بيحد گد گد ٿيو.".[11]

منشي ننديرام جي تقدير هڪ دفعو ٻيهر ان وقت پلٽو کاڌو، جڏهن ميجر ايف جي.گولڊ سمڊ (1818_1908ع)، کي 27 آگسٽ 1857ع تي اسسٽنٽ ڪمشنريءَ سان گڏو گڏ، ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي اضافي ذميواري بہ ڏني وئي. هن پنهنجي رپورٽ ۾ ان سلسلي ۾ لکيو آهي تہ:

”سنڌ جي ڪمشنر، مون تي اعتماد ڪندي، پنهنجي نظرداريءَ ۾ صوبي جي تعليم کاتي جي اضافي ذميواري منهنجي حوالي ڪئي آهي، اهو منهنجي لاءِ عزت جو مقام آهي ته مان ڪو خاص ڪارنامو سرانجام ڏيئي سنڌ جي تاريخ ۾ امر ٿي وڃان، ڇو جو هن شعبي ۾ منهنجي تمام گهڻي دلچسپي آهي“.(12)

هن اچڻ سان سنڌ ۾ ورنيڪيولر اسڪولن ۾ اضافو ڪيو ۽ وڏيڪ ڪتابن جي ترجمن ۽ اشاعت لاءِ ماهر استادن جي ڳولا ڪئي. گولڊ سمڊ نه صرف منشي ننديرام کان وڏيڪ ڪتاب ترجمو ڪرائي شايع ڪرايا، پر منشي ننديرام واري ترجمي جي ٻيهر اشاعت جو حڪم نامو جاري ڪيائين ۽ ڪيس باسيل سرڪاري انعام سان گڏ هڪ سؤ روپيا وڏيڪ انعام طور مليا ۽ حق تصنيف به سندس حوالي ڪيائين. ان ڏينهن کانپوءِ سرڪار طرفان ڪيس اهو به اختيار مليو ته آئينده سنڌ ۾ هر ڪتاب منشي ننديرام جي نظرثانيءَ کانپوءِ ئي ڇپجندو.

**نارمل اسڪول ڪراچيءَ ۾ تدريسي خدمتون:** سنڌي الف– ب جي نفاذ کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم تڏهن ئي ممڪن هئي، جڏهن سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل ڪتاب هجن ۽ سکيا ورتل استاد موجود هجن. ڪتابن جي تياريءَ لاءِ يڪدم ڪم شروع ٿي چڪو هو. جڏهن ته پرائمري استادن کي ڀرتي ڪرڻ ۽ انهن کي پڙهائڻ لاءِ تيار ڪرڻ واسطي آڪٽوبر 1854ع ۾ ڪراچيءَ ۾ اسڪول قائم ڪيو ويو، جنهن جو نالو ’ڪراچي نارمل اسڪول‘ رکيو ويو. هن اسڪول ۾ ايلفنسٽن ۽ پُونا ڪاليج جا اُهي جهونا شاگرد، جيڪي ان وقت سنڌ ۾ سرڪاري نوڪرين ۾ هئا، سي خانگي اسڪولن جي ماسترن ۽ ٻين ماڻهن کي سکيا ڏيندا هئا.

”هن اسڪول ۾ سنڌ جي مقامي شاگردن تمام ٿوري انداز ۾ داخلائون ورتيون ۽ انهن ۾ وري مسلمانن جو گهٽ تعداد هو. 1857ع ۾ ٽيهن شاگردن مان صرف ڏهه پاس ٿيا، جن مان فقط هڪ مسلمان هو“.(13)

ڪرشنا شاستري گوڊبولي، هن اسڪول جو هيڊ ماستر رهيو. مقامي استادن ۾ ننديرام ميراڻيءَ جون هن اسڪول جي استاد طور خدمتون قابل ذڪر آهن. ڪيس تعليمي ڄاڻ، ٻوليءَ تي مهارت ۽ اسڪول جي تجربي جي ڪري، 1855ع ۾ اسڪول ٽيچر طور ڀرتي ڪيو ويو. 1859ع ۾ تڏهوڪي سنڌ جي تعليم جي انسپيڪٽر ميجر

هڪ سنڌي گرامر ’سنڌي صرف و نحو‘ لکرائڻ جو ارادو ڪيو. ان سلسلي ۾ ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته:

”هن گرامر جي ڪتاب جي اهميت لهڻ لاءِ مون پنهنجي ڪوارٽر تي هڪ گڏجاڻي رکي، جنهن ۾ نارمل اسڪول، ڪراچيءَ جو ماستر منشي ننديرام ۽ ڪليڪٽر آفيس جو منشي رضا محمد موجود هئا. مون گرامر جو مسودو انهن جي حوالي ڪيو ته هو ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهن، پر اهو طريقو مطلوب مقصد لاءِ ڪارائتو ثابت ٿي نه سگهيو. ان ڪانپوءِ اهو قلمي نسخو ترميم ۽ تصحيح لاءِ ميان محمد ڏانهن موڪليم“.[14]

1864ع ۾ هن اسڪول کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو ته ننديرام، اسڪول کي الوداع چئي سيوهڻ هليو آيو.

**اسڪول جو قيام:** ننديرام پهريائين سيوهڻ ۾ پنهنجو خانگي اسڪول هلائيندو هو ۽ ماڻهن تي سندس علمي مهارت جو اثر چڱو ڀلو هو، ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ فارسي زبان جو رواج گهٽجڻ لڳو، عربي ۽ فارسيءَ جا ڄاڻو هن انقلابي تبديليءَ تي خاموشي اختيار ڪري، گمناميءَ جي گوشي ۾ لڪي ويا. آخر معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ، سيوهاڻي عالمن ۽ پڙهيلن جي مقابلي ۾ پاڻ کي تنگ دست ڏسي، سرڪاري ملازمت جو ارادو ڪيائين. اهڙو ذڪر پنهنجي ڪتاب ’تاريخ سنڌ‘ جي ديباچي ۾ هن ريت ڪيو اٿس:

”تن ڏينهن ۾ آءٌ فلڪزدگي کان ۽ ڪنهن وٽ به نسبت نه ڪرڻ احتياج جي يعني هٿ تنگڻ کان عار ڪندو هوس، رڳو فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جي تعليم جو ڪم خانگي طور ڪندو هوس، پر سُڌ رهيم ته هن ڪنهن ڏينهن هن فلڪ جي گردش جي چنبي کان ڇوٽڪارو لهجي، هڪ جيڏن ۽ پاڻ جهڙن سرڪاري نوڪرن وانگي ٿيان“.[15]

**منشي نندیرام جون علمي ۽ ادبي خدمتون:** ديوان نندیرام جون علمي توڙي ادبي خدمتون ادبي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون. خاص ڪري الف- ب جي موجوده تشڪيل ۾ سندس ڪوششون محنت جو ثمر آور نتيجو آهي. جديد علمن جي اصطلاحن کي يڪجاءِ ڪرڻ ۾ سندس ئي ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن. اڄ به

جاگرافي، رياضي جاميٽري ۽ ٻين علمن ۾ تيار ڪيل ڪتابن ۾ سندس جوڙيل اصطلاح مروج آهن. سندس شايع ٿيل ڪتابن جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

**باب نامو:** 'باب نامو' (سنڌيءَ جو ريڊر) پهريون درسي ڪتاب آهي، جنهن کي سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي، گورنمينٽ پريس بمبئيءَ مان، ليٿو ۾ ڇپائي، نصاب ۾ شامل ڪيو ويو. هيءُ ڪتابڙو موجوده سنڌي الف- ب جي مقرريءَ کانپوءِ، سنڌي لپيءَ ۾ پهريون ڪتاب هو. سر بٽرو ايلس جي نگرانيءَ ۾ 29 مارچ 1854ع تي هن ڪتاب جون 1500 ڪاپيون ليٿو ۾ ڇپجي پڌريون ٿيون. ڪرائون سائيز واري هن ڪتاب ۾ 32 صفحا آهن. ڪتاب جي ترتيب ۾ 23 صفحا 'هِجي' لاءِ ڪم آيل آهن ۽ باقي ڏهن صفحن ۾ 8 سبق ڏنل آهن، جن ۾ ڪل 70 جملا ڏنل آهن.

انگريزن جي اوائلي دؤر ۾ سنڌي-عربي صورتخطي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکارڻ جي شروعات هن ڪتاب کان ٿي ٿي. هن ۾ 'هجي' جو طريقو ڪم آيل آهي. ڪتاب ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

> "پاڻ کان جيڪو وڏو آهي تہ جي سامهون وڏي سر نہ ڳالائجي گهڻو نہ ڪلجي. جي پاڻ جيڏا آهن تن سان سرهائي ۽ ڪنورائي سان ڳالہ ٻول ڪجي. ڳالائڻ جي ويلي نہ ڪلجي ۽ چوڻ ۾ تکڙ نکجي ڪيهي تي ڏمر ڪرڻ نہ گهرجي ۽ ڪو پاڻ کي چڱائي جي مت ڏي تہ ٻڌجي ۽ پنهنجي پينرن پائرن ۽ سوتن کي گهڻو پيار ڪجي".[16]

هي تاريخي ڪتاب هن وقت اڻ لڀ آهي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي گهرجي تہ ان کي هٿ ڪري، ٻيهر شايع ڪرائي.

**ايسپ جون آکاڻيون:** سن 1854ع ۾ ڪتاب 'ايسپ جون آکاڻيون' ننديرام ميراڻي ۽ مسٽر ايلس گڏجي ترجمو ڪري شايع ڪيو. پر ڪتاب جو پهريون ڇاپو ايلس جي نالي سان ئي شايع ٿيو هو. هيءُ ڪتاب ارد شير رستمجيءَ جي ڇاپخاني مان، ليٿو ۾ شايع ٿيو. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ مسٽر ايلس سنڌي زبان تي ايترو عبور حاصل ڪري چڪو هو، جو سنڌيءَ ۾ ترجما ڪري ٿي سگهيو. هن ڪتاب جي مٿان انگريزيءَ ۾ هي لفظ لکيل آهن:

> Esops Fables in Scindee – Kurrachee: Lithographed by Ardaseer Rutomjee 1854

’ايسپ جون آکاڻيون‘ دنيا جي قديم ۽ عام پسند ڪتابن مان هڪ ڪتاب آهي، جنهن جو ترجمو دنيا جي مڙني مک ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي. اهي آکاڻيون اڄ کان سوا ٻه هزار ورهيه اڳ لکيون ويون هيون. هنن آکاڻين جو لکندڙ ايسپ، روم ۾ ڄائو. هن کي ’ايسپ‘ انڪري چيو ويندو هو، جو هو ڪُٻو هو ۽ ڪُٻي کي يوناني ٻوليءَ ۾ ’ايسپ‘ چوندا آهن. ايسپ پنهنجي ڏاهپ جي ڪري ايڏو ته مشهور ٿيو، جو بعد ۾ ڪيترن ٻين ڏاهن کي سندن ملڪ جو ايسپ سڏيو ويو.

سنڌي زبان ۾ پهريون دفعو 1854ع ۾ ديوان ننديرام ميراڻيءَ، سنڌ جي تڏهوڪي اسسٽنٽ ڪمشنر، ايلس صاحب جي معاونت سان ترجمو ڪري، هيءُ ڪتاب ڇپايو. ان ڪانپوءِ منشي اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ، ايسپ جون 105 آکاڻيون چونڊي، سنڌيءَ ۾ ڪتاب شايع ڪيو. هيءُ ڪتاب جملي 217 آکاڻين تي مشتمل آهي. اصل ۾ هيءُ ڪتاب هڪ نصيحت نامو آهي، جنهن ۾ ايسپ پنهنجا تجربا لکيا، انهن ۾ موجود صلاحون ۽ هدايتون، آکاڻيون، ٻارن، جوانن، پوڙهن، عالمن ۽ طالب علمن کي هڪ جهڙو لطف ڏين ٿيون. ’ديوان‘ ننديرام هنن آکاڻين ۾ سنڌي نثر کي هڪ سادو ۽ صاف اسلوب ڏنو. هتي سندس آکاڻي ’گدڙ ۽ ڊاک‘ مان مثال ڏجي ٿو:

> "هڪڙو بکايل گدڙ، گهمندي گهمندي، اوچتو ئي ڪنهن ڊاک جي منهه هيٺ اچي سهڙيو. اتي جان ڪٽي مٿي نهاري، ته ڇا ڏسي جو سهڻا ۽ عمدا ڊاک جا ڇُڳا پيا لڏن ۽ لٽڪن پانيائين ته ٽپو ڏيئي ڇنِي کاوان؛ پر ڊاک جو منهن جو تمام مٿي هو، سو هيءَ ٽپا ڏيئي ٿڪجي پيو، پر هڪڙو ڇُڳو به نه مليس، نيٺ چوڻ لڳو ته "جنهن کي وٽي سو وڃي ڇني کائي، مون کي ڪين گهرجن: ڇا کو ته کٽا آهن".[17]

**سنڌ جي تواريخ:** ’سنڌ جي تواريخ‘ صفحا 368، مير معصوم* جي فارسي تاريخ جو ترجمو، ليٿو ڪراچي 1854ع ۾ شايع ٿيو. ننديرام ميراڻيءَ جي قسمت ان وقت پلٽو کاڌو، جڏهن انگريز سرڪار تاريخ معصوميءَ جو فارسيءَ مان سنڌي ترجمي ڪرڻ

---

* تاريخ سنڌ المعروف تاريخ معصومي مير معصوم بکريءَ 1008_ 1009هه ڌاري تصنيف ڪئي. ڪتاب جو پهريون حصو قديم تاريخ، اسلامي عهد ۽ ارغون ۽ ترخان دؤر تي مشتمل آهي ۽ پويون اڌ مغل دؤر جي تاريخ تي آهي. ڪتاب چئن جزن ۾ ورهايل آهي. تاريخ معصومي ارغون، ترخان ۽ اڪبري دؤر تي ازحد مفيد ۽ معتبر آهي. سنڌ جي سيني تاريخن مان تاريخ معصومي سڀ کان وڌيڪ مفصل سمجهي وڃي ٿي. هن ۾ نه صرف عربن جي فتح جو ذڪر آهي. بلڪ اڪبري دؤر تائين سنڌ جي پوري تاريخ ان ۾ سمايل آهي.

جو اعلان ڪيو. ڪيترن ئي عالمن ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. پر انهن سڀنيءَ ۾ ننديرام کي پهريون نمبر ڏنو ويو. مسٽر ايلس جي نگرانيءَ ۾ قائم ڪيل ڪاميٽيءَ نندیرام جي نج، سهڻي ٻولي ۽ معياري خط ۾ هجڻ ڪري اهميت ڏني ويئي. اعلان ڪيل هڪ سؤ روپين بجاءِ ڪيس ٻه سؤ روپيا روڪ انعام ڏنو ويو. هيءُ پهريون اديب هو، جنهن سنڌي نثر کي هڪ سادو ۽ صاف اسلوب ڏنو. نندیرام جي ’تاريخ سنڌ‘ کان سئو سال پوءِ 1953ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، مخدوم امير احمد جو ترجمو ڪيل ’تاريخ معصوميءَ‘ جو ترجمو ڇپايو آهي.

هيٺ مخدوم امير احمد جي ان ترجمي مان اهو هڪ ٽڪرو ڏجي ٿو، جيڪو نندیرام جي حوالي سان ڏنو ويو آهي. مشابهت جي سولائيءَ لاءِ اول نندیرام جو ۽ پوءِ امير احمد جو ترجمو ڏنو ٿو وڃي.

(الف) ”جڏهن چچ اميرن جي ميلاپ سان گاديءَ تي وينو، تڏهن دروازا خزاني جا اپڻي ڏاڻ جو سڏ وجهي چڱن ۽ مٺن کي ڪوني ڏاڻ ڏيئي، ٻاجهن ۽ ٿوري جي ڦاهيءَ ۾ ٻڌي چڏيائين ۽ مهينو سپاهين جو واڌايائين ۽ ڍل راڄن کان گهٽايائين ان ڪئي کان ڏيهن ۽ وسندي ۽ ججهي وسئن ٿي ۽ راڻيءَ کي پنهنجي ريت سان پرڻيو“. (18)

(ب) ”جڏهن اميرن جي اتفاق سان چچ حڪومت جي تخت تي وينو ته خزاني جا دروازا کولي، عام سخا جو اعلان ڪيائين، ۽ عام خاص ماڻهن کي بهرياب ڪري پنهنجي احسان جي دام ۾ ڦاسايائين. سپاهين جو پگهار وڌايائين ۽ رعيت جي ڍل گهٽايائين، جنهنڪري ملڪ ۾ نئين قسم جي آبادي ۽ سهن ٿي. پوءِ راڻيءَ کي پنهنجي دستور موجب نڪاح ۾ آندائين“. (19)

ٻنهي ترجمن جي ڀيٽ ڪرڻ سان نندیرام جي ترجمي ۾ اهي لفظ ۽ لفظن جا استعمال ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي مخدوم امير احمد جي ترجمي ۾ ڪم آندل فارسي/ عربي لفظن جي بدران آيا آهن:

| امير احمد جو ترجمو | نندیرام جو ترجمو |
| --- | --- |
| اتفاق | ميلاپ |
| (حڪومت جو) تخت | گادي |

| | |
|---|---|
| عام سخا جو اعلان | ڏاڻ جو سڏ |
| عام ۽ خاص | چڱا ۽ منا |
| ڀرياب (ڪرڻ) | ڏاڻ (ڏيڻ) |
| احسان | ٿورو |
| دام | ڦاهي |
| پگهار | مهينو |
| رعيت | راڄ |
| ملڪ | ڏيهہ |
| دستور | ريت |
| نڪاح (۾ آڻڻ) | پرڻجڻ |

"مٿين لفظن جي ڏسڻ سان اهو سمجهي سگهجي ٿو تہ ننديرام ڪيترائي نوان لفظ جوڙيا آهن؛ يا نوان استعمال ڪيا آهن؛ يا پراڻن لفظن مان نيون معنائون ڏنيون آهن. جيئن 'عام ۽ خاص' لاءِ 'چڱا ۽ منا'، 'عام جو اعلان ڪرڻ' لاءِ 'ڏاڻ جو سڏ وجهڻ' نوان لفظ آهن. 'مهينو' جو مطلب مهيني جي ڪم لاءِ محنتاڻو 'مهينو' جي وڌايل معنيٰ آهي ۽ 'ميلاپ' مان 'اتفاق' جي نئين معنيٰ ڇڏائي ويئي آهي. جڏهن تہ مخدوم امير احمد جي ترجمي ۾ عربي/فارسي جا لفظ گهٽا آهن پر جملن جو سٽاءُ، سنڌيءَ جي گرامر موافق آهي ۽ جي گهٽ استعمال سبب جملن جي سٽاءَ ۾ جيڪا پختگي آهي اهڙي ننديرام جي سٽاءَ ۾ ڪانهي".[20]

**ڇٽ جي پاڙ:** 'ڇٽ جي پاڙ' نالي ڪتاب ڪاهنداس منشارام ۽ ننديرام اردو زبان مان گڏجي ترجمو ڪيو. مسٽر ڪاهنداس منشارام پنجاب سان تعلق رکندڙ مرهٽو هو ۽ سنڌ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر هو. هتي سنڌي سکيو ۽ ڪتاب ترجمو ڪيائين. سنڌ ۾ جيئن ئي جديد تعليم جي شروعات ٿي تہ مختلف علمن جا ڪتاب ترجمو ڪري اسڪولن ۾ پڙهجڻ لڳا. هن ڪتاب جي ترجمي جي پسمنظر جي حوالي سان محمد صديق ميمڻ لکيو آهي تہ:

> "سنڌي ادب جي نئين دؤر شروع ٿيڻ واري زماني ۾ مدراس ۾ ڊاڪٽر هنٽر صاحب، ڪنيارڪي ڪم سيکارڻ لاءِ هڪڙو هنري اسڪول کوليو هو، جنهن ۾ شاگردن کي ٺڪر جي ٿانون تي قسمين قسمين ڇٽ ڪيڻا پوندا هئا. هنٽر صاحب اسڪول کولڻ سان گڏ هڪڙو انگريزي ماهوار رسالو بہ

جاري ڪيو هو، جنهن ۾ ’چٽ‘ يعني ’ڊرائنگ‘ ڪيڻ جا اصول ۽ سمجهاڻيون لکيون هيون. ڪمشنر صاحب جي حڪم موجب مسٽر ڪاهنداس (ڪانداس) منشارام اسسٽنٽ انجنيئر انهي ماهوار رسالي جي شروعات واري پهرئين پرچي جي اردو ترجمي تان ديوان ننديرام جي مدد ۽ صلاح سان هي سنڌي ترجمو ڪيو. رسالي جي انگريزي پرچي جو اردو ترجمو، جنهن جو نالو ’اصول نقاشي‘ آهي، سو منشي سدا سک لال جو ڪيل آهي“.[21]

منشي سدا سک لال (1746_1827ع)، هندستاني رياست اوڌ جو رهاڪو هو. اردو ۽ هندي ٻولين ۾ سندس وڏيون خدمتون آهن.

”هن ۾ جاميٽريءَ جي رستي ڊرائنگ جون شروعاتي هدايتون ڏنل آهن. سنهيون ليڪون، پاسيريون ۽ ڦڏيون ليڪون، پوروچوتي ليڪون، ڪنڊون، چوڪنڊا، ٽڪنڊا ڪيڻ وقت هٿ ۽ ثونٽ جهلڻ جا رستا ۽ پئمانو سمجهائي پوءِ گهرو شين ۽ گلن جون شڪليون سکندڙن جي استعمال لاءِ ڏنيون ويون آهن. جاميٽريءَ سان تعلق رکندڙ اصطلاح اڄ ڪلهه سنڌي جاميٽرين ۾ ڪم پيا اچن، سي هن ڪتاب لکندڙن جا ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ قائم ڪيل چئبا، جئن تہ: ٽِبڪو، عمود، ٽڪنڊو، پرگار يا پلڪار، ڪنڊ، گوني ڪنڊ، ويڪري ڪنڊ، سوڙهي ڪنڊ، چورس“.[22]

هيٺيان لفظ ۽ اصطلاح اڄ ڪلهه جي جاميٽري جي فهرست ۾ ڪم اچن ٿا:

| هن ڪتاب ۾ | درست صورت |
| --- | --- |
| جهڪ ئي | گڪائي |
| مطر | فوتي |
| عرضي ليڪ | سنئين پيل ليڪ |
| مائل ليڪ | ڏنگي ليڪ، پاسيري ليڪ |
| صفائي | مٿاڇرو، سطح |
| ميچڻ | ماپڻ |
| ميچو | ماپ |
| بازو | پاسو |
| آمهين سامهين جون | آمهان سامهان پاسا |

| | |
|---|---|
| بازون | |
| مقابلو | پيٽ |
| سبت | هڪجهڙائي |
| اُبت | برخلافي |
| علم جي پاڙن تي ڪم | علمي اصول موجب ڪم ڪرڻ |
| ڪرڻ | |
| تنهن ڪارڻ ڪان تہ | انهيءَ ڪري تہ |
| پوري جمائڻ | ڌيان لڳائڻ، خيال ڪرڻ |
| ري سنسي | بي شڪ |

**ضبطيءَ جو ڪتاب:** سنڌي معاشرو مڪمل طور تي زرعي رهيو آهي ۽ برطانوي دؤر کان اڳ تائين، زراعت غير سائنسي اصولن تي هلندي هئي ۽ زراعت مان ايندڙ اپت تمام گهٽ هوندي هئي. عام ماڻهن کي مالڪاڻا حق تمام محدود هوندا هئا. انگريزن سنڌ ۾ زراعت ۽ جاگيرن جا ڪاتا قائم ڪيا، زمينن جي ورهاست واسطي جديد جدولون لاڳون ڪيون، جيڪي سنڌي لکت ۾ اڳ موجود ڪو نہ هيون. انڪري عام ماڻهن کي زمينن جي ورهاست ۽ اپت جي حساب ڪتاب جي معلومات ڪانہ هوندي هئي. عام ماڻهن جي اهڙيءَ سهوليت خاطر، سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر حڪمنامو جاري ڪيو تہ زمينن جي ماپن جي اصولن جو سنڌيءَ ۾ ڪتاب ڇاپيو وڃي.

ان دؤر جي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر بي.ايچ ايلس هڪ خط ذريعي ننديرام کي ’ضبطي ڪتاب‘ جي ترجمو جو ڪم سونپيو، جيڪو 1854ع ۾ نند‌يرام مڪمل ڪري تعليم کاتي پاران شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ زمينن ماپڻ جا قاعدا ۽ اصول ڏنل آهن. هي ڪتاب 15 صفحن تي پکڙيل هو. هن موضوع تي اڄ تائين ڪي خاص ڪتاب شايع نہ ٿيا آهن. هي ڪتاب خصوصي طور تي جاگير کاتي جي عملدارن ۽ روينيو کاتي جي ملازمن لاءِ ڪارگر ثابت ٿيو. مثال طور زمين جي جدول:

| | | |
|---|---|---|
| 20 | وسواس برابر | ويسر |
| 20 | ويسا برابر | جريب |
| 02 | جريب برابر | ايڪڙ |

**پٽماشي حساب:** ’پٽمائشي حساب‘ ڪاهنداس منشارام، ڊاڪٽر چارلس هٽن جي انگريزي ڪتاب (Complete System of Practical Arithmetic) تان سنڌيءَ ۾ ترجمو

ڪيو. ڊاڪٽر چارلس هٽن (1737_1823ع)’رايل مليٽري اڪيڊميءَ‘ ۾ رياضيءَ جو پروفيسر هو. هن پنهنجي اندازي سان ڏرتيءَ جي پئمائش ڪئي. سنڌ جي ان وقت جي ڪمشنر حڪم جاري ڪيو ته انهيءَ ڪتاب جو ترجمو ڪرايو وڃي. هن ڪتاب جي ترجمي جي ذميواري ڪاهنداس منشارام کي ڏني وئي. مسٽر ڪاهنداس منشارام پنجاب سان تعلق رکندڙ مرهٽو هو ۽ سنڌيءَ به سکيو هو. ڪاهنداس اسسٽنٽ انجنيئر هو. هن سنڌ ۾ رهي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا. هن انگريزي ڪتاب کي سنڌي ۾ آندو، جڏهن ته ننديرام سندس ترجمي جي نه صرف اصلاح ڪئي، پر انگريزي اصطلاحن کي سنڌي ٻوليءَ سان نهڪائي رائج ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو.

69 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب کي اردشير جي ڇاپخاني مان 1855ع ۾ شايع ڪرايو ويو. هي ڪتاب نارمل اسڪول جي استادن جي سکيا جي ڪورس ۾ رکيل هو، جنهن ۾ پئمائش جا مڪمل اصول، جدولون، وصفون ۽ شڪليون ڏنل هيون. هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو سنڌي زبان ۾ پهريون ڪتاب هو. هن ڪتاب ۾ پئمائشي حسابن جون وصفون ۽ قاعدا سمجهايل آهن. هن ۾ سنئين مٿاڇري جي پکيڙ ڪڍڻ، پراپيزائيڊ ۽ ٽرپيزيم جي پکيڙ، گهرو ڪنڊن جي پکيڙ، گول ۽ ان جي ڀاڱن جون ماپون ۽ پکيڙ ڪڍڻ، ٻي ڊولين شڪلين جي پکيڙ ڪڍڻ ۽ نهرين شين جون ماپون ڪڍڻ سمجهايون ويون آهن. هن ڪتاب جي اصطلاحي خوبيءَ جي حوالي سان محمد صديق ميمڻ لکيو آهي ته ”جنهن نموني سان هن ڪتاب ۾ پئمائشي حسابن جا قاعدا سمجهايل آهن، سو ساڳيو ئي نمونو اڄ ڪلهه وارن پئمائشي حسابن ۾ ڪم اچي. سنڌيءَ ۾ هي پهريون پهريون پئمائشي حسابن جو ڪتاب آهي. پئماشي حسابن سان تعلق رکندڙ ڪي اصطلاح هن ڪتاب ۾ ڪم آيل آهن، سي اڄ تائين ڪم پيا اچن. جيئن ته: رامبس، رامبائڊ، ٽراپيزيم، ٽراپيزائڊ، پرزم، سلنڊر، (اهي انگريزي ٻوليءَ جا لفظ آهن) قوس ڪره، قطر، (اهي عربي جا لفظ آهن) ۽ ڪمان، زه، نيم قطر (اهي پارسي جا لفظ آهن) هيٺ ڏيکاريل اصطلاح جي هن ڪتاب ۾ آهن، سي هاڻوڪن پئماشي حسابن ۽ جاميٽرين ۾ مٽايا اٿن. جيئن ته:

| اصل لفظ | هاڻوڪي مٽايل صورت |
|---|---|
| مئپ | ماپ |
| نُڪتو | ٽٻڪو |
| پنجاس | پنج ڪنڊو |

| | |
|---|---|
| ڇهاس | ڇهہ ڪنڊو |
| ستاس ۽ اٺاس | ست ڪنڊو ۽ اٺ ڪنڊو |
| وچ | مرڪز |
| سنگ | ڪون (انگريزي)، مخروط (عربي) |
| سانپاري ڪنڊ | سامهين ڪنڊ |
| ڪيتائتو | باقاعدي |
| ري ڪيتائتو | بي قاعدي |

**سيکائتو نروار** (A Manual of Teaching)**:** انگريزن جي دؤر ۾ پهريون دفعو سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو ۽ وڏن توڙن ننڍن ملازمن لاءِ لازم ڪيو ويو تہ اهي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪن. سنڌ ۾ خاص طور تي سنڌي ميڊيم تعليم جو بندوبست ٿيو ۽ وڏي پئماني تي سنڌ جي وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اسڪول قائم ٿيا، پر سنڌ جا ماڻهو پوءِ بہ سنڌي تعليم جي بجاءِ فارسي تعليم کي ترجيح ڏيندا هئا. 19 فيبروري 1852ع ۾ سيوهڻ جي ڊپٽي ڪليڪٽر هڪ خط ذريعي، ڪمشنر کان سيوهڻ ۾ اسڪول کولڻ جي گهُر ڪندي لکيو تہ:

> ”ڪيتري عرصي کان هتان جا رهاڪو هڪ انگريزي اسڪول قائم ڪرڻ جي تقاضا ڪري رهيا آهن. ڇهن کان ستن وڏن زميندارن، واپارين ۽ دڪاندارن رضامندي ڏيکاري آهي تہ هو پنهنجي ٻارن کي اسڪول موڪلڻ لاءِ تيار آهن ۽ ہہ روپيا ماهوار في ڏيڻ لاءِ بہ راضي آهن. مان ان موضوع تي ڪن ٻين سان بہ ڳالهايو آهي، سندن خيال آهي تہ انگريزي پلي هجي پر فارسي بہ ضرور پڙهائيءَ ۾ شامل هجي“.[23]

اهڙين مشڪل حالتن جو ذڪر ديوان ننديرام پنهنجي هن ڪتاب ۾ هن ريت ڪيو آهي.

> ”گهڻو ڪري عاملن جا ڇوڪر رڳو فارسي هن گهرج کان سکن ٿا تہ سرڪاري ڪارخانن ۾ انهن کي نوڪري ملي. هاڻي تہ سيني ڪچهرين ۾ سنڌي هلي ٿي“.[24]

سنڌ جي اهڙين حالتن کي ڏسندي، سنڌ جي قائم مقام ڪمشنر ۽ سنڌ جي تعليم کاتي جي سربراهہ مسٽر بي.ايچ. ايلس، منشي چرنجي لال دهلويءَ جي اردو

ڪتاب ’شارع التعليم‘ (تعليم جو رستو ڏيکاريندڙ) جو ترجمو، منشي نند يرام جي حوالي ڪيو، جنهن کي هن ’سيکائڻ جو نروار‘ جي عنوان ترجمو ڪيو، جيڪو 1856ع ۾ اردشير جي پريس، ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. هيءُ ڪتاب 94 صفحن تي ٻڌل هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ انتظام ۽ تعليم جا سادا سودا اصول ۽ هدايتون ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ فارسيءَ جي جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته اڳتي نوڪرين جا ذريعا، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا مان ئي حاصل ٿيندا. سکيا جي اهميت بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”ذرو ويساهه سان چئو ته اوهين ڇا ٿا سيکاريو ته جنهن جي بدران ڇوڪرن کي فائدو ۽ موچارائي ٿئي ٿي هن ڳالهه جا ڪولادنر ٿيو ته ڇوڪرن کي اهڙي واٽ سان پاڙهيو ۽ سيکاريو جو ان جي ڏاهپ جي سڳورائي ۽ ڪاج جي موچارائي جو ڪارڻ ٿئي. هيرتوهان جو سيکارڻ ڇوڪرن جي حق ۾ ٿوري ڪتئي وارو ڏسجي ٿو سو ڪو نه اوهين رڳو هڪڙي ڏارين ٻولي جي سيکارڻ ۾ گهٽن ڏينهن توٽي پنهنجو ۽ ڇوڪرن جو ميجالو سکٹو ڪيو ٿا پر مطلب جي واٽ ڇوڪرن جي هٿ ۾ نٿي اچي“.[25]

**سنساري نروار:** هيءُ ڪتاب فارسي جي ’حقايق الموجودات‘ جي هنديءَ ۾ منشي بنسي ڌر چرنجي لال جي ترجمي ڪيل ڪتاب ’بديانگر‘ تان، سنڌي وائيءَ ۾ نند يرام ميراڻيءَ ترجمو ڪيو. هيءُ ڪتاب استاد ۽ شاگردن جي وچ ۾، خدا جي مخلوق متعلق سوالن جوابن تي مشتمل آهي، جنهن کي ليکڪ شاعراڻه انداز ۾ قلمبند ڪيو آهي. ڊيمي سائيز، ڪچي جلد سان 207 صفحن تي مشتمل هيءُ ڪتاب، سنڌ جي تڏهوڪي ڪمشنر بي.ايچ. ايلس، وقتي ڪمشنر سنڌ جي منظوريءَ سان، جون 1861ع ۾ تعليم کاتي جي ڇاپخاني مان ڇپيو.

’مطالعة الفطرت‘ (Nature Study) تي هي پهريون پهريون ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکيو ويو آهي. هن ۾ پهريائين ’مواليد ثلاثه‘ يعني ٽن مکيه جسمن جو احوال لکيل آهي: ’ساهه وارا‘، ’وڻ ٻوٽا‘ ۽ ’ڌاتو‘. ساهه وارن ۾ پهريائين انسان جو بيان سمجهايو ويو آهي: ماڻهوءَ جي عمر جا ڀاڱا (ٻالپڻ، جواني ۽ پيري)، ماڻهوءَ جا ظاهري عضوا، رهڻ سهڻ بنسبت ماڻهن جا قسم، ماڻهن جي کاڌي خوراڪ جا اناج ۽ ميوا، تنهن کانپوءِ ڍورن ۽ جانورن جي بدني بناوت ۽ انهن جي ڪمن جو احوال ڏنل آهي. مڇين جا نمونا ۽ انهن جو بيان

سمجهايل آهي. انهيءَ بيان ڪانپوءِ ماڻهو جي حواسن جي سمجهاڻي ڏنل آهي. وڻن ٻوٽن جا قسم انهن جا مختصر بيان، ۽ ذاتن جا قسم ۽ انهن جا ڪم ڏيئي پهريون ڀاڱو پورو ڪيل آهي.

ٻئي ڀاڱي ۾ ڌرتيءَ جي مٿاڇري جو بيان، ملڪن جي سردي ۽ گرميءَ بابت سمجهاڻي، جدا جدا قومن جون جدا جدا عادتون ۽ خاصيتون، جبل ۽ انهن مان فائدا، نديون، سمنڊ، ماڪ، ڪڪر، وڄ، روشنائي، هوا ۽ واءُ، تارا، چنڊ، سج، سيارا، ڌرتيءَ جو ڦيرو، رات ۽ ڏينهن، وقت جي ماپ يا گهڙيال شامل آهن. ڪتاب مان سنڌي اصطلاح سازيءَ جو مثال ڏجي ٿو:

> ”ڪا ڌرتي اهڙي ٿئي ٿي ته ان ۾ ماڻهو وس جيترو ڪشالو ۽ سعيو ڪري ٿو، پر ڪي ٿتو اُپجي تنهن ڌرتي کي ڪلراٺي چون ٿا. ٻج ڇٽڻ کان اڳ ۾ ٻنين کي هر سان ڪيڙي سنوارين ٿا. هند ڏيهه ۾ ڍڳن سان هر ڪيڙيندا آهن پر انگلستان ۾ گهوڙن سان ۽ عربستان ۾ اُٺن سان زمينداري جو ڪم گهڻي چڱيلائي ۽ سرهائيءَ جو آهي. هن لاءِ ته پوکيندڙن کي سدائين سک ۽ ساهي ڪڻڻ لاءِ ٻاهر جو نئون واءُ ملي ٿو. انهيءَ ڪارڻ کان شهر جي ماڻهن کي اهي سگهه وارا ۽ ڀلا ٿين ٿا. ٻج ڇٽڻ کانپوءِ وري نڪري سج جي تو کان وڌ ٿين ٿا، جڏهن سنگ پچي هيڏاوان ٿين ٿا تڏهن جوڳي لڻڻ جو پورو ڪجي ٿو“.[26]

**ليکي جو ڪتاب (ڀاڱو پهريون):** هيءُ ڪتاب ٻن هندي ڪتابن هر هڪ ’مڪتب نامه‘ جوڙيل محمد ابراهيم مفيد ۽ ’ڦٿلاوت‘ جوڙيل راءِ رام سرن داس، ڊپٽي ڪليڪٽر دهلي تان، سر بارٽل فريئر صاحب، ڪمشنر جي حڪم موجب ننديرام سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهريون انگي حساب تيار ٿيو هو. ڪتاب جو پهريون ڀاڱو 1855ع ۾ 112 صفحن تي ڇپجي شايع ٿيو. هن انگي حساب ۾ ننديرام صاحب ڪي نج سنڌي اصطلاح ڪم آندا آهن، جي اڳيئي سنڌ جي واپارين ۾ چالو هئا ۽ اڄ ڪلهه جا انگي حساب به اجا تائين ڀيا ڪم آڻين.مثال طور اٽپورو، اُبتو، اٽپور، سبتڙ اٽپور، مفرد اٽپور، مضاعف اٽپور، ملتف اٽپور، مختصر صورت، ڏهائي، سگهه، مؤر، وياج، راس ۽ سيڪڙو“.[27]

**ليکي جو ڪتاب (ڀاڱو ٻيو):** ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو 1856ع ۾ شايع ٿيو. هي ڀاڱو مٿين درجن لاءِ انگي حساب جي حوالي سان تيار ڪيل هو، جنهن ۾ مسٽر ڪاهنداس به

شامل هو. هن ڪتاب ڻاهڻ ۾ ڊاڪٽر چارلس هٽن جي انگريزي انگي حساب ۾ پنڊت بنسي ڌر جي اردو ڪتاب "مبادي الحساب جلد 2" تان مدد ورتل آهي. هي ڪتاب 120 صفحن تي ٻڌل هو. هن ڪتاب ۾ انهن اصولن ۽ قاعدن کي بيان ڪيو ويو آهي، جن تي حسابن جي پيڙهه رکيل آهي. ان کان علاوه هن صاحب حسابن جو ڪتاب 'انگي حساب' 1896ع ۾، ۽ زباني حسابن جي واڻن جو ڪتاب 'دل جا حساب' 1870ع ۾ لکيو.

**جبر ومقابلہ:** 'جبر و مقابلہ' 1856ع آلجبرا جي حسابن جو پهريون پهريون ڪتاب آهي، جيڪو پروفيسر ينگ جي انگريزي آلجبرا تان وشواسنات نارائڻ منڊلڪ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هي ڪتاب 52 صفحن تي پکڙيل هو. ننديرام ان ڪتاب جي اصلاح ڪئي هئي. راءِ بهادر وشواسنات نارائڻ منڊلڪ جو تعلق هندستان جي چٽپون ڪٽنب سان هو ۽ هو هڪ مرهٽو هو ۽ مرانٺي سندس مادري زبان هئي. هو ڪمشنر سنڌ جي آفيس ۾ تعليم جي معاملن کي ڏسندو هو. ڪيترائي سال سنڌ ۾ رهيو ۽ سنڌي زبان جو خاص امتحان پاس ڪيو هئائين. سنڌ جي اسڪولن ۾ نون استادن جي ڀرتيءَ جو ڪم هن حوالي هوندو هو. ڪيترائي هندستاني ٻولين ۾ ڪتاب لکيائين. ڪتاب ۾ آلجبرا جي جوڙ، ڪٽ، ضرب، ونڊ، اٽپور، صعود، نزول، مساوات، متناسبت ۽ مطابقت، پرابلم يا خيالي حساب، جذري، مساوات، ٻہ پرماٽا سڏيان، گوتم ۽ اڻ مقرر ٽيل مساواتون سمجهايل آهن. هن ڪتاب لاءِ محمد صديق ميمڻ لکي ٿو تہ:

> "جهڙي طرح انگي حسابن جا ڪتاب جئن پوءِ تئن نوان نوان ۽ سليس سليس اصولن سان پي ڻاهيا ۽ اسڪولن ۾ ڪم آيا آهن. تئن آلجبرا جي حسابن جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ نہ ٺهيا آهن. هن آلجبرا جي ڪتاب کان ڳچ ورهہ پوءِ هڪڙو آلجبرا جو ڪتاب سنڌيءَ ۾ تيار ٿيو هو، جنهن جو بيان انهيءَ موقعي تي ٿيندو. تنهن ۾ بہ آلجبرا ئي اصطلاح گهٽو ڪري ساڳيا هن ڪتاب وارا ئي ڪم آيا آهن، فقط اصولن سمجهائڻ ۾ قدري آساني ٿيل آهي". [28]

**جغرافيه جديد:** 'جغرافيه جديد' 1861ع ۾ جاگرافيءَ تي مهاديو شاستريءَ، ننديرام سان گڏ لکيو. مهاديو شاستري بنيادي طور تي هندستاني مرهٽو هو. هن 1854ع ۾ انگريز سرڪار ڪراچيءَ ۾ 'ورنيڪيولر ميڊيم انگلش اسڪول' قائم ڪيو، جنهن جو مقصد آباديءَ کي سنڌي زبان جي ذريعي –انگريزي– زبان سان واقف ڪرڻو هو. مهاديو شاستريءَ کي سندس تعليمي لياقت جي ڪري ان اسڪول جو پهريون هيڊ ماستر

مقرر ڪيو ويو. هن سنڌي زبان جو خاص امتحان پاس ڪيو هو. سنڌي زبان ۾ ڪي ڪتاب پڻ لکيائين. سندن هي ڪتاب وڏن ڪلاس جي شاگردن جي ڪورس تي رکيل هو. هن ڪتاب ۾ جاگرافيءَ جي معلومات سولي نموني سمجهايل آهي. مهاديو شاستري ان زماني ۾ تعليم کاتي سان منسلڪ هو. هن ڪي درسي ڪتاب پڻ سنڌي ۾ ترجمو ڪيا هئا.

**ڌرتي نروار ( جلد پهريون ۽ ٻيو):** 'ڌرتي نروار' (1855ع) دنيا جي مختصر جاگرافي، مهاديو شاستريءَ، ننديرام سان گڏ تيار ڪيو. هيءُ سنڌيءَ ۾ پهريون جاگرافيءَ جو ڪتاب تيار ٿيو هو. انگريز ليکڪ هينري موريس جي انگريزيءَ ۾ ناهيل دنيا جي جاگرافيءَ تان، سرڪاري منظوريءَ سان ٻن جلدن ۾ ترجمو ڪيو هو. هينري موريس هندستان جي اسڪولن جي ڪورس لاءِ ڪيترائي ڪتاب لکيا هئا. ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ 246 صفحا ۽ ٻيو حصو 194 صفحن تي ٻڌل هو.

پهرئين جلد ۾ يورپ، آفريڪا، آمريڪا ۽ اوشينيا جي جاگرافي لکيل آهي ۽ ٻئي جلد ۾ ايشيا کنڊ ۽ هندستان جي جاگرافي ڏنل آهي.

> ”جاگرافيءَ سان تعلق رکندڙ سنڌي ۽ عربي ٻولين وارا اصطلاح جيڪي هنن جاگرافين ۾ ڪم آيل آهن، سي ساڳيا اڄڪلهه جي سڌريلن جاگرافين ۾ بہ قائم آهن. جهڙوڪ: محور، قطب، خط استوا، ڏکهائي ڦاڪ، ويڪرائي ڦاڪ، مڌيان ڦاڪ، کنڊ، ٻيٽ، اُپٻيٽ، ڳچي ڌرتي، راس، نار، اُپسمنڊ وغيره. پراڻين جاگرافين ۾ ڪم آيل ڪي اصطلاح هاڻي مٿيل صورتن ۾ ڪم اچن ٿا. وغيره“.(29)

| اصلوڪو | هاڻوڪو |
|---|---|
| چال | گردش يا ڦيرو |
| ڏينهن چال | روزاني گردش |
| ورهہ چال | ساليانې گردش |
| ويڪرائي گهيرا | ويڪرائي ڦاڪ گهيرا |
| ڏکهائي گهيرا | ڏکهائي ڦاڪ گهيرا |
| ڌرتيءَ جي ڇانو | ڌرتيءَ جو پاڇو |
| ڌرتيءَ جي مورت | ڌرتيءَ جي شڪل وغيره |

**ساڀيٽ جي ڳالهه:** ننديرام جي زماني ۾ سنڌي سماج گهڻو تڻو زرعي ۽ ڳوٺاڻو هو، جتي گهڻا ڳوٺڙا زمينن ۽ جهنگن سان گڏ هوندا هئا. انڪري نانگ بلائون به جام هيون، جنهن جي ڪري اڪثر ڪري عام ڳوٺاڻا ڏنگبا هئا ۽ نه ڪو خاص علاج موجود هو ۽ نه وري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو سکيا جو ڪتاب موجود هو. ان مسئلي کي ڏسندي، سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر، مسٽر ڪوليئر (Collier) جي ڪتابڙي جي اشاعت جا احڪامات جاري ڪيا. اهو ڪتابڙو ڊاڪٽر اين چندروبا (Dr. Anan Chandroba) ۽ ننديرام گڏجي ترجمو ڪيو، جيڪو 1858ع ۾ 16 صفحن تي شايع ٿيو. هي پنهنجي نوعيت جو سنڌي ٻوليءَ ۾ منفرد ڪتاب هو، جنهن جو مثال ملڻ مشڪل هو. هن ڪتاب ۾ نانگن جي ڏنگ جا مختلف علاج ٻڌايل آهن.

**پڌرنامو:** سنڌي ادب ۾ هي هڪ منفرد ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب 1860ع ۾ شايع ٿيو. هيءُ ڪتاب نانگن بلائن جي قسمن بابت معلومات مهيا ڪري ٿو.

ننديرام پنهنجي سڄي زندگي ادب جي خدمت ڪئي. سنڌي الف-ب جي موجوده تشڪيل ۾ سندس ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. جديد علمن جي اصطلاحن کي يڪجا ڪرڻ، ديوان نندي رام جي محنت جو ثمر آهي. اڄ به جاگرافي، جاميٽري، رياضي، ڊرائنگ ۽ ٻين علمن ۾ تيار ڪيل ڪتابن ۾ڪتب آندل سنڌي لفظ، هن جا ئي ٺهيل آهن. سندس ئي دؤر ۾ سنڌ جي مختلف شعبن ۾ نوان لفظ ۽ اصطلاح سنڌي ٻوليءَ لاءِ ناهيا ويا، ۽ ان ڪانپوءِ اڄ تائين اهڙو سلسلو بند ٿي ويو، جنهن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف علمن جي اصطلاحن، خاص لفظن (Vocabulary) جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي.

## حوالا


1. سوميا، موهن لعل ڪيمچند: 'آڳاتي ۽ هاڻوڪي تعليم'، جاڳرتي، 3 آگسٽ 1968ع، ص 12
2. برٽن، رچرڊ: 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ وسندڙ قومون'. (ترجمو محمد حنيف صديقي) سنڌي ادبي بورڊ 1976، ص 71
3. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر: 'سنڌي دب جي ارتقائي تاريخ'، اوسر اشاعتاڻو، حيدرآباد، 2009ع، ص 360
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 'سنڌي نثر جي تاريخ'، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد 1976ع ص 12
5. اوٺو، علي اصغر: ' ديوان نندي رام ميراڻي سيوهاڻي' (انٽرنيٽ تان ڪنيل)
6. راشدي، حسام الدين، پير: 'ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1981ع

7. ميراڻي ،ننديرام:’تواريخ سنڌ‘، مفرح القلوب ڇاپخانو، ڪراچي، 1861ع، ص 4
8. ساڳيو حوالو، ص 4
9. ملاح، مختيار احمد: ’مغربي سنڌ شناس‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2013ع، ص 253
10. ماڙيوالا، چيتن: ’سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپي‘، مهراڻ، 1947ع، ص 53
11. ساڳيو حوالو، ص 54
12. Report of the Director of Public Instruction, Bombay, for the Year 1857-58. Bombay: Printed At The Education Society's Press, Byculla. 1859, P-233
13. Haider, Azimusshan : History of Karachi: With Special Reference to Educational, Demographical, and Commercial Developments, 1839-1900, Feroze Sons, Karachi, 1974
14. ’سنڌي صرف ۽ نحو‘، گورنمينٽ آف انڊيا 1860 (ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ Preface)
15. ميراڻي، ننديرام:’تواريخ سنڌ‘، مفرح القلوب ڇاپخانو، ڪراچي، 1861ع، ص 5
16. ميراڻي، ننديرام: ’ٻانامو‘، تعليم کاتو، ڪراچي، 1857ع، ص 3
17. ميراڻي، ننديرام: ’ايسپ جون آکاڻيون‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1996ع، ص 12
18. ننديرام ميراڻي، ’تواريخ سنڌ‘، مفرح القلوب، ڪراچي 1861ع، ص 5
19. مخدوم امير احمد: ’تاريخ معصومي‘ (ترجمو)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو،1959ع، ص 50
20. روهڙا، ستيش:’اوائلي سنڌي نثر جو ڀاشا وگيانڪ اڀياس‘، رچنا- آڪٽوبر، ڊسمبر، 1986ع
21. ميمڻ، محمد صديق:’سنڌ جي ادبي تاريخ‘، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2005ع، ص 235، 236
22. ساڳيو حوالو، ص 236
23. Mallah, Mukhtiar Ahmed: “The Development of Sindhi Language and Script during early English Period”, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017,P-158
24. ميراڻي، ننديرام: ’سيکائڻ جو نروار‘ 1856، تعليم کاتو،ڪراچي، ص 8_9
25. ميراڻي، ننديرام: ’سيکائڻ جو نروار‘، تعليم کاتو، ڪراچي، 1856ع، ص 4
26. ميراڻي، ننديرام: ’سنساري نروار‘، تعليم کاتو، ڪراچي، 1861ع، ص 22، 23
27. ميمڻ، محمد صديق:’سنڌ جي ادبي تاريخ‘، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2005ع، ص 232
28. ساڳيو حوالو، ص 239
29. ساڳيو حوالو، ص 232

ڊاڪٽر مظهر ڏوتيو

# سنڌي ٻوليءَ جي راين/ تاثرات واري متن ۾ موجود احساسن جو ڪمپيوٽر مشين ذريعي تجزيو

# An analysis of sentiments available in the opinionated text of Sindhi language while using computer machine

**Abstract:**

*The modern age has connected people all over the globe through the internet and web 2.0, therefore, commodities, products, personalities, and people are turned in to global entities now. People, all over the globe, are showing and writing their opinions and suggestions for various types of products, commodities, personalities, etc. in their native / mother languages. The Sindhi language is spoken, written, and read all over the globe by Sindhi people, therefore, Sindhi people are also using the Sindhi language for writing and showing any type of comment, suggestion and opinion on any type of commodity, product, personality, politician, etc. Lots of research studies have been done on sentiment analysis of various text corpora of various languages of the world to get the polarity of opinions, views, thoughts, etc. which are given by individuals or groups. To analyse the opinionated text of Sindhi language for sentiment and emotions, there is a research problem because very little research work has been done on this issue so far. In order to resolve this issue of sentiment analysis for the Sindhi language, a research model is designed based on rule-based systems, algorithms, and methods. The model extracts the sentiments from the Sindhi text corpus and assesses those sentiments to get the sentiment polarity. In this regard, specific weights/scales have been assigned to every sentiment-based word. Therefore, assessment of weighted sentiment-based words creates the confidence level of polarity and gives a significant result. The results of sentiment analysis are shown in the form of positive, negative, and neutral polarity. The purpose of the current research study is to solve the natural language processing problems of the Sindhi language, especially the sentiment analysis problem and provide a research platform for future research. Therefore, the current study suggests more research work on Sindhi text corpus for aspect-based sentiment analysis using rule-based systems, machine*

*learning, and deep learning models and algorithms.*
***Keywords:*** *Sentiment Analysis; Opinionated text corpus; Sindhi language, Sentiment Polarity, NLP, Computational Linguistics.*

**تعارف:** ڪنهن بہ سماج جي بناوٽ ۽ ان سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي حالتن، اخلاق، اٿڻي ويهڻي ۽ ريتن رسمن وغيره کي پرکڻ جو هڪ بهترين طريقو، ان سماج ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جي جاچ پڙتال آهي. ٻولي ماڻهن جي روين، ڪرتن ۽ معاشي حالتن وغيره بابت ٻڌائيندي آهي (1) اهڙيءَ ريت ٻولي، ماڻهن جي احساسن، جذبن، ڪيفيت ۽ مختلف وقتن تي سامهون ايندڙ راين بابت پڻ ڄاڻ ڏيندي آهي. ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ يا لکڻ وقت مختلف قسم جا نظريا، رايا يا خيال پيش ڪندا آهن. انهن نظرين، راين ۽ خيالن ۾ ماڻهن جي مختلف قسمن جا احساس ۽ جذبا شامل هوندا آهن، جن جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي. انهن جي احساسن ۽ جذبن جي بنياد تي ئي ڪنهن بہ فرد جي نظريي، خيال، رايي، لکڻيءَ يا ڳالهہ کي پرکي سگهبو آهي يا ان جو تجزيو ڪري سگهبو آهي تہ اهي نظريا، رايا، خيال، لکڻيون ۽ ڳالهيون مثبت آهن؛ منفي آهن يا غيرجانبدار. هن تحقيق جو مقصد اهو معلوم ڪرڻ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکجندڙ مواد ۾ ڪهڙي قسم جا احساس يا خيال موجود آهن ۽ انهن خيالن کي ڪمپيوٽر مشين، هٿراڌو ڏاهپ (Artificial intelligence) ذريعي ڪيئن سمجهي سگهي ٿي ۽ ڪهڙي طريقي سان ان مواد مان نتيجا ڪڍي سگهي ٿي. ان سان اهو معلوم ٿيندو تہ ڪمپيوٽر ڪيترو سيڪڙو سنڌي ٻوليءَ کي سمجهي ٿو ۽ ڪيترو سيڪڙو درست نتيجا ڏئي ٿو. هن تحقيقي مطالعي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي متن کي ڪمپيوٽيشنل لسانيات (Computational Linguistics) ۽ قدرتي ٻولين کي پروسيس (Natural Language Processing) ڪرڻ وارن اوزارن جي ذريعي پروسيس ڪيو ويو آهي ۽ نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن.

**1.1 مسئلي جو بيان ۽ تحقيق جو مقصد:** ڪمپيوٽر مشين (Computer Machine) ذريعي احساسن جو تجزيو (Sentiment analysis) هڪ اهم ۽ پيچيده تحقيقي ڪم آهي. احساسن جو تجزيو انساني ٻولين جي پروسيس ۽ هٿراڌو ڏاهپ (Artificial Intelligence) جي شعبي ۾ اهم تحقيقي ڪم آهي، جيڪو دنيا جي ڪيترين ٻولين تي ٿي رهيو آهي. موجوده دور ۾ ڪن خاص اصولن جي بنياد تي (Rule_Based) ۽ ڪمپيوٽر مشين کي سکيا ڏيڻ (Machine learning) جي طريقن جي ذريعي، انساني

ٻولين ۾ موجود لفظن يا جملن جي پنڊار (Corpus) جو تجزيو ڪيو ويجي ٿو، جنهن سان ماڻهن جي احساسن، ۽ راين جو تجزيو ڪيو ويجي ٿو، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهو لکڻ يا ڳالهائڻ وقت ڪيترا مثبت يا منفي رايا ڏين ٿا. اهڙي قسم جي تحقيق جو ادارن، ڪمپنين، وکرن، سياسي ۽ سماجي شخصتين وغيره کي تمام گهڻو فائدو پوي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي متن (Text) تي اڃ ۾ هن قسم جي تحقيق نہ ٿيڻ جي ڪري، سنڌي متن مان اهو معلوم نہ ڪري سگهبو هو تہ ماڻهن جا ڪنهن بہ وکر يا شخصيت جي باري ۾ ڪهڙي قسم جا احساس يا رايا آهن يا هو عام رواجي گفتگوَ ۾ ڪهڙي قسم جا رايا يا احساس پيش ڪن ٿا ۽ انهن جي قطبيت يا پولارٽي (polority) مثبت آهي يا منفي يا وري غير جانبدار(Nuteral). هي هڪ اهم تحقيقي مسئلو هو. جنهن کي حل ڪرڻ لاءِ هتراڏو ڏاهپ جا ڪمپيوٽرائزڊ اوزار ۽ مشيني سکيا جا الگوريٿم ناهي، خودڪار نظام ذريعي سنڌي متن جو تجزيو ڪيو ويو آهي ۽ انهن تجزين ۽ نتيجن کي هن تحقيق ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

هن مسئلي کي حل ڪرڻ جو مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ متن ۾ موجود راين، تجويزن ۽ احساسن جي سطح (Level) ماپڻ ۽ معلوم ڪرڻ آهي ۽ انهن جي قطبيت (polority) ڪڍڻ آهي، جنهن سان سنڌي ٻولي دنيا جي ٻين ترقي ڪندڙ ٻولين جي سٽ ۾ شامل ٿيندي ۽ عالمگيريت جي دور ۾ انگريزي ٻولي وانگر پنهنجي مسئلن کي خودڪار ڪمپيوٽر نظام يا پروگرامن ذريعي پاڻ حل ڪري سگهندي. هيءَ تحقيق سنڌي ٻوليءَ جي متن (Text) تي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جا درواز پڻ کوليندي تہ جيئن ڪمپيوٽر سائنس، انفرميشن ٽيڪنالاجي، هتراڏو ڏاهپ ۽ ڪمپيوٽر سائنس سان واسطو رکندڙ ٻين شعبن جا شاگرد، استاد ۽ محقق وڌيڪ تحقيق ڪري سگهن.

1.2 **احساسن جو تجزيو:** ماڻهو پنهنجي مسئلن، راين، خيالن ۽ نظرين وغيره کي مختلف قسم جي لکڻين، ڳالهين، تقريرن، مشورن ۽ ڪچهرين وغيره ذريعي يا سماجي ميڊيا (2) جي پليٽفارم ذريعي پيش ڪن ٿا، اهڙي طرح ماڻهو مختلف قسم جي ادارن، تنظيمن، وکرن، فلمن، ڊرامن، ڪهاڻين، ناولن، شعرن، ڪتابن، ريتن رسمن، ثقافتن، ٻولين، سياستدانن، ۽ مختلف قسم جي سماجي ۽ سياسي مسئلن تي پنهنجا ويچار ۽ رايا پيش ڪن ٿا يا پنهنجي جذبن جو اظهار ڪن ٿا، جن ۾ انهن ماڻهن جا مختلف قسمن جا احساس شامل هوندا آهن. انهن احساسن، جذبن، راين، خيالن، ۽

نظرين وغيره جي تجزيي يا ڇيد ڪي احساسن جو تجزيو (Sentiment Analysis) چئبو آهي(3) .

احساسن جو تجزيو، ماڻهن جي راين ۽ خيالن کي ماپي، انهن جو خلاصو (Summary) پيش ڪري ٿو ، جنهن ۾ احساسن ۽ جذبن جي تجزيي جا مختلف قسمن مطابق نتيجا موجود هوندا آهن، جيڪي قطب بندي (Polarity) جي شڪل ۾ ظاهر ڪيا وڃن ٿا، مثال طور، مثبت (Positive) يا منفي (Negative) يا غيرجانبدار ( Neutral) قطبيت يا رايو .(4).

احساسن جي تجزيي ۾ راءِ (Opinion) جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي. راءِ ڏيڻ لاءِ راءِ ڏيندڙ، مفعول جنهن جي باري ۾ راءِ ڏني وڃي ۽ راءِ جي وجود جو هجڻ ضروري هوندو آهي. اهي ٽيئي عمل راءِ ڏيڻ واري عمل جا اهم حصا آهن، جن کي هيٺ مختصر طور بيان ڪجي ٿو.

1. **راءِ ڏيندڙ** (Opinion Holder): ڪو به فرد يا ادارو، جيڪو ڪنهن به مفعول يا شيءِ (Object) تي راءِ ڏيڻ جو اهل آهي يا راءِ ڏيڻ جو حق رکي ٿو.
2. **وکر يا مفعول** (Object): ڪو به وکر، بيان، شخصيت يا ڪنهن به قسم جي لکت وغيره، جنهن تي راءِ ڏئي سگهجي
3. **راءِ** (Opinion): ڪو به خيال يا ويچار، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جو احساس يا جذبو موجود هجي جيڪو ڪنهن به مفعول يا وکر وغيره جي باري ۾ پيش ڪجي ٿو يا مفعول يا وکر وغيره جي گڻ يا اوگڻ کي بيان ڪري.




**شڪل 1:** راءِ ڏيندڙ (Opinion Holder) ، راءِ (Opinion) ۽ مفعول ( Object) جنهن تي راءِ ڏجي ٿي، کي پيش ڪري ٿي.

مٿين راءِ ڏيڻ جي عمل کي شڪل نمبر 1 جي ذريعي ظاهر ڪجي ٿو. هن شڪل ۾ راءِ ڏيندڙ، راءِ ۽ مفعول يا وکر پيش ڪيا ويا آهن. هن شڪل ذريعي راءِ ڏيڻ جو عمل واضح ٿئي ٿو.

انٽرنيٽ ذريعي هلندڙ ويب Web 2.0 کان اڳ ۾ ماڻهو ڪو بہ وکر وٺڻ لاءِ پنهنجي دوستن يا مائٽن وغيره کان رايا وٺندا هئا، پر هاڻي ماڻهو ان وکر جي ويبسائيٽ تي يا سماجي ميڊيا تي، ان وکر جي باري ۾ معلوم ڪن ٿا ۽ وکر کي استعمال ڪرڻ کانپوءِ، ان وکر تي راءِ ڏين ٿا. تنهنڪري ڪو بہ وکر وٺڻ يا سافٽويئر انسٽال ڪرڻ کان اڳ ۾ ماڻهن جا رايا ڏسجن ٿا، جن سان ان وکر جي اهميت جي خبر پئجي وڃي ٿي. انهن راين يا تجويزن ۾ ماڻهن جا جذبا ۽ احساس شامل هوندا آهن، جيڪي احساسن جي تجزيي واري نظام لاءِ اهم هوندا آهن. جذبن يا احساسن جو تجزيو هڪ عام عمل آهي، جيڪو جدا جدا وکرن (produscts) يا ادارن لاءِ ماڻهن جي رَوِش، راءِ، احساس ۽ خيال جو تجزيو ڪري ٿو. تنهنڪري، جذبن يا احساسن جو تجزيو ڪنهن هدف (Target) تي مبني هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪابہ راءِ ڪنهن وکر کي نشانو بڻائي ڏني ويندي آهي. مثال طور: منهنجي ڪار جون سيٽون آرامده آهن، هتي صرف، ڪار جون سيٽون، راءِ ڏيندڙ جون هدف آهن. تنهنڪري راءِ ڏيندڙ، راءِ ڏيڻ جو وقت، راءِ ڏيڻ جي جاءِ، راءِ ڏيڻ يا احساس کي ظاهر ڪرڻ جو سبب ۽ راءِ يا خيال جو هدف اهم هوندا آهن. رايا يا احساس ٻولي يا ثقافت جي بنياد ، نفسيات جي بنياد، خريدار جي راءِ جي بنياد، وکر جي مختلف حصن يا خوبين جي بنياد، عقل جي بنياد، جذبن جي بنياد ، ۽ شعوري بنيادن تي ٿي سگهن ٿا. تنهنڪري جذبن يا احساسن جي قطب بندي (Polarity) مثبت، منفي ۽ غير جانبدار قسمن ۾ ظاهر ٿئي ٿي. هونءَ تہ اسم ، صفت ، ظرف ۽ فعل وارا لفظ احساسن، راين ۽ خيالن وغيره جي پولارٽي يا قطب بنديءَ کي ظاهر ڪن ٿا، پر صفتن وارا لفظ ڪنهن عام راءِ واري متن جي قطبيت پيش ڪرڻ ۾ وڏيڪ عام ۽ اهم آهن.

قطبيت يا پولارٽي لاڳاپيل ماڻهن جي احساس ۽ راين بابت ڄاڻ ڏئي ٿي. پولارٽي جذبي يا احساس يا راءِ جي سطح (Level) تي ٻاڌيندي آهي. تنهنڪري، جذبي يا احساس يا راءِ جي پولارٽي، انهن جي اعتماد جي سطح تي بلند يا گهٽ ٿي سگهي ٿي. اهڙي طرح جذبن يا احساسن کي ماپڻ لاءِ انهن جي وزن يا ماپ جي پئماني (Scale)

ڪي مقرر ڪيو ويجي ٿو. جيڪو جذبن يا احساسن جي مثبت يا منفي شدت ۽ ان شدت جي ماپ کي ظاهر ڪري ٿو. مثال طور: لفظ ٺيڪ، سٺو، بهتر ۽ بهترين جي شدت جي ماپ مختلف ٿيندي. اهڙي طرح مثبت وزن يا ماپ 1+ کان 5+ تائين ٿي سگهي ٿو ۽ منفي وزن يا ماپ کي وري ڪاٿو 1 کان ڪاٿو 5 جي ذريعي معلوم ڪري سگهجي ٿو. اهڙي قسم جي وزنن يا ماپن سان احساسن يا جذبن جي اعتماد جي سطح يا Confidence level معلوم ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ لفظ يا جملي جي مثبت يا منفي اعتماد جي سطح وڌيڪ هوندي ته اها ان لفظ يا جملي جي پولارٽي ٿيندي. اهڙيءَ ريت جيڪڏهن ڪنهن لفظ يا جملي جو وزن ٻڙي (Zero) هوندو يا ڪنهن ۾ لفظ يا جملي جي پولارٽي نه مثبت هوندي ۽ نه ئي وري منفي هوندي، ته ان جملي يا لفظ جي پولارٽي غيرجانبدار (Neutral) ٿيندي.

احساسن جو تجزيو ڪيفيت، جذبن، مزاج، رَوِش، احساس ۽ ان سان گڏ خريدار جي پنهنجي خصلتن يا پيغام جي تحقيق جي اهم صفتن کي پرکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو (5). احساسن جو تجزيو ڪندڙ ڪمپيوٽر ايپليڪيشن موجوده قدرتي ٻولي جي پروسيس يا (Natural Language Processing) ۽ هتراڏو ڏاهپ جي نظام جي بنياد تي ڪم ڪندڙ ڪمپيوٽرائزڊ ايپليڪيشن آهي، جيڪا ڪنهن ۾ متن مان فاعلي (Subjective) متن کي دريافت ڪري، ان مان جذباتي ڪيفيتن يا جذبن يا راين ۽ احساسن کي جاچي، انهن جو تجزيو ڪري ٿي، اهڙي طرح جذبن يا احساسن جو تجزيو ڪري، انهن جي مثبت يا منفي قطبيت يا پولارٽي کي ظاهر ڪري ٿي (6). مثال: **'انب مٺو آهي'** هيءُ هڪ فاعلي (Subjective) جملو آهي، جنهن ۾ انب جي خصوصيت **مٺي** ظاهر ڪئي وئي آهي، اها خصوصيت ان جملي جي مثبت پولارٽي (Polority) کي ظاهر ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح ٻئي جملي 'صوف ڪتو آهي' ۾ 'ڪتو' صوف جي منفي خصوصيت کي ظاهر ڪري ٿو. تنهنڪري ان جملي جي پولارٽي (Polority) منفي ٿيندي. پر اهو ضروري نه آهي ته هر فاعلي (Subjective) جملو مثبت يا منفي پولارٽي ظاهر ڪري. مثال طور، **آءٌ فلم ڏسان ٿو.** هي جملو فاعلي (Subjective) ته آهي پر ان ۾ ڪنهن به قسم جو احساس يا رايو موجود نه آهي تنهنڪري ان جملي ۾ فلم جي مثبت يا منفي خصوصيت شامل نه آهي. انڪري ئي هن جملي جي پولارٽي مثبت يا منفي نه آهي.

اهڙي قسم جي جملي کي غير جانبدار (Nuteral) جملو چئبو، تنهنڪري ان جملي جي پولارٽي بہ غير جانبدار (Nuteral) ٿيندي.

2. **تحقيق جو پسمنظر ۽ احوال:** 1950ع کان پوءِ دنيا ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي جي ڪري تمام گهڻيون تبديليون آيون آهن ۽ اجا تائين اهي تبديليون اچڻ وارو عمل جاري آهي، جنهنڪري دنيا تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي. اهي تبديليون دنيا جي ساخت (Structure) کي بہ تبديل ڪري رهيون آهن. سن 2000ع کان پوءِ تہ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقي دنيا کي هڪ گلوب (Globe) ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ دنيا کي ان گلوب ۾ تبديل ڪرڻ جو سلسلو 1990ع کان پوءِ شروع ٿي چڪو هو. دنيا جو هڪ گولي يا گلوب ۾ تبديل ٿيڻ جي ڪري عالمگير سماج جڙڻ شروع ٿي ويو، جنهن پوري دنيا کي عالمي ڳوٺ (Globel village) ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ان پوري عمل ۾ ٽيڪنالاجي، خاص ڪري انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جو اهم ڪردار رهيو آهي. عالمي ڳوٺ جڙڻ جي ڪري دنيا جي سمورين ٻولين جي اهميت بہ وڌي وئي آهي. موجوده دور ۾ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ مختلف ٻولين کي سمجهي رهي آهي ۽ انهن جو لسانياتي تجزيو ڪري رهي آهي تہ جيئن ڄاڻ جي حصول (Information retrieval) ۽ ڳولا جي نظام (Search engines) کي بهتر ۽ آسان بڻائڻ سان گڏ مختلف ٻولين جي متن جو تجزيو (Text analysis) ۽ ترجمو ڪري سگهجي. ان سلسلي ۾ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ کي استعمال ڪندي، دنيا جي ٻولين جي مختلف پهلوئن، خاص ڪري صوتيات، نحو ۽ صرفيہ تي گهڻو ڪم ٿي رهيو آهي. نحو ۽ صرفيہ جي ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ جي متن جو ڇيد ڪري ان جي ساخت کي جاچيو ويجي ٿو ۽ ترجميڪاري، ڳولا جي نظام ۽ ڄاڻ جي حصول جي نظامن کي بهتر ڪيو ويجي ٿو. اهڙي طرح مختلف قسم جي متن جو تجزيو ڪري انهن ۾ موجود احساسن ۽ جذبن جو تجزيو ڪيو ويجي ٿو تہ جيئن ماڻهن جي خيالن ۽ راين جي بهتر طريقي سان پرک ڪري سگهجي. متن جي بنياد تي جذبن جي سڃاڻپ ۽ احساسن جو تجزيو، جملن ۾ موجود جذبن ۽ احساسن جي موجودگي ۽ قطبيت کي ظاهر ڪن ٿا (7)

هن وقت دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ موجود ڪارپس (لفظي ذخيري) تي احساسن جي تجزيي جي حوالي سان تحقيق ڪئي وڃي ٿي. جذبن يا احساسن جي

تجزيي تي ٻهريون تحقيقي مطالعو 2003ع ۾ پيش ڪيو ويو.(8) جذبي جي ڇڪاس ۽ تجزيي تي اڪثر ڪري تحقيق انگريزي ٻولي جي متن تي ڪئي وئي آهي (9)، (10) پر هن وقت دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين تي ان قسم جي تحقيق گهٽي تعداد ۾ ٿي رهي آهي. انهن ٻولين ۾ سنڌي ٻولي بہ شامل آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڪارپس (corpus) ٺاهي، ان جي مختلف پهلوئن تي تحقيق ڪئي وئي آهي، جنهن مان سنڌي ٻولي جي ساخت ۽ احاطي (Domain)، قد ڪاٺ ۽ ٻيهڪ وغيره جي خبر پوي ٿي (11). سنڌي ٻوليءَ جي ڪارپس جي بنياد تي صرفيہ ۽ نحو سان گڏ احساسن جي تجزيي تي پڻ تحقيق ٿي رهي آهي، جيڪا ڪيترن ئي قومي ۽ بين الاقوامي تحقيقي جرنلس ۾ ڇپجي چڪي آهي(12). سنڌي ٻوليءَ جي متن يا ڪارپس ۾ موجود احساسن، جذبن، راين ۽ تجويزن تي ٿيندڙ هي تحقيق اڳين تحقيق جي هڪ ڪڙي آهي، جنهن ذريعي سنڌي ٻوليءَ جي ڪارپس کي ڪمپيوٽر مشين جي هٿراڌو ڏاهپ جي اوزارن (Artificial Intelligence Applications) جي ذريعي تجزيو ڪري احساسن يا جذبن يا راين وغيره جي پولارٽي ڪڍي وڃي ٿي ۽ انهن جو تجزيو ڪري ان جو تتُ/ خلاصو پيش ڪيو وڃي ٿو.

3. **طريقيڪار:** هيءَ هڪ تجرباتي تحقيق آهي، جنهن ذريعي ماڻهن جي ويچارن، رويَن، تجويزن، نظرين ۽ قياس آرائين وغيره کي ڪمپيوٽرائزڊ الگوريٿم، ڊيٽا اسٽرڪچرس ۽ هٿراڌو ڏاهپ جي اصولن ۽ ايجنٽس جي بنياد تي حل ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ هٿراڌو ڏاهپ جي بنياد تي مخصوص قسم جون ڪمپيوٽرائزڊ ايپليڪيشن ٺاهيون ويون آهن، جيڪي سنڌي متن جو گرامر جي بنياد تي ڇيد ڪري، ان جو تجزيو ڪن ٿيون. جنهن ذريعي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ راءِ ڏيندڙ ڪهڙي وکر(product)، شخصيت يا ڪنهن شيءِ يا مفعول لاءِ ، ڪهڙي قسم جي راءِ ڏئي ٿو ۽ ان راءِ ۾ ان جا ڪهڙي قسم جا جذبا ۽ احساس شامل آهن. شڪل 2 احساسن کي ڳولڻ ۽ انهن جي پولارٽي ڪڍڻ جي تحقيقي طريقيڪار کي بيان ڪري ٿي.




**شڪل 2:** احساسن کي ڳولڻ ۽ انهن جي پولارٽي ڪڍڻ جو تحقيقي طريقيڪار

ڪنهن به تحقيق لاءِ مسئلي جو هجڻ ۽ ان مسئلي کي سمجهڻ ضروري هوندو آهي. مسئلي کي سمجهڻ سان ئي تحقيقي سوال، تحقيق جا مول ۽ مٽا ۽ مقصد بيان ڪري سگهبا آهن. تنهنڪري، هي تحقيق ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريان مسئلي کي ڳوليو ويو ۽ ان کي مختلف تحقيقي رخن کان پرکيو ۽ سمجهيو ويو. مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ گهربل مواد سماجي ميڊيا جي اوزارن يا ايپليڪيشنس، سنڌ سلامت آنلائين ڪتاب گهر تي موجود ڪتابن ۽ گوگل فارم جي ذريعي حاصل ڪئي وئي آهي. حاصل ٿيل متن کي هڪ ڪارپس يا جملن جي ڀنڊار جي شڪل ڏني وئي.

اهڙيءَ طرح، انهن جملن کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ٺاهيل احساسن جي تجزيي واري ڪمپيوٽرائزڊ نظام (Sentiment Analysis System For Sindhi Language)[1] ۾ پروسيس

[1] https://sindhinlp.com/sentiment.php

ڪيو ويو ۽ گهربل نتيجا حاصل ڪيا ويا، جيڪي هن مقالي جي نتيجن واري حصي ۾ رکيا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي متن ۾ موجود احساسن کي جاچڻ واري نظام کي ٺاهڻ لاءِ هڪ خاص الگورِيٿم ۽ ڊيٽا اسٽرڪچر جي بنياد تي ڪمپيوٽرائزڊ ماڊل ٺاهيو ويو آهي، جيڪو سنڌي متن کي سمجهي، ان مان نتيجا اخذ ڪري ٿو. اهو ماڊل هيٺينءَ ريت ڪم ڪري ٿو:

1. سنڌي متن يا جملي کي پڙهي ٿو.
2. سنڌي جملي کي کاٻي کان ساڄي طرف آڻي، ان جي لکت کي ساڄي طرف کان شروع ڪري ٿو (ان لاءِ هڪ لُوپ (Loop)، جنهن کي وائيل لوپ (while loop) چئجي، ٿو سو هلايو وڃي ٿو. جيڪو سنڌي جملي کي عربي-فارسي ’عريبڪ پرشيا‘ جي لپيءَ مطابق ساڄي پاسي کان لکي ٿو)
3. سنڌي جملي جي ڀاڃ ڪري، ان کي جدا جدا لفظن ۾ پيش ڪري ٿو (ڀاڃ جو جدا الگوريٿم ٺاهيو ويو آهي، جيڪو هن ماڊل ۾ هڪ خاص عمل ذريعي گهرايو وڃي ٿو)
4. ڀاڃ ذريعي جدا ڪيل لفظن، نشانين ۽ پوري دم کي عالمي گرامر ۽ سنڌي گرامر تحت نشان لڳايو وڃي ٿو (نشان لڳائڻ جو نظام هڪ خاص الگوريٿم ۽ ڊيٽا اسٽرڪچر تحت ٺاهيو ويو آهي جيڪو هڪ خاص عمل ذريعي گهرايو ويو آهي.)
5. جيڪڏهن پروسيسر اهو سڀ ڪجهه سمجهي وڃي ٿو تہ پوءِ هو سنڌي متن ۾ موجود احساس کي ڳولي، انهن کي مثبت ۽ منفي وزن ڏئي ٿو. (ان پروسيس لاءِ هڪ الڳ لُوپ هلي ٿو، جنهن کي فار لوپ (For loop) چئجي ٿو)
6. اهو لوپ احساس وارا لفظ ڳولي، انهن کي وزن ڏئي الڳ الڳ رکندو وڃي ٿو ۽ آخر ۾ مثبت ۽ منفي وزنن وارن لفظن کي جدا جدا توري ٿو، جنهن جو وزن وڌيڪ هوندو ان جي قطبيت يا پولارٽي کي بيان ڪندو. اهڙيءَ طرح نڪرندڙ نتيجن واري چارٽ (Bar Chart) جي بنياد تي هڪ خلاصو (Visual Summary) ظاهر ڪندو، جنهن ۾ جملي جي قطبيت بيان ٿيل هوندي.
7. جيڪڏهن جملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي قطبيت موجود نہ آهي تہ اهو غير جانبدار neutral جملو هوندو.
8. جيڪڏهن جملي ۾ مثبت ۽ منفي قطبيت يا پولارٽي وارا لفظ هڪ جيترا هوندا تہ اهو جملو گاڏڙ ساڏڙ يا گڏيل قطبيت (Mix Polarity) وارو جملو ٿيندو

9. هي عمل هر جملي لاءِ ورجائبو رهبو.

## 4. نتيجا ۽ بحث:

تحقيق جا نتيجا تحقيق جي طريقيڪار، تحقيق جي ماڊل، تحقيق جي سوالن ۽ تحقيق جي مقصد جي بنياد تي ڪڍيا ويندا آهن تنهنڪري هن تحقيق ۾ جيڪي نتيجا بيان ڪيا ويندا، سي تحقيق جي مسئلي، تحقيقي سوالن ۽ تحقيق جي مقصد جي بنياد ۽ تحقيق جي طريقيڪار ۽ تحقيقي ماڊل جي بنياد تي پيش ڪيا وڃن ٿا، جيڪي هيٺ مختلف شڪلن ۽ جدولن جي صورت ۾ بيان ڪيا ويا آهن. هي سمورا نتيجا هٿراڌو ڏاهپ جي بنياد تي ٺاهيل ڪمپيوٽرائزڊ پروگرام https://sindhinlp.com/sentiment.php (جيڪو سنڌي ٻوليءَ لاءِ مٿي بيان ڪيل الگوريٿم (Algorithm) جي بنياد تي ٺاهيل ماڊل ذريعي ٺاهيو ويو آهي) ذريعي ڪڍيا ويا آهن، تنهنڪري هي نتيجا هڪ خودڪار نظام ذريعي اخذ ٿيل آهن، جنهن ۾ ڪنهن انساني راءِ جي شموليت نه آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي ٺاهيل ڪارپس مان مختلف قسم جا جملا ڪڍي، انهن کي سنڌي ٻوليءَ جي احساسن کي ماپڻ واري نظام ۾ پروسس ڪري نتيجا حاصل ڪيا ويا آهن. سنڌي ڪارپس مان هڪ جملو '**سنڌي ٻولي دنيا جي پراڻي ٻولي آهي**' احساسن کي ماپڻ واري نظام ۾ پروسس ڪري، جملي جو تجزيو ڪيو ويو. جدول 1 سنڌي جملي کي خودڪار نظام ذريعي ڪيل ڇيد جا نتيجا ظاهر ڪري ٿي، جنهن مان جملي ۾ موجود راين ۽ احساسن جي خبر پوي ٿي. جملي ۾ صفت وارو لفظ '**پراڻي**' ٻوليءَ جي باري ۾ راءِ ۽ ان ۾ موجود احساس کي ظاهر ڪري ٿو. گرامري ڇيد سان راءِ ۽ احساس رکندڙ لفظ معلوم ٿين ٿا.

**جدول 1:** سنڌي جملي '**سنڌي ٻولي دنيا جي پراڻي ٻولي آهي**' جو عالمي ۽ سنڌي گرائمر جي ڳالهائڻ جي لفظن مطابق لڳايل نشانن کي ظاهر ڪري ٿي.

| سنڌي لفظ | عالمي ڳالهائڻ جو نشان | سنڌي ڳالهائڻ جو نشان |
|---|---|---|
| **سنڌي** | PROPN | اسم خاص |
| **ٻولي** | NOUN | اسم |
| **دنيا** | NOUN | اسم |

| | | |
|---|---|---|
| **جي** | ADP | حرفِ جر |
| **پراڻي** | ADJ | صفت |
| **ٻولي** | NOUN | اسم |
| **آهي** | AUX | فعل معاون |

جدول 1 ۾ 7 لفظ موجود آهن، جن ۾ صرف هڪ لفظ '**پراڻي**' سنڌي ٻوليءَ بابت راءِ کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ان ۾ هڪ احساس موجود آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي ظاهر ڪري رهيو آهي. شڪل 3 '**سنڌي ٻولي دنيا جي پراڻي ٻولي آهي**' جو تجزيو پيش ڪري ٿي ۽ جملي ۾ موجود احساس جي پولارٽي کي ظاهر ڪري ٿي.




**شڪل 3:** سنڌي جملي '**سنڌي ٻولي دنيا جي پراڻي ٻولي آهي**' ۾ موجود احساسن جو تجزيو پيش ڪري ٿي ۽ جملي جو نتيجو مثبت قطبيت ۾ ظاهر ڪري ٿي.

'**سنڌي ٻولي دنيا جي پراڻي ٻولي آهي**' ۾ موجود احساسن جو تجزيو جملي جي مثبت پولارٽي يا قطبيت کي ظاهر ڪري ٿي. هي شڪل ڪمپيوٽر جي پاٽمرادي يا خودڪار نظام ذريعي حاصل ڪئي وئي آهي. هي نظام احساسن جو وزن ڪري، انهن کي قطبيت جي بنياد تي جدا ڪري، انهن جو جوڙ ڪري ٿو ۽ ان جي ميزان يا ٽوٽل جي بنياد تي اعتماد جي لڪير يا اعتماد جي سطح بيان ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح جنهن قطبيت يا پولارٽيءَ جو وزن وڌيڪ ٿيندو، ان جي اعتماد جي سطح به وڌندي. هن جملي جي

تجزيي ۾ مثبت قطبيت جي اعتماد جي سطح وڌيڪ آهي، تنهنڪري هن جملي جي قطبيت يا پولارٽي مثبت آهي. جيتوڻيڪ ڪن جملن ۾ پراڻي يا پراڻو لفظ منفي قطبيت کي ظاهر ڪندو آهي، مثال طور هي گهر پراڻو آهي. هتي لفظ پراڻو جو مطلب منفي آهي، ڇاڪاڻ ته ان سان صفت 'پراڻو' اسم 'گهر' جي اوڳڻ کي ظاهر ڪري ٿي.

احساسن جي تجزيي جي پاڻمرادي/خودڪار نظام ۾ هڪ ٻيو سنڌي جملو **'اسلم جيڪي انب موڪليا سي خراب هئا'** پروسيس ڪيو ويو. جدول 2 ان جملي جو عالمي ۽ سنڌي گرامر جي ڳالهائڻ جي لفظن مطابق ڇيد ڪري ٿي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته جملي ۾ ڪهڙا لفظ اسم، صفت، ظرف ۽ فعل آهن، اهڙن لفظن جي بنياد تي جملي جو احساساتي تجزيو ڪيو ويجي ٿو.

**جدول** 2 سنڌي جملي **"اسلم جيڪي انب موڪليا سي خراب هئا"** کي عالمي ۽ سنڌي گرامر جي ڳالهائڻ جي لفظن مطابق لڳايل نشانن کي ظاهر ڪري ٿي.

| سنڌي لفظ | عالمي ڳالهائڻ جو نشان | سنڌي ڳالهائڻ جو نشان |
|---|---|---|
| **اسلم** | PROPN | اسم خاص |
| **جيڪي** | DET | ضمير اشارو |
| **انب** | NOUN | اسم |
| **موڪليا** | VERB | فعل |
| **سي** | DET | ضمير اشارو |
| **خراب** | ADJ | صفت |
| **هئا** | VERB | فعل |

جدول 2 ۾ سنڌي جملي **' اسلم جيڪي انب موڪليا سي خراب هئا'** جا ست لفظ موجود آهن، جن ۾ هڪ لفظ **'خراب'** صفت آهي. جڏهن ته ٻيا لفظ صفت نه آهن، جيڪي انبن جو وجود، ساخت ۽ ذائقي کي ته ظاهر ڪن ٿا، پر اهي انبن جا ګڻ يا اوګڻ به ٻڌائين ٿا. شڪل 4 سنڌي جملي **'اسلم جيڪي انب موڪليا سي خراب هئا'** جو تجزيو پيش ڪري ٿي ۽ جملي ۾ موجود احساسن جي پولارٽيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. هن جملي ۾ صفت-**خراب**، اسم-**انب**، جا اوګڻ بيان ڪري ٿي، جنهنڪري ان لفظ جو وزن به منفي ٿئي ٿو. خودڪار نظام سمورن لفظن کي جاچي ٿو ۽ صفت خراب جي منفي

وزن جي بنياد تي اعتماد جي سطح ٺاهي ٿو. جنهن بنياد تي جملي جي قبطبيت يا پولارٽيءَ کي بيان ڪري ٿو. احساسن جي تجزيي وارو ڪمپيوٽرائزڊ نظام جملي **'اسلم جيڪي انب موڪليا سي خراب هئا'** جي تجزيي ۾ جملي جي منفي قطبيت جي اعتماد جي مٿين سطح ۽ مثبت قطبيت جي 0 سطح جي بنياد تي نتيجو منفي ظاهر ڪري ٿو.




**شڪل** 4 سنڌي جملي **'اسلم جيڪي انب موڪليا سي خراب هئا'** جو تجزيو پيش ڪري ٿي ۽ جملي ۾ موجود احساس جي پولارٽيءَ کي منفي ظاهر ڪري ٿي.

سنڌي جملو **'آئون فلم ڏسان ٿو'** احساسن جي تجزيي واري پاٽمرادي يا خودڪار ڪمپيوٽرائزڊ پروگرام ۾ پروسيس ڪيو ويو. جنهن جي پاڄ ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌي گرامر ۽ عالمي گرامر جي ڳالهائڻ جي لفظن مطابق نشان لڳايا ويا آهن. جدول 3 سمورن لفظن کي گرامر جي لفظن مطابق نشان لڳائي جدا جدا ظاهر ڪري ٿي.

**جدول**3: سنڌي جملي **'آئون فلم ڏسان ٿو'** کي عالمي ۽ سنڌي گرامر جي ڳالهائڻ جي لفظن مطابق لڳايل نشانن کي ظاهر ڪري ٿي:

| سنڌي لفظ | عالمي ڳالهائڻ جو نشان | سنڌي ڳالهائڻ جو نشان |
|---|---|---|
| **آئون** | PRON | ضمير |
| **فلم** | NOUN | اسم |
| **ڏسان** | VERB | فعل |
| **ٿو** | VERB | فعل |

جدول 3 ۾ چار لفظ بيان ڪيل آهن، جن ۾ اسم يا فعل ڪنهن به راءِ يا تجويز وغيره کي ظاهر نه پيا ڪن. نه ئي وري ڪا صفت موجود آهي جيڪا اسم يا ضمير جو گڻ يا اوگڻ بيان ڪري. تنهنڪري **'آءُ فلم ڏسان ٿو'** جملي ۾ مثبت يا منفي قطبيت نظر ڪون اچي پئي. شڪل 5 ۾ احساسن جي تجزيي ۽ خلاصي کي ظاهر ڪيو ويو آهي. ان شڪل مطابق مثبت ۽ منفي لفظن جو وزن 0 ٻُڙي آهي، جيڪا ڪنهن به قسم جي مثبت يا منفي اعتماد جي سطح کي ظاهر نه پئي ڪري، تنهنڪري سنڌي جملي **'آءُ فلم ڏسان ٿو'** جو نتيجو غير جانبدار (Neutral) قطبيت يا پولارٽي آهي. ان جو مطلب ٿيو ته جملو ته فاعلي آهي، پر ان ۾ موجود مفعول ڪنهن به قسم جي تجويز يا راءِ کي ظاهر نه پيو ڪري، جنهن ۾ احساس موجود هجي. اهڙي قسم جي جملن جو تجزيو هميشه غير جانبدار پولارٽي يا قطبيت کي ظاهر ڪري ٿو.




**شڪل** 5 سنڌي جملي **'آءُ فلم ڏسان ٿو'** جو تجزيو پيش ڪري ٿي ۽ جملي ۾ موجود احساس جي پولارٽيءَ کي غير جانبدار ظاهر ڪري ٿي.

ساڳئي جملي ۾ جيڪڏهن ڪو صفت وارو لفظ شامل ڪريو، جيڪو اسم ’فلم‘ جو ګڻ يا اوګڻ بيان ڪري تہ جملي جو نتيجو تبديل ٿي ويندو. مثال ساڳئي جملي ۾ لفظ **’سٺي‘** جو اضافو ڪجي تہ جملي جو نتيجو مَٽجي ويندو. ڇاڪاڻ تہ لفظ سٺي، جملي ۾ موجود لفظ ’فلم‘ جو ګڻ بيان ڪري ٿو، تنهنڪري جملي جي احساسن واري قطبيت بہ تبديل ٿي ويندي. جدول 4 سنڌي جملي **’مان سٺي فلم ڏسان ٿو‘** جو سنڌي ۽ عالمي گرامر مطابق ڇيد پيش ڪري ٿي، جنهن سان خبر پوندي تہ ڪهڙو لفظ هڪ سٺو احساس پيش ڪري ٿو.

**جدول 4 سنڌي جملي ’آءٌ سٺي فلم ڏسان ٿو‘** ڪي عالمي ۽ سنڌي گرامر جي ڳالهائڻ جي لفظن مطابق لڳايل نشانن کي ظاهر ڪري ٿي

| سنڌي لفظ | عالمي ڳالهائڻ جو نشان | سنڌي ڳالهائڻ جو نشان |
|---|---|---|
| **آئون** | PRON | ضمير |
| **سٺي** | ADJ | صفت |
| **فلم** | NOUN | اسم |
| **ڏسان** | VERB | فعل |
| **ٿو** | VERB | فعل |

جدول 4 ۾ جملي **’آئون سٺي فلم ڏسان ٿو‘** ۾ لفظ ’سٺي‘ جيڪو صفت آهي، سا اسم واري لفظ ’فلم‘ جو ګڻ پيش ڪري ٿي، جنهن سان مثبت احساس پيدا ٿئي ٿو ۽ جملي جو نتيجو تبديل ٿئي ٿو. جملي ۾ موجود لفظ ’سٺي‘ جو وزن مثبت نشان سان ظاهر ٿئي ٿو، تنهنڪري جملي جو خودڪار ڪمپيوٽرائزڊ نظام ذريعي تجزيو بہ مثبت ٿئي ٿو. شڪل 6 جملي جو ڪمپيوٽرائزڊ خلاصو پيش ڪري ٿو، جنهن مان جملي جي مثبت قطبيت نظر اچي ٿي.




**شڪل** 6 سنڌي جملي ’ **آئون سٺي فلم ڏسان ٿو**‘ جو تجزيو پيش ڪري ٿي ۽ جملي ۾ موجود احساس جي پولارٽي کي مثبت ظاهر ڪري ٿي.

## .5 تحقيق جو حاصل مقصد:

ڪا بہ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪا حد (Limitation) مقرر ڪئي ويندي آهي، جيڪا تحقيق جي دائري کي ظاهر ڪندي آهي. تنهنڪري هيءَ تحقيق جيڪا هڪ خاص مسئلي جي بنياد تي ڪئي وئي آهي، ان بہ جي حد (Limitation) مقرر ٿيل آهي ۽ اُن حد جي اندر ئي تحقيقي ڪم ڪيو ويو آهي. تحقيقي مسئلي ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيل تجويزين، راين، نظرين ۽ قياس آراين وغيره ۾ موجود مختلف قسم جي احساسن جو تجزيو ڪري، قطبيت معلوم ڪجي تہ جيئن خبر پوي تہ اهي احساس مثبت آهن يا منفي يا غيرجانبدار. ان مسئلي جي بنياد تي هڪ خاص ماڊل ۽ تحقيق جو طريقيڪار بيان ڪيو ويو آهي، جنهن جي بنياد تي هڪ ڪمپيوٽرائزڊ خودڪار نظام ٺاهيو ويو آهي، جيڪو سنڌي جملن جي پنڌار جو تجزيو ڪري نتيجا ظاهر ڪري ٿو. هي نظام جملي کي جاچي، ان جي پاڄ ڪري ۽ ان جو

ڇيد ڪري ٿو، جنهن سان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻمرادي يا خودڪار نظام جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت درست ۽ برابر آهي. نتيجن جي درستگيءَ ماڊل جي درستگي ڪي ظاهر ڪري ٿي ۽ ان کي قابل بڻائي ٿي تہ مستقبل ۾ وڏيڪ جملن يا متن کي ان خودڪار نظام ۾ پروسيس ڪري، احساسن جي تجزيي جا نتيجا اخذ ڪري سگهجن ٿا. نتيجن ۽ قطبيت جي بنياد تي فرد، خاندان، شخصيتون ۽ ادارا وغيره درست ۽ ڏُور رَس فيصلا ڪري سگهن ٿا، جنهن سان مستقبل ۾ ادارن جي ڪارڪردگي بهتر ڪري سگهجي ٿو. نتيجن واري باب ۾ جيڪي نتيجا ۽ انهن جا تجزيا پيش ڪيا ويا آهن، سي مختلف جملن جي بنياد تي حاصل ڪيا ويا آهن. جيڪي جدولن ۽ شڪلن جي صورت ۾ پيش ڪيا ويا آهن. نتيجا درست قطبيت کي ظاهر ڪن ٿا، جيڪي تحقيق جي مسئلي ۽ مقصد مطابق آهن. هي تحقيق سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تحقيق (جيڪا ڪمپيوٽر ۽ هٽراڏو ڏاهپ جي بنياد تي ڪئي وئي آهي) ۾ هڪ نئين عنوان ۽ موضوع جو واڌارو ڪري ٿي، جنهن سان مستقبل ۾ ٿيندڙ تحقيق جا درواز کلندا.

جيتوڻيڪ موجوده تحقيق سنڌي ٻوليءَ جي متن ۾ موجود احساسن جو تجزيو ڪري قطبيت (Polority) جي بنياد تي خودڪار ڪمپيوٽرائزڊ نظام جي ذريعي نتيجا ظاهر ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکجندڙ راين، تجويزن، خيالن، قياس آراين ۽ نظرين وغيره ۾ موجود احساسن کي مثبت، منفي يا غيرجانبدار قطبيت يا درجن يا زمرن ۾ ظاهر ڪري ٿي، تنهن هوندي بہ مستقبل ۾ ڪمپيوٽر يا هٽراڏو ڏاهپ جا نوان طريقا يا الگوريٿم ڪڍي، انهن کي سنڌي ٻوليءَ تي لاڳو ڪري، مختلف ۽ نوان نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. ان سان سنڌي ٻولي ۽ ان ۾ ٿيندڙ تحقيق جي ترقي ٿيندي.

# حوالا


(1) ڏوتيو، مظهر علي ’عالمگيريت ۽ سنڌي سماج‘، پيڪاڪ پبلشرز ڪراچي سنڌ (2020)، ISBN 978_969_791439_5

(2)E. W. T. Ngai, S. S. C. Tao, and K. K. L. Moon, "Social media research: Theories, constructs, and conceptual frameworks," *Int. J. Inf. Manage.*, vol. 35, no. 1, pp. 33–44, Feb. 2015.

(3) E. Cambria, 'Affective Computing and Sentiment Analysis' *IEEE Intell. Syst.*, vol. 31, no. 2, pp. 102–107, Mar. 2016.

(4) Mazhar Ali, and Asim Imdad Wagan. 'Sentiment summerization and analysis of Sindhi text' *Int. J. Adv. Comput. Sci. Appl* 8, no. 10 (2017): 296_300.

(5) B. Agarwal, S. Poria, N. Mittal, and A. Gelbukh, 'Concept_level sentiment analysis with dependency_based semantic parsing: a novel approach' *Cognit. Comput.*, 2015.

(6) J. de Albornoz, L. Plaza, and P. Gervás, 'SentiSense: An easily scalable concept_based affective lexicon for sentiment analysis.' *LREC*, 2012.

(7) Denis, Alexandre, Samuel Cruz_Lara, and Nadia Bellalem. 'General purpose textual sentiment analysis and emotion detection tools.' *arXiv preprint arXiv:1309.2853* (2013).

(8) T. Nasukawa and J. Yi, 'Sentiment analysis' in *Proceedings of the international conference on Knowledge iscapture _ K_CAP '03*, 2003, p. 70.

(9) M. Abdul_Mageed, M. Diab, and S. Kübler, 'SAMAR: Subjectivity and sentiment analysis for Arabic social media' *Comput. Speech Lang.*, 2014.

(10) Dootio, Mazhar Ali, and Asim Imdad Wagan. 'Syntactic parsing and supervised analysis of Sindhi text.' *Journal of King Saud University_Computer and Information Sciences* 31, no. 1 (2019): 105_112.

(11) Dootio, M. A., & Wagan, A. I. (2019). 'Development of Sindhi text corpus' *Journal of King Saud University_Computer and Information Sciences.*

(12) Ali, M., & Wagan, A. I. (2019). 'An analysis of sindhi annotated corpus using supervised machine learning methods' *Mehran University Research Journal of Engineering and Technology*, *38*(1), 185_196.

امين لغاري

# دفتري سنڌي ۽ انگريز دور: هڪ جائزو

Official Sindhi and The British period: A Review

**Abstract:**

*After taking over the control of Sindh, the British administration decided to introduce Sindhi Language for the use of official correspondence as well as medium of instructions in education.*

*First, they engaged the officers, posted in Sindh to acquire the knowledge of colloquial language to communicate with the local people in solving their problems while bringing before them. Second, they were going for the optional examination to get allowance with salary, as the same was converted into compulsory requirement for the posting in Sindh or for next promotion otherwise.*

*The Sindh was annexed in 1848 to Bombay Presidency till 1936. It was the period in which Sindhi Language evaluated to cope with all requirements of official intercourse. The British administration faced many hindrances, especially how to adopt a verified alphabet and script, where society was divided in two segments of opinion with religious background. Even officers of the British Government posted in Sindh had two separate opinions regarding script of Sindhi Language, supposed to be used in future for official correspondence, and other aspects of life. Capt. George Stake was considered the ambassador of Dewnagri script for Sindhi Language specially Khudawadi as a "Hindu Sindhi". Though Commissioner of Sindh with the approval of Bombay Presidency introduced Hindu Sindhi in 1868, it did not get popularity among the Sindhi Hindu community, and finally in 1910 it was given up and Hindus switched over to Arabic- Persian based version of Sindhi Language. However, Mr B.H. Ellis had finalized the Arabic- Persian characters for Sindhi Language in July 1853.*

*The research paper indicates all aspects and ups and downs of vernacular languages, focusing on Sindhi Language in the British period. This qualitative research is a new dawn for new researchers and ways may lead to further exploration of the matter under discussion.*

**اڀياس جو بيان:** علمي ۽ تحقيقي حلقن ۾ اڪثر اهو بحث ٿيندو رهيو آهي تہ انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪهڙي حيثيت حاصل هئي؟ ۽ ان وقت سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ورتيون ويون؟ انگريزن ڪڏهن اهي حڪمناما جاري ڪيا تہ هاڻ سنڌ ۾ دفتري، انتظامي ۽ تعليم جو ذريعو سنڌي ٻولي هوندي؟ سنڌيءَ جي رسم الخط ڪهڙي هوندي؟ سنڌي لاءِ الف-بي جي شڪل ۽ ترتيب ڪهڙي هوندي؟ سنڌي درسي ڪتابن ۽ انتظامي اُمورن لاءِ سنڌيءَ جو ڪهڙو لهجو رائج هوندو ۽ عام خلق لاءِ نهيل قانون ۽ قاعدا سنڌي ۾ ڪيئن ترجمو ٿيندا؟ زير نظر مقالي ۾ هن معاملي جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي، پڙهندڙن کي انهيءَ کان واقف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ ان مان نڪتل نتيجن تي بحث بہ ڪيو ويو آهي.

**پس منظر:** ڪنهن بہ حڪومت جو ڪاروبار وارو سرشتو، سرڪاري لکپڙهہ، انتظامي ٻولي ۽ ان ٻوليءَ ۾ موجود ملڪي قانون، وڏي اهميت رکن ٿا. جيڪي حڪومتون ۽ حڪمران 'ٻولي' جهڙي سگهاري هٿيار کي استعمال ڪندي، بهتر حڪمراني ڪري ڄاڻن ٿا، انهن جون حڪومتون هڪ پاسي جٽادار ۽ لاپائيتيون ٿين ٿيون تہ ٻئي پاسي سماج سان انهن جو رابطو مضبوط بنيادن تي جڙي ٿو.

سنڌ ۾ انگريزن کان اڳ واري حڪومت ۾ ٿلهو ٿڪو انتظامي لکپڙهہ جو سلسلو پرڏيهي ٻولي فارسيءَ ۾ هلندو هو. فارسي هتان جي اشرافيا جي مادري زبان تہ نہ هئي، پر ان طبقي جي ٻي ٻوليءَ 'Second Language' طور رائج هئي. فارسيءَ جي ڪري علم ۽ ادب بہ گهڻو ڪري ايراني زده هو. خاص ڪري شاعريءَ ۾ جيڪڏهن فارسي امتزاج نہ هجي تہ ان کي شاعري ئي تصور نہ ڪيو ويندو هو. شاعريءَ جا فارسي ديوان لکبا هئا. هتان جي عوامي سماج جو هن ٻوليءَ سان ڪو سڌو سنئون واسطو نہ هو. عالمن ڪانسواءِ مڪتبن ۾ صرف ڪتابي اها ٻوليءَ استعمال ڪندا هئا. ان وقت جي تعليم جو ذريعو اها پرڏيهي ٻولي فارسي هئي ۽ گڏوگڏ مذهبي ٻولي عربي بہ هلندي هئي. تعليم ۾ لغت طور فارسيءَ جا 'دو وايا' استعمال ٿيندا هئا، جيڪي ان وقت لغت جو ڪم ڏيندا هئا. سنڌي عالمن مان آخوند عبدالرحيم عباسي ستن سالن جي لاڳيتي محنت سان سنڌي فارسي لغت 'جواهر لغات سنڌي اڪيچار' جي نالي سان جوڙي. هيءَ لغت انگريزن جي عملداري 1845ع کان 1852ع ۾ جڙي راس ٿي. (1) دربار جي ٻولي فارسي هئڻ ڪري دربار ۽ عوام گهڻو ڪري هڪٻئي کان ڪٽيل رهيا.

انگريزن جي اچڻ کان پوءِ سنڌ ۾ حڪومتي سطح تي عوام ۽ عملداريءَ ۾ ويجهڙائي پيدا ڪرڻ ۽ مضبوط حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ مقامي ٻولي يعني سنڌيءَ کي

اڳتي آندو ويو. هن مان اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ انگريزن کي ’سنڌي ٻولي‘ سان ڪا محبت هئي، پر هو يورپي ماڻهو علمي دنيا ۾ ڪافي اڳتي وڃي چڪا هئا ۽ اهي سماجي لسانيات جهڙن علمن ۽ ان جي شاخن ۽ انهن جي سماجي ڪارج ۽ حيثيت کان واقف هئا، ان ڪري هنن دنيا ۾ جتي جتي بہ پنهنجون ڪالونيون قائم ڪيون، اتي اتي انهن اتان جي مقامي ٻولين کي اڳتي آندو، جنهن جو فائدو کين ئي پيو، جو هنن طويل حڪومتي قبضا جاري رکيا. ڌرتي ڌاريا هئڻ باوجود مقامي ٻولين ذريعي عوام ۾ پنهنجائپ ۽ همدرديءَ وارو ماحول پيدا ڪيائون ۽ ان حڪمت عمليءَ جي بهترين ذريعي ’ٻولي‘ جو درست استعمال ڪيائون.

هندستان ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هنن ساڳئي طريقي سان هتان جي ٻولين کي اڳتي آندو. هندستان جي جن جن رياستن جي ٻولين ۾ انتظامي، علمي ۽ دفتري توڙي عدالتي ٻوليءَ هئڻ جي سگهہ موجود هئي، انگريزن انهن ٻولين کي انتظامي ۽ حڪومتي معاملن ۾ استعمال ڪيو. انگريزن انهن ٻولين جا گرامر لکيا، لغتون جوڙيون، مترجم مقرر ڪيا، تعليمي نظام ۾ انهن ٻولين کي نصابي ٻوليءَ ڪري ڪم آندو، جنهن لاءِ درسي ڪتاب بہ ڇپايا.” سنڌي ٻوليءَ تي هن سلسلي جو ڪم اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ کان شروع ٿيو، جڏهن انگريز حاڪم سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌي سکڻ جي اهميت محسوس ڪندي، لغتن ۽ گرامر جا ڪتاب لکيا.“ (2) ان وقت ئي سنڌي ٻوليءَ جا ارتقائي معيار مقرر ٿيا، صورتخطي جي سٽاءَ مستند ڪئي وئي ۽ سرڪاري سطح تي الفابيٽ مرتب ڪئي وئي. مقصد صرف پائدار ۽ جٽادار حڪومت قائم ڪرڻ هو، جيڪا عوام سان سندن ٻوليءَ ۾ سڌي رابطي ۾ هجي.

هندستان ۾ ان لاءِ قانون بہ پاس ڪيو ويو تہ رياستون انگريزيءَ سان گڏ پنهنجو ونهوار هلائڻ لاءِ مقامي ٻولين کي بہ ترقي ڏياري، رياستي سطح تي سرڪاري زبان طور رائج ڪري سگهن ٿيون. اهو تڏهن ممڪن هو، جڏهن رياستن ۾ مقرر سرڪاري آفيسرن کي اتان جي مقامي زبان سيکارجي يا سکڻ جي ترغيب ڏجي، انهن آفيسرن کي مقامي ٻوليءَ ۾ مهارت جو امتحان ڏيڻ لاءِ سرڪار ڪي ضابطا جوڙيا ۽ ائين اهي مقامي ٻولين جي مهارت جا امتحان شروع ٿيا.

> "....The proceedings of examination had been regulated according to the standard laid down rules for examination of affairs in the native languages No: 239 of page no 824 of Jamse code"(3)

(امتحانن جي طريقيڪار کي مقرر ٿيل معيار مطابق لاڳو ڪيو ويو هو، جيئن مادري ٻولين جي امتحانن جي معاملن ۾ طئي ٿيل هو. 239، جيمس ڪوڊ جو صفحو 824)

انگريزن جو مقصد ڪهڙو بہ هجي، پر ان سان مقامي ٻولين لاءِ ترقيءَ جون نيون راهون کليون. سنڌي ٻوليءَ بہ انهن ٻولين مان هڪ هئي، جنهن کي سرڪاري سرپرستي حاصل ٿي. آخر ۾ ٿي صحيح، پر ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ انگريزن جي ٻوليءَ واري حڪمت عملي (Language Strategy) سان سنڌي ٻولي بہ انهن سڌريل ٻولين جي صف ۾ اچي بيٺي، جيڪي پنهنجي پوري جوڀن سان هر علم جي زينت بڻيون ۽ گڏوگڏ حڪومتي ۽ رياستي ادارن جو سرشتو هلائڻ جي سگهہ ماڻي سگهيون. افسوس جو انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ ٻوليءَ جي نفسيات، حساسيت ۽ ان جي سماجي ڪارج کي سمجهيو ئي نہ ويو ۽ اڄ تائين ڪو سمجهڻ لاءِ تيار بہ نہ آهي. حڪومتن جي ڪاميابين ۾ سماجي لسانيات جي ماهرن جي ڪردار جي اجا تائين پروڙ ئي نہ پئجي سگهي آهي. حڪومتي سطح تي ٻولين جي حوالي سان اهڙا غير منطقي ۽ سياسي فيصلا ٿيندا رهيا آهن، جو ٻوليون سياست جي ور چڙهي ويون، جڏهن تہ ٻولين جي رٿابندي ۽ سماجي حڪمت عملي مڪمل طور تي انتظامي، علمي، سماجي، نفسياتي ۽ لساني مسئلو هو. جيڪڏهن مقامي ماڻهن جي ٻولين کي پوئتي ڪري، ڪنهن ٻي ٻوليءَ ذريعي بهتر حڪمراني ۽ ملڪي هم آهنگي ۽ يڪائيچاري جو ڪو سوچي ٿو تہ اهو چڻ عوامي عملداريءَ جي اصولن کان اڻ ڄاڻ آهي.

1843ع کان پوءِ انگريزن سنڌي ٻوليءَ کي انتظامي ٻولي بنائڻ لاءِ مرحليوار عملي قدم کنيا. انگريزن هڪ اهڙي ٻوليءَ کي اڳتي آڻڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن جي ان وقت ڪا بہ هڪ لپي نہ هئي، جنهن جي الف- بي مختلف ترتيبن سان مستعمل هئي. هڪ لپيءَ لاءِ هڪ قسم جي الفابيٽ ۽ ترتيب تہ ٻي لپيءَ لاءِ ٻي الفابيٽ ۽ ٻي ترتيب جو مسئلو موجود هو. ان وقت ڪٿي ڪٿي ڪن مڪتبن ۾ منظوم انداز ۾ سنڌي پڙهائي پئي وئي، جنهن جي شروعات ٺٽي جي عالمن ڪئي هئي ۽ سنڌيءَ ۾ اهڙا منظوم ڪتاب جوڙيائون، جن کي 'سنڌيون' چيو ويندو هو.

**سنڌي ٻوليءَ کي نافذ ڪرڻ ۾ انگريزن کي درپيش مسئلا:** انگريزن جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري، انتظامي، دفتري ۽ تعليم جي ذريعي جي ٻولي بنائڻ لاءِ فيصلو ڪيو تہ انهن آڏو جيڪي اهم مسئلا آيا، انهن ۾:

- سنڌي ٻولي نہ ڄاڻيندڙ آفيسرن جي سنڌ ۾ مقرريءَ جو مسئلو
- الف - بي جي سٽاءُ ۽ رسم الخط جو مسئلو

- سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن مان ڪنهن هڪ لهجي جي چونڊ جو مسئلو مٿيان مسئلا اهم هئا، جن جي حل ٿيڻ تائين ٻوليءَ کي دفتري يا تعليمي ذريعن لاءِ استعمال ڪرڻ ممڪن نه هو.

**سنڌي ٻوليءَ نه ڄاڻيندڙ آفيسرن جي سنڌ ۾ مقرريءَ جو مسئلو:**

مقامي ورنيڪيولر ٻولين ۾ آفيسرن جي مهارت واري قاعدي مطابق 1843ع کان پوءِ، سنڌ ۾ مقرر ٿيندڙ آفيسرن کي سڌي عملداريءَ لاءِ مقامي آباديءَ سان سڌي سنئين رابطي طور چالو سنڌي ٻولي سکڻ جو سلسلو شروع ڪرايو ويو. بلڪل ائين جيئن هندستان جي ٻين رياستن ۾ مروج هو. هڪ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته ٻوليءَ جي هي ابتدائي مهارت، آفيسن ۾ مقامي ٻوليءَ واري ماحول کي هٿي ڏيڻ جي شروعات هئي. هن مان مراد مڪمل دفتري ۽ انتظامي ڪاروهنوار سنڌي ٻوليءَ ۾ هلائڻ نه هو، پر جيڪڏهن ڪو سائل، آفيسر جي روبرو ڪو مسئلو کڻي اچي ته آفيسر، اهو مسئلو پاڻ ٻُڌي ۽ سمجهي سگهي ۽ ان مسئلي بابت سائل کان پاڻ سوال جواب پڇي سگهي. ان لاءِ آفيسر جو گهٽ ۾ گهٽ چالو ٻولي (Colloquial Knowledge of Language) کي سمجهڻ ۽ ڳالهائڻ ضروري هو. 6 سيپٽمبر 1851ع تائين سنڌي سکڻ جو اهو سلسلو اختياري (Optional) هو، ان وقت تائين سنڌي ٻولي سکڻ وارن آفيسرن کي هڪ خاص رقم پگهار سان گڏ ڏني ويندي هئي. تقريباً اٺن سالن کان پوءِ يعني 6 سيپٽمبر 1851ع تي سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر، سنڌ ۾ مقرر سول آفيسرن جي سيني سربراهن ڏانهن، سنڌي ٻوليءَ ۾ لازمي مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ سرڪيولر جاري ڪيو ۽ ان لاءِ رولز به مقرر ڪيا. ڪمشنر فيصلي کان آگاهه ڪندي رولز ۾ ڄاڻايو ته :

> "It has been decided by the government:
> That hereforth no officer will be confined in civil offices or employed be promoted, otherwise than in any situation in service, but he has passed a colloquial examination in sindee" (4)

> (حڪومت طرفان اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته:
> هن کان پوءِ هر اهو آفيسر، جيڪو سول ذميواريون نڀائي رهيو هجي يا جنهن کي ترقي ڏني وئي هجي يا ڪنهن به طريقي سان سرڪاري خدمتون سر انجام ڏيندو هجي، ان لاءِ ضروري آهي ته اهو رواجي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪريو.)

هن ڪان اڳ جيڪا اهم لکپڙهہ ملي ٿي، سان 24 اپريل 1848ع جي آهي، جڏهن سنڌ جو ڪمشنر سر جارج ڪلارڪ هو. هن لکپڙهہ ۾ هو چوڻ تہ هڪ قسم جي تجويز پيش ڪري ٿو تہ، هاڻي سنڌ ۾ انتظامي ۽ دفتري معاملن لاءِ سنڌ جي مقامي ٻولي سنڌيءَ کي متعارف ڪرائڻ گهرجي. هن مان اهو سمجهڻ گهرجي تہ لکت وارا سرڪاري ڪم ڪار گهٽ ۾ گهٽ هيٺين سطح تي سنڌي ٻولي ۾ هلائڻ جو سوچيو ويو. توڙي جو پوءِ بہ سنڌ ۾ مقرر انگريز عملدار هڪٻئي سان خط وڪتابت ۽ گڏجاڻين جي ڪارروايون وغيره ۾ انگريزي ٻوليءَ ئي استعمال ڪندا هئا، پر عوامي معاملن، قانون قاعدن، تعليم ۽ هيٺين سطح جي دفتري ڪاروبار لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي لاڳو ڪرڻ جي شروعات ڪئي وئي. سنڌ جي سرڪاري زبان وري بہ انگريزي ئي هئي، پر سنڌيءَ کي بہ ان جي برابر حيثيت ۾ ويهاريو ويو.

سنڌ ۾ مقرر آفيسرن لاءِ سنڌي سکڻ جي انتظامن ۾ لغتن جو جوڙڻ بہ تمام ضروري هو. 19 جنوري 1848ع تي حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر جارج اسٽئڪ پنهنجي جوڙيل ڊڪشنريءَ بابت سنڌ جي ڪمشنر کي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

> "I have directed the printer to forward to the secretary to government a copy of English_Sindhi Dictionary when finished, for the approval of government. I would beg however, early orders regarding the price laid by government on the work, and on my other point that may be necessary so that there be no delay in issuing it. It is much needed by officers, who may to train the language" (5)

> (مون پرنٽر کي هدايت جاري ڪئي آهي تہ هو، انگريزي-سنڌي لغت جڏهن تيار ٿئي تہ ان جي هڪ ڪاپي حڪومت جي سيڪريٽريءَ ڏانهن منظوريءَ لاءِ موڪلي. آءٌ هن لاءِ گذارش ڪريان ٿو تہ حڪومت طرفان انهيءَ جي جملي خرچ بشمول منهنجي معاوضي جي منظوري ڏني وڃي. اهو هن ڪم کي جلد اُڪلائڻ لاءِ ضروري هوندو، ڇاڪاڻ تہ جيڪي آفيسر ٻوليءَ جي سکيا حاصل ڪندا، انهن کي هن (لغت) جي سخت ضرورت پوندي.)

جارج اسٽئڪ جي تيار ڪيل سنڌي سکڻ وارن آفيسرن لاءِ اِها لغت ان مرحليوار تياريءَ جو هڪ حصو هئي، جنهن مطابق سنڌي ٻوليءَ کي آخرڪار سنڌ جي انتظامي ۽ دفتري معاملن ۾ آڻڻو هو. انگريزن جي مربوط انتظامي عملداري مثالي

هئي، هنن ٻولين جي مهارت جي سلسلي ۾ به هڪ اهڙو ئي مربوط نظام جوڙيو هو، جو جيڪڏهن ڪو آفيسر مهاراشٽر، گجرات يا بنگال ۾ مقرر ٿيل آهي ۽ هو اتي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ورنيڪيولر ٻولين جي مهارت جو امتحان ڏيڻ چاهي ته ان جو به پورو انتظام ڪيو پئي ويو.

اهو ڪيئن ممڪن ٿيو؟ ٿيندو ائين هو جو جيڪي شروعاتي آفيسر مختلف رياستن ۾ مقرر ٿيا، انهن اتان جي مقامي زبانن ۾ مهارت حاصل ڪئي ۽ اهي ئي آفيسر جاٽايل رياست جي مقامي ٻوليءَ جي مهارت جو امتحان وٺندا هئا، پوءِ اُهي ڪهڙي به رياست ۾ مقرر ڇو نه هجن. ساڳئي نموني سنڌ ۾ مقرر ڪن آفيسرن، ٻين رياستن جي مقامي ٻولين جي مهارت جا امتحان به پاس ڪيا ۽ ڪامياب ٿيا. پراڻي رڪارڊ مان اهڙي لکپڙهه ملي ٿي، جنهن ۾ پنجابي ۽ ٻين ٻولين جي مهارت جو امتحان سنڌ ۾ ورتو ويو، اهڙي هڪ درخواست رچرڊ برٽن ڏني هئي، جنهن ۾ گذارش ڪئي وئي ته:

"I have the honor to request to you that I have attained, which is in my humble opinion, a competent knowledge of the punjabee tongue, as read, written and spoken by the natives" (6)

(اوهان کي گذارش ڪندي پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهان ٿو ته، منهنجي نماڻي سوچ مطابق مون پنجابي ٻولي پڙهڻ، لکڻ ۽ انهن وانگر ڳالهائڻ جي مهارت حاصل ڪري ورتي آهي.)

پنجابي ٻوليءَ ۾ مهارت جو هي امتحان پهرين آگسٽ 1848ع تي سنڌ جي ڪمشنر جي سيڪريٽريءَ جي خط جي حوالي سان ڪراچيءَ ۾ ورتو ويو. مهارت جو هي امتحان جارج اسٽئڪ ڊپٽي ڪليڪٽر حيدرآباد ورتو هو، جيڪو پاڻ سنڌيءَ سان گڏ پنجابي ٻوليءَ جو به ڄاڻو هو ۽ اهڙو امتحان به پاس ڪيو هئائين. نه صرف اهو پر سنڌ جي ڪمشنر آر ڪي پرنگل 19 آگسٽ 1848ع، تي بمبئي پريزيڊنسي ڪائونسل جي پريزيڊنٽ ۽ گورنر کي خط لکيو ته سنڌ ۾ مقرر ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن مختلف ورنيڪيولر ٻولين ۾ مهارت رکي ٿو ۽ امتحان بابت ڪمشنر خط ۾ وڌيڪ لکيو ته:

".... Who (Lft. Burton) is in addition to the languages, ( Sindee and punjabee), Now reported on his passed in Hindustani, Guzrattee, Mahrathi and Persian" (7)

(جنهن جاڻ ڏني آهي تہ هن سنڌي ۽ پنجابي کانسواءِ واڌو هندستاني، گجراتي، مراٺي ۽ فارسي ٻولين جو بہ امتحان پاس ڪري ورتو آهي.)

رچرڊ برٽن 3 جولاءِ 1848ع تي ٻوليءَ جي مهارت واري امتحان لاءِ درخواست ڏني هئي. رچرڊ برٽن ڪئنال سپرينٽينڊنٽ آفيس ۾ سرويئر هو. ڪئنال سپرينٽينڊنٽ کي ڏنل انهيءَ درخواست ۾ بہ حوالا اهم آهن: هڪ 1846ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مهارت واري امتحان جي ڳالهہ ۽ ٻي ورنيڪيولر ٻولين جي امتحان بابت ٽيل ڳالهہ. رچرڊ برٽن جي ان درخواست جي متن جي هڪ حصي ۾ لکيل آهي تہ :

"That I may be examined by a native committee presided now by an officer as was the case with lieutenant Dickson, 3rd regiment bambay native infantry in the sindee language in 1846" (8)

(.... تہ منهنجو امتحان بہ هڪ آفيسر جي صدارت ۾، مادري ٻولي، وارن جي هڪ ڪميٽيءَ وٺي، جيئن 3 ريجمينٽ بمبئيءَ جي مقامي انفينٽريءَ جي ليفٽيننٽ ڊڪسن کان، 1846ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان ورتو ويو هو.)

حوالي ۾ ڄاڻايل ليفٽيننٽ ڊڪسن سنڌي ٻوليءَ جي مهارت جو امتحان 1846ع ۾ ڏنو هو ۽ اڳتي هلي هو، سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترو تہ پڙتي ويو، جو ٻين آفيسرن جي سنڌيءَ ۾ مهارت جانچڻ لاءِ ماهر طور امتحان وٺندو هو.

ساڳي درخواست جي پيرا 3 ۾ لکيو اٿس تہ:

" As the G.G.O 18 October 1838 extent the grant of moonshee allowance to any officer acquiring the requisite degree of proficiency in any of the vernacular or dialects of the British or neighboring territories on the continent of India" (9)

(جيئن 18 آڪٽوبر 1838 تي، جي. جي. او ڪنهن بہ آفيسر کي منشي الائونس ڏيڻ منظور ڪيو هو، جنهن مطابق ڪنهن بہ (آفيسر) مقامي ٻولي يا ڪنهن لهجي ۾ گهربل مهارت جي سند حاصل ڪئي هجي ۽ اهو (ٻولي يا لهجو) انڊيا کنڊ جي انگريز عملداري يا ان سان لاڳو علائقن ۾ مروج هجي.)

هي حوالو ان مفروضي کي سچ ثابت ڪري ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي مهارت جو امتحان 1843ع کان ئي شروع ٿي چڪو هو. جيئن هندستان ۾ ان سان لاڳو علائقن جي ورنيڪيولر ٻولين جي مهارت لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ اهو امتحان اختياري (Optional) هو. ان وقت جي ٻولين جي مهارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال واري لکپڙهہ مان ٻي بہ اهم ڳالهہ ملي ٿي، سا ٿر ۽ پارڪر جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن لکيل هڪ خط آهي، 6 سيپٽمبر 1851ع تي جڏهن سنڌ ۾ مقرر آفيسرن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي مهارت جو امتحان پاس ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو، جنهن لاءِ بہ سرڪيولر هڪ 1825 ۽ ٻيو سرڪيولر 2376 (8 آڪٽوبر 1851ع) جاري ڪيا ويا.(10) انهن سرڪيولرن جي حوالي سان ڊپٽي ڪليڪٽر ٿر ۽ پارڪر سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر کي 25 نومبر 1851ع تي جوابي خط لکيو هو. ان خط مان هڪ ڳالهہ اها بہ سامهون اچي ٿي تہ. ان وقت تائين رڻ ڪڇ ۽ ان جو پيچ شهر سنڌ جو حصو هئا. ٿر ۽ پارڪر جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس پيچ شهر ۾ بہ هئي، ٻيو تہ ڊپٽي ڪليڪٽر 'ٿري' ۽ 'ڪڇي' کي سنڌي ٻوليءَ کان الڳ گجراتي ٻوليءَ جو لهجو سمجهي ٿو ۽ اهم ڳالهہ جيڪا شايد ان علائقي کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جو سبب بڻي، اُها هي تہ. انگريزن ڪڇ پيچ کي ۽ ويندي سڄي ٿر کي فطري طور سنڌ جو حصو ئي نہ پئي سمجهيو. ان خط جي پئرا 2 ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن رئڪس لکي ٿو تہ :

> "The Thur District comprised of 'Thur' and 'Parkur' collectorate are geographically and naturally different from Sindee people, both as regards natural features of the country and dress, costumes, habits and language of its inhabitants" (11)

> (ٿر ضلعي جا 'ٿر' ۽ 'پارڪر' ڪليڪٽريٽ، جاگرافيائي ۽ فطري طور ٻنهي صورتن ۾ سنڌي ماڻهن کان مختلف آهن. هن خطي جي رهواسين جي فطري بناوٽ، پوشاڪ، ريتون رسمون، طور طريقا ۽ ٻولي مختلف آهي.)

هي ڊپٽي ڪليڪٽر وڏو عرصو ٿر ۽ پارڪر ۾ مقرر رهيو. شايد هن انگريز آفيسر جي ڏنل رپورٽ تي ئي، پوءِ سنڌ لاءِ مقرر ڪيل جاگرافيائي حدن ۾ ردوبدل ڪري، سڄي ڪڇ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو.

ٻوليءَ جي حوالي سان هو انهيءَ خط جي پئرا 3 ۾ لکي ٿو تہ :

"The language in use in this district is something termed 'Thurree', but is hardly deserving of any separate name, being but a dialect of Guzrattee, very much resembling 'kutchhi', a few of the merchants in the western part of Thur write their own words in that language of the country" (12)

(هن ضلعي ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي کي 'ٿري' ليکيو وڃي ٿو، پر اِها ٻولي ڪنهن الڳ نالي سان سونهي نٿي، اِها گجراتيءَ جو هڪ لهجو آهي ۽ 'ڪڇي' (ٻولي) سان مشابهت رکي ٿي، البت هن خطي ٿر جي اوڀر جا ڪي واپاري، پنهنجا خاص لفظ لکت ۾ ڪم آڻين ٿا.)

ڪئپٽن رئڪس 'ٿري ٻوليءَ' کي ڪا ڌار ٻولي نٿو سمجهي يا جيئن سنڌيءَ جا ڪجهہ محقق ان کي سنڌيءَ جو محاورو سمجهن ٿا، پر هو ٿري ٻوليءَ کي گجراتيءَ جو هڪ لهجو سمجهي ٿو. انهيءَ خط جي آخري پيرا 6 ۾ هو لکي ٿو تہ 1844ع کان ريگستان جو سڄو ڪاروبار گجراتيءَ ۾ هلي رهيو آهي:

"Since, 1844, the whole of the business of the desert, has been conducted in Guzrattee" (13)

(1844 کان وٺي، هن ريگستان جو سڄو ونهوار گجراتيءَ ۾ هلي ٿو.)

سڄي سنڌ ۾ اهو واحد ضلعو هو، جنهن کي سرڪاري دفترن ۾سنڌي ٻوليءَ استعمال نہ ڪرڻ جي ڇوٽ ڏني وئي. هن حوالي سان ڪن تاريخي پهلوئن تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي، ٻوليءَ جي حوالي سان ان تي ڪم ڪري سگهجي ٿو، پر اِها تحقيق صرف سنڌي ٻوليءَ ڄاڻيندڙ مڪمل ڪري نہ سگهندو، هي ڪم سنڌي، گجراتي، ٿري ۽ ڍاٽڪي ڄاڻيندڙ ڪو محقق ئي سر انجام ڏئي سگهي ٿو.

**الف-بي جي سٽاءَ ۽ رسم الخط جو مسئلو:** ڪنهن بہ ٻوليءَ جي جيڪڏهن ارتقائي مرحلن جو تجزيو ڪبو تہ شروعاتي بحث جو نُڪتو ان ٻوليءَ جي آئيويتا ئي ٿيندو، پر انگريزن انهيءَ مسئلي کي آخر ۾ رکيو. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ان وقت پاڻمرادو جيڪي ارتقائي مرحلا هلندا رهيا، انهن ۾ الف- بي جي ترتيب ۽ ڪن نج سنڌي آوازن سان ٺهڪندڙ اکرن جون شڪليون طيءَ ڪرڻ شامل هو. سنڌي ٻوليءَ جون جيڪي بہ لپيون ان وقت سنڌ جي مختلف خطن ۾ مروج هيون، اهي پاڻمرادو پنهنجا اکر طئي ڪري ڪنهن منزل تي پهتيون هيون. سنڌ جي مسلمانن جيڪا لپيءَ

سنڌي لاءِ استعمال ڪئي، ان جو بنياد عربي ۽ فارسي آئيوينا هئي. ان لپيءَ جا اکر انهن ٻن ٻولين مان ئي ڪنيا ويا ۽ ڪن خاص سنڌي اچارن لاءِ پنهنجي پنهنجي طور عالمن ڪن اکرن جون شڪليون بيهاريون ۽ اُها ترتيب بہ پنهنجي سهوليت ۽ شعور مطابق الڳ الڳ رکي. ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌي هندن جيڪي لپيون استعمال پئي ڪيون، اهي بہ مختلف نالن، شڪلين ۽ ترتيبن سان مروج هيون. انهن سڀنيءَ ۾ ٽي لپيون اهم هيون، هڪ 'خداوادي' جنهن کي 'هٽڪي يا لنڊا' بہ چيو ويندو هو، ٻي 'اڏناگري' يعني ديوناگري ۽ ٽين 'گرمکي'، جن جي آئيوينا بہ مختلف هئي ۽ ترتيب بہ الڳ هئي. انگريزن جي لکپڙهہ ۾ آئيوينا ۽ صورتخطيءَ لاءِ گهٽو ڪري ساڳيا اصطلاح ۽ لفظ استعمال ڪيل آهن. انهن ڪٿي اکر (Character) ۽ ڪٿي لکت (Script) لکيو آهي، ڪميٽين جي ڪاررواين ۾ بہ ائين ئي گڏ وچڙ شيون آهن. فني لحاظ کان اکر ۽ رسم الخط بہ الڳ موضوع ۽ شيون آهن، پر جيڪڏهن بنيادي نُڪتو ڪٽبو تہ مطلب ۽ مفهوم ساڳيو بيهندو. جڏهن عربي فارسي گاڏڙ آئيوينا جو ذڪر ٿيندو تہ مطلب اهو ئي ورتو ويندو تہ 'لکت' جو نمونو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي ڪن عالمن بہ 'ايلس واري الف- بي ' کي 'ايلس واري صورتخطي' ڪري لکيو آهي. (14) جنهن کي مطلب ۽ مفهوم جي لحاظ کان غلط نٿو چئي سگهجي، پر فني لحاظ کان ڪن نون محققن لاءِ مونجهارو ضرور آهي.

سنڌ ۾ مقرر انگريز عملدارن ۾ جارج اسٽئڪ هڪ اهم عملدار هو، جيڪو سنڌي لپيءَ لاءِ خداوادي/ ديوناگريءَ خط جو پڪو حامي هو. هن ڪانسواءِ جرمن مشنري ڊاڪٽر ٽرمپ بہ ديوناگريءَ جو حامي هو، ٽرمپ سنڌي گرامر بہ ان لپيءَ ۾ لکيو، پر شاهہ جي رسالي تي تحقيق ۽ ڇپائي لاءِ هن سنڌي عربي خط استعمال ڪيو ۽ انهن ٻنهي جي مقابلي ۾ رچرڊ برٽن ۽ ايلس سنڌيءَ لاءِ عربي خط جا حامي هئا.

انهيءَ ساڳي عرصي (1845ع_1852ع) ۾ هڪ سنڌي عالم آخوند عبدالرحيم جي جوڙيل سنڌي عربي الف –بي بہ ملي ٿي، جيڪا هن پنهنجي تيار ڪيل سنڌي- فارسي لغت 'جواهر لغات سنڌي اڪيچار' لاءِ استعمال ڪئي.

> "آخوند عبدالرحيم سنڌي الف-بي ۽ سنڌي صورتخطيءَ بابت علمي لحاظ کان سوچيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪي نوان رخ روشن ڪيا؛ هڪ تہ خالص سنڌي اچار وارن اکرن مان ڪن کي ڪي نيون صورتون ڏنائين ۽ ٻيو تہ الف – بي جي ترتيبوار سٽا قائم ڪيائين."(15)

ايلس جڏهن سنڌي آئيويتا تي ڪم شروع ڪيو هوندو تہ هن آڏو اِها الف_ بي بہ آئي هوندي.

1853ع واري سرڪاري الف_بي جي حوالي سان هڪ شاهدي اهڙي ملي ٿي، جنهن جو سنڌي عالمن کو شدمد سان ذڪر نہ ڪيو آهي، هڪ اڌ ڪو حوالو ملي ٿو تہ ايلس واري آئيويتا اصل ۾ هارون لوهار واري آئيويتا آهي. محمد صديق ميمڻ پنهنجي تحقيق جي حوالي سان اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪورٽ آف ڊائريڪٽر جي آخري منظوريءَ کان اڳ هارون لوهار واري آئيويتا کي معمولي ڦير گهير سان قبول ڪيو ويو هو.

"فيصلي صادر ٿيڻ تائين ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر ايلس، ميان محمد، جنهن سنڌي ٻوليءَ جي پهرين گرامر لکڻ جو شرف حاصل ڪيو هو، راءِ بهادر نارائڻ جڳننات جي مدد سان هارون لوهار واريءَ سنڌي عربي آئيويتا ۾ ردوبدل ڪري جولاءِ 1853ع ۾ هڪ سنڌي_ عربي آئيويتا مڪمل ڪري ورتي."(16)

توڙي جو سنڌي ٻوليءَ جي ٻين عالمن هن حوالي کي اڳتي نہ وڌايو آهي ۽ انهيءَ تي آڱر بہ ڪنئي آهي، پر بهرحال محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب 'سنڌ جي ادبي تاريخ' ۾ اهو حوالو موجود آهي، جتان ڪن ٻين عالمن بہ حوالي طور کنيو آهي.

اسٽئڪ جو خيال هو تہ ديوناگريءَ جي خداوادي خط ۾ ڪي تبديليون ڪري، ان کي معياري بنائي سگهجي ٿو ۽ سرن (Vowels) جي ڪميءَ جو گجراتي ۽ گرمکيءَ مان ڪي اکر کڻي پورائو ڪري سگهجي ٿو.

"He (caption stack) was acquainted with dewangri. He favored khudawadi version of the script, with suitable modifications. He pleaded the deficiency of vowels in that script could be supplemented by borrowing from Gujrati and Gurmukhi". (17)

(هو (ڪئپٽن اسٽئڪ) ديوناگريءَ جو ڄاڻو هو، ۽ ديوناگريءَ جي خداوادي خط ۾ ڪي تبديليون ڪرڻ جي حق ۾ هو، هن جو خيال هو تہ خدا وادي خط ۾ سُرَنَ جي کوٽ کي گجراتي ۽ گرمکيءَ مان پورو ڪري سگهجي ٿو.)

توڙي جو 'هندو سنڌي' جو وڏو حامي انگريز آفيسر اسٽئڪ ڊسمبر، 1853ع ۾

وفات ڪري ويو. عربي- سنڌي آئيوتا هن جي مرڻ کان اڳ يعني جولاءِ 1853ع ۾ مڪمل ٿي، عمل ۾ اچي وئي، پر هن جي گذارڻ کان پوءِ بہ ’هندو سنڌي‘ لاءِ مستند آئيوٽا جو مسئلو حل نہ ٿيو. انگريزن طرفان اهو طئي ڪيو ويو هو تہ سنڌ ۾ مذهبي بنيادن تي تقسيم سنڌين ڪي، پنهنجن پنهنجن مذهبن آڌار سنڌيءَ جون الڳ الڳ لپيون ۽ آئيوٽائون ڏجن. انگريزن پنهنجي انتظامي عملداري، ۾ ڪنهن بہ رخني کي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ختم ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻ مناسب سمجهيو يا، ان ۾ ڪا ٻي مصلحت هئي؟ پر انهن جي سامهون سنڌ ۾ هڪ پاسي مسلم اڪثريت سنڌي آبادي هئي، جن جا پنهنجا مڪتب، مدرسا ۽ تعليمي نظام موجود هو. جيڪو عربي لپي ۽ عربي فارسي آئيوٽا تي آڌاريل هو. ٻئي پاسي تعداد ۾ گهٽ، پر پڑهيل ۽ سرڪاري نوڪرين ۽ واپار ۾ ججها هندو سنڌي هئا، جن جي پنهنجي فطري گهرج هئي. سنڌي هندو واپارين جيئن تہ اڳ ۾ ئي هٽڪي يعني خداوادي استعمال پئي ڪئي، ان ڪري انگريزن بہ ان خط کي سوڌي سنواري ’هندو سنڌي‘ جي نالي سان رائج ڪرڻ پئي گهريو. هن ڏس ۾ ’هندو سنڌي‘ جي آئيوٽا نارائڻ جڳنناٿ، جيڪو مرهٽو هو ۽ سنڌ ۾ اسڪول انسپيڪٽر طور مقرر ڪيو ويو هو، ان کي خداوادي اکرن تي مشتمل هڪ معياري آئيوٽا تيار ڪرڻ جو ڪم ڏنو ويو. ڪئپٽن ليسٽر، جيڪو تعليم کاتي جو انسپيڪٽر هو، هن ڪم ۾ ڪيس مددگار طور ڏنو ويو. ليسٽر پنهنجي رپورٽ ۾، جنهن جي تاريخ واضح نہ آهي، سنڌ جي ڪمشنر کي بہ اهم ڳالهيون لکي موڪليون، جن کي سمجهڻ ضروري آهي، رپورٽ جي 17 نُڪتي ۾ هو لکي ٿو تہ :

> "The preparation of the Arabic_sindee alphabet for use of the mahomedan population had been achieved by Mr. Ellis, is July 1853, but an Alphabet for the hindoos, considered by the commissioner and others to be absolutely necessary' had not yet been attempted" (18).

> (مسلمان آبادي لاءِ عربي-سنڌي الفابيٽ جي تياريءَ جو ڪم مسٽر ايلس جولاءِ 1853ع ۾ مڪمل ڪري ورتو هو. پر هندن لاءِ ڪنهن هڪ الفابيٽ، جنهن کي ڪمشنر ۽ ٻين پاران ضروري سمجهيو پئي ويو، ان جي تياريءَ لاءِ اڃا ڪو بہ قدم نہ کڄي سگهيو آهي.)

خداوادي جا اکر، انهن جي ترتيب ۽ ڪُٺل اچارن لاءِ متبادل اکر گهڙڻ يا ڪنهن ٻي آئيوٽا مان ڪٽڻ، جيئن جارج اسٽئڪ جو خيال هو تہ خداوادي لاءِ ڪٺل اکر گجراتي يا گرمکيءَ مان ڪٽي، ٺوري ردوبدل سان شامل ڪجن، اهو سلسلو استحڪام ماڻي نہ سگهيو.

هن رپورٽ جي 19 نُڪتي ۾ ليسٽر لکي ٿو ته :

"The Preparation of the Hindoo_ Sindee character was entrusted to me ....... I am sure that no pains were spared in making it as complete and perfect as could be, and I have reason to hope that it will eventually be brought into use in our schools in sind" (19)

(هندو سنڌي اکرن جي تياريءَ لاءِ مون تي اعتماد ڪيو ويو آهي، آءٌ يقين سان چوان ٿو ته انهي (الفابيٽ) کي مڪمل ۽ تز ٺاهڻ لاءِ ڪا به ڪسر نه ڇڏبي ۽ مون وٽ ان لاءِ دليل آهي ته آخرڪار اها سنڌ جي اسڪولن ۾ رائج ڪري سگهبي.)

آخر ڪار ڊسمبر 1868ع ۾ ديوناگري 'الفابيٽ' کي مڪمل ڪيو ويو ۽ 1869ع ۾ هڪ 'هندو سنڌي' اسڪول ڪراچيءَ ۾ کوليو ويو. هن اسڪول کولڻ جو مقصد به اسڪولي سطح جي تعليم ۾ ديوناگري خط کي رائج ڪرڻ جي ڪوشش هئي.(20) بهرحال جيئن مقالي ۾ مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته سيني ڪوششن جي باوجود سنڌي هندو خط هلي نه سگهيو، اصل ۾ اهي سنڌي هندو ئي هئا، جن جي وڏي اڪثريت عربي سنڌيءَ تي آڌاريل آئيوتا ۽ لپيءَ کي قبول ڪري ورتو هو ۽ 1910ع کان پوءِ سرڪاري سطح تي مڪمل لکپڙهه ۽ اسڪولي تعليم سنڌيءَ جي موجوده لپيءَ ۾ هلڻ شروع ٿي وئي.

هتي هن ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ به ضروري آهي ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به پرائمري سطح تي ڪاٽ جي پٽي يعني تختي تي الف-بي جون جيڪي ڇهه پٽيون پڙهايون وينديون هيون، انهن جي ترتيب به ڪن علائقن ۾ الڳ الڳ هئي. انهن ڇهن پٽين ۾ هڪ سادي، ٻي زبر واري، ٽين زير واري، چوٿين پيش واري، پنجين مد واري ۽ ٻار آخري يعني ڇهين پٽي جيڪا پڙهندو هو، ان کي 'ڪڪ پٽي' چئبو هو. جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو وجود ۾ آيو ته شروعاتي ڏينهن ۾ 1991ع کان 1993ع تائين، پرائمري سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي بنيادن کي پڪي ڪرڻ تي توجهه ڏنو ويو. اٿارٽيءَ طرفان سڄي سنڌ ۾ 'سنڌي ٻولي ۽ ٻارڙو' جي عنوان سان پرائمري استادن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن جا گڏيل سيمينار ڪرايا ويا. انهن سيمينارن ۾ جيڪي مقالا / مضمون پڙهيا ويا ۽ عملي طور جيڪي حقيقتون سامهون آيون، انهن مان خبر پئي ته هر ضلعي ۾ الف-بي کي پڙهائڻ جي ترتيب الڳ الڳ آهي، جڏهن ته سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي ڪتابن ۾ ترتيب 1853ع واري ئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري نيٺ 1995ع

۾ سنڌي ٻوليءَ جي اسڪالرن جي هڪ ڪميٽي جوڙي ۽ 1853ع واري ترتيب کي مستند قرار ڏنو(21). جنهن جي بنياد تي سنڌي ادبي بورڊ جي جامع سنڌي لغات جڙيل آهي ۽ هاڻ ٻيون لغتون بہ ان ساڳي ترتيب تي جڙن ٿيون. هن وقت تائين مختلف ادارن ۽ شخصيتن جون لڳ ڀڳ هڪ سؤ لغتون الف- بي جي انهيءَ ترتيب سان شايع ٿيل آهن.

**سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن مان ڪنهن هڪ لهجي جي چونڊ:** سنڌ ۾ انگريزن جڏهن ان وقت جي جديد تعليمي نظام کي سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج ڪرڻ گهريو تہ ان لاءِ درسي ڪتابن جي ٻوليءَ جو اهم مسئلو حل ٿيڻو هو. ڇاڪاڻ تہ سرڪاري سطح تي ڪنهن هڪ لهجي جي چونڊ ڪري، ان کي درسي ڪتابن، اخبارن ۽ انتظامي ڪمن لاءِ استعمال ڪرڻ انهيءَ ڪري، ضروري هوندو آهي تہ جيئن سرڪاري سطح تي ٻوليءَ جي استعمال ۾ هڪجهڙائي (Uniformity) رهي. سرڪاري رڪارڊ جي ڪافي اٿل پٿل ۽ لکيل ڪتابن ۽ مقالن کي جانچڻ کان پوءِ هن معاملي تي ڪا بہ اڳڀرائي نظر نٿي اچي، ڇا انگريزن واقعي ڪو پڌرنامو يا ڪو خط يا ڪو نوٽ وغيره سرڪاري سطح تي منظور ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ لهجي کي معياري قرار ڏئي، ان کي استعمال ڪرڻ جو چيو هو؟ جنهن ۾ اهو ڄاڻايل هجي تہ هاڻ درسي ڪتابن ۾ فلاڻو يا فلاڻو لهجو استعمال ٿيندو. عام طور لکيو ۽ چيو ويو آهي تہ اهو 'وچولو لهجو' آهي، جنهن کي انگريزن طرفان منظور ڪيو ويو هو. هن وقت تائين مليل رڪارڊ مان اهڙي ڪا بہ شاهدي نٿي ملي، تہ ڪو 'حيدرآبادي لهجي' کي يا، 'وچولي لهجي' کي ڪا خاص سرڪاري سرپرستي حاصل ٿي هجي. ممڪن آهي اڳتي ڪو اهڙو رڪارڊ سامهون اچي، جيڪو بمبئي آرڪائيوز ۽ انڊيا آفيس لئبرري يا سنڌ جي ڪنهن آفيس رڪارڊ ۾ موجود هجي، جنهن مان ان ڳالهہ جو پتو پوي.

حيدرآبادي لهجي جي سرڪاري استعمال بابت ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو تہ:

> "حيدرآباد ۽ پسگردائيءَ جي ٻولي ٺيٺ ۽ کري ٻولي ليکجي ٿي، ان جو سبب 1853ع ۾ تعليم کاتي وارن درسي ڪتابن جوڙائڻ جو ڪم حيدرآباد جي معزز هندن ۽ مسلمانن تي رکيو ويو ۽ هنن اها ئي ٻولي ڪم آندي، ائين حيدرآباد وارن جي ٻوليءَ کي شرف مليو، پر انهيءَ تي ڪو ڏار نالو رکيل ڪونهي، تنهنڪري 'وچولي' جي دفعي ۾ ليکجي ٿي"(22).

صرف ان بنياد تي حيدرآبادي لهجي کي وچولو سمجهڻ ۽ لکڻ تہ ان لهجي تي ڪو

خاص نالو پيل نہ آهي، علمي لحاظ کان اهو دليل ڪمزور لڳي ٿو. جڏهن تہ انهن ٻنهي لهجن ۾ لساني لحاظ کان ڪافي فرق موجود آهي.حيدرآباد کان ڪجهہ ڪلوميٽر ڏکڻ تي لاڙي لهجو شروع ٿي وڃي ٿو. پر ساهتي پرڳڻو حيدرآباد کان گهٽ ۾ گهٽ 100 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي اتر ڏانهن آهي. ان ڪري هڪٻئي کان ايترو پري مفاصلي وارن ٻن لهجن کي هڪ 'ساهتي لهجو' ڪيئن ٿو شمار ڪري سگهجي؟ هن سلسلي ۾ جڳ مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو تہ:

> "جيتوڻيڪ سنڌ جي وچولي واري ٻوليءَ کي معياري تسليم ڪري، ان کي ڪتابن ۾ آڻڻ ۽ لکڻ تي رسمي طور اتفاق ڪيو ويو، پر عملي طور گهڻي حد تائين حيدرآباد واري شهري ٻولي درسي ڪتابن توڙي سرڪاري دفترن جي ڪاروبار ۾ استعمال ٿيڻ لڳي." (23)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن حوالي مان اهو معلوم ٿيو تہ اهو لهجو رسمي طور رائج ٿيو. پر ان رسمي ڪارروائيءَ جو سرڪاري دستاويز هن وقت تائين سامهون نہ اچي سگهيو آهي، جنهن کي حوالي طور پيش ڪري سگهجي.

سنڌي درسي ڪتابن واري 1905ع ۾ جيڪا چڪاس ڪميٽي جوڙي وئي هئي، ان ڪميٽيءَ ۾ سردار محمد يعقوب، مسٽر صادق علي ۽ مرزا قليچ بيگ مسلمان ميمبر ۽ ديوان ڪوڙومل، هڪ هندو ميمبر طور سنڌي درسي ڪتابن جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو هو.(24) ان ڪميٽيءَ جيڪي لفظ ۽ انهن جي صورتخطي معياري ڪري بيهاري، اهي لفظ بعد ۾ 'اخبار تعليم' ۾ سلسليوار ڇپيا. تعليم ۽ روينو کاتي طرفان انهن جا چارٽ ٺهرائي اسڪولن ۽ مختيارڪار آفيسن ۾ آويزان ڪرايا ويا. اهي لفظ بہ حيدرآبادي لهجي جا آهن.

**اپياس جي پڄاڻي:** سنڌي ٻوليءَ کي جيڪا پذيرائي 1843ع کان 1947ع تائين ملي، شايد ايندڙ تاريخ ۾ وري اهڙو عروج سنڌي ٻولي نہ ڏسي سگهي. سماج بدلجي ويا آهن. دنيا سڪڙجي وئي آهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ سرڪاري سرپرستي ختم ٿي وئي ۽ خود وڏن شهرن ۾ آباد سنڌين جي وڏي آبادي، سنڌي ٻوليءَ جي ڪرندڙ اقتصادي صورتحال کي ڏسندي، اردو ۽ انگريزي ڏانهن ڪانئو متايو آهي، هاڻ سنڌي ٻوليءَ مارڪيٽ جي زبان نہ رهي آهي ۽ ان ۾ ٻئي ڪنهن جو ڏوهہ نہ آهي، اهو اسان شعوري يا لاشعوري طور پاڻ ڪيو آهي.

ٻوليءَ جو زندگيءَ جي مختلف شعبن، ويندي حڪومتن تي ڪهڙو اثر پوي

ٿو؟ ان حساسيت کان انگريز تہ چڱي ريت واقف هئا، پر خبر ناهي، هڪ بهترين حڪومتي عملداري ۽ ملڪي ترقيءَ لاءِ مقامي ٻولين جي بهترين اوزار (Tool) کي اسان جو نظرانداز ڪيو آهي؟ ان جو هڪ سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ، سياست جي شاگردن کي شايد ٻوليءَ جي سماجي پهلوئن، نفعن ۽ نقصانن جي پروڙ ئي نہ آهي ۽ اڃ تائين ائين ئي سمجهيو پيو وڃي تہ بهتر حڪمراني ۽ سماجي سڌارن لاءِ ٻوليءَ جو تہ ڪو بہ ڪردار نہ هوندو آهي.

سنڌي عربي لپيءَ کي اختيار ڪرڻ ۾ وقت لڳو، پر اهي سنڌي هندو عالم، اديب ۽ استاد ئي هئا، جن سنڌي ٻوليءَ جي عربي لپيءَ کي نہ صرف قبوليو، پر سنڌي ٻوليءَ جي ان لپيءَ کي ترقي بہ وٺرائي. 6 سيپٽمبر 1851ع تي سرڪاري عملدارن کي لازمي سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪرڻ جي جيڪا هدايت ڪئي وئي هئي، ڪن عالمن انهيءَ تاريخ کي سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ ڏانهن اهم قدم ڄاتو آهي. اهڙي تصديق ڪندي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ’انڊين ڪانٽريڪٽ ايڪٽ 1872ع‘ جي سنڌي ترجمي جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ، ”سنڌيءَ کي سنڌ جي سرڪاري زبان طور تسليم ڪرڻ جو آخري فيصلو 1851ع ۾ ٿيو، جيئن تہ انتظامي طور سنڌ کي اڳ ۾ ئي بمبئي سرڪار سان ملايو ويو هو، انهيءَ ڪري بمبئيءَ سرڪار جي سرڪيولر نمبر 1825 مورخہ 6 سيپٽمبر 1851ع ذريعي اِها هدايت ڪئي وئي تہ سڀ آفيسر انگريز توڙي ڏيهي ڪامورا روزمره واري سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ حاصل ڪن ۽ ان لاءِ لازمي طور امتحان پاس ڪن“(25) 29 آگسٽ 1857ع تي هڪ اهم سرڪيولر جاري ڪري عوام لاءِ اهو پڌرو ڪيو ويو تہ هاڻ ڪا بہ عريضي سنڌي وائيءَ ۾ لکڻ ڪانسواءِ ٻڌڻ جوڳي نہ هوندي، گهٽي مجبوريءَ جي صورت ۾ جيڪڏهن ڪو فارسيءَ ۾ عريضي لکندو تہ ان لاءِ بہ لازمي هوندو تہ ان متن جو سنڌي ترجمو، ان عريضي سان گڏ ضرور شامل ڪري. 1859ع ۾ پهريون ملڪي قانون ”Workmen’s Breach of contract Act 1859“ مڪمل طور عربي سنڌي لپيءَ ۾ ترجمو ٿي، سرڪاري طور ڪمشنر پريس مان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. انگريز سنڌ جي ڪورٽن ۽ ان وقت جي سيني سرڪاري ادارن ۾ سنڌيءَ کي دفتري ٻوليءَ طور نافذ ڪري، ان جو پاڻ بہ استعمال ڪيو. پراڻي رڪارڊ ۾ انهن فارمن، قاعدن ۽ قانون جا نمونا ملن ٿا. اهي قاعدا قانون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ سرڪاري طور سنڌي مترجم بہ مقرر ڪيا ويا. رڪارڊ ۾ 734 ملڪي قاعدن قانونن جو ذڪر ملي ٿو، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيا (26) يعني هڪ ننڍڙي لئبرري جيترا ملڪي قانون جا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرايا ويا. انهيءَ حڪومتي سرپرستي ئي سنڌيءَ کي هڪ معياري ٻولي بنايو. هن سلسلي ۾ اڃا بہ وڌيڪ تحقيق بمبئي ۽ انڊيا آفيس

لئبرري لنڊن جي رڪارڊ جي بنياد تي ڪري سگهجي ٿي. هي ڊاڪٽريٽ جو موضوع آهي، جنهن تي ڪم ٿيڻ گهرجي، سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تحقيقي ادارن جي سرپرستيءَ سان ان لڪل خزاني کي سامهون آڻي سگهجي ٿو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جو وڏو ثبوت هوندو.

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، مهاڳ 'جواهر لغات سنڌي اڪيچار' آخوند عبدالرحيم عباسي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ پاڪستان، ڇاپو پهريون، 1993ع، ص 4.
2. ٻگهيو، قاسم، ڊاڪٽر 'سنڌي ٻولي لسانيات کان سماجي لسانيات تائين' سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ڇاپو پهريون، 1998ع، ص 31.
3. Mallah, Mukhtiar Ahmed, Editor's, Note "The Development of Sindh Language and script under early English administration" Sindhi Language Authority, Hyderabad, 1st Edition, 2017, page lv.
4. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 132.
5. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 12.
6. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 51.
7. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 65.
8. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 51.
9. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 51.
10. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 150.
11. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 150.
12. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 150.
13. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 151.
14. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي صورتخطي" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ، ڇاپو پنجون، 2016ع، ص 106.
15. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، مهاڳ "جواهر لغات سنڌي اڪيچار" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان، ڇاپو پهريون، 1993ع، ص 5.
16. گوپانگ، محمد صالح، ڊاڪٽر، "پرائمري درسي ڪتابن جو تحقيقاتي جائزو" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون، 2012ع، ص 62.
17. Mallah, Mukhtiar Ahmed, Editor's Note, "The Development of Sindh Language and script under early English administration" Sindhi Language Authority, 1st Edition, 2017, page lvi and lvii.
18. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 372.
19. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 373.

20. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو lxiv.

21. لغاري امين، ايڊيٽر ’سنڌي ٻولي‘ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون، سالنامو، 1995ع-1996ع، ص 111.

22. آڏواڻي، ڀيرو مل، مهر چند ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘ سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي- حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1956ع، ص 93-94.

23. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي‘ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون، 1992ع، ص 15-16.

24. گوپانگ، محمد صالح، ڊاڪٽر، ’پرائمري درسي ڪتابن جو تحقيقاتي جائزو‘ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون، 2012ع، ص 75.

25. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، ڊاڪٽر ’preface‘ ’انڊين ڪانٽريڪٽ ايڪٽ 1872‘ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، 1993ع، ڇاپو ٻيو، ص1.

26. حوالو ساڳيو مٿيون، صفحو 1

خالد آزاد

# سنڌيءَ ۾ گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي (Minutes) لکڻ جو فن ۽ ان جا اصول

# Techniques and Principles of Minutes Writing of a Meeting in Sindhi

***Abstract:***

*The recording or taking 'The Minutes of meeting' is basically an art in itself. This discipline, definitely, follows some particular techniques and principles .It is a historic fact that most of the British colonized communities got almost all the disciplines of official writings and their related techniques from the English language. Therefore, the art of recording minutes and its techniques and set principles in English were copied by these bi-lingual British colonial communities for local official language. The developing countries not only adopted the techniques and principles but also implemented the same after interpreting according to their own linguistic requirements. Hence, the transmission and spread of knowledge among different languages go on indefinitely. Similarly, we have also been recording the minutes of meetings in Sindhi language by adopting the criteria and rules described in English language and followed in the British India and later our newly independent country Pakistan. In this paper, an attempt has been made to explain the techniques and principles of writing the minutes of meeting in Sindhi Language .*

**1. مسئلي جو بيان (Question of Problem):** هڪ اجلاس يا گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي (Minutes) لکڻ، ٽيڪنيڪي طور هڪ ڌار علم ۽ فن آهي، ۽ ان جا ڪي قاعدا ۽ اصول مرتب ٿيل آهن. جيئن ته لکپڙهه سان لاڳاپيل گهڻي ڀاڱي سمورا علم ۽ فن، انگريزي زبان مان ۽ اولهه کان ئي آيل آهن، ان ڪري اجلاس يا گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي (Minutes) لکڻ جا اصول ۽ قاعدا به دراصل انگريزيءَ ۾ ئي وضع ڪيل آهن. انهن ئي اصولن ۽ قاعدن کي اپنائيندي، دنيا جا ٻيا ملڪ ۽ قومون، پنهنجن پنهنجن

ٻولين ۾، ان علم ۽ فن جي تشريح ۽ ترجمو ڪندا رهندا آهن، ۽ اهڙيءَ طرح نون علمن ۽ فنن بابت ڄاڻ جو اُهو سلسلو، هڪ ٻوليءَ کان ٻي ٻولي ۽ هڪ قوم کان ٻي قوم تائين هلندو رهي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ پڻ اسان، انگريزيءَ ۾ متعارف ٿيل اصولن ۽ قاعدن کي آڏو رکي، گڏجاڻين ۽ اجلاسن جون ڪارروايون لکندا رهندا آهيون. هن تحقيقي مضمون ۾ اجلاس يا گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ جي فن ۽ قاعدن توڙي اصولن بابت، سنڌيءَ ۾ هر ممڪن ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

دنيا ۾ متعارف ٿيندڙ نون علمن ۽ فنن کي پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ جو ڪم، اتي جا ادارا ۽ لئنگئيج اٿارٽيون (Language Regulators) ڪنديون آهن. روسي، اسپيني، فرانسيسي، چيني، عربي، ملئي، جرمن يا جپاني وغيره دنيا جون اهي سڌريل ٻوليون آهن، جن جي ادارن ۽ اٿارٽين وٽ، دنيا ۾ متعارف ٿيندڙ هر نئين علم ۽ فن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ لاءِ هڪ مربوط نظام موجود آهي. جيئن ئي انگريزي يا ڪنهن ٻي سڌريل ٻوليءَ ۾ ڪنهن نئين علم يا فن بابت ڪو مواد ڇپجي ٿو تہ هئي ڏينهن اهو مواد انهن ٻولين ۾ ترجمو ۽ تشريح ٿي وڃي ٿو. دراصل لئنگئيج اٿارٽين جو مکيہ ڪم، دنيا ۾ متعارف ٿيندڙ نون علمن ۽ فنن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ منتقل ڪرڻ بہ آهي تہ جيئن ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ، دنيا ۾ ٿيندڙ نئين علم، تحقيق، ترقي ۽ ايجادن کان آگاهہ ٿي سگهن.

**2. پسمنظر (Background):** اجلاس يا گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ بہ هڪ الڳ فن ۽ علم آهي، جنهن جي شروعات يقيناً انگريزي زبان کان ئي ٿي آهي. گڏجاڻين يا اجلاسن جي ڪارروائي لکڻ واري هن ڪم کي 'Minutes' ڇو چيو ويندو آهي يا Minutes جو واسطو ڪٿي 'وقت' ڏيکاريندڙ 'مِنٽ' سان تہ نہ آهي؟ ان سلسلي ۾ جڳ مشهور ويب سائيٽ www.todayifound.com هڪ سوال جي جواب ۾ لکي ٿي:

> "In fact, the "minutes" here have nothing to do with time, but rather "small", as in "minute" (my_newt). "Minutes" in this sense first popped up in the early 18th century, possibly directly from the Latin "minuta scriptura", meaning "small notes" or just "minuta", meaning "small" or possibly via the 16th century "minute" definition of "rough draft" from the preceding Latin. (1)"

( لفظ 'منٽس' جو واسطو 'وقت واري مِنٽ' سان نہ آهي، بلڪ ان جو مطلب 'منٽ' وانگر ئي 'ننڍڙو يا مختصر' آهي. 'منٽس' (Minutes)

جو اصطلاح ان معني ۾ 18 صدي عيسويءَ ڌاري سامهون آيو. جيڪو ممڪن آهي تہ سڌيءَ طرح لاطيني ٻوليءَ جي اصطلاح minuta scriptura مان نڪتل هجي، جنهن جي معني 'مختصر نوٽس' يا 'ننڍڙي لکٽي' آهي، يا صرف minuta جنهن جي معني 'ننڍو' يا 'ننڍڙو' آهي. ٻئي پاسي ممڪن آهي تہ هي لفظ 16 هين صديءَ جي لفظ 'منٽ' مان نڪتل هجي، جنهن کي لاطيني ٻوليءَ ۾ 'ڪچي لکٽي' يا 'رف ڊرافٽ' چيو ويندو هو.)

ساڳيءَ طرح جڳ مشهور ويب سائيٽ وڪيپيڊيا، ان ڳالهہ جي تصديق ڪندي لکي ٿي:

"The name "minutes" possibly derives from the Latin phrase minuta scriptura (literally "small writing") meaning "rough notes". (2)"

(لفظ 'منٽس' ممڪن آهي تہ لاطيني اصطلاح minuta scriptura مان نڪتو هجي، جنهن جي معني 'مختصر نوٽس يا لکٽي' يا 'ڪچي لکٽي' (رف) ٿي سگهي ٿي.)

اهڙيءَ طرح واضح ٿيو تہ انگريزي لفظ Minutes جو واسطو 'وقت' واري 'منٽ' سان نہ آهي، پر دراصل هي لفظ لاطيني ٻوليءَ جي اصطلاح minuta scriptura مان نڪتل آهي، جنهن جي معني 'مختصر نوٽس يا لکٽي' يا 'ڪچي لکٽي' (رف) ٿي سگهي ٿي. لاطيني ٻوليءَ ۾ هي اصطلاح، ان معني ۾ 16 صدي عيسويءَ ۾ استعمال ٿيڻ لڳو.

'گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي' يا 'منٽس' بابت جڳ مشهور برطانوي ويب سائيٽ www.resourcecentre.org.uk لکي ٿي:

"Minutes are simply notes taken during the meeting to remind you what was discussed and agreed. They don't need to be long or complicated, in fancy language or perfect grammar. They do need record clearly and simply what decision were made at the meeting and who is going to carry them out. (3)"

( گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي يا 'منٽس' اصل ۾ گڏجاڻيءَ دوران ورتل انهن مکيہ نُڪتن کي چئجي ٿو، جيڪي توهان کي ياد ڏيارين تہ ڪهڙيون ڳالهيون بحث هيٺ آيون ۽ ڪهڙين ڳالهين تي اتفاق

ٿيو. ضروري نہ آهي تہ اجلاس جي ڪارروائي طويل ۽ پيچيده هجي ۽ ان جي ٻولي ڏُکي ۽ گرامر جي اصولن موجب هجي، بلڪ گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي واضح ۽ عام فهم هجڻ گهرجي تہ جيئن ان ڳالهہ کي سمجهي سگهجي تہ گڏجاڻيءَ دوارن ڪهڙي ڳالهہ جو فيصلو ٿيو ۽ ان تي عمل جي ذميواري ڪنهن جي آهي.)

مٿين حوالن کي نظر ۾ رکندي 'گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ' جي وصف هيٺين ريت ٿي سگهي ٿي:

**3. وصف (Definition):** ڪنهن بہ گڏجاڻي يا اجلاس جي ڪارروائيءَ جي لکت واري رڪارڊ کي 'منٽس' (Minutes) چيو ويندو آهي، جنهن ۾ گڏجاڻيءَ جي منعقد ٿيڻ جي تاريخ، وقت ۽ هنڌ، شرڪت ڪندڙن ۽ نہ ڪندڙن بابت آگاهي، اجلاس جي پيشنامي (Agenda) ۽ ان جا اسم، شرڪت ڪندڙن جي راين ۽ بحث جا مکيہ نُڪتا ۽ آخر ۾ اتفاق سان ٿيل فيصلا قلمبند ڪيا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ ان کي 'اجلاس يا گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي' ۽ اردوءَ ۾ 'اجلاس ڪي ڪارروائي' چيو ويندو آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي مختصر طور MoM يعني 'Minutes of Meeting' بہ چيو ويندو آهي.

سنڌ ۾ سرڪاري توڙي خانگي ادارن، بورڊن، اٿارٽين، يونيورسٽين، ڪارپوريشنن ۽ تنظيمن اندر اجلاسن ۽ گڏجاڻين جو سلسلو هلندو رهي ٿو، جن جون ڪارروايون اڪثر ڪري انگريزي زبان ۾ لکيون ويندڙيون رهيون آهن، جڏهن تہ ڪي ادارا اردوءَ تہ چند ادارا سنڌيءَ ۾ پنهنجن گڏجاڻين جون ڪارروايون لکندا رهيا آهن.گڏجاڻي يا اجلاس جي ڪارروائي اداري يا تنظيم جا سيڪريٽري لکندا آهن، جڏهن تہ ان مقصد لاءِ ڪو خاص ماڻهو بہ مقرر ڪري سگهجي ٿو، جنهن کي 'ڪارروائي لکندڙ' (Minutes recorder) بہ چيو ويندو آهي. ڪارروائي لکڻ واري هن عمل لاءِ انگريزيءَ ۾ Minutes Recording, Minutes Taking ۽ Minutes Writing جا اصطلاح مروج آهن، جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ 'منٽس لکڻ' ۽ 'ڪارروائي لکڻ' جا اصطلاح مستعمل آهن.

**4. ڪورم (Quorum):** 'ڪورم' انگريزي اصطلاح آهي، جنهن مان مُراد 'ميمبرن جو اهو گهٽ ۾ گهٽ انگ آهي، جيڪو گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي هلائڻ لاءِ ڪافي هجي. ان سلسلي ۾ اردوءَ جي مشهور ويب سائيٽ www.urduinc.com لکي ٿي:

"ارکان کی وہ مقدار جو جس کے لیے ضروری ہو، اجلاس عدالت یا مجلس شرکاء میں اتنے اشخاص کی موجودگی جو اجرائے کار کے لیے کافی ہے، کسی مجلس یا انجمن وغیرہ کے ارکان کی وہ تعداد جس

کی موجود گی کے بغیر جلسہ یا انجمن کی کوئی کارروائی جائز نہیں ہوسکتی۔" (4)

'ڪورم' ڪل ميمبرن جي هڪ ٽياڱي تي جي تعداد تي ٻڌل هوندو آهي، يعني جيڪڏهن ڪنهن بہ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ميمبرن جو تعداد هڪ ٽياڱي تي هوندو تہ اها گڏجاڻي پنهنجو ڪاروبار هلائي سگهندي، ٻي صورت ۾ گڏجاڻيءَ جي قانوني حيثيت نہ هوندي.

5. **گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ:** (Minutes Writing /Minutes Taking): سنڌيءَ ۾ هڪ گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ لاءِ هيٺين مرحلن بابت ڄاڻ جو هجڻ ضروري آهي:

**الف: تمهيد ٻڌڻ ۽ شرڪت ڪندڙن بابت آگاهي ڏيڻ:** گڏجاڻي يا اجلاس جي ڪارروائي لکڻ دوران سڀ کان بنيادي يا پهريون ڪم 'تمهيد ٻڌڻ' يعني 'شروعاتي بيان ڏيڻ' هوندو آهي، جنهن ۾ گڏجاڻي منعقد ٿيڻ جي تاريخ ۽ هنڌ بابت آگاهي، شرڪت ڪندڙن بابت ڄاڻ ۽ گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ جو اطلاع شامل هوندو آهي. گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪندڙن جا نالا ۽ عهدا بہ هڪ ترتيب سان لکيا ويندا آهن، جهڙوڪ: سڀ کان پهرين گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ جو نالو ۽ عهدو، بعد ۾ ميمبرن جا نالا ۽ آخر ۾ ڪميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ جو نالو لکيو ويندو آهي. ميمبرن جي نالن جي ترتيب عهدي، اسڪيل يا علمي قابليت ۽ عمر جي لحاظ سان ڏني ويندي آهي، جنهن ۾ پسند يا نا پسند شامل نہ هوندي آهي. مثال طور: سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ لاءِ اسان کي هيٺينءَ ريت تمهيد ٻڌڻي پوندي:

<u>مثال (1): گڏجاڻيءَ جي ڪاروائي لکڻ دوارن تمهيد ٻڌڻ يا شروعاتي بيان ڏيڻ جو نمونو</u>

[ سنڌي ادبي بورڊ جي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي پيشنامي (ايجنڊا) مطابق، تاريخ ---------- تي، جناب ----- جي صدارت ۾، بورڊ جي آفيس، ڄامشوري ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ هيٺينءَ ريت شرڪت رهي:

| | |
|---|---|
| جناب | چيئرمئن |
| جناب | ميمبر |
| جناب | ميمبر |
| جناب | ميمبر |
| جناب | سيڪريٽري] |

**(ب) شرڪت نہ ڪري سگھندڙن بابت آگاھي ڏيڻ:** جيڪڏھن ڪو بہ ميمبر، ڪنھن بہ سبب جي ڪري گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت نہ ڪري سگھيو آھي تہ ان جي آگاھي ڏيڻ بہ گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ جو ھڪ بنيادي اصول آھي. ھي آگاھي، تمھيد ٻڌڻ ۽ شرڪت ڪندڙن جي آگاھي ڏيڻ کان پوءِ ستت ئي ٻي پيرا ۾ ڏني ويندي آھي، ان ڪري ھڪ ڪارروائي لکندڙ کي گھُرجي تہ ھو شرڪت نہ ڪري سگھندڙن بابت ھيٺينءَ ريت آگاھي ڏئي، جھڙوڪ:

مثال 02: گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت نہ ڪري سگھندڙن جو اطلاع ڏيڻ

[ ڪميٽيءَ جا ميمبر جناب ......... جناب ......... ۽ جناب ... مختلف سببن جي ڪري گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت نہ ڪري سگھيا، جنھن جو اطلاع اڳوات ڏنو ويو ھو. ھن اطلاع کي رڪارڊ تي رکيو وڃي.]

شرڪت نہ ڪري سگھندڙن بابت آگاھيءَ کان پوءِ باضابطہ طور گڏجاڻي شروع ڪئي ويندي آھي، جيڪا پوءِ اسم وار ھلندي آھي، ان ڪري گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي پڻ اھڙيءَ ريت اسم وار لکي ويندي آھي.

**(ج) اسم وار گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ:** جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آھيون تہ باضابطہ طور تي گڏجاڻي اسم وار ھلندي آھي ۽ ان جي ڪارروائي پڻ اسم وار ئي لکي ويندي آھي، ان ڪري ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري يا گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکندڙ کي، ان ڏس ۾ ٽن اھم نُڪتن، يعني (1) 'اسم پيش ڪرڻ'، (2) 'اسم تي بحث ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ'، ۽ (3) 'فيصلو ڪرڻ' کي ذھن ۾ رکڻ ضروري آھي:

- **اسم پيش ڪرڻ:** گڏجاڻيءَ دوران اسم پيش ڪرڻ، ڪميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ جو ڪم ھوندو آھي، جڏھن تہ ڪِن صورتن ۾ گڏجاڻيءَ جي سربراھي / صدارت ڪندڙ بہ ڪميٽيءَ آڏو ڪو اسم پيش ڪري سگھي ٿو. ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري، ڪميٽيءَ آڏو اسم پيش ڪندو ۽ ان بابت ضروري وضاحت ڏيندو، جنھن کان پوءِ ان تي بحث ٿيندو آھي.
- **اسم تي بحث ڪرڻ:** ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري يا صدارت ڪندڙ پاران اسم پيش ڪرڻ کان پوءِ ان تي بحث ۽ رايا شروع ٿيندا آھن. بحث لاءِ اصولي طور ساڄي کان کاٻي پاسي ويٺل ميمبر، واري واري سان پنھنجي راءِ ڏيندا آھن. ڪارروائي لکندڙ، ان بحث ۽ راين جا مکيہ نُڪتا نوٽ ڪندو ويندو ۽ انھن کي بعد ۾ پنھنجي ڪارروائي ۾ قلمبند ڪندو. ھتي اھا ڳالھ واضح ڪجي ٿي تہ

ڪارروائي لکندڙ، گڏجاڻيءَ دوران ٿيندڙ سموري بحث کي پنهنجي ڪارروائيءَ ۾ شامل نہ ڪندو، بلڪ بحث جا مکيہ نُڪتا نوٽ ڪري، انهن کي قلمبند ڪندو. گڏجاڻين جي ڪارروايِن دوران بحث مباحثي کي سهيڙي لکڻ جي سلسلي ۾ جڳ مشهور برطانوي ويب سائيٽ www.resourcecentre.org.uk لکي ٿي:

"One of the difficult thing about taking minutes is knowing what to write down and what to leave out. Keep these central points in mind: Don't try to write everything down. It's imposable and not useful. Minutes are not a below by below disruption of what was said. Concentrate on what has been decided and who is going to do it. The purpose of minutes is to record decision and actions agreed by the meeting."(5)

(ڪارروائي لکڻ دوران سڀ کان ڏکيو مرحلو اهو آهي تہ گڏجاڻيءَ ۾ ٿيل بحث منجهان ڪهڙيون ڳالهيون لکجن ۽ ڪهڙيون ڇڏي ڏجن. ان لاءِ هيٺين مکيہ نُڪتن کي ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي:
هر ڳالهہ لکڻ جي ڪوشش نہ ڪريو. اهو عمل ممڪن ۽ فائديمند نہ آهي. 'ڪارروائيءَ' ۾ گڏجاڻيءَ دوران ٿيل هر ڳالهہ لفظ بہ لفظ لکڻ جي ضرورت نہ آهي.
ان ڳالهہ تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ گڏجاڻيءَ دوران ڪهڙا فيصلا ٿيا ۽ انهن تي عمل جي ذميواري ڪنهن جي آهي. ڪارروائي لکڻ جو مقصد، گڏجاڻيءَ ۾ ٿيل فيصلا ۽ انهن تي عملي قدم کڻڻ آهي، جن تي گڏجاڻيءَ ۾ اتفاق ٿيو هجي.)

- **فيصلو ڪرڻ:** ڪنهن بہ اسم تي بحث مباحثي کان پوءِ فيصلو ڪيو ويندو آهي، جنهن جو اختيار گڏجاڻيءَ جي سربراهي يا صدارت ڪندڙ وٽ هوندو آهي. صدارت ڪندڙ ، اسم تي ٿيل سموري بحث کي سهيڙي فيصلو ڏيندو، جيڪو ڪارروائيءَ ۾ لکيو ويندو. هتي اها ڳالهہ واضح ڪجي ٿي تہ فيصلو لفظ بہ لفظ لکيو ويندو آهي تہ جيئن ان تي واضح نموني عمل ڪري سگهجي.

6. **رواجي اسمن تي بحث ۽ فيصلا لکڻ:** واضح رهي تہ هرگڏجاڻيءَ جو پهريون اسم 'گذريل گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي منظور ڪرڻ' ۽ ٻيو اسم 'گذريل گڏجاڻيءَ جي ڪارروائيءَ تي عملي قدمن جي رپورٽ پيش ڪرڻ' هوندو آهي، ان ڪري پهرئين ۽

ٻئي اسم تي بحث ان ڪري بہ گهٽ ٿيندو آهي، جو اهي ٻئي اسم ۾ انهن سان لاڳاپيل مڪمل تفصيل، ورڪنگ پيپر سان گڏ اڳواٽ ئي ميمبرن ڏانهن موڪليل هوندا آهن. گڏجاڻيءَ ۾ انهن جي رڳو توثيق ۽ تصديق ئي ڪرڻي هوندي آهي- يا وري جيڪڏهن ڪارروائي لکندي ڪا ڳالهہ رهجي وئي آهي ۽ ان جي نشاندهي ڪنهن ميمبر پاران ڪئي وئي آهي تہ، ان تي بحث ٿيندو، ٻي صورت ۾ ڪارروائي جيئن جو تيئن منظور ڪئي ويندي آهي. رواجي اسمن مان آخري اسم 'گڏجاڻيءَ جي سربراهي ڪندڙ جي صوابديد تي منحصر' هوندو آهي. جيڪڏهن گڏجاڻيءَ جي سربراهي ڪندڙ اجازت ڏئي تہ بروقت ڪو اسم بحث ۽ فيصلي لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو. اهڙي اسم کي 'آخري يا صوابديدي اسم' چيو ويندو آهي. ٺنهي اسمن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

مثال 03: اسم پهرئين تي ٿيندڙ بحث ۽ فيصلي جو نمونو

**[اسم پهريون: گڏريل گڏجاڻي، مورخہ ... جي ڪارروائي منظوريءَ لاءِ پيش ڪرڻ**

- فورم جي سيڪريٽري صاحب ڪميٽيءَ کي آگاهہ ڪيو تہ گڏريل گڏجاڻي، مورخہ ..... جي ڪارروائي، گڏجاڻيءَ کان پوءِ ستن ڏينهن اندر ميمبر صاحبان ڏانهن موڪلي ويئي هئي. ميمبرن پاران ڪارروائيءَ جي ڪنهن بہ نڪتي تي ڪو اعتراض يا ڪو مشاهدو سامهون نہ آيو آهي، ان ڪري ڪارروائي منظوريءَ لاءِ پيش ڪجي ٿي.
- ناٽي ڪاتي جي نمائندي بہ ڪارروائيءَ جي درست رڪارڊ ٿيڻ جي تصديق ڪئي.
- تعليم ڪاتي ۽ ثقافت ڪاتي جي نمائندي چيو تہ گڏريل گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي درست رڪارڊ ٿي آهي، ان ڪري ان کي منظور ڪيو وڃي.
- ٻين ميمبرن بہ ان ڳالهہ جي تائيد ڪئي ۽ هيٺينءَ ريت فيصلو ڪيو ويو

فيصلو (1) گڏريل گڏجاڻي، مورخہ ... جي ڪارروائي منظور ڪجي ٿي.]

مثال 04: اسم ٻئين تي ٿيندڙ بحث ۽ فيصلي جو نمونو

**[اسم ٻيون: گڏريل گڏجاڻي، مورخہ ... ۾ ڪيل فيصلن تي ڪنيل عملي قدمن جي رپورٽ پيش ڪرڻ**

- سيڪريٽري صاحب، گڏريل گڏجاڻي، مورخہ ..... تي ڪيل فيصلن تي ڪنيل عملي قدمن جي رپورٽ پڙهي ٻڌائي.
- تعليم ڪاتي جي نمائندي چيو تہ جن فيصلن تي عملي قدم کڄي نہ سگهيا

آهن، تن تي جلد عمل ڪرڻ گهرجي.

- ثقافت کاتي جي نمائندي بہ ان ڳالهہ جي تائيد ڪئي.
- اڪثر ميمبرن فيصلن تي ڪنيل عملي قدمن جي رپورٽ کي اطمينان بخش قرار ڏنو ۽ هيٺينءَ ريت فيصلو ڪيو ويو:

فيصلو (2) گذريل گڏجاڻي، مورخہ ... ۾ ڪيل فيصلن تي ڪنيل عملي قدمن جي رپورٽ منظور ڪجي ٿي، رهيل فيصلن تي جلد عمل ڪيو وڃي.]

مثال: 04 صوابديدي اسم تي ٿيندڙ بحث ۽ فيصلي جو نمونو:

**[اسم آخري: ڪميٽيءَ جي سربراهہ/صدارت ڪندڙ جي اجازت سان ڪو بيو اسم**

- فورم جي سيڪريٽري صاحب آگاهي ڏني تہ معزز ميمبر III اداري پاران اڳ ڇپيل ۽ ختم ٿي ويل ڪتابن جي ٻيهر ڇپائيءَ لاءِ هڪ مڪمل رٿا تيار ڪري، سنڌ حڪومت کي منظوري ۽ مالي امداد لاءِ موڪلڻ جي تجويز رکڻ چاهي ٿو. صدر صاحب اجازت ڏني تہ ان تي بحث ۽ ڪو فيصلو ڪيو وڃي.
- ڪميٽيءَ جي سربراهہ، پنهنجي صوابديدي اختيارن هيٺ نئين نُڪتي تي بحث جي اجازت ڏني.
- تعليم کاتي ۽ ثقافت کاتي جي نمائندي بہ ان ڳالهہ جي تائيد ڪئي.
- ٻين ميمبرن تجويز تي عملي قدم کڻڻ جي تائيد ڪئي ۽ هيٺينءَ ريت فيصلو ڪيو ويو:

فيصلو (آخري) اسٽاڪ مان ختم ٿي ويل ڪتابن جي ٻيهر ڇپائيءَ لاءِ هڪ رٿا تيار ڪري، سنڌ حڪومت کي منظوريءَ لاءِ موڪلي وڃي.]

**.7 نون اسمن تي بحث ۽ فيصلا ڪرڻ:**

پهرئين، ٻئين ۽ آخري اسم کان سواءِ پيشنامي (ايجنڊا) ۾ شامل ٻيا سمورا اسم 'نوان اسم' تصور ڪيا ويندا آهن، جن ۾ نين رٿائن، اهم ڳالهين ۽ ضروري ڪمن بابت آگاهي ڏيئي بحث ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ فيصلا ڪيا ويندا آهن. هڪ نئين اسم تي بحث ۽ فيصلي جو نمونو هيٺينءَ ريت پيش ڪجي ٿو:

مثال: 05 ڪنهن بہ نئين اسم تي ٿيندڙ بحث ۽ فيصلي جو نمونو:

**[اسم ٽيون: ادبي تاريخ جي ڪتابن جي سهيڙ ۽ ڇپائي**

- فورم جي سيڪريٽري صاحب آگاهي ڏني تہ جناب پروفيسر ڊاڪٽر سومري صاحب لکت ۾ هڪ رٿا ڏني آهي تہ بورڊ کي سنڌ جي ادبي تاريخ جا ڪتاب

ترتيبوار ڇاپڻ گهرجن ۽ اهڙي فهرست بہ رٽا سان گڏ شامل آهي. وڌيڪ بحث ۽ فيصلي لاءِ اسر ڪميٽيءَ آڏو رکجي ٿو.

- ثقافت کاتي جي نمائندي چيو تہ ان رٽا بابت ماهراڻي راءِ وجي.
- جناب ميمبر IV راءِ ڏني تہ تيار ٿيندڙ ڪتابن کي ڪنهن ماهر کان ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني پڻ ڪرائي وجي.
- جناب ميمبر V ان ڏس ۾ جناب ..... جناب ..... ۽ جناب ..... جا نالا تجويز ڪيا.
- ٻين ميمبرن پڻ ان ڳالهہ جي تائيد ڪئي ۽ هيٺينءَ ريت فيصلو ڪيو ويو:

فيصلو (5) الف: پروفيسر ڊاڪٽر سومري صاحب جي تجويز جي اصولي طور تي منظوري ڏجي ٿي.

فيصلو (5) ب: هن رٽا تي ماهراڻي راءِ پروفيسر ڊاڪٽر ..... کان ورتي وجي.

فيصلو (5) ج: رٽا ۾ موجود ڪتابن تي ايڊيٽنگ ۽ نظرثاني پروفيسر ڊاڪٽر .... کان ڪرائي وجي.]

## 8. گڏجاڻيءَ سان لاڳاپيل مرحلا ۽ اصطلاح:

- **ورڪنگ پيپر** (Working Paper):

**'ورڪنگ پيپر'** دراصل ان گڏيل دستاويز کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ گڏجاڻيءَ سان واسطيدار ڪاغذ، جهڙوڪ: (i) پيشنامو (Agenda) ، (ii) بحث ۽ منظوريءَ لاءِ گذريل گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي، (iii) بحث ۽ منظوريءَ لاءِ گذريل گڏجاڻيءَ ۾ ڪيل فيصلن تي عملي قدمن جي رپورٽ ۽ (iv) ايجنڊا وار اسر شامل هوندا آهن. هي مڪمل دستاويز گڏجاڻيءَ کان گهٽ ۾ گهٽ ست (7) ڏينهن اڳ ۾ ميمبرن ڏانهن اُماڻيو ويندو آهي.

- **پيشنامو (ايجنڊا) ۽ ان جا اسر** (Agenda and its Items)

'پيشنامو يا ايجنڊا'، گڏجاڻيءَ ۾ بحث هيٺ ايندڙ نُڪتن جي خاڪي کي چيو ويندو آهي، جڏهن تہ بحث هيٺ ايندڙ انهن ئي نُڪتن کي 'ايجنڊا جا اسر' چئبو آهي، جيڪي نمبرن جي حساب سان ترتيبوار هوندا آهن؛ يعني اسر پهريون، ٻيون، ٽيون ۽ آخري وغيره. ايجنڊا جي اسمن سان گڏ ضروري وضاحت يا تفصيل، ضميمي جي صورت ۾ ڏنو ويندو آهي. عام طور تي هر ايجنڊا ۾ ٻن قسمن جا نُڪتا يا اسر هوندا آهن:

(1) **رواجي اسم:** گهڻو ڪري گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا ۾ اسم پهريون، ٻيون ۽ آخري- 'رواجي اسم' تصور ڪيا ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته اهي هر گڏجاڻيءَ ۾ ساڳيا رکيا ويندا آهن. مثال طور: اسم پهرئين ۾ 'گذريل گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي منظوريءَ لاءِ پيش' ڪئي ويندي آهي، جڏهن ته اسم ٻئين ۾ 'گذريل گڏجاڻيءَ ۾ ڪيل فيصلن تي عملي قدمن جي رپورٽ پيش' ڪئي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح آخري اسم طور گڏجاڻيءَ جي سربراهه جي اجازت ڪو به اهڙو نُڪتو بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو، جيڪو ايجنڊا ۾ شامل نه هجي، ۽ ان کي اُمالڪ ڪنهن ميمبر اُٿاريو هجي، سو گڏجاڻيءَ جي سربراهه جي اجازت سان بحث هيٺ آڻي سگهجي ٿو. عام طور تي ان کي 'آخري يا صوابديدي اسم' طور تصور ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت گڏجاڻيءَ جا ٽي اسم، يعني پهريون، ٻيون ۽ آخري 'رواجي اسمن' طور تصور ڪيا ويندا آهن.

(2) **نوان اسم:** مٿي ڄاڻايل رواجي اسمن کان سواءِ گڏجاڻيءَ دوران باقي جيڪي به نُڪتا بحث مباحثي لاءِ پيش ڪيا ويندا آهن، انهن کي سنڌيءَ ۾ 'نوان اسم' چئبو آهي. نون اسمن سان گڏ لاڳاپيل ڪاغذ پڻ شامل ڪيا ويندا آهن. گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا، ورڪنگ پيپر سميت شرڪت ڪندڙن ڏانهن گهٽ ۾ گهٽ ست (7) ڏينهن اڳ اُماڻڻ ضروري آهي.

- **واڌو يا اضافي پيشنامو (Additional Agenda):**

'واڌو يا اضافي پيشنامو (ايجنڊا)' دراصل گڏجاڻيءَ جي ان ايجنڊا کي چيو ويندو آهي، جيڪا ميمبر صاحبن ڏانهن ورڪنگ پيپر ۽ ايجنڊاموڪلڻ کان پوءِ مرتب ڪئي ويندا آهي. جيئن ته قاعدي موجب گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا ۽ ورڪنگ پيپر، گڏجاڻيءَ جي منعقد ٿيڻ کان گهٽ ۾ گهٽ ست (7) ڏينهن اڳ موڪليا ويندا آهن، ته جيئن شريڪ ٿيندڙ چڱيءَ طرح ايجنڊا پڙهي وٺن- پر جيڪڏهن گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا اڳ ئي ميمبرن کي موڪليل آهي ۽ گڏجاڻيءَ دوران ڪي ٻيا اسم بحث لاءِ پيش ڪيا وڃن ته ان کي 'واڌو يا اضافي پيش نامو ايجنڊا' چيو ويندو آهي.

- **حاضري (Attendance):**

ڪنهن به گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙن جي حاضري وٺڻ، گڏجاڻيءَ جي بنيادي قاعدن ۽ ضابطن ۾ اچي ٿو. ان لاءِ هڪ پني تي سمورن شرڪت ڪندڙن جا نالا، عهدا ۽ انهن جي سامهون صحي ڪئي ويندي آهي. اهڙي حاضري شيٽ ترتيب سان اڳواٽ تيار ڪئي ويندي آهي.

## 9. گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکڻ لاءِ ضروري ڳالهيون:

- ڪارروائي لکندڙ وٽ ايجنڊا جي ڪاپي ۽ ورڪنگ پيپر ۾ موجود سمورا لاڳاپيل ڪاغذ هئڻ گهرجن.
- ڪارروائي لکڻ لاءِ ضروري آهي تہ گڏجاڻيءَ ۾ ٿيل بحث مباحثي کي چڱيءَ طرح ٻُڌجي. سُٺو ٻڌڻ ۽ سمجهڻ سان ئي هڪ گڏجاڻيءَ جي بهترين ڪارروائي لکي سگهجي ٿي. ان لاءِ ميمبرن جي اجازت سان 'رڪارڊر' بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- هڪ ڪارروائي لکندڙ کي هر ڳالهہ لِکڻ بجاءِ ٻُڌڻ ۽ سمجهڻ گهرجي تہ جيئن ان کي بعد ۾ پنهنجن لفظن ۾ چڱيءَ طرح لکي سگهجي.
- ڪارروائي لکڻ لاءِ سادي، عام فهم ۽ ٺُڙ ٻولي استعمال ڪرڻ گهرجي. جيترو ممڪن ٿي سگهي، هر ڳالهہ واضح لکڻ گهرجي.
- بحث مباحثي دوران هر ڳالهہ لکڻ بجاءِ ڳالهين ۽ راين کي سهيڙي، ڳالهہ جو تت لکڻ گهرجي.
- جيڪڏهن گڏجاڻيءَ ۾ ڪا پرزنٽيشن/ يا ڪنهن رٿ جو عملي مظاهرو پيش ڪيو ويو هجي تہ ان ۾ شامل سموري مواد کي ڪارروائيءَ ۾ لکڻ بجاءِ ان جو مختصر طور ذڪر ڪرڻ گهرجي.
- ڪارروائيءَ ۾ صرف اهو ئي لکڻ گهرجي، جيڪو گڏجاڻيءَ دوران ڳالهايو ويو هجي، گڏجاڻيءَ کان پوءِ مليل معلومات کي ڪارروائيءَ جو حصو نٿو بڻائي سگهجي.
- گڏجاڻيءَ جي پُڄاڻيءَ کان جلدي پوءِ ڪارروائي لکڻ گهرجي ۽ ان ۾ گهڻا ڏينهن لڳائڻ نہ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ گهڻن ڏينهن جي گذري وڃڻ کان پوءِ ڳالهيون ذهن مان نڪري وينديون آهن ۽ اهو عمل انتظامي نا اهلي ۽ ڪمن ڏانهن بي ڌيانيءَ جو اهڃاڻ سمجهي سگهجي ٿو.
- گڏجاڻيءَ دوران اڪثر ڪري هڪ ئي وقت تي گهڻا ميمبر ڳالهائڻ لڳندا آهن، ان صورت ۾ هڪ ڪارروائي لکندڙ کي گهرجي تہ اهو ان بحث مان ڪم جي ڳالهہ ڪڍي ۽ فيصلو لکي.
- ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ بحث دوران ميمبر هڪ اسم تي بحث ۽ فيصلي کان اڳ ئي ٻئي اسم تي بحث ڪرڻ شروع ڪندا آهن، ان صورت ۾ بہ هڪ ڪارروائي لکندڙ کي کپي تہ اهو اسمن جي ترتيب کي ذهن ۾ رکي.
- بحث مباحثو ڪڏهن ڪڏهن طويل ٿي ويندو آهي، هڪ ڪارروائي لکندڙ کي ان طويل بحث مان ڪم جون ڳالهيون ڪٽي لکڻيون آهن.
- جيڪڏهن گڏجاڻي اسمن جي حساب سان ترتيب وار هلي ٿي تہ ان صورت ۾

هڪ ڪارروائي لکندڙ کي مکيہ نُڪتا نوٽ ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي. اهو گڏجاڻيءَ جي سربراهي ڪندڙ تي هوندو آهي تہ اهو گڏجاڻيءَ کي ڪيئن ترتيب ۾ ٽوڙي.

- فيصلو ڪرڻ وقت جيڪڏهن ڪي ڳالهيون واضح نہ آهن تہ هڪ ڪارروائي لکندڙ کي گهرجي تہ هو سربراهي ڪندڙ کان فيصلي بابت واضح نموني معلوم ڪري.
- گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکندڙ کي، گڏجاڻيءَ جي سربراهي ڪندڙ جي پير ۾ ويهڻ گهرجي.
- ڪارروائي لکندڙ کي گهرجي تہ گڏجاڻي دوران ورتل مکيہ نُڪتن کي ڪارروائيءَ جي باقاعدي شڪل ڏيڻ کان اڳ گڏجاڻيءَ جي سربراهي ڪندڙ سان ايجنڊا تي صلاح مصلحت ڪري وٺي.

## حوالا


1. https://www.todayifoundout.com/index.php/2012/11/why_meeting_notes_are_called_minutes/
2. https://en.wikipedia.org/wiki/Minutes
3. https://www.resourcecentre.org.uk/information/taking_minutes/
4. https://www.urduinc.com/english_dictionary/%DA%A9%D9%88%D8%B1%D9%85_meaning_in_urdu
5. https://www.resourcecentre.org.uk/information/taking_minutes/

ڊاڪٽر ممتاز بخاري

# سنڌ مدرسة الاسلام طرفان جاري ٿيندڙ ’مدرسہ مخزن‘ جو سنڌي ادب ۾ ڪردار(1903_1947)

# Role of ‘*Maddrsa Makhzan* ’issued by Sindh Maddresstul Islam in Sindhi Literature


## Abstract:

*Sindh Madrasa was established In Karachi by Khanbahadar Hassan Ali Effendi in September 1885, with the sole aim to provide English or Modern Education along with religious education to Sindhi Muslims. But regressive elements vehemently opposed this institution. To present its objectives and suitable replies to the opposition, the Sindh Maddrasa started publication of a literary magazine in November, 1903. In this magazine along with Sindhi, pages for Urdu, English and Gujrati were separately allocated. This magazine used to publish religious, ethical, educational, historical and reform literature mostly composed in prose, but few poems were also published. Writers of this magazine mostly comprised on students and teachers of Sindh Madrassa.*

*`Madrasssa Makhzan` appropriately presented objectives of the Institution amongst Sindhi Muslims. When Sindhi Muslims were reluctant to educate their children on English or modern Education, then, this magazine created favourable environment which enabled Sindh Madarassa to achieve its objectives. Main purpose of this study is to describe how this magazine, which was started in 1903, and used to be published after some gaps for a long time, played its role in the enrichment of Sindhi literature. Indeed, this magazine occupies an important place in Sindhi Literature, but it is unknown to new writers and readers. Therefore, for their insight, this essay is presented, so that this forgotten chapter of Sindhi literature, which contains rich material about Sindhi society and educational situation in the British era, could be rediscovered.*


**پس منظر:** سنڌ مدرسة الاسلام، سنڌ جي اهم درسگاهہ آهي، جنهن نہ رڳو سنڌ پر ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ تعليمي خدمتون سر انجام ڏنيون، گڏوگڏ هن خطي ۾ علمي توڙي سياسي شعور بيدار ڪرڻ ۾ پڻ ڪردار ادا ڪيو. 1885ع ۾ قائم ٿيل هن مدرسي، سنڌي

علم ادب جي ترقيءَ ۾ جيڪو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ان کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريون استادن وسيلي ادب جي خدمت؛ ٻيو هن اداري مان تيار ڪيل اديبن وسيلي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي خدمت؛ ٽيون اشاعت وسيلي ادب جي خدمت. هن مقالي ۾ اهي ٽيئي پهلو اجاگر ڪيا ويا آهن.

**(الف) استادن وسيلي علم ادب جي خدمت:** 1885ع کان وٺي 1947ع تائين ڪيترائي استاد 'سنڌ مدرسة الاسلام' ۾ تعليم ۽ تدريس جي منصب تي فائز رهيا. انهن مان ڪيترائي استاد پنهنجي وقت جا نامور اديب، عالم ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. انهن پنهنجي ملازمت جي دوران سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي ترقيءَ ۾ خوب حصو ورتو. اهڙن استادن ۾ مولانا الھ بخش ابوجهو (1831ع - 1901ع)، مولانا محمد عثمان نورنگزادو، لعلچند امرڏنو مل (1885ع - 1954ع)، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي (1848_1885ع)، آغا تاج محمد (1904ع - 1959ع)، نورمحمد نماڻو، مولوي عبدالرحيم مگسي (1878ع - 1943) ۽ عبدالمجيد عابد (1915 _1996 ) جا نالا قابل ذڪر آهن. هنن نہ رڳو مدرسي ۾ شاگردن جي علمي رهنمائي ڪئي، بلڪ پنهنجي قلم وسيلي پڻ هن اداري جي ساک کي وڏ کان وڏ عروج ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

**( ب ) درسگاھ مان تيار ٿيل اديبن وسيلي سنڌي علم ادب جي خدمت:** سنڌ مدرسة الاسلام ابتدائي پنهنجي ٻاهٺ ورهين جي عرصي ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ڪيترن ئي انسانن کي علم ادب جو نور ڏنو، جن اڳتي هلي اهم ڪارناما سر انجام ڏنا. سنڌ جا ڪيترائي نامور عالم، اديب، شاعر، محقق، ايڊيٽر ۽ دانشور 'سنڌ مدرسة الاسلام' ۾ پڙهيا ۽ تعليم حاصل ڪيائون. جن ۾: علي خان ابڙو (1888ع - 1954ع)، مخدوم محمد صالح ڀٽي (1889ع - 1954ع)، آغا غلام نبي 'صوفي' (1889ع - 1938ع)، قاضي عبدالرزاق (1892ع — 1961ع)، غلام علي 'مسرور' (1892ع — 1953ع)، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو (1897ع - 1958ع)، سيد ميران محمد شاھ (1898ع - 1963ع)، سيد عطا حسين شاھ موسوي (1898ع - 1966ع، ڊاڪٽر ابراهيم 'خليل' (1900ع - 1982ع)، مراد علي 'ڪاظم' (1901ع - 1954ع)، احمد غلام علي چاڳلا (1902ع - 1953ع)، محمد اسماعيل عرساڻي (1904ع - 1986ع)، الھ بخش عقيلي (1907ع - 1970ع)، حبيب الله 'فڪري' (1907ع - 1974ع)، عبدالله 'عبد' (1910ع - 1973ع)، غلام حسين جلباڻي (1914ع - 1989ع)، محمد ابراهيم جويو (1915ع — 2017ع)، سيد غلام مصطفیٰ شاھ (1918ع - 1999ع)، ساجد سرشاري (1922ع - 1996ع)، علي نواز وفائي (1925ع — 2000ع) ۽ ٻيا

ڪيترائي شامل رهيا. هنن عالمن، اديبن ۽ شاعرن سنڌي ٻوليءَ ۽ علم ادب جي جيڪا خدمت ڪئي، اها سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخ جو روشن باب آهي.

**(ج): اشاعت وسيلي علم ادب جي خدمت:** سنڌ مدرسة الاسلام، اشاعت توڙي علمي تبليغ جي ذريعي سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي خدمت پڻ ڪئي. هڪ طرف علمي ۽ ادبي نوعيت جا ڪلب ۽ مختلف سوسائٽيون قائم ڪيون ويون، جن ۾:

> "سنڌ مدرسہ ڊبيٽنگ سوسائٽي (1887ع)، حسن علي ڪلب (1904ع)، سنڌ مدرسہ اولڊ بوائز ائسوسيئيشن (1906ع)، وائنس ٽالپور ڪلب (1910ع)، سنڌ مدرسہ اخوان الصفا سوسائٽي (1913ع)، دي وائنس يونين ڪلب (1914ع)، سنڌ مدرسہ اسڪائوٽنگ (1917ع)" (1)

وغيره شامل هيون ۽ ٻئي طرف اخبارون ۽ رسالا جاري ڪيا ويا. هي ٻيئي پليٽفارم شاگردن، استادن ۽ اديبن لاءِ ادبي جوهر ڏيکارڻ جا مکيہ ذريعا ۽ وسيلا هئا.

1885ع ۾ جڏهن سنڌ مدرسة الاسلام قائم ڪيو ويو تہ انهيءَ دور جي ڪجهہ رجعت پسندن طرفان، مدرسي ۽ ان جي بانيءَ جي مخالفت شروع ٿي. اِها وقت جي تقاضا هئي، تہ عام راءِ هموار ڪئي وڃي، نہ تہ ٻئي صورت ۾ هن تحريڪ جا مخالف هن ڪارنامي کي نقصان پهچائي ۽ مدرسي جي ڪارڪردگي متاثر ڪري سگهيا ٿي.

> "اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ 1889ع ۾ مدرسي طرفان 'معاون' نالي سان هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪئي ويئي" (2).

جنهن ۾ نہ رڳو مخالف ڌرين کي مدلل جواب ڏنا ويندا هئا، پر ان ۾ علمي ۽ ادبي مواد بہ شايع ٿيندو رهندو هو. "ان اخبار جو پهريون ايڊيٽر مرحوم مولوي الهہ بخش ابوجهو مقرر ٿيو. جنهن کان پوءِ اِها ذميواري سنڌ جي نامور شاعر شمس الدين 'بلبل' کي ڏني ويئي" (3) 'بلبل' جي ڇڏي وڃڻ کان پوءِ 'آمري' جو "مولوي سيد محمد شاهہ مصطفوي، اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو" (4). مولوي صاحب هن اخبار جو آخر تائين ايڊيٽر ٿي رهيو. آگسٽ 1895ع ۾ مدرسي جي باني حسن علي آفندي جي وفات کانپوءِ 'معاون' اخبار بہ سُٽت ئي بند ٿي ويئي. جنهن کان پوءِ 'سنڌ مدرسہ مخزن' جو اجراءُ ٿيو.

**سنڌ مدرسہ مخزن:** 1857ع واري آزاديءَ واري جنگ کان پوءِ برصغير جي مسلمانن ۾ اجتماعي سوچ ۽ جدوجهد جو جذبو ويتر وڌي ويو. هن واقعي کان چوڏهن سال اڳ سنڌ کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو هو. سنڌ پنهنجي نئين ڌاريي حاڪم کي چڱا

ٽوٽا ڇپايا ۽ 1857ع واري واقعي ۾ ڀرپور حصو ورتو. هن آزاديءَ جي تڙپ مسلمانن جي زندگيءَ ۾ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو. مسلمان زندگيءَ جي هر ميدان ۾ پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳا. سنڌ مدرسي جو قيام انهيءَ ڪوشش جي سلسلي جي ڪڙي هئي. هن مدرسي ۾ ٻين اعلىٰ اسڪولن ۽ درسگاهن جي روايت کي برقرار رکندي اشاعتي سلسلو جاري ڪيو ويو.

هن مخزن جي شروعات نومبر 1903ع کان ٿي، مقصد اهو هو تہ جيئن هڪ طرف اسڪول جي ڪارڪردگي ۽ سرگرميون رڪارڊ تي آنديون وڃن ۽ ساڳئي وقت وري سنڌي مسلمانن جي معلومات لاءِ ادبي ۽ تاريخي مواد مهيا ڪيو وڃي. هي مخزن شروعات ۾ 'الحق' پريس حيدرآباد ۾ شايع ٿي هئي، جنهن ۾ ڪل 40 صفحا هوندا هئا، 10 صفحا انگريزي لاءِ ۽ 30 صفحا سنڌيءَ لاءِ مختص هئا. اڳتي هلي مخزن جي مقبوليت جي پيش نظر، ان جا صفحا وڌايا ويا ۽ ان ۾ اردو توڙي گجراتي حصا بہ شامل ڪيا ويا.

> ”هي مخزن سال ۾ ڏهہ مهينا نڪرندي هئي، جنهن جو ساليانو چندو شاگردن لاءِ هڪ روپيو ۽ ٻين لاءِ بہ روپيا هوندو هو“ (5).

مخزن شروعات ۾ ماهوار هوندي هئي، جيڪا پوءِ: ” آگسٽ 1907ع کان ٽماهي جي صورت ۾ نڪرڻ لڳي، جنهن کان پوءِ هن مخزن کي 'مدرسہ ڪرانيڪل' سڏيو ويو. اهو سلسلو ڊسمبر 1909ع تائين جاري رهيو. جنهن کان پوءِ مالي مشڪلاتن سبب مخزن جون 1912ع تائين نہ نڪري سگهي. تنهن کانپوءِ وري جولائي 1912ع کان شايع ٿيڻ لڳي“ (6).

وچ ۾ وري مالي مشڪلاتون مخزن جي اشاعت لاءِ رڪاوٽ جو سبب بڻيون، انڪري وري نئين سري سان ”هي مخزن جنوري 1925ع کان نڪرڻ شروع ٿي“ (7).

هن مخزن جا ايڊيٽر مدرسي جا استاد ئي هئا. ان جو پهريون چيف ايڊيٽر عبدالحق شيخ هو. هن مخزن جي ٻئي پرچي ڊسمبر 1903ع کان وٺي مُهڙ/ ٽائيٽل تي حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جو هي شعر ڏنو ويندو هو:

”دلا در ملک ما آمد روائح روح دلهارا
مطالع ماهوار کرد دم مسرور مارا
اگر داد هوس کس سال او در مصرع مهمل
دلم کرده سوال- مدعا علامہ علماره

صـــدا کرده ملک مع امدول الحمد در ســمعمہ

رســـالــ مــدرســـ اســـلام.....صـــلــح آرا"    (8).

**مخزن ۾ شايع ٿيل مواد :** هن مخزن ڪيترائي سال مسلمان ليکڪن جي خوب همت افزائي ڪئي. هن جي سنڌي حصي ۾ چڱي معيار جا ادبي ۽ معلوماتي مضمون شايع ٿيندا هئا ۽ ان جي قابل ليکڪن سنڌي نثر توڙي نظم جي خاصي خدمت ڪئي هئي. ’مدرسہ مخزن‘ ۾ مختلف موضوعن تي مواد شايع ٿيندو رهندو هو. جنهن جو ڏار ڏار مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

**مذهبي ۽ اخلاقي مواد:** هي مخزن مسلمان استادن، عالمن ۽ شاگردن جي گڏيل علمي ۽ ادبي ڪوشش جو نتيجو هئي. مخزن جا ليکڪ بنيادي طور تي مسلمان هئا ۽ هنن وقت توڙي حالتن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي مذهب ۽ اخلاق کي گهر گهر پهچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. هونئن بہ تعليم جو وڏي ۾ وڏو مقصد انسان کي مهذب شهري بنائڻ آهي. انڪري جڏهن تعليم مان ترتيب ۽ تربيت کي ڪڍي ڇڏبو تہ نتيجو مڙئي نقصان ڏيندڙ نڪرندو.

’مدرسہ مخزن‘ پنهنجي پڙهندڙن جي چڱيءَ ريت مذهبي ۽ اخلاقي رهنمائي ڪئي. ان ۾ جنهن قسم جو مذهبي ۽ اخلاقي مواد شايع ٿيندو رهندو هو، ان جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| 1 | جواهر نصائح | شمس الدين ’بلبل‘ | جنوري 1906ع |
| 2 | مڪالمہ شاهہ سڪندر ۽ وزير | عبدالغفور هالائي | مارچ 1906ع |
| 3 | حضرت بشر | مير بشارت حسين | اپريل 1906ع |
| 4 | اعلیٰ تعليم روحاني تفهيم | مولوي محمد عثمان ’فقيہ‘ | جولاءِ 1906ع |
| 5 | اسلام جي خوبين جو اظهار | مولوي محمد عثمان ’فقيہ‘ | آگسٽ 1906ع |
| 6 | قرآن شريف | محمد صديق مورائي | آڪٽوبر 1906ع |
| 7 | خدا جي وجود جو يقيني دليل | محمد صديق مورائي | ڊسمبر 1907ع |
| 8 | اسلامي همدردي ۽ ان جو دردناڪ فرياد | محمد صالح هالائي | جولاءِ 1912ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 9 | شيخ شرف الدين سوري | علي اڪبر ميمڻ | نومبر 1925ع |
| 10 | لا اڪراه في الدين | عبدالله شيخ | نومبر 1925ع |
| 11 | انجمن اصلاح اسلام | علي اڪبر ميمڻ | اپريل 1926ع |
| 12 | تبصره | عطا حسين موسوي | جون 1927ع |
| 13 | تڪبر ۽ سندس نتيجا | عبدالله ڪوهستاني | سيپٽمبر 1929ع |
| 14 | حليمي | صدرالدين جوڻيجو | مارچ 1930ع |
| 15 | سهڻي صورت کان سهڻي سيرت ڀلي | الهه ورايو | مارچ 1930ع |
| 16 | بيبي رابعه بصري | شيخ نورالدين | مارچ 1932ع |
| 17 | نيڪي بدي | محمد يعقوب 'مفتقر' | آڪٽوبر 1932ع |
| 18 | صبر جي صفت | شيخ عبدالستار | آڪٽوبر 1932ع |
| 19 | اسلام ۽ دنيا طلبي | مترجم: قاضي عبدالرزاق | آڪٽوبر 1932ع |
| 20 | اخلاق | محمد حسين شيخ | آڪٽوبر 1933ع |
| 21 | صبر جي صفت | علي محمد خان | آڪٽوبر 1933ع |
| 22 | ڪاميابيءَ جون ڪُنجيون | الهه بچايو | آڪٽوبر 1934ع |
| 23 | حضرت خواجه حسن بصري | شيخ نور الدين | مارچ 1937ع |

**علمي ۽ ادبي مواد:** سنڌ مدرسي جي استادن مان ڪيترائي قلم جا ڌڻي ۽ ڏاها ٿي گذريا آهن. انهن سنڌي ٻولي ۽ علم ادب جي سهڻي نموني سان سينڌ سنواري آهي، جن جون تحريرون اڄ به ادب ۽ ٻوليءَ جي تاريخ ۾ وڏو مقام رکن ٿيون. انهيءَ ڪري اهڙن اديبن جي موجودگيءَ ۾ مخزن جو معيار بهتر ٿيو. خود مدرسي جا ڪيترائي شاگرد علمي ادبي ذوق رکندا هئا. جن اڳتي هلي ادب جي ميدان ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو. هن مخزن کي انهن استادن ۽ شاگردن کان سواءِ ٻاهرين عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو علمي ۽ ادبي ساٿ به مليو. انڪري هن مخزن ۾ وقت به وقت علمي ۽ ادبي مواد شايع ٿيندو رهيو. جنهن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| 1 | تڪبر جو خراب نتيجو (ڪهاڻي) | مرزا قليچ بيگ | اپريل 1926ع |
| 2 | اٽليءَ جي مشهور راڳي ڪي | مترجم: هاسارام آڏواڻي | اپريل 1926ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | خطاب قوبيس | | |
| 3 | رات | عبدالله ڪوهستاني | اپريل 1926ع |
| 4 | مغربي ٻولين ۾ قرآن شريف جا ترجما | محمد بخش | مارچ 1930ع |
| 5 | علم ادب جي وصف ۽ ان جو مطلب | قاضي عبدالرزاق | مارچ 1930ع |
| 6 | قلم جي بادشاهت جو تاجدار | قاضي عبدالرزاق | مارچ 1930ع |
| 7 | ڪامياب ڪاريگر (افسانو) | مترجم: قاضي عبدالرزاق | سيپٽمبر 1930ع |
| 8 | لڪشمي (افسانو) | محمد يعقوب 'مفتقر' | مارچ1931ع |
| 9 | مضمون نويسي | ايڊيٽر | سيپٽمبر 1931ع |
| 10 | عزت ۽ حسد (افسانو) | غلام احمد نظامي | سيپٽمبر 1933ع |
| 11 | شاعر | غلام احمد نظامي | آڪٽوبر 1933ع |
| 12 | مفلس دوست جو تحفو(ڪهاڻي) | محمد پنهون | مارچ 1935ع |

**تعليمي مواد:** هي مخزن سنڌي مسلمانن جي علمي تحريڪ جي پيداوار- سنڌ مدرسة الاسلام طرفان نڪرندي هئي، انڪري مخزن مدرسي جي بنيادي مقصد يعني تعليم ڦهلائڻ جو بنيادي ذريعو ٿي ڪم ايندي هئي. هن مخزن ۾ اهڙا مضمون به شايع ٿيندا رهندا هئا، جيڪي نج تعليم، ان جي اهميت ۽ افاديت سان واسطو رکندا هئا. اهڙن مضمونن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| 1 | ايران ۾ نئين تعليم | محمد رفيق | جنوري1906ع |
| 2 | جپان ۾ تعليم کاتي جو دستور ۽ ضابطو | محمد رفيق | مارچ 1906ع |
| 3 | تعليم | واليڏنو | آگسٽ1906ع |
| 4 | علم ۽ ان جو اصلي مقصد | قاضي عبدالرزاق | جون 1927ع |
| 5 | علم جي فضيلت | ناصر علي | مارچ 1932ع |
| 6 | علم ۽ ان تي عمل | رب ڏنو | مارچ 1933ع |

**تاريخي مواد:** مطالعي هيٺ آيل دور، سنڌ جي مسلمانن جي لاءِ ڏکيو دور هو، جنهن ۾ هڪ طرف کين پرڏيهي سامراج جون سَٽون ٿي سَهڻيون پيون ۽ ٻئي طرف وري ڏيهي

دشمنن جي نڳي ۽ فريب جو نشانو بڻجڻو پيو. انهيءَ ڪري ضروري هو تہ مسلمان اهڙين سخت ۽ پيچيده حالتن جو مقابلو ڪن. ڪا بہ قوم پنهنجي تاريخي ورثي تي نظر رکڻ کان سواءِ نہ تہ پنهنجو مستقبل سڌاري سگهي ٿي ۽ نہ وري حال کي نيڪ بڻائي سگهي ٿي. مخزن جي سنوارينديڙ ۽ سينگاريندڙن انهيءَ حقيقت کي چڱي طرح پرکي ورتو هو. انڪري وقت بہ وقت تاريخي مواد بہ ڏيندا رهندا هئا، جنهن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | پرچو |
|---|---|---|---|
| 1 | ننگر ٺٽي جي شهر ۽ ان جي اوليائن ۽ علمائن جي تاريخ | | جون 1906ع |
| 2 | اوڪتائي خان بن چنگيز خان | هاسا رام جهانگيل | نومبر 1925ع |
| 3 | مائي بلڙي | شيخ نور الدين | سيپٽمبر 1931ع |
| 4 | مسلم قوم ۽ ان جو تنزل | شيخ الھ ورايو | مارچ 1932ع |
| 5 | شيراز | قاضي جان محمد | آڪٽوبر 1932ع |
| 6 | سڪندر ۽ سندس ساٿي | غلام احمد نظامي | مارچ 1933ع |
| 7 | موهن جو دڙو | الھ بچايو | آڪٽوبر 1934ع |
| 8 | اورنگزيب عالمگير | نورالدين | سيپٽمبر 1940ع |

**شاعري:** هن مخزن ۾ شروع کان وٺي آخر تائين استاد، شاگرد ۽ وقت جا مشهور شاعر پنهنجو ڪلام ڏيندا رهندا هئا، جيڪو قومي، اخلاقي ۽ تعليمي نوعيت جو هوندو هو. اهڙن شاعرن ۾ مولانا محمد عثمان ’فقہ‘، مرزا قليچ بيگ، ثناءُ الله ’ثنائي‘، شمس الدين ’بلبل‘، غلام قادر ’قيس‘، عبدالڪريم مگريو ’صائب‘، غلام احمد ’نظامي‘، محمد هاشم ’مخلص‘ ، محمد يعقوب ’مفتقر‘ ۽ ٻيا شامل هئا.

**متفرقہ مواد:** هن مخزن ۾ مٿي ذڪر ڪيل موضوعن کان سواءِ متفرقہ مواد بہ شايع ٿيندو رهندو هو. جنهن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر | عنوان | ليکڪ | مضمون | پرچو |
|---|---|---|---|---|
| 1 | قوت حافظہ | هاسارام جهانگيل | صحت | نومبر 1925ع |
| 2 | رفارم ڪلب | علي اڪبر ميمڻ | مزاحيہ | آڪٽوبر 1927ع |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 3 | قرض جا مرض ۽ ان جا علاج | علي اڪبر ميمڻ | سماجي | سيپٽمبر 1929ع |
| 4 | سنڌ مدرسي جي منگهڻ جي مسافرن سان جنگ | ولي محمد | مزاحيه | سيپٽمبر 1930ع |
| 5 | حب الوطني | قادر بخش ميمڻ | قومي | مارچ 1934ع |
| 6 | زنده قومن جي ترقيءَ جو راز | محمد قاسم | قومي | سيپٽمبر 1940ع |

**خاص نمبر:**

سنڌ مدرسه مخزن جا وقت به وقت خاص نمبر نڪرندا هئا. جيئن 1925ع ۾ 'اسپيشل ڊبل فائونڊر نمبر' ۽ 1935ع وارو 'گولڊن جوبلي نمبر' ذڪر ڪيل. پهرئين نمبر ۾ سنڌيءَ جا ڪل 24 صفحا ڏنا ويا هئا ۽ گولڊن جوبلي نمبر ۾ وري صفحا وڌائي 44 ڪيا ويا هئا.

گولڊن جوبلي نمبر ۾ نثر توڙي نظم جي صنفن ۾ ڪيترو ئي معلوماتي علمي ۽ ادبي مواد ڏنو ويو هو. جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | عنوان | ليکڪ | مضمون |
|---|---|---|---|
| 1 | خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي زندگيءَ جو احوال | قاضي عبدالرزاق | سوانح |
| 2 | سنڌ مدرسة الاسلام جي مختصر تاريخ | قاضي عبدالرزاق | تاريخ |
| 3 | چچيءَ جي چالاڪي | ميمڻ غلام الله | افسانو |
| 4 | بدگماني | خليفو محمد قاسم | افسانو |
| 5 | آه ڪوئٽيا | محمد سليمان | واقعاتي |
| 6 | مدرسي جي زندگي | يار محمد انڙ | تاريخ |
| 7 | ماءُ جي پيار جو آخرين اثر | دين محمد | اخلاقي |
| 8 | ڪاميابيءَ جو راز | آغا اعجاز حسين | اخلاقي |
| 9 | زماني جا رنگ | عبدالحسين 'سانگي' | شاعري |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 10 | ويو بهار آئي خزان | عبدالحسين ’سانگي‘ | شاعري |
| 11 | ڪسب حلال ۽ طلب رزق | عبدالغفور سيتائي | مذهبي |
| 12 | بانسريءَ جي فرياد | عبدالرزاق | شاعري |
| 13 | منهنجو خواب | الهہ بچايو ميانداد | افسانو |
| 14 | ٽريڊ مارڪ | يار محمد ٽانوري | معلوماتي |
| 15 | زمانو | غلام حسين شاهہ | اخلاقي |
| 16 | خطاب سنڌ مدرسة الاسلام | عبدالمجيد عابد | شاعري |
| 17 | سچي قرباني | حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | شاعري |
| 18 | سنڌ مدرسي جو ماضي ۽ مستقبل | حاجي جاڙو | تاريخ |

**تجزيو:** سنڌ مدرسة الاسلام, سنڌ جي نہ رڳو تعليمي تاريخ جو اهم باب آهي, بلڪ هن اداري تعليم سان گڏوگڏ سنڌي علم ادب جي بہ ڀرپور خدمت ڪئي آهي, جنهن جو مثال مدرسي پاران ’معاون اخبار‘ ۽’مدرسہ مخزن‘ جاري ڪرڻ آهي. هتي مخزن جي مواد جو جيڪو تعارف ڏنو ويو آهي, ان جي موضوعن مان اها ڳالهہ چٽي ٿئي ٿي تہ مدرسو هڪ خاص مقصد تحت هي ڪم ڪري رهيو هو. سماج, تاريخ, ادب, اخلاق / اصلاح ۽ مذهب تائين سمورا موضوع هن مخزن ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. مضمون, ڪهاڻي, شعري صنفون / ڳهاڙيتا يا هيئتون پيش ڪيون وينديون هيون تہ جيئن نہ رڳو مدرسي ۾ پڙهندڙ شاگردن پر سنڌي سماج تائين ادب جو فن توڙي فڪر, گهڻي طاقتور انداز تائين پهچندو رهي. نومبر 1903ع کان هي مخزن جاري ٿيو, ائين چئي سگهجي ٿو تہ ان وقت ئي منتظمين پاران اهو طئہ ڪيو ويو هو تہ هي مخزن هڪ خاص مقصد تحت استادن, شاگردن توڙي عام پڙهندڙ جي ذهني آبياري ڪندي جيڪا ڳالهہ مخزن ۾ شايع ٿيل مواد جي فهرست مان چٽي ٿئي ٿي.

مدرسہ مخزن ان وقت ۾ شايع ڪيو ويو, جڏهن نندي ڪنڊ ۾ انگريزن جي حڪومت کي قائم ٿئي پنجاهہ سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو هو. انگريز هن ڌرتيءَ ۾ پنهنجا پير گهڻي حد تائين پختا ڪري چڪا هئا. باوجود اُن جي, هتان جا مقامي ماڻهو انگريز کي دلي طور ڪنهن بہ طرح مڃڻ لاءِ تيار نہ هئا. ڪيترين ئي سياسي ۽ فڪري تحريڪون, انگريز خلاف ڪم ڪري رهيون هيون. سنڌ مدرسة الاسلام بہ سنڌ ۾ آزاديءَ جي شعور ڦهلائڻ جو هڪ وڏو فڪري ادارو هو, جنهن کي پنهنجون پاڙون پختيون ڪرڻ ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتون سامهون آيون, پر اداري

هميشہ اهڙين ڏکين مرحلن مان نہ رڳو پاڻ کي ٻاهر ڪڍيو بلڪ اڳي کان ٻہ هڪ قدم اڳتي وڌايو. جڏهن اداري جي خلاف واويلا جاري هئي تہ اداري پنهنجي دفاع لاءِ پهريان ’معاون‘ اخبار پوءِ ’مدرسہ مخزن‘ جو سهارو ورتو. مخزن ان سلسلي ۾ ڀرپور نموني ڪم ڪندي نظر اچي ٿي ۽ جنهن انداز سان منتظمين هن ۾ مواد جي ترتيب کي سامهون رکيو، اهو انداز اداري جي مقصدن جي حاصلات ۾ گهڻو مددگار ثابت ٿيو.

مولوي الہ بخش ابوجهو نہ رڳو هڪ قابل استاد هو، بلڪ هو سٺو شاعر ۽ منتظم پڻ رهيو. شعرن ۾ ڪٿي پاڻ کي سبوجهو بہ لکندو هو، هن شاگردن لاءِ نصيحت واري نظم ۾ خوب خيالن جو اظهار ڪيو آهي:

**’سنڌ مدرسة الاسلام جي شاگردن کي نصيحت‘**

”اڙي طالبو سمجهہ ۽ ڏيان ڌاريو
اهو مدرسو پاڳ پاري نهاريو
انڌو انڌگير نپاڳي وساريو
سچي طلب تعليم جي سان گذاريو
پڙهو علم پورو، ڪريو کي سڌارا
لهن مسلمانن مٿان ڪال ڪارا.

’سبوجهي‘ ڪيا تان فتوحات باري
ڪرايو جنهن چشمہءِ فيض جاري
وٺو خلق تي وڏ ڦڙو ڪروگاري
تہ تعليم جي ٿي اچي نوبهاري
سڪا وڻ ٽڙيا، باغ اسلام وارا
ڦٽن تا وري، رب وري ڏين وارا.

گلن جو سچو سارو سامان سارو
ڪيو آهہ معبود، موجود سيارو
وڏي رنگ و بو وڏي سونهن وارو
اکين ۽ ڏسڻ سان پوري نارو نارو
نهائڻ پيا يار، تختو گلن جو
وڏائڻ پيا روءِ صحن-چمن جو.

جڏهن تخت تي گل اچي وهڪ وارن
اتي يار چوڌار ساوڪ نهارن
چمن کي ڏسي، ڳوٺ گوندر وسارن
بهاري، مزي، عيش سان هو گذارين
تين گڏ اچي جام و ساقي صراحي
اچي گرم تي، سرد مجلس فراحي.

’سبوجهي‘ سندو يار احسان سمجهو
سڌاري سندو سازو سامان سمجهو
ڪبو گڏ انهيءَ آهه اي جان سمجهو
ڪيو مشڪل ان آهه آسان، سمجهو
وٺو هاڻ توفيق، همت ڏيکاريو
پڙهو علم ۽ پاڻ پنهنجو سڌاريو“. (9)

هن نظم ۾ مولوي ابوجهي صاحب نوجوانن کي تعليم ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ ڪيترائي مثال ۽ خيال ٿو پيش ڪيا آهن. حقيقت ۾ سنڌ مدرسو بنيادي طور تي سنڌيءَ ۾ مذهبي ۽ انگريزي تعليم جي حاصلات لاءِ جوڙيو ويو هو. خانبهادر حسن علي آفندي اهو محسوس ڪيو ته سنڌ جي نوجوانن کي تعليم جي جديد طريقن مان هر حال ۾ همڪنار ٿيڻو پوندو نه ته انگريز سامراج سان اکيون اکين ۾ ملائي، انهن کان پنهنجا حق وٺي نه سگهندو. ڇاڪاڻ جو انگريزن جي جوڙيل نظام ۾ اهڙن سنڌي مسلمانن جو تعداد بنهه گهٽ هو، جيڪي انگريزي زبان ڄاڻيندا هجن. انگريز هتي قبضي کان پوءِ ”فارسي زبان کي سرڪاري سطح تي ختم ڪندي ’ايجوڪيشنل ايجنسي‘ جي قيام سان سنڌي زبان کي دفتري ٻولي بڻائڻ جو حڪم بمبئي جي گورنر ’سرجارج ڪلرڪ‘ سال 1948ع ۾ جاري ڪيو“ (10). هن حڪم نامي کان اڳ ”1846ع ۾ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ’ڪيپٽن پريڊي‘ ڪراچي فري اسڪول کوليو“ (11)، جنهن کي سال ”1953ع ۾ چرچ مشن سوسائٽي حوالي ڪيو ويو“ (12) هي اسڪول عيسائيت جي تبليغ لاءِ خاص طور تي کوليو ويو هو. ان کان سواءِ سال ”1853ع ۾ نارائڻ جڳناٿ هاءِ اسڪول ڪراچي“ (13) ”1854ع ۾ گرامر اسڪول ڪراچي“ (14) ”1858ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد“ (15) ”1859ع ۾ ’سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول ڪراچي

"(16) "1873ع ۾شڪارپور هاءِ اسڪول "(17) قائم ٿي چڪا هئا.

هي ادارا خالص مسلمانن لاءِ نہ هئا، يا تہ چرچ مشن جي هٿ هيٺ يا عيسائيت جي ويجهو يا سنڌي هندن جا هئا، جن ۾ اڪثر عام سنڌي مسلمان پنهنجو ٻار نہ پڙهائيندو هو. اهڙين حالتن ۾ حسن علي آفندي پنهنجي دوست ۽ ساٿي مولوي الهہ بخش ابوجهي سان ملي " 16 مارچ 1884ع تي 'مجمع محمدي' جي نالي سان ڪراچي ۾ مسلمانن جي هڪ انجمن جوڙي" (18) جنهن جي پليٽ فارم تان ئي اڳتي هلي "سيپٽمبر 1885ع تي سنڌ مدرسة الاسلام جو قيام وجود ۾ آيو".(19)

درحقيقت هن ئي پس منظر ۾ حسن علي آفنديءَ خاص طور سنڌي مسلمانن لاءِ سنڌي مدرسي جو قيام عمل ۾ آندو ۽ ان ئي مقصد جي حاصلات لاءِ مدرسي طرفان 'معاون' توڙي 'مدرسہ مخزن' جاري ڪيو ويو.

**نتيجا:** سنڌ مدرسة الاسلام طرفان جاري ڪيل 'مدرسہ مخزن' بابت ڪيل هن مطالعي مان جيڪو ڪجهہ اسان کي حاصل ٿيو آهي اهو هن طرح آهي:

- ان وقت جون سياسي حالتون سنڌي سماج توڙي تعليم لاءِ بهتر نہ هيون، انگريزن جڏهن فارسي جي دفتري حيثيت ختم ڪئي تہ سنڌي کي دفتري زبان جي حيثيت ڏيندي، انگريزي زبان کي بہ سنڌي سماج مٿان مسلط ڪيو ويو.
- 'مدرسہ مخزن' جو جاري ٿيڻ سنڌ مدرسي جي بنيادي مقصدن جي پورائي لاءِ هو. تنهنڪري اُن ۾ گهڻو مواد اخلاقي / اصلاحي/ مذهبي/ تاريخي ۽ علمي ادبي هو تہ جيئن ادب ذريعي سنڌي سماج ۾ اداري جو مان مٿانهون ڪيو وڃي. عام سنڌي مسلمانن جي نظر ۾ هن اداري جي اهميت ۽ حيثيت کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.
- سنڌ مدرسة الاسلام، 'مدرسہ مخزن' کي پنهنجي مقصدن جي حاصلات لاءِ بهتر نموني جاري ڪندي رهي. هن اداري هن مخزن ذريعي پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ گهڻي سرخرو نظر اچي ٿي.
- 'مدرسہ مخزن' پل تہ اداري جي مقصدن جي حاصلات لاءِ جاري ٿيندي رهي، پر هن جي ذريعي مدرسي جي تاريخ جا ڪيترائي املهہ ۽ اڻمٽ باب هميشہ لاءِ محفوظ ٿي ويا.
- مدرسہ مخزن ۾ مضمون، افسانوي ۽ ٻين نثري صنفن سان گڏ تاريخ، تعليم، مزاح، صحت بابت مواد شايع ڪرڻ ان دور (انگريز دور) ۾سنڌي ادب ۾ نوان رجحان، لاڙا پيدا ڪرڻ کان گهٽ نہ هو.
- مخزن ۾ سنڌي کان سواءِ ٻين بہ ٻولين اردو، انگريزي، گجراتي جو بہ مواد شايع ٿيندو هو. اهڙي ريت انهن ٻولين ڳالهائيندڙن، پڙهندڙن توڙي لکندڙن تائين سنڌ

مدرسي جو پيغام پهچندو رهيو هو. مدرسي جي داخلا جو رڪارڊ شاهد آهي تہ هن اداري ۾ سنڌ کان ٻاهر جا بہ ڪيترائي شاگرد تعليم حاصل ڪندا رهيا هئا.

سنڌ مدرسة الاسلام، ’مدرسہ مخزن‘ ذريعي سنڌي ٻولي، ادب ۽ شاعري جي بہ خوب خدمت ڪئي ۽ ڪيترائي عالم، اديب، شاعر هن اداري جا نہ رڳو شاگرد رهيا، پر انهن جو ادب ڏانهن راغب ٿيڻ ۾ هن مخزن جو ڪردار نمايان آهي. هن مخزن جي خاص نمبر شايع ٿيڻ مان هن جي مقبوليت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

## حوالا


1. بخاري، ممتاز، ڊاڪٽر ، ’سنڌ مدرسة الاسلام جو سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو‘ (1885ع_1947ع) (پي ايچ ڊي لا مقالو)، (اڻڇپيل)، 1979ع، ص 99 کان 112 (مختلف صفحا)
2. See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, (Karachi, for the year,1888_1889, P_7).
3. ’خليل‘، ابراهيم، ڊاڪٽر، بلبل ، آزاد بڪ ڊيپو، حيدرآباد ، 1951ع، ص_36.
4. Shah, Mir Muhammad, Late T.H.Vinces (Article), the Platinum Jubilee Book, Karachim, Sind Madressahtul Islam, Section_III, 1960, P_33.
5. See: Annual Report of Sind Madressahtul Islam, (Karachi, for the year, 1903_1904, P_10).
6. See: Sind Madressah Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, July 1912, P_2.
7. See: Sind Madressah Chronicle, Karachi, Sind Madressahtul Islam, January 1925, (Editorial).
8. سيوهاڻي،فتح محمد،حڪيم، ’حيات حڪيم‘ (مقالو)، نئين زندگي ڪراچي، نومبر 1961ع، ص_18_19.
9. ابوجهو، الهہ بخش، مولوي، ’مسدس ابوجهو‘، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، 1949ع، ص_77.
10. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي صورتخطي، سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد، 1969ع، ص_32.

__ C.Melvill,James, 'Scinde A copy of a Report of Sir George Clerk', Govt. of Bombay, 1948, P.P.15. Paras 68 & 69 Under the heading : "Sir George Clerk" Minute on Scinde.

11. A.N, Hughes, 'Gazetear of the Province of Sind', London, George Bell & Sons, 1874, P_31.
12. H.F.L.T.Harrison, 'A Handd Book of Karachi', Karachi, Educational Printin Press, 1933, P_23.
13. Haider,Azimushan, Dr., 'History of Karachi', Karachi, 1974, P_26.
14. Smyth, J.W, 'Gazeteer of the Province of Sind', Bombay, (B, Vol.II) Karachi District 1919, P39.
15. Smyth, J.W, 'Gazeteer of the Province of Sind', Bombay, (B, Vol.II) Karachi District 1920, P28.
16. A.N, Hughes, 'Gazetear of the Province of Sind', London, George Bell & Sons, 1874, P_345.
17. Smyth, J.W, 'Gazeteer of the Province of Sind', Bombay, (B, Vol.III) Sukhur District 1919, P33.
18. ابوجهو، الهہ بخش، مولوي، ’مسدس ابوجهو‘ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، 1949ع ص_56.
19. See: The Sind Gazette, Karachi, Friday 4th September 1885, P_5.

ڊاڪٽر بشير احمد (فياض لطيف)

# شيخ اياز جا ساميءَ سان اختلاف ۽ اتفاق
# Consensus and disagreements of Shaikh Ayaz with Saami

**Abstract:**

*Sami has great importance in classical Sindhi poetry. He not only has expressed Vedic philosophy in Sindhi language in a very impressive and poetic way but also tried to explain his inner being in his poetry. Sami's poetry is essentially preaching of his principles and core spirit of his principles is 'MAYA'. For him this world and its material fascination are deception visual, One can never be able to achieve tangible amity by connecting with substantial, but only by identifiable searching one may accomplish destination. His poetry possesses message of love, peace, humanism and eternity.*

*Shaikh Ayaz is also inspired by Sami's thoughts. Especially politeness of his personality and softness of his poetry attracts Ayaz a lot, but he has hostile disagreements with Sami as to the philosophy of 'MAYA'. This research paper is mainly focused on study of Sami's ideology, his poetic expression and his impacts on the poetry of Shaikh Ayaz. Likewise Ideological differences and artistic coherence among two great poets of their times have been discussed in a very facet manner and proved with references that though conceptually Ayaz has a few conflicts with Sami, he has learned much from his poetry and has great regard and respect for this sage and Sufi poet.*

سامي ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ جي چَمن جو اُهو گل آهي، جنهن جو نہ رڳو فڪري رنگ ۽ روپ مختلف ۽ پنهنجو آهي، پر هُن جو اندازِ بيان ۽ اظهار بہ انفرادي نوع جو آهي. هُن جا نہ فقط موضوع ۽ مقصد پنهنجا آهن، پر اسلوب، استعارا، ترڪيبون، ٻولي، تشبيهون، اهڃاڻ ۽ علامتون بہ ڌار آهن.

بنيادي طور تي سامي (ڀائي چئنراءِ بچو مَلُ لُنڊُ، 1743ع ـ 1850ع) ويدانتي فلسفي ۽ فڪر جو وڏو پرچارڪ آهي ۽ ان حوالي سان ئي سندس شاعريءَ جي شناخت ۽ وقعت آهي.

”ويدانت، سنسڪرت لفظ آهي، اُن جي لغوي معنیٰ ’ويدن جو انتم ڀاڱ

يا آخرين حصو' آهي، جنهن ۾ ويدن جي منترن ۾ سمايل دارشنڪ ويچارن ڪي سمجهايو ويو آهي. انڪري ويدانت لفظ جو ٻيو اَرٿ، 'اُپنشندن جو گيان' آهي، جو سمورو ويدڪ ساهتيہ سرشتي آهي.... ويدانت موجب 'ايڪو برهم دو تيہ ناستي'، هڪ برهم جي ستا ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ ڪين آهي. جيئن اڻين برهم روپ آهي، جيئن پاڻيءَ جو قطرو پاڻيءَ جو روپ آهي.... ويدانت جو مول ۽ مقصد، 'انسان جو پاڻ ڪي ڳولي لهڻ' آهي.... ويدانت، ڪثرت ۾ وحدت جي فلسفي جو درشن ڪرائي ٿي" (1).

پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، پَسان جان پيهي،
تہ نہ ڪو ملڪ، خلق ڪا، نہ ڪو اَسيهي،
اسين ساريون جن کي سي پڻ اَسي هي،
ٻي وائي ويئي، لات پرينءَ جي هِڪڙي.

(سامي)

ساڳي ڳالھ 'وحدانيت ۽ وحدت الوجودي' فڪر ۾ ملي ٿي ۽ تصوف جي راهہ جي اڪثر پانڌيئڙن جي واٽ بہ اُها ئي آهي. ڀٽائي خود اُن حوالي سان چوي ٿو:

ڪوڙين ڪايائون ٿُهِجيُون، لَکَنِ لَکَ هزار،
جِيُ سَيڪہ جِيَ سين، دَرَسَنُ ڏارو ڏار،
پِرِيَنمَ تهُجَا پار، ڪِهڙا چَئي ڪِيَ چُٺان.

(شاهہ جو رسالو، شاهواڻي، 1993ع، ص52)

ساميءَ جي شاعريءَ جا گهڻو ڪري بنيادي موضوع: 'اَوديا، مايا جو موهہ، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، اَهنڪار، مورڪتا، انسان جي دنياوي خواهشن ۽ سَڌُنِ کي ماري مات ڪرڻ، پاڻ سُڃاڻڻ، ڀڳتي، ساڌ - سنگت ۽ گُرو - پرچار' وغيره آهن ۽ انهن چند موضوعن تي ئي سندس سموري شاعريءَ جو تاڃي پيٽو جُڙيل ۽ قائم آهي.

"ساميءَ، هندو ڌرم جي ويدانتي روپ جو اَرٿ ۽ ڀڳتي مارگ جو پريم وارو پيغام، سنڌي ٻوليءَ ۾ سلوڪ چئي سمجهايو آهي. ساميءَ ڏنو تہ ٻانيڻ ۽ ٻاوَن، هندو ڌرم جي اصلوڪي وِديا وِساري، اُن جي وياکيا ۽ تشريح اهڙيءَ

ريت ڪئي ٿي، جنهن سان انسانن ۾ تفريق پئي پيدا ٿي. ’چئن وَرنن‘ جي تفريق، اصل ۾ ’ويدڪ ويچارن‘ جي خلاف هئي. پنڊت ۽ ٻانڀڻ، سماج ۾ تفريق، ويڇو ۽ فساد جي فضا پکيڙي رهيا هئا. انڪري هُن اهڙي تفرقي، فساد ۽ نفسياتي گهُٽَ ۽ ٻوساٽ خلاف پنهنجي شاعريءَ کي هٿيار طور ڪم آندو ۽ سنڌي سماج ۾، اَمن، اتحاد، سهپ، ضمير جي آزادي ۽ ڀائپي پيدا ڪري، نئين سنڌ ۽ نئين سماج جي تعمير جو تصور ڏنو“ (2).

حقيقت ۾ ساميءَ جي تعليمات جو مُک ماخذ هندو ڌرم ۽ اُن جا ڌرمي ڪتاب، خاص ڪري ويد، پراڻ، اُپنشد، شاستر ۽ گيتا آهن، جن جو تَت ۽ ڳَر هُن پنهنجي شاعريءَ ذريعي پيش ڪيو ۽ اظهاريو آهي، اُنهيءَ ڪري ئي هُو چوي ٿو ته:

’ويدن جي واٽي، سنڌيءَ منجهه سُٽايان‘

اُن حوالي سان هيري ٺَڪر جو چوڻ آهي ته، ”سامي ڌرمي لحاظ کان هندو هو ۽ هُن جنهن ويدانتي فلاسافيءَ جي پنهنجي شاعريءَ ۾ اُپٽار ڪئي، سا به هندو پيرايي تي ٻڌل آهي. اُن ڪانسواءِ ساميءَ جي سلوڪن ۾، ڌرمي ڪتابن، ويدن، شاسترن، ڀڳوت گيتا، مهاڀارت ۽ هندو سَنت ڪوين جا حوالا به بيشمار اچن ٿا. انهيءَ ڪري هندو فلاسافي ۽ هندو مذهبي روايتن جي آشنائيءَ بنا ساميءَ جي سِلوڪن جو مڪمل لطف ماڻي نه ٿو سگهجي“ (3).

ساميءَ جي شاعريءَ جي اڀياس مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، هُن جي شاعريءَ ۾، سنڌي لفظن جو چڱو واهپو آهي، پر جيئن ته هُن جي تعليمات جو روح ’ڌَرمَ ۽ ڪَرمَ‘ جي پرچار آهي، انهيءَ ڪري هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ سنسڪرت ۽ هندي لغت جو وڏو ذخيرو ڪَتب آندو آهي. تاجل بيوس پنهنجي هڪ ليک ۾ لکي ٿو:

”ساميءَ جي ڪلام ۾، سنسڪرت ۽ هندي لفظن ۽ محاورن جي گهڻي ڀرمار آهي.... جيئن مُلڪ جي ورهاڱي کان اڳ ۽ ڪجهه پوءِ سنڌي شاعريءَ ۾، فارسيءَ جا دقيق لفظ ۽ محاورا ٽُنبيا ويندا هئا، ائين ساميءَ جي ڪلام ۾ به، هندو ڌرم جي گيان، ويدن، گيتا، پراڻن، شاسترن، گُرن، سَنتن، ساڌ ـ سنگت، جُڳياسين، جوڳيسرن، آتم گيان، اَگيان ۽ وِگيان

جي هيڪاندي اُپٽار ٿيل آهي" (4).

اُها اُپٽار اَجائي ۽ غير شعوري نہ، پر شعوري ۽ سندس فڪر جي اظهار لاءِ عين فطري آهي، ڇو تہ هُو جن ماڻهن سان مخاطب آهي، اُنهن جي ڌرمي ٻولي اُها ئي آهي ۽ اُن ۾ ئي آسانيءَ سان، هُو ساميءَ جي شاعريءَ کي سمجهي سگهن ٿا. ساميءَ جي شاعري نج پج ڌرمي نوع جي آهي ۽ اُن جي تعليمات جو محور ۽ مرڪز 'ويد، پراڻ، شاستر، اُپنشد' وغيره آهن. ويدانت ۽ وحدانيت جو بنيادي نُڪتو يعني 'خودشناسي ۽ خدا شناسي' گهڻو ڪري ساڳيو ئي آهي، پر اُن هڪ نڪتي جي اتفاق کان علاوه اعتقاد ۽ فڪر جون ٻيون ڪيئي انفراديتون آهن، جيڪي ٻنهي جي پيروڪارن ۾ الڳ الڳ آهن.

سامي ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ جي تقابلي مطالعي کان اڳ ڪجھ اهم نُڪتن تي روشني وجهڻ تمام ضروري آهي. اهي نُڪتا 'شاھ، سچل ۽ ساميءَ' جي شاعري، فڪر، فن ۽ فلسفي جي حوالي سان آهن، جن جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح شيخ اياز جي فڪر ۽ فن سان پڻ تعلق آهي. انهن نُڪتن تي اڄ تائين گهڻي قدر کُلي ڳالهائڻ بدران 'مام' ۾ ڳالهايو ويو آهي، ٻين ڪيترن ڪارڻن سان گڏ هڪ وڏو ڪارڻ اهو بہ آهي، جو اُنهيءَ 'مام' سبب ساميءَ جي شاعريءَ جا ايترا پڙهندڙ ۽ پروڙيندڙ پيدا ٿي نہ سگهيا آهن، جيترا شاھ ۽ سچل جي ڪلام جا ماڻهو مشتاق ۽ پارکو آهن.

عام طرح سان ساميءَ کي فڪر ۽ فلسفي جي حوالي سان 'شاھ ۽ سچل' جي ڏارا جو شاعر قرار ڏنو ويندو آهي ۽ انهن ٽنهي کي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي 'تہ ـ مورتي' تصور ڪيو ويندو آهي. منهنجي نظر ۾ اها نہ رڳو ساميءَ سان ناانصافي آهي، پر شاھ ۽ سچل، جيڪي پڻ پنهنجي پنهنجي طور تي الڳ اسلوب، اظهار ۽ انداز جا سرواڻ شاعر آهن، تن سان پڻ ناانصافي آهي، ڇو تہ شاھ ۽ سچل وحدت الوجود جي فلسفي جا پيروڪار هجڻ باوجود نہ صرف الڳ رَندن ۽ پنڌن جا مسافر آهن، پر پنهنجي ادا ۽ طرز جا صاحبِ اسلوب سرجڻهار پڻ آهن. هڪ 'جمال' ۾ بي مثل آهي تہ، ٻيو 'جلال' ۾ لاثاني. هڪ فڪر ۽ فن جو صاحب آهي تہ، ٻيو جرئت ۽ بي باڪيءَ جو بادشاھ. ٻئي هڪ ئي فڪري سمنڊ جو حصو هوندي بہ، سچ تہ اُن جي ٻن ڪنارن جيان آهن. هڪ ۾ موج ۽ سرمستي آهي تہ، ٻئي ۾ گهرائي، وسعت ۽ ڪمال جي فڪر انگيزي آهي.

سچ تہ شاھ ۽ سچل هڪ ئي منزل جا متلاشي هوندي، سفر جي لحاظ کان ريل جي انهن ٻن پٽڙين جيان آهن، جيڪي منزل جي مسافت ۾، گڏ هوندي بہ الڳ هونديون آهن يا ريل گاڏيءَ ۾ ويٺل چند انهن حساس ۽ ذي روح مسافرن وانگر آهن، جيڪي

هڪ ٿي ريل گاڏيءَ ۾ هوندي به، پنهنجي پنهنجي اک ۽ احساس سان نه فقط آس پاس جي مظهرن جو مشاهدو ڪندا، پنهنجو پنهنجو اثر وٺندا ۽ لطف ماڻيندا آهن، پر اُن ماڻيل ۽ حاصل ڪيل وکر کي پڻ پنهنجي نرالي پيرائي ۾ پيش ڪندا ۽ انوکي انداز ۾ اظهاريندا آهن. سچل ۽ پنائي 'دنيا ۽ زماني شناس' سان گڏوگڏ وڏا 'داخليت پارکو ۽ دلين شناس' شاعر آهن، انهيءَ ڪري سندن شاعري دنيا ۽ دلين جي ترجمان آهي.

ساڳيءَ طرح سامي به هڪ الڳ طرزِ احساس جو شاعر آهي. هُن جي شاعريءَ جو بنيادي مَتو ويدن ۽ ٻين ڌرمي پستڪن تي آڌارڪ آهي. جيئن شاهه، سچل ۽ ٻيا ڪلاسيڪي شاعر بنيادي طور تي 'وحدانيت' جا قائل آهن ۽ مٿن 'ويدانت' جا اثر به آهن، ائين سامي به 'ويدانت' جو پيروڪار هوندي، ڪنهن نه ڪنهن نموني سان 'وحدانيت' جا اثر قبول ڪري ٿو، ڇو ته مِڙني جي بنيادي راهه 'وحدت الوجود' ئي آهي، پر انهن سڀني سان گڏ هوندي به، ساميءَ جي فڪر ۽ اظهار جي واٽ پنهنجي آهي.

مان وليرام ولڀ جي اُنهيءَ راءِ سان بلڪل سهمت آهيان، جنهن ۾ هُو ساميءَ کي شاهه ۽ سچل کان الڳ فڪر ۽ فن جو شاعر قبوليندي، لکي ٿو ته:

> "شاهه ۽ سچل تي بيشڪ 'ويدانتي' اثر آهي ۽ هو هندستان جي فڪر ۽ فلسفي کان واقف هئا، پر اُهي مکيه طور تي 'صوفي شاعر' آهن، جڏهن ته سامي سڌو سنئون 'ويدانتي' ڪوي آهي، جنهن جي سِلوڪن تي ڀارت جي سَنت ڪوين وانگر وِيدن، اُپنشدن، شاسترن، ڀڳوت گيتا ۽ شريمد ڀاڳوت جو اثر ملي ٿو، ڇو جو اُهي ئي پستڪ وچئين زماني جي ڀارتي سَنت ڪوين جي شعور ۽ شعر جي تخليق جو آڌار رهيا آهن. اُن نڪته نظر کان سامي نه رڳو شاهه کان، پر وچئين زماني ۽ پنهنجي دور جي ذري گهٽ سڀني سنڌي شاعرن کان نرالو ۽ الڳ آهي" (5).

ساميءَ جو فڪري سُٻنڌ، توڙي پنائي ۽ سچل سان ڀيٽ، انڪري به عبث آهي، ڇو ته سامي سڀ کان پهريان 'سنت ۽ ساڌو' آهي ۽ اُن کانپوءِ شاعر. هُن شاعري چاليهن سالن کانپوءِ ڪئي، پر سندس من شروع کان ئي 'خودشناسي ۽ ساڌوئن جي صحبت ۽ محبت' طرف مائل هو. هُن 'ساڌنا' جي اظهار لاءِ ئي شاعريءَ جي راهه اَپنائي. منهنجي خيال ۾، 'سنت ۽ ساڌنا' ساميءَ جو اصل عشق آهن ۽ اُن عشق جي اظهار جو ذريعو شاعري آهي، تڏهن ئي شايد سندس شاعريءَ ۾، موج ڀَرئي مهراڻ جهڙي مَستي نه، پر ڪَراڙ ڍنڍ جهڙي شانتي ۽ ماٺار آهي. جڏهن ته پنائي ۽ سچل جو مامرو اُن جي

بنهہ برعڪس آهي. لطيف ۽ سچل جي شاعري, سندن وجود ۽ وجدان جو اظهار آهي. هُنن وٽ شاعري رڳو اظهار جو ذريعو نہ آهي، پر عشق ۽ آڄپو آهي. شعور ۽ روح جي راحت آهي، جيڪا نہ رڳو پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ جو عڪس ۽ احساسُ پَسائي ٿي، پر عالمِ انسانيت جي ڏُکن، دردن، خوشين، خوبصورتين، اَمن، آنند ۽ خوشحاليءَ جي خوابن کي پاڻ ۾ سانڍي، اُن جون حسين فڪري ۽ آدرشي تعبيرون بہ پيش ڪري ٿي. هري دلگير، شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي شاعريءَ بابت پنهنجا ويچار ونڊيندي، لکي ٿو:

”ساميءَ جي اِستتي، هڪ پورن گيانيءَ جي اِستتي آهي. اُهو گياني، گروءَ يا پرماتما سان مِلي هِڪُ ٿي ويو آهي، پر شاهہ ۽ سچل جون حالتون نراليون آهن. هُو اول تہ جڳياسوُ آهن، يا پريم جي پٿ تي پانڌيئڙا آهن، جتي هُو ڏنڍيون ڪوسيون لاهيون چاڙهيون وغيره محسوس ڪن ٿا. اُن ڪانپوءِ جدا جدا منزلون طئي ڪندا، وڃي پورن پدويءَ تي پهچن ٿا. جيڪا جدائيءَ جي موج شاهہ ماڻي آهي، سا ساميءَ نہ ماڻي، ۽ جي ماڻي تہ سلوڪن لکڻ کان اڳي ماڻي آهي، ڇو تہ اُن جو ذڪر خير ڪٿي اچي ٿو.... شاهہ وٽ موضوعن جي گوناگونيت آهي، سامي هڪ رَسُ وارو ڪوي آهي. اُن جو سبب شايد اِهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ، شاهہ ۽ سچل ڄمندي ڄام هئا. سامي تڏهن ڪوي بڻيو، جڏهن هو وچوليءَ عمر جو هو ۽ ڪنهن منزل تي اڳيئي پهچي چڪو هو. انڪري ساميءَ جي ڪوتا ۾ جوانيءَ جا جوش ۽ جلوا، مجازي موج ۽ مستي، اُٿل پُٿل ۽ گونا گوني گهٽي گهٽ آهي. جي شاهہ هڪ مها ساگر آهي ۽ سچل پهاڙن تان ڳڙگڙاهٽ ڪندڙ ندي آهي، تہ سامي هڪ سهڻو سانورو تلاءُ آهي، جنهن کي پنهنجي اَنوکي سُندرتا آهي. اُن ۾ ڪنول تَري رهيا آهن، چنڊ جا اولڙا بہ پئجي رهيا آهن، پر اُن ۾ وَهڪرو ڪونهي. هوا لڳڻ تي ڪي لهرون پيدا ٿين ٿيون ۽ اندر کي خوب آنند اچي ٿو“ (6).

ساميءَ بابت هڪ ٻي ڳالهہ جي وضاحت ضروري آهي، اُها اِها تہ، هو هڪ گياني ۽ گهڻي قدر گوشہ نشين شخص هو. هُن جي سُرت ۽ گيان جو سمورو ڌيان ’دنياوي سچائين‘ کان وڌيڪ ’دل جي اُجارڻ ۽ پاڻ سُڌارڻ‘ تي مرڪوز هو. هُو ’تارڪ الدنيا‘ جو قائل ۽ من جي ڪُنڊ وَسامي، ’خود ۽ خدا‘ کي تلاش ڪرڻ ۾ يقين رکندڙ پُرش هو. ساميءَ جو ظاهري ۽ عملي پنڌ شڪارپور ۽ ساڌ ٻيلي کان پنهنجي گرو سوامي

ميگهراج جي آسڻ امرتسر تائين محدود هو. هُن زندگيءَ ۽ فطرت جو مشاهدو ۽ تجربو پٽائيءَ وانگر جهنگ جهر پٽڪي، صحرائن ۽ پهاڙن جا پنڌ ڪري، عمل ۽ عِلم جون سڀ ڏسائون ڏوري حاصل ڪونه ڪيو هو، پر مَن جي مَڙهي وَسائي، تَنَ کي تَسيا ڏئي، اندر ئي اندر ۾ گشت ۽ ڪشالا ڪيئي، ويراڳ جون مَسافتون ڪيون هيون. انهيءَ ڪري هُن جي شاعريءَ ۾، يڪرنگي ۽ اوشا جي آشا ته آهي، پر شاهه جي شاعريءَ جهڙي وسعت، تخليقي تازگي، رواني ۽ زندگيءَ سان ڀرپور موهه ۽ گهري وابستگي نظر نه ٿي اچي.

"شاهه لطيف صوفي شاعر هو، پر تصوف جي اُن مسلڪ جو قائل نه هو، جيڪو انسان کي 'تارڪ الدنيا' بڻائي ڇڏي ٿو. شاهه اُن جي اُبتڙ زندگيءَ کي ماڻڻ جي تعليم ڏني آهي. هُو 'تَرڪ' جي بجاءِ 'طلب' جو طرفدار آهي. سندس خيال ۾، 'طلب' هڪ متحرڪ، روح اَفروز، محو ۽ مشغول رکندڙ عمل آهي. ڪنهن شيءِ کي ڳولڻ ۾، جيڪو انتظار، چاهه، چورا ڪورا ٿيندي آهي، اها ان خوشيءَ کان گهٽ پُرجوش نه آهي، جا ان کي حاصل ٿيڻ تي حاصل ٿيندي آهي"(7).

سامي شاعريءَ جي بنيادي اصولن کان يقيني آشنا آهي، انهيءَ ڪري سندس سِلوڪ ماترڪ ڇند تي مُنديءَ تي ٽِڪ وانگي سونهندڙ ۽ پورا آهن. پر شاهه وانگر نه هُو موسيقيءَ جو مشتاق ۽ ماهر آهي ۽ نه ئي هُن جيان ترنم ۽ شاعري سندس روح ۾ رَچيل آهن. انهيءَ ڪري ساميءَ جي شاعري سندس مزاج وانگر مائي ۽ مدّم آهي. بلاشبه ساميءَ جي سِلوڪن جو، فڪر توڙي فن جي لحاظ کان رنگ ۽ ڍنگ الڳ ۽ انفرادي آهي، جنهن کي 'سامي - رنگ' سڏي سگهجي ٿو ۽ اُن سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين روايت کي جنم ڏنو آهي، جيڪا نِجي پِجي ساميءَ جي تخليق ئي آهي.

" هڪ عظيم شاعر جي شعر جو، هڪ خاص گُڻ اهو به ٿيندو آهي ته، سندس شعر، هر طبقي خواهه هر عمر جي ماڻڪن ۾ مقبول هجي. جهڙيءَ طرح شاهه جي شعر تي عالمن ۾ به بحث هلندا آهن ته، جهنگ ۾ جهانگي به سندس ڪلام جهونگاريندا آهن....اُها ڳالهه ساميءَ جي ڪلام ۾ نه آهي... مطلب ته ساميءَ ۾ عالمي اَپيل ڪانهي. هُو هر ڪنهن دل ۾ پيهي ڪونه ٿو سگهي. زندگيءَ جي آخرين منزل تي، سندس ڪوتا، تُتل من تي ڇنڊو وجهي سگهي ٿي. اُن مان ساڌو، سنت ۽ جڳياسو لطف وٺي سگهن

ٿا، پر هر ڪو حظ حاصل ڪري نہ ٿو سگهي" (8).

ساميءَ جي شاعريءَ جو ڪجھہ حصو اهڙو بہ آهي، جيڪو يقينًا تمام ٿورو آهي، پر اُهو آرهڙ جي مُند ۾، ڏکڻ جي ٿڌڙي هوا جي جهونڪي جيان فرحت ڏيندڙ، تازگي بخشيندڙ ۽ زندگيءَ سان ڀرپور آهي. سندس اهو ڪلام گهڻو ڪري شاهہ لطيف جي فڪري ۽ فني اثر هيٺ لکيل محسوس ٿئي ٿو، ڇو تہ اُن ۾، نہ رڳو ڀِٽائيءَ جو اسلوب ۽ انداز جهلڪي ٿو، پر ترڪيبون، تشبيهون، استعارا، علامتون ۽ لفظ پڻ 'لطيفي - رنگ' جو ڏس ڏين ٿا.

ساميءَ جي انهن سِلوڪن ۾، نہ فقط زندگيءَ جو حقيقي رنگ مِلي ٿو، پر اُها محبت، درد ۽ دلڪشيءَ جي جذبن ۽ احساسن سان پڻ ٽِمٽار محسوس ٿئي ٿي. اها اُمنگن ۽ اُڌمن جي شاعري آهي. اُن ۾ نہ رڳو شڪارپور جي ٻوليءَ جو مخصوص مِٺاس ۽ رَچاءُ محسوس ٿئي ٿو، پر پنهنجي ماحول ۽ سماج سان مُنسلڪ نج ترڪيبون، تشبيهون ۽ استعارا بہ ملن ٿا، جن کي پَسڻ ۽ پڙهڻ کانپوءِ ساميءَ جو ڳوڙهو ڀڳتي، روڳ، ويراڳ، گيان، اگيان، اَذيت ۽ اَضطراب وارو رَنگُ، گهڙيءَ کن لاءِ وِسري وڃي ٿو ۽ نيڻن اڳيان زندگيءَ جي جذبن ۽ احساسن سان ڀرپور سندس ههڙا شعرَ تَري اچن ٿا:

آءُ منهنجا سپرين، تو بن جِيءُ جُري،
رَڳان روئي ٿَڪيون، ٿي لونءَ لونءَ دانهن ڪري،
نيڻن نير نہ نِڪري، رُئن رَت ڀَري،
موهن ٿي مَري، درسن ڪارڻ دوس جي.

....

محبت جي ميدان ۾، عاشقَ رَنگ رَچَنِ،
ٻَوَنِ پَروانَنِ جان، اَڳِيُون عَجيبنِ،
سانگُ نہ وارِنِ سِرَ جو، توڙي مَچَ مَچنِ،
ماسو ماسُ نہ تَنِ، بِرهہُ جنين جي بَگرِي.

(ص503)

اَڳُ نہ ڄاتم ڄاڻ، تہ ڪو ساهُہ ٻنهي جو هِڪڙو،
لائي چِت چَريو ڪري، پوءِ ڪَڍي وئين پاڻ،
هاڻي لُنوَ لُنوَ مَنجهہ وَٽاڻ، پائي وينين پانهنجو.

(ص417)

جَنهن ڪي پوري پريتِ، محبوبن جي من ۾،
سو نہ ڪي گھُمي ڏيورا، نہ ڪي گھُمي مَسيتِ،
جاڻي سڀ سنسار جي، ڪوڙي ڳَلَپَتِ ريتِ،
پِرينءَ ري پِرتِيتِ، ڪنهن تي ڪري ڪينڪي.

(427)

....

نہ ڪو آرُ نہ پارُ، سُپريان جي سِڪَ جو،
سُنوائيءَ بنا سِپَ ڪي، اچي ڪو نہ قَرارُ،
مَڇيءَ جي من وَسي، پاڻي پِران آڌارُ،
سامي سِرجَڻُهارُ، پَلَڪَ پَراهون نہ ٿئي.

(ص433)

....

محبت مَستُ ڪري، عاشق چاڙهيا عرشَ تي،
جتي ڏيو تيل ريءَ، اگَمَ جوتِ بَري،
جاڻَ وِڃائي پاڻهنجي، وِينا ڏيانُ ڌَري،
پَلَڪَ نہ ٿئي پَري، سامي سُپرينَ ڪَونُ.

(ص509_ 2000ع)

**سامي ۽ شيخ اياز:** سامي ۽ اياز جو جنم، نہ رڳو ساڳئي شهر شڪارپور ۾ ٿيو آهي، پر اياز جو اَباڻو گهر، ساميءَ جي گهر ڪان سڌَ پنڌ تي هو، انهيءَ نسبت سان سامي هُن جو پاڙيسري بہ هو. اياز، ننڍپڻ ڪان وٺي پنهنجن وڏڙن، اَمڙ، بابا (جيڪو پڻ ادبي ذوق رکندڙ ۽ ڪتابن جو سُنو پاڙهو هو)، استادن، ادبي شخصيتن توڙي شهر واسين ڪان ساميءَ جي زندگي ۽ شاعريءَ بابت يقينًا تمام گهڻو ڪجهہ ٻُڌو هو. هُن جيئن ئي شعوري اک کولي ۽ سندس علم ۽ ادب ڏانهن رَغبت پيدا ٿي تہ، نہ فقط شاهہ ۽ سچل، پر ٻين ڪيترن ئي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعرن جي اڀياس سان گڏ، هُن ساميءَ جي سلوڪن جو پڻ تفصيلي مطالعو ڪيو، جنهن مان هُو چڱيءَ حد تائين مرغوب ۽ متاثر ٿيو آهي، انهيءَ جو خود اعتراف ڪندي لکي ٿو:

"شاهہ، سچل ۽ سامي، سنڌ وانگر منهنجي ساهتڪ تاجي پيٽي ۾ اُٽيل آهن. سامي بہ مون لاءِ ايتروئي اهم آهي، جيترو شاهہ ۽ سچل، ڇو تہ تنهي جو نڪتہ نگاهہ ساڳيو آهي، جو ويهين صديءَ ۾ بہ ايتري اهميت رکي ٿو، جيتري پنهنجي دور لاءِ رکندو هو" (9).

اياز جي ساميءَ سان عجيب اُنسيت ۽ محبت آهي. هُو هُن جي ڪيترن ئي نُڪتن سان اختلاف بہ ڪري ٿو تہ، سندس شاعريءَ کان متاثر بہ آهي، جنهن جي تشريح ۽ تعريف بہ ڪري ٿو. هُو پنهنجي جيل ڊائريءَ ۾ ساميءَ جي ڪلام جي اردوءَ ۾ ڪيل ترجمي جو حوالو ڏيندي، لکي ٿو، "مون جڏهن پنهنجو ساميءَ جو منظوم ترجمو پڙهيو ۽ جڏهن هُن کي هِڪ شعر ٻڌايم تہ، هُن [عاليہ امام ] جي ڇپن مان سِيسِراٽ ٻُڌڻ ۾ آيو:

میں کیسے تجھے سمجھاؤں سکھی، وہ پھولوں کی کوملتا ہے،
میں ایک مہک بن جاتی ہوں، جس وقت سجن گھر آتا ہے۔

مون ساميءَ جي شعر جو ترجمو پورو ڪيو تہ، عاليہ امام پُڇيو تہ، 'ڇا اهو لفظ 'سامي' ۽ هنديءَ جو لفظ 'سوامي' ساڳي ڳالهہ آهن؟'

مون چيو تہ، 'نہ، سامي بہ هنديءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ارفع ۽ اعليٰ (Sublime) آهي. 'سوامي' ٻيو لفظ آهي، جو سنڌيءَ ۾ بہ هنديءَ وانگر ساڳيءَ معنيٰ ۾ مستعمل آهي" (10).

اياز، ساميءَ کي ڀٽائيءَ وانگر پنهنجو ورثو سمجهي ٿو. هُو پنهنجي ڪلاسيڪي ورثي کي هر صورت ۾ سنڀالڻ جي تلقين ڪرڻ سان گڏ ساميءَ ۽ سندس ڪوتائن جي اهميت بيان ڪندي، پنهنجي هڪ ليک ۾ لکي ٿو:

"سامي اسان جي ادب جو اَتوٽ حصو آهي. هُن کي وِسارڻ جو سبب اهو آهي تہ، اسان انهيءَ ٻوليءَ کي وِساري چُڪا آهيون، جا ساميءَ ڪم آندي آهي. اسان جي نہ رگويدانت جي فلسفي ۾ دلچسپي نہ رهي آهي، پر تصوف ۾ بہ گهٽجي رهي آهي، پر پوءِ بہ سامي اسان جو ائين وِرثو آهي، جيئن ڀٽائي اسان جو وِرثو آهي. هُن جي هر سِٽَ انهيءَ تاٽيل

ڳمان وانگر آهي، جنهن جي زهه کي ٿوريءَ وڏيڪ ڇڪَ سان ڳمان
ٽُٽي پوندي آهي. هُن جي سِٽن ۾ ردوبدل ڪرڻ مشڪل آهي. هُن ۾،
سِٽَ جي پورتٽا (Line Perfection) ايتري آهي، جيتري ڀٽائي ۽ خليفي نبي
بخش ۾ آهي. مون تہ هُن کي ڪونہ وِساريو آهي. مون ساميءَ جي انداز
۾ نوان سِلوڪ لِکيا آهن، جن ۾ مون پنهنجي زندگيءَ ۽ ڪائنات جو
فلسفو ڏنو آهي ۽ انهن ۾ ساميءَ واري ٻولي آهي، جا مون کي ڏاڍي پياري
لڳندي آهي" (11).

اياز پنهنجن ڪتابن، 'ڪپر ٿو ڪن ڪري'- (1986ع، ص211 - 221، بيت - 62)، 'جُهڙ نيٽان نہ لهي'- (1989ع، ص95 - 119، بيت - 157) ۽ 'هيئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن' - (1991ع، ص167 - 196، بيت - 118) ۾، ڪل 337 'نوان سلوڪ ساميءَ جي نالي' لکي، کيس نہ رڳو وڏو خراج پيش ڪيو آهي، پر ساڻس ڪجهہ فڪري اختلافن ۽ اتفافن جو اظهار پڻ ڪيو آهي، جيڪو تخليقي ذات ۽ اياز جي فڪري ۽ فني پورتٽا جي لحاظ کان سنڌي شاعريءَ ۾، پنهنجي انفراديت، وقعت ۽ اهميت جو حامل آهي.

**اياز جا ساميءَ سان ڪجهہ فڪري اختلاف:** شيخ اياز سڀ کان وڌيڪ شاهہ، سچل ۽ ساميءَ کان متاثر رهيو آهي. شاهہ نہ رڳو سندس تن ۽ من ۾ سمايل رهيو آهي، جنهن جي پل پل سار ۽ پچار ڪري ٿو، پر هُن جي تحريرن ۾ سڀ کان وڌيڪ ذڪر ۽ فڪر بہ لطيف جو ملي ٿو. سچل سان بہ هُن جي وڏي اُنسيت ۽ فڪري ويجهڙائي محسوس ٿئي ٿي، پر ساميءَ سان هُن جو اَنوکو سُهڻو ۽ رشتو آهي. هُو هُن سان محبوبن جهڙا ماٽا بہ ڪري ٿو تہ دوستن جهڙيون حُجتون بہ. هُو هُن سان مانِيٽي، محبت، راز ۽ نياز جي انداز ۾، بحث ڪندي، پنهنجي ڳالهہ جو گُر سمجهائڻ جي ڪوشش بہ ڪري ٿو تہ، ساڻس ڳالهيون ڪندي ۽ اندر اوريندي، ٿورو تُرش ۽ تيز بہ ٿي وڃي ٿو. اياز لکي ٿو: "مون رات خواب ۾ ڏٺو تہ، 'سامي' شڪارپور ۾ هاٿي در اندران ڪنهن جاءِ ۾ ويٺو هو ۽ پَني ٽُڪر تي سِلوڪ لِکي مَٽَ ۾ وجهندو ٿي ويو. مون هُن ڏانهن تعجب ۾ ڏسي چيو، 'سامي، تون اجا تائين اُهي سِلوڪ مَٽَ ۾ پيو چُپائين'!

سامي مُرڪي چيو، 'اَڳي تہ مان ئي فقط اُهو سنڌڙيءَ جو شاعر هوس، جو پنهنجو ڪلام مَٽَ ۾ پوُري ڇڏيندو هوس، پر هاڻي مون کي يقين آهي تہ، تون بہ ائين ڪندين'.

مون مُڪَ هَٽي ساميءَ جو مَٽُ پَٽي وِڌو ۽ هُن جا سڀ پَنن جا ٽُڪر ڪٽي

چيم، ’سامي! نہ فقط مان پنهنجو ڪلام علي الاعلان پڙهندس، پر تنهنجو بہ!“ (12).

بلاشبہ اياز هر مُشڪل توڙي مصيبت ۾، انيڪ مخالفتن، اَنياءَ، ڏاڍ ۽ آمريتي جبر سان مُنهن مقابل ٿي بہ، نہ فقط پنهنجي شاعريءَ سان ماڻهن جون دِليون ڏڙڪايون ۽ گرمايون، ڏاڍ ۽ جبر جي ڪوٽن ۽ ڪڙن ۾ ڪنبٽي پيدا ڪئي، پر ساميءَ جي پُوريل مَتن جو وَکر پڻ ماڻهن سان وَنديو ۽ وِرهايو آهي.

> ساميءَ جي شاعريءَ جو حاوي رنگ، ’تَن کي تَسيا ۽ من کي تياڳ ڏئي، خواهشن کي مارڻ ۽ اندر کي اُجارڻ‘ آهي.’مايا جو موهہ‘، ساميءَ جي سِلوڪن جي مِڙني موضوعن ۾، طاقتور چئجي تہ گهٽي حد تائين درست ٿيندو. هُن جي خيال ۾، مايا جي موهہ ۾ جيڪو جِيوَ مَستان آهي، سو وڏو خود غرض آهي ۽ دنيا جي ڏُبڻ ۾ گَتل آهي، پر جيڪو اَوِديا، جهالت ۽ غفلت کي ڇڏي ٿو، سوئي ماڳ ماٿي ٿو“ (13).

ساميءَ جي شاعريءَ ۾، هِن مادي دنيا جي رنگن ۽ رونقن، حقيقتن ۽ سچائين کان وڌيڪ خيال، تصور ۽ دل جي دنيا جي ڪيفيتن ۽ اندر جي احساسن جو عڪس ملي ٿو. هيءَ دنيا ۽ اُن جو سارو ڪاروهنوار ڪيس ڪاڪ مَحل جو تِڪساڻُ ۽ نظر جو فريب ٿو ڀاسي. هُن لاءِ ’مايا‘ اڻ هوندي درياهہ وانگر آهي، جنهن ۾ انسان اَجائي فريب جا غوطا کائي رهيو آهي. هُن جي خيال ۾، ’مايا‘ جي موهہ ۽ ڊوهہ ماڻهن کي اَنڌو ڪري ڇڏيو آهي، هُو سواءِ اُن جي، ٻي سموري سُڌِ ۽ ساڄاهہ وِڃائي چُڪا آهن. سندن اندر تي غفلت ۽ گُمراهي جي دز ڄمي وئي آهي. ’مايا‘ جي ڪيپ ۽ خمارن، انهن ۾ اهڙو گهُمنڊ ۽ غُرور پيدا ڪيو آهي، جو هُو ’حق ۽ حقيقت‘ کي ئي وِساري ويٺا آهن. انهن کي گُمراهي ۽ غفلت، جهالت ۽ اَيا ڳ جي ننڊ مان، صرف ’سَتگرُ‘ ئي جاڳائي ۽ سَنئين راهہ تي آڻي سگهي ٿو ۽ اُن کانپوءِ ئي هُو ’پاڻ‘ ۽ پنهنجي ’حقيقت‘ کان باخبر ٿي سگهن ٿا.

مايا ڀُلائي، وِڏو جيءُ ڀَرَمَ ۾،
اَڻ هوندي درياهہ ۾، غوطا نِتُ کائي،
سامي ڏسي ڪينڪي، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
سَتِ گُرُ جاڳائي، تہ جاڳي جُڙي پاڻ سان.
(ص15)

مايا ٻُلائي، وِڏو جيءُ ٻَرَمَ ۾،
سامي ڏِسي ڪو نہ ڪو، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
جنهن کي اَوِديا ننڊَ مون، سَتِ گُرُ جاڳائي،
سو ويهي وَڃائي، نگارو نِرِٻاڻ جو.
(ص16)

....

مايا ٻُلايو، سامي جوڙي جيءَ کي،
نانگُ ڏسي نوڙيءَ ۾، ڏورڻن ڏَهڪايو،
ڳَٽيءَ ليکي ڏُکَ جي، سَنسي منجهہ آيو،
سَتِ گُرَ سمجهايو، تَڏِي سمجهي سُرِ جِيهو پاڻ ۾.
(ص17)

....

ڪَئي خلق اَنڌي مايا موهہَ مَمَتَ سان،
مِرِگَ تِرشنا جي جَلَ ۾ وجي سڀ وَهَندي،
وِرلي ڪنهن گُرُمُکُ لَڌي ڪِرپا ساڻ ڪَنڌي،
ٻانيڙ جنهن ٻَنڌي، پنج ئي ڪيا وِسِ پانهنجي.
(ص20) ـ (ساميءَ جا سلوڪ ـ ناگراٽي، 2000ع)

ساميءَ سان شيخ اياز جو اختلاف بہ انهيءَ نُڪتي ’مايا جي موهہ‘ تي آهي. ساميءَ وٽ دنيا جي هر موهيندڙ ۽ پاڻ ڏانهن مائل ڪندڙ شيءِ ’مايا‘ آهي، ڌن، دولت، موهہ، محبت، مطلب تہ زندگيءَ جي هر اُها چيز، جيڪا ماڻهوءَ ۾ خواهش، سَڌَ ۽ اِڇا ( جنهن کي سامي نفساني خواهش ڪوٺي ٿو) پيدا ڪري ٿي، تنهن کي هُو ’مايا‘ سان تعبير ڪري ٿو ۽ سندس خيال موجب اُن کان مُنهن موڙي ئي ماڻهو نہ رُڳو مُڪتي ماڻي سگهي ٿو، پر ’مايا‘ کي تياڳي ئي ماڻهو پنهنجو ’پاڻ‘ ۽ پنهنجي ’مالڪِ حقيقي‘ کي حاصل ڪري سگهي ٿو.

جڏهن تہ اياز، اُن جي برعڪس نہ رڳو دنيا کي پنهنجي اک سان ڏٺو ۽ پسيو، پر اُن جي مامرن ۽ مسئلن، حقيقتن ۽ حُسناڪين کي پنهنجي فهم، ادراڪ، احساس، دل ۽ دماغ سان پرکڻ، محسوس ڪرڻ ۽ ماڻڻ ڪانپوءِ، اُن کي پنهنجي انداز سان اظهاري ۽ ڀرپور نمونيءَ سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ساراهيان سنسار، سَچو آ جو سونهن ۾،
جنهن جو اَنت نہ آدِ آ، جنهن جو آرُ نہ پارُ،
جنهن ۾ ٿو جِنسارُ، مَري روز اَمر ٿِئي.

....

هِي جا آدِ - اَسونهن ۾، سِرجي پَئي سونهن،
ڪنهن جي نانهہ وِروُنهَن، پُورَنُ آهي پاڻ ۾.

....

چِترَ، ڪوتا، مُورتيون، سارا ماڻهوءَ ماڳَ،
وَڻَ، ترَڻَ، ٻُوٽا، ٻاريون، سَڀَ ۾ ڪائي آڳَ،
ڪيڏي جاڳَ اَجاڳَ! ڪيڏي جاڻَ اَجاڻَ ۾!

(ڪپر ٿو ڪُن ڪري، 1986ع، ص219)

شيخ اياز تي مختلف دورن ۾، مختلف نظرين ۽ لاڙن جا اثر رهيا آهن. مثلاً رومانيت، قوم پرستي، حُب الوطني، ترقي پسندي، مزاحمت، انقلاب، انسان دوستي، تصوف ۽ ماديت پسنديءَ جا پڻ اثر رهيا آهن. ماديت واد مفڪرن جي نظر ۾، هيءَ ڪائنات، اُن جي سونهن، سُندرتا ۽ اَنسان جو عمل، پورهيو ۽ سندس فطري حُسن ۽ جمال ئي سچ آهي. جيڪو ڪجهہ آهي، 'دنيا' ۾ ئي آهي. هيءَ دنيا ئي سڀ ڪجهہ آهي، باقي سڀ خيال جو اختراع ۽ تصور جو طلسم آهي. اياز اُن خيال جو رهيو آهي تہ، هي سمورو سنسار فطرت جو هڪ لازوال ڪرشمو آهي. جهڙيءَ ريت هيءَ ڪائنات اسراري آهي، اهڙيءَ ريت ماڻهوءَ جو وجود خود هڪ وڏو معمو آهي. اُن جي سوچ ۽ سُرت رازن ۽ رمزن جو پيريل پنڊار آهي. اياز، ڪائنات ۽ انسان جي حوالي سان مذهبي نڪتہ نظر جي ڀيٽ ۾ روحاني، اسراري ۽ سائنس جي پيش ڪيل نظرين کان وڌيڪ مرغوب ۽ متاثر رهيو آهي، انهيءَ ڪري ئي چيو اٿس تہ:

هِتي آ، هِن جاءِ، سڀ ڪجهہ آ هِن لوڪ ۾،
پَرمَتڙيا، پَرلوڪَ لئہ، وَهي ڪانہ وِڃاءِ،
لَنئُہ اُنهيءَ سان لاءِ، جُوٽ نہ آهي جِندڙي.

(ص217)

سامي! هِن ڪان ڪو وڏو، ناهي اَنتر ڳِيانُ،
ٻِنا ڪنهن پيڳوان جي، اُتم آ اِنسانُ،
ماڻهو آهه مَهانُ، پنهنجو ڀڳوَن پاڻ آ.
(ص218)

....

سامي! هِي سنسارُ آ گوالي ٻن گوڪَلُ،
پنهنجيءَ مَڏُرَ تانَ ۾، جهومي ٿو جَلُ ٿَلُ،
جَمنا ساري جَلُ، ڪوهءُ تَڪين ٿو ڪَنڏيون

....

سامي! هِن سنسارَ ۾، تارِ نہ آهي تَرُ،
هِن جو اَنتُ نہ آدِ آ، ڪِٿي ناهِ ڪَپَرُ،
ائين آهه اَمَرُ، سِرجي پنهنجي پاڻَ ۾

....

جُڙيو هي جنسارُ، آهي پنهنجي پاڻَ مان،
ڪُهہ جاڻان ڪنهن ڳُجھہ مان، ڪِڙيو ڪِڙڪَهارُ!
پاڻَ منجهان پولارُ، اُپريو ڪنول گُلَ وانگيان.

(ڪپر ٿو ڪُن ڪري، 1986ع، ص220)

....

سپني ۾ سنسارَ سپ رَچنا رَچائِي،
سپنو ٿُنهنجيءَ جاڳَ کان، ڪيئن ٻُرو پائِي؟
جاڳَ تہ اَجائي، 'آنهہ' سَمائِي 'نانهہ' ۾!

....

ڳَهلا ڳوٺائي، سامي! منهنجي شهر جا،
اِن ۾ ڪهڙو هرج آ، مَجان تو پائي،
رَچنا رَچائِي، سپني سپُ سنسارَ ۾.

(جُهڙ نيڻان نہ لهي، 1989ع، ص117)

"اياز پنهنجي شاعريءَ وسيلي نئين فڪر سان، سنڌي سماج ڪي ڏوٽيو ۽ ماضيءَ جي ڪيتري ورثي کي رَدِ يا باطل قرار ڪيو. اياز جي 'ڪپر ٿو ڪُن ڪري' واري شاعري، ترديد ۽ اِنڪار واري شاعري آهي. اُن دور ۾، هُن لطيف سائينءَ جي ڪيترن تصورن کي نہ مَڃيو. ساميءَ جي ڪيترن نڪتن جي نفي ڪئي ۽ مذهب کي روايتي انداز ۾ مَڃڻ کان اِنڪار ڪيو. اُن دور ۾ ئي اياز پاڻ کي لامذهب صوفي بہ سَڏيو ۽ سچل واري لهجي ۾، 'ڪافر مومن ناهيان وو، ڪافر مومن ناهيان' جهڙي شاعري بہ ڪئي. انڪار جي ان دور واري هُن جي شاعريءَ ۾، اِقرار ۽ نفيءَ ۾ اثبات ٿيندو، ائين ٿا محسوس ٿين، جيئن لطيف سائينءَ کي پنهنجي پنهونءَ جو پرتوو 'جُهڙ ۾ جهالا' ڏيندو محسوس ٿيو هو. ڏٺو وڃي تہ اياز جي سموري شاعري، انڪار کان اقرار ۽ نفيءَ کان اثبات ڏانهن سفر جي شاعري آهي ۽ لطيف جي آديسيءَ جو 'نانهن ۾ نات' کي ڳولهي لهڻ جي سفر جو سفرنامو آهي. شايد اقرار جي سفر جي شروعات انڪار سان ٿيندي آهي" (14).

سامي ويدانتي هو ۽ ويدانتي تصور ۽ روحانيت ۾ اعتقاد رکندڙ هوندا آهن. ساميءَ جي فڪر ۽ شاعريءَ تي، 'اَوديا' مايا جي موھ ۽ من جي اِڇائن کي نِندڻ ۽ ساڌن، پَڳتن ۽ سَنتن جي صُحبت ۽ سِڪ کي اَپنائڻ جا خيال' وڏيڪ حاوي آهن. هُو گُرن ۽ ساڌُن تي اعتماد ڪري، ڪين ئي پنهنجي آنند ۽ نجات جو ذريعو تصور ڪري ٿو. هُن جي خيال ۾، آنند رڳو 'پائڻ' ۾ نہ، پر 'پائڻ جي پياس ۾ رهڻ' ۾ آهي. سامي 'نند' بجاءِ 'جاڳ' کي جياپي جي سونهن ۽ جاڳ سان ئي 'جانب' کي پَسڻ ۽ پُرجهڻ جي ڳالھ ڪري ٿو. هُن لاءِ 'جاڻ' هڪ ڇار آهي، جنهن ۾ من جي پڪيءَ کي قيد نہ ڪرڻ گهرجي، پر 'وجدان' جي راھ اَپنائي، لونءَ لونءَ ۾ سڄڻ جي سِڪَ کي سمائڻ گهرجي، ڇو تہ اُن سان ئي 'سپرين' جي رنگ ۾ 'پاڻ' رڱي سگهجي ٿو.

جن جو مُنهن محبوب ڏي، سي اُورار نہ پارِ،
تِنِ تَن جو تَڪيو، جِتي ٻيڙي نہ ٻارِ،
لُڙ لهريون، تِکَ تارِ، تَنِ نظر نہ آيون نينهن ريءَ.

(سامي جا سلوڪ، 2000ع، ناگراڻي، ص417)

جڏهن تہ اياز، هِن ساري سنسار ۾، انسان کي نہ فقط سڀ کان اُتم ۽ اعليٰ سمجهي ٿو، پر اُن کي پنهنجي عمل ۽ ڪردار سان هِن دنيا جي ڪايا پلٽ جو ڪارڻ قرار ڏئي ٿو، انهيءَ ڪري اياز، ساميءَ جي شاعرانہ ذات ۽ ڏات کان متاثر هوندي بہ، سندس فڪر ۽ سوچ جي ڪجهہ نڪتن سان نہ رڳو اصولي ۽ فڪري اختلاف ڪري ٿو، پر ساميءَ سان اُنهن جو کُلئي نموني، بيباڪ ۽ ڪٽي ڪٽي تلخ لهجي ۾، هِن ريت اظهار بہ ڪري ٿو:

مُنهن مَڙهيءَ پائي، اوندهہ ٿاڦوڙا هَٽين،
توکي ٻُلائي، وِڏو جُونيءَ وِديا.

....

سامي! مايا موهہ سان، ڪجي ڪوهہُ پيارُ؟
ٻيو ڪجهہ رَکُ آ، سڀ ڪجهہ آ سنسارُ،
ڪيڏو اَتياچارُ، تنهنجو پنهنجي پاڻَ تي؟
(ص96)

....

سامي، جا شمشانَ ۾، سَڙي تي ديهي،
توکي اُن جيهي، مُور نہ مِلندي جِندڙي.
(ص97)

....

ڇا ساري سنسارَ ۾، آهي مَڙيءَ ڏوُپ؟
ڇا سچُ روپُ اَنوپُ، ناهي ڪوئي 'نانهہَ' ۾؟

....

اونده ۾ اسرار لئہ، وينو واجهائي،
مُنهن مَڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪينڪي.

....

آخر مايا موهہَ ۾، ڇا ناهي سامي!
آيون گل گلاب تي، مَکيون اُڏامي،
ماکي مُدامي موهي تن جو هينئڙو.

....

ڪيڏو ڪالهہ مُنجهائيو، مون کي موتئي اَنت،
ساري رات بَسنت، آندا ڦولَ ڦُلارَ ۾.
(ص98)

....

سامي! اوشا، راتڙي، ٻئي من موهينِ،
هِن ساري سنسار کي ڪيڏي شويا ڏينِ!
پر جي سي ناهينِ، ڇاهي تنهنجيءَ ’نانهہ‘ ۾؟
(ص99)

....

مايا ڏِيوالي؟ سامي! تون ڇا ٿو چَئين؟
لَکين گُلَ رَابِيلَ جا، توکان سوالي،
اَکُٽُ نِکتَ اُپَ ۾، خالُ نہ ڪو خالي،
مَڌُ سان مَتوالي، هر شِيءِ هِن سَنسار جي.
(جُهڙ نيٽان نہ لهي، 1989ع، ص111)

شيخ اياز پنهنجي دور ۾، مُلن، پنڊتن، پيرن، مُرشدن ۽ پادرين جو جيڪو ڪردار ڏٺو، مذهب ۽ ڌرم جي نالي ۾، نفرتن، فرقي پرستي، تعصب، بغض، ڪيني جو ٻِجُ ڇَٽيندي، ڪَدورتون پکيڙيندي، ۽ انسان جي خون سان هوليون کيڏندي ڏٺو. هُن سندن جيڪي مَڪاريون، ڍونگ، ڪوڙي اداڪاريءَ سان اَبوجهہ، مسڪين ۽ ٻي واهي ماڻهن کي لُٽيندي، ڦُريندي، سندن استحصال ڪندي، پنهنجو پيٽ پريندي ۽ مال ميڙيندي ڀَسيو، انهيءَ عمل کيس نہ رڳو باغي بڻايو، پر سندن ڀِرڪارن ۽ ڪَرتوتن کي عام اڳيان عيان ۽ پَڌرو ڪرڻ جو منجهس ساهس، عزم ۽ حوصلو پڻ پيدا ڪيو، انڪري ٿي ساميءَ سان مخاطب ٿي، هُو انهن گُرن، پيرن ۽ پِنڊتن، جيڪي خود ڦِٽسي

جا پوڄاري، دين، ڌرم جا واپاري ۽ انسان جي خوشي ۽ خوشحاليءَ جا ويري آهن، تن بابت پنهنجا ويچار هِن ريت اوري ٿو:

سَتِ گُرَ سارا ڪوڙ جون، پَٽيون پڙهائن،
چَمڙا اوندهِ ۾ جِئين پَرڙا ڦَڙڪائن،
وَڃيو مَنُ لائن، نِيٺ نِڌوريءَ 'نانهہ' سان.

....

مايا سارو سچُ آ، مايا نہ ڌوتي،
اَنڌا اَڌوتي، جوٺ چَوَنِ ٿا سچَ کي.

....

سارا وِيدَ پُرانَ، تاجي پيتو ڪوڙ جو،
جندُ ڇَڏائن ڪوڙَ کان، ڪي ڪي مُڙس مَهانَ،
جن جِي ڪُٽي تَانَ، سامي هِن سنسار تي.
(ص97)

....

سامي ڪهڙي سچ کي، وينو تون ڳولين؟
مان بہ نہ ٻُڌان 'نانهہ' ۾، ڇا ٿو تون ڦولين؟
ڇاڇَر ڇاڇولين، اونهي کي پُٺ تي ڇڏي!

....

هِڪڙو ئي اَشلوڪُ روز وِجهين ٿو مَٿَ ۾،
آءٌ ڪيان ٿو اُن ۾ ٻُوڙا! تو لئہ ٻوڪُ،
ناهي سڳر ٿوڪُ، ڪوئي تنهنجي 'نانهہ' ۾.

....

ڪاڏءِ ڳُڙ جائِي، مُشڪين ڪُشڪين ڪينَ ٿو!
ڇَکي ڇيٽُ ڪَري ڏٺو، مون بہ نہ سودائي!
ڪندُ رُڳو ڪائي، دُلبا ڏنئي ديس کي.

سامي مون سنسار جو، تو ڪان وَڏ سوداءُ،
سچُ اُهو ئي آ رڳو، ليڪن منهنجا ياءُ،
ٻيو سڀ ڪُوڙ سَڌاءُ، ڪجھ بہ نہ آهي ’نانهہ‘ ۾.

(جُهڙ نيٽان نہ لهي، 1989ع، ص118)

شيخ اياز ’مايا‘ بابت ساميءَ سان بحث مباحثا ڪندي، ڪيس دليل ڏيندي، سمجهائيندي، پنهنجو نُڪتہ نظر بيان ڪندي چوي ٿو تہ: ’هيءَ دنيا، جنهن کي تون چارُ ۽ بيڪار ٿو ڀانئين، سا تہ سراسر سونهن جو ساگر آهي. تنهنجي لاءِ هي سارو جهان جيڪڏهن مايا آهي، تہ پوءِ هيءَ پنهنجي ڪويتا، گل تي ماڪ جا قطرا، پيار جا زندگي بخشيندڙ پل، هي چنڊ، ستارا، آڪاش ۾ گهنگهور گهٽائون ۽ تنهنجي هيءَ گيتا، ويد، پران ۽ شاستر ڇا آهن؟ هي سُندر سَنسار ۽ اُن جون حُسناڪيون تہ هڪ ڪويءَ لاءِ جياپي جو سامان هونديون آهن، انهن ۾ ئي تہ هڪ سِرجڻهار جو سڪون ۽ آنند هوندو آهي، انهن کي ڇڏي ۽ تياڳي، ڇا حاصل ڪري سگهبو! هيءَ ڪائنات ۽ اُن جو حُسن ۽ جمال ئي تہ خود خدا ۽ اُن جي مظهر جو جلوو آهن!‘.

سامي! تو بہ نہ سمجهيو، ڇا آهي سنسارُ!
مايا ڏوتي ناهہ ڙي، مايا ناهي ڇارُ،
مايا اَپرمپارُ، سدا سِرجي سونهن ۾،

....

سڀ ڪجھ آ اَڪارَ ۾، ڪجھ بہ نہ نِراَڪارُ،
اَنڌو اوندهہ ۾ ڏسي، اَنوکو اِسرارُ،
ڳُڻَ سِتارا اُڀَ ۾، نِرگُڻُ اَنڌوڪارُ،
مايا ناهي ڇارُ، مايا ساگر سونهن جو.

....

هِي جو ساگر سونهن جو، اِنهيءَ کان اِنڪارُ!
سامي، پنهنجي سوچ تي، تون ئي پنهنجو ڇارُ،
سچو آ سنسارُ، جوتِ سندءِ ئي جيءَ ۾.
(ڪپر ٿو ڪن ڪري، 1986ع، ص209)

سامي، مايا آھ جي، پنھنجي ڪويتا،
پوءِ چاهي گيتا، اُن جي لاءِ ڇا ٿو چوين؟
(ص105)

....

سامي 'مايا' ڪئن اِهي، ماڪ ڦڙا رابيلَ،
آيا جيڪي هيلَ، منهنجي ڪوتا ۾ ڳهي؟
(جُهڙ نيٽان نہ لهي، 1989ع، ص107)

اياز زندگيءَ جي حُسناڪيءَ ۽ حقيقت کي 'ڦَلَ' ۽ 'ڦَهرَ' سمجهي ٿو. هوُ 'جِندڙيءَ' کي مُدامي نہ، پر 'گُلَ' وانگر خوبصورت ۽ خوشبودار تصور ڪري ٿو، جنهن جي معنويت، 'دائميت' ۾ نہ، پر 'فنائيت' ۾ آهي، ڇو تہ اُها 'فنا' ئي اُن کي 'بقا' بخشيندي آهي. هُو بي سود 'بقائيت' بدران 'گل ۽ پوپٽ' جهڙي جيون جو قائل آهي، تڏهن ئي تہ سامي سان مخاطب ٿي کيس چوي ٿو تہ:

سامي مُدامي، آهي ڪهڙي جِندڙي؟
وَٽِ وِجي ڪامِي، وِسائي هَر ڏيئڙو.

....

ڇا لئہ جيئڻ ٿو گُهرين، سامي مُدامي؟
ڇو نہ ٿئين عامي، تون جئن گلُ گُلابَ جو.

....

خوشبو گلُ گلابَ جو، ڏيئي ڇَڏي ٿو،
ڪيڏو وَڏي ٿو، چار ڏهاڙا ڇُتڪِڙو.

....

ڀٽڙ ڪان بہ پري ٿئين، سامي ڀو ڇاهين،
جي تون نہ ڇاهين، ڀٽڙ مان ڪا مورتي.
(جُهڙ نيٽان نہ لهي، 1989ع، ص111)

اياز، سامي ۽ کي هِن سَنسار جي حُسن ۽ جمال، فطرت جي مظهرن ۽ منظرن جي جوت ۽ جاذبيت، انسان جي سونهن ۽ سُندرتائن جي جهلڪ پَسائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڪيس چوي ٿو تہ: ’جيڪڏهن تون هِن حسين دنيا جي فطري نظارن ۽ انسان جي موهہ ۽ محبت جي امرت مان فقط هڪ سُرڪَ ئي سُرڪين تہ، تو ڪان اُهي گوشہ نشيني ۽ تياڳ جون سموريون ڳالهيون وِسري ويندين، ڇو تہ، اصلي سرڳ، انسان جي ’محبت‘ ئي آهي:

سامي! هي ويراڳ جون، ڳالهيون نہ ڳائين،
ڪنهن جي چوٽي پيار مان، مُنهن جي لڳائين،
ٻانهون وِجهي ٻَڪَ ۾، ٻاڪرُ تنهن پائين،
سورڳَ سمائين، جيڪر پنهنجي جند ۾.
(ص99)

....

سامي هيءُ جهانُ، مايا سان ئي موهٽو،
سائيڪي ۾ سج جو، پاڻيءَ ۾ اشنانُ،
اِن ڪان وَڌِ مَهانُ، مُڪتي ڪا اِنسان جي؟
(ص114)

....

جيءُ اِئين، جئن هر گهڙي ٿئي گُلن ـ هارُ،
جيئڻُ نہ جَنجارُ، سامي جي ساجاهئين.
(جُهڙ نيٽان نہ لهي، 1989ع، ص102)

....

مايا ناهي ڇَلُ، جي سمجهين سنسار کي،
ڏس تون ڪنهن جي پيار ۾، ڇِت ڪري چَنچَلُ،
پُورنُ هر هڪُ پَلُ، لڳندُءِ پنهنجي پاڻ ۾.
(ص210)

جَلَ مَندر جٹن جندڙي، ڏيئا ڏيئا پيارُ،
ويراڳي ويراڳ ۾، اَهڙو ڪِتِ اِسرارُ،
اوندهہ انڌوڪارُ، تياڳي تنهنجي تياڳ ۾.

(ڪپر ٿو ڪن ڪري، 1986ع، ص212)

شيخ اياز، ساميءَ کي اَرپيل پنهنجن بيتن ۾، جن کي هُو 'نوان سلوڪ' ٿو سَڏي، نہ رڳو ساميءَ سان فڪري ڪچهريون ڪيون آهن، ساڻس اندر جا راز ۽ نياز اوريا آهن، نفسياتي مونجهارن، ويساهن، اَويساهن ۽ ويساهہ ـ گهاتين جا انيڪ سور سَليا آهن، پر پنهنجي جنم ـ ڀومي ۽ پريم ـ ڀوميءَ شڪارپور جون ڪيئي سُهاڻيون ۽ سُندر ساروڻيون پڻ ساريون آهن:

سامي! هاٿيءَ درُ، اڄ تائين توسان هُري،
تنهنجو منهنجو گهرُ، آهي ٿوري پَنڌَ تي.

....

ٻيگاريءَ جي گهاٽ وٽ، واياٽيون ٽُڙڳن،
ڇا ڇا منهنجي من، آيا گل گلاب جا.

....

هو جو شاهي باغ ۾، ڪَرني جو ڦُلاءُ،
واسي آيو واءُ، جنهن کي ڪنهن جي واس ۾!

....

ڀائي لِيمون مِيٺَ ۾، ڪلهہ ڪنهن چوياريءَ،
ڀرسان ٻيگاريءَ، ٻَڙَ جون لامون لوڏيون.

(جُهڙ نيٽان نہ لهي، 1989ع، ص100)

**ساميءَ سان اياز جو اتفاق:** شيخ اياز جي ساميءَ سان عجيب شاعراڻي سنگت ۽ صحبت آهي، نينهن جو نرالو ناتو ۽ رشتو آهي. هُو ساميءَ سان سخت اختلاف ڪندي، سندس ڪيترن ئي نُڪتن تي اعتراض بہ واري ٿو تہ، ڪيترين ڳالهين تي ساڻس سهمت ٿيندي، ڪيس پنهنجي وجود جو اَٽوٽ حصو بہ قبول ڪري ٿو. هُو ساميءَ کي پنهنجو 'ويري' بہ سَڏي ٿو تہ، 'واهرو' بہ، ۽ اُهو پڻ دل جي حضور ۾ پنهنجي پوري شعوري

سچائيءَ سان اعتراف بہ ڪري ٿو تہ, ’ڪيترن ئي مشڪل موقعن تي, جڏهن هو احساساتي طور ڀَڄي, ٽُٽي ۽ ٿَڪجي, آجپي ۽ اُتساهہ جون واٽون وڃائي ويٺو آهي, تڏهن ’ساميءَ‘ ئي ڪيس آٽت جي آڪسيجن فراهم ڪئي ۽ پناهہ جو پاند آڇيو آهي. هُو لکي ٿو:

”هُو (سامي) منهنجي شخصيت جو هڪ پُراسرار حصو ٿي رهيو آهي. جڏهن بہ ماحول مون کان ڏاڍو ٿي ويندو آهي, مان ساميءَ کان سامر گهُرندو آهيان. هونءَ منهنجو ساميءَ سان سدائين جهيڙو هوندو آهي ۽ مان هن جي ويدانت کان لهرائيندو آهيان. اڄ جڏهن مان موت جي مُنهن ۾ پهچي چڪو آهيان, سامي وري مون کي پناهہ جو پاند آڇي رهيو آهي. ڇا, مان هِن ويدانتيءَ مان جان ڇڏائي سگهندس؟ ڇا مان اڪيلو بي پُو موت جي اکين ۾ گهُوري نہ ٿو سگهان؟ هو ڪيڏا نہ ترڪڻ جهڙا تَرَ ڏَسي رهيو آهي! ڇا, مان سِڌو ڇَلانگ ڏيئي, چولين جي پاڪُر ۾ وڃي نہ ٿو سگهان؟ اڄ ’ساميءَ‘ سان منهنجو پويون جهيڙو آهي, يا تہ مان هميشہ لاءِ هُن جي آڏ مڃيندس يا هُن کي پاڻ مان تَڙي ڪيندس, پر ڇا اسان ٻئي نَهي نہ ٿا سگهون؟ ڇا اسان ۾ ايڏو مَتڀيد آهي؟ ڇا, ويدانتي, ناستڪ جو نَهنو نانءُ نہ آهي؟ “(15).

جي تون شاهہ لطيف جو, سامي تنهنجو پاءُ,
ساميءَ سان سرچاءُ, ناممڪن ناهي پرين!

(اَڪن نيرا ڦُليا, 1988ع, ص61)

شيخ اياز, ساميءَ سان پوئين جهيڙي ۾, ’هار ۽ جيت‘ جي وهنوار ۾ نہ رڳو ساٽس ڪيترن نُڪتن تي متفق نظر اچي ٿو, پر هوڏ جا سيئي هٿيار ڦِٽا ڪري, ’روح جي ابديت‘ ۾ اعتبار جو اقرار ڪندي, چوي ٿو تہ: ”مون جڏهن ساميءَ جي نالي سِلوڪ لِکيا هئا, تڏهن منهنجي اُها ڪيفيت هئي, پر هاڻي تہ مان روح جي اَبديت ۾ اعتبار ڪريان ٿو ۽ ساڳيو ماڻهو نہ رهيو آهيان. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ, مان سدائين مَحوِيَت جي عالمَ ۾ رهيو آهيان..... استغراق جي ڪيفيت, جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي وجود کي وِساري

ٿو ڇڏي، ڪافي سالن ڪان شاعريءَ مون تي اِها ڪيفيت طاري ڪئي آهي“ (16).

شاهہ، سچل ۽ سامي نہ رڳو هميشہ اياز جي اتساهہ جو ذريعو رهيا آهن، پر رهبري ۽ رهنمائيءَ جو سرچشمو پڻ. شيخ اياز پوين ڏينهن ۾، وقت جي ستم ظريفي، عُمرِ جي لهندڙ سج، بي انتها تنهائي، اڪيلائي، پنهنجن جي وَرتاءَ ۽ دوستن جي دشمنن جهڙن رَوين سبب نہ رڳو گهٽو ڏکايل هو، پر فڪري ۽ احساساتي طرح بہ بدلجي چڪو هو. هُن ۾ نہ فقط اُها ’عُقاب‘ واري اُڏام ۽ ’شينهن‘ جي گجگوڙ نہ رهي هئي، جيڪا وقت جي آقائن جي ياري بُرجن کي لوڏي، ڪوٽن کي ڪِيرائي ۽ زنجيرن کي ڀِڳهاري ڇڏيندي هئي. هُو عملي ۽ احساساتي طرح ’موج ڀريئي مهراڻ ۽ سرڪش سمونڊ‘ مان، بدلجي، سانتيڪو ’سنڌو‘ بڻجي چڪو هو. هُن کي دوستن ۽ ’دنيا‘ ’پُوري ۽ جُهوري‘ وڌو هو. تڏهن ئي تہ ساميءَ سان ’سور‘ سَليندي، چوي ٿو:

”اي سامي! مان پنهنجي هر سنگتي ساٿيءَ مان بيزار ٿي پيو آهيان،
مون کي پنهنجي هيڪلائيءَ ۾ وَڻي ٿي هَلُ!
اي سامي! مون کي ڪنهن بہ ڏُکَ سُکَ ڪان سواءِ،
رڳو انهيءَ اَمتُ اَنيوَ سان وَڻي هَلُ تہ،
سڀ ڪجهہ سپنو آهي.
اي سامي! تو سچ چيو آهي تہ،
’ماڻهوءَ جو سرير رُڳو پاپُ آهي‘،
مان ڪنهن بہ لَجَ ڪانسواءِ وڃي رهيو آهيان،
تنهنجي بنواس ۾ وڃي رهيو آهيان“ (17).

اياز پنهنجي شعري مجموعي، ’اُڀر چنڊَ پَسُ پرين‘ جي مهاڳ ۾، پنهنجي انهيءَ سوچ جي بدلاءَ جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

”منهنجو سارو روحاني تجسس ۽ ماديت جي قطعيت ڪان انڪارَ، سنڌ ۽ پوري انسان ذات جي دُکي عوام سان منهنجي محبت ۽ اُن جي حمايت ۾ رَتيءَ ڀر ڦيرو نہ آندو آهي .... دراصل موت جي ناقابلِ فرار حقيقت، مون لاءِ پُسيون ۽ پيرون، پوريون، پاٽياريون ۽ پهنواريون سڀ وڏيڪ پُراسرار ۽ بي معنىٰ بڻائي ڇڏيون آهن.... منهنجي شاعريءَ ۾ غيب ۽ حضور واري

ڪيفيت رهي آهي. مان ڪڏهن پاڻ کان غائب آهيان ۽ ڪنهن ازلي حقيقت اڳيان حاضر آهيان ۽ ڪڏهن اُن اَزلي حقيقت کان غائب آهيان ۽ پاڻ اڳيان حاضر آهيان" (18).

شيخ اياز سڄي عمر ڪنهن ٻئي جي چوڻ تي هلڻ بدران هميشه پنهنجي دل جي دَڳَ تي هَليو، انهيءَ ڪري هُن جو نه صرف 'نَفيءَ' وارو دور تخليقي دلچسپين ۽ مزاحمتي حُسناڪين سان معمور آهي، پر سندس 'نفيءَ کان اثبات' واري مسافت پڻ پنهنجي طور نرالي ۽ منفرد آهي، ڇو ته وٽس 'ندامت' بدران 'اعتراف ۽ قبوليت' آهي. هُو پنهنجي هر 'ڏوهه' ۽ 'ثواب' جو انتخاب به پاڻ ٿو ڪري ته، اُن جو اعتراف به. ساميءَ سان انيڪ نُڪتن تي اختلافن باوجود سندس ڳالهين ڪي هِنئين سان هَنڊائڻ ۽ زندگيءَ جي تلخ عملي تجربن حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ بنا ڪنهن جهجهڪ جي، ساميءَ سان نه رڳو ڪيترن نُڪتن تي سهمت نظر اچي ٿو، پر سندس 'مايا' سان متفق ٿيندي، پنهنجا ويچار ۽ احساس هِن ريت اوري ٿو:

صُبح هُجي يا راتِ،
مايا ڏائڻ!
ڏند اُنهيءَ جا، وَڄّ هُيا جڻ واتِ،
مايا ڏائڻ!
تانگر ڇيو تي، پره ڦُٽي پرڀاتِ،
مايا ڏائڻ!
تو وانگر هئي، ساميءَ ساڳي ذاتِ،
مايا ڏائڻ!
پاسو وَٽُ تون، گَهٽِ گَهٽِ اُن جي گهاتِ،
مايا ڏائڻ!

(ڇوليون ٻوليون سمنڊ جون، 1993ع، ص192)

شيخ اياز جا ڪيس صوفي لاڪوفي ۽ ويدانتي شاعر ساميءَ سان اُهي 'اختلاف' ۽ اتفاق ئي ساميءَ سان محبت جي رشتي ۾ وڌيڪ سَلهاڙن ٿا ۽ هُو پوئين دور ۾ پنهنجي احساساتي پناهه، ساميءَ جي فڪر ۽ فلسفي ۾ ڳولڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. اياز، ساميءَ جي شاعريءَ جي اُتساهه آڇڻ ۽ منجهس جيءَ ۾ وَر وَر جِيئارڻ، ۽ نئين جوت جلائڻ لاءِ

نہ رڳو هُن جا ٿورا مَڃي ٿو، پر سندس آسائتي هجڻ جو احساس پڻ اظهاري ٿو:

ٿُلسيءَ پرسان ساميا! ڏيئو ٿو ٻارين،
وَر وَر جيئارين، مون ۾ کھڙيءَ جوت کي؟

....

واهوندي جي واءُ ۾، سامي چندُ لُڏِي،
ويندو نيٺ ٻُڏِي، جونجهڪڙي ۾ جيٺ جي!
(ص110)

....

جي تو ڪوٺيو ’ڏَنَ‘ کي، مايا اي سامي!
پوءِ تہ ڪا خامي ناهي، تنهنجي سوچَ ۾.
(ص105)

....

سامي مون ڳولي لڌو، اَنيِءَ آدِي گَھرُ،
ٻوٽي نہ ٿو ٻوٽجي ڪڏهن سورڳ دَرُ،
آهيان آءٌ اَمَرُ، معنىٰ ڇاهي موت جي؟

(جُهڙ نيٽان نہ لهي، 1989ع، ص112)

حقيقت ۾، اياز جا ’ساميءَ‘ جي نالي منسوب ٽيل هي سلوڪ، ساميءَ کي هڪ وڏو خراج ۽ عقيدت جو اظهار تہ آهن ئي آهن، پر اُن سان گڏوگڏ، ”صدين کان ڇانيل مذهبي سوچ جي عيوض، اسان کي فڪر جي نئين ۽ بي خوف دنيا سان روشناس پڻ ڪن ٿا“ (19).

شيخ اياز جو ساميءَ جي حوالي سان ڪيل هي فڪري ۽ تخليقي بحث، هر لحاظ کان اَملهہ، پر انتهائي افادي ۽ احساساتي آهي، جنهن مان مختلف مڪتبہ فڪر جا ماڻهو پنهنجي طلب جي پياس آسانيءَ سان پوري ڪري سگهن ٿا.

اياز جو ساميءَ کي اَرپيل هي ’بيت - خزانو‘ ان خيال کان بہ اهم آهي، جو اهو سنڌي ادب، خاص ڪري سنڌي شاعريءَ ۾، ’فڪري ڊائلاگ‘ جي هڪ نئين روايت کي جنم تہ ڏئي ٿو، پر خود اياز جي ’سفر - ڪٿا‘ جي ڪيترن نوَن رُخن کي سامهون

ڪٽي اچي ٿو. اُن ڪانسواءِ اياز، ساميءَ سان جيڪي اختلاف رکي ٿو، تن جي پڻ پنهنجي وقعت آهي. شيخ اياز، سامي جي ڪيترين تشبيهن، ترڪيبن ۽ تمثيلن کي اَپنائڻ سان گڏوگڏ سندس لغت جي اَکٽ ڀنڊار مان بہ وڏو استفادو حاصل ڪيو آهي، جيڪا ڳالهہ بہ اياز جي شاعريءَ کي نِرمل ۽ نوان رَنگَ بخشي ٿي.

## حوالا


1. راموا ٽي، اشوڪ وندنا، ڊاڪٽر، 'سَچا سَامِيَن پَنڌَ'، روشن راهہ سنگت، شهداد ڪوٽ، ع، ص125، 126، 127.
2. جويو، تاج، مرتب: 'سامي ويس سلوڪڙا'، شيخ اياز فائونڊيشن، حيدرآباد، 2002ع، ص17، 18.
3. سومرو، زبير، (پيش لفظ: هيرو ٺَڪر)، 'ساميءَ مَٿَ اُپٽيا'، سنڌيا پبليڪيشنس، حيدرآباد، 2014ع، ص28.
4. بيوس، تاجل، 'سامي سودو پريم جو'، ساگر پبلشنگ هائوس، ڪراچي،2003ع، ص9.
5. سومرو، زبير، (مهاڳ: وليرام ولڀ)، 'ساميءَ مَٿَ اُپٽيا'، ص42.
6. دلگير، هَري، (مضمون): 'ساميءَ جي شعر جي پرک'، ماهوار 'ڪينجهر' (ايڊيٽر: ناز سنائي)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، آگسٽ 1993ع، ص12، 13.
7. شيخ اياز، "خط انٽرويو تقريرون - 1"، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1987ع، ص318.
8. دلگير، هَري، (مضمون): 'ساميءَ جي شعر جي پرک'، ماهوار 'ڪينجهر'، آگسٽ 1993ع، ص14.
9. شيخ، اياز، 'خط، انٽرويو، تقريرون – 2'، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1991ع، ص183.
10. شيخ، اياز، 'ساهيوال جيل جي ڊائري'، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1986ع، ص128.
11. شيخ، اياز، 'خط، انٽرويو، تقريرون – 1'، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1987ع، ص197، 198.
12. شيخ، اياز، 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي'، ساهت سڀا پبليڪيشن، الهاس نگر، 1987ع، ص172.
13. فگار، هَڪڙو، انور، ڊاڪٽر، (مرتب)، 'سامي ساگر بوند ۾'، (مضمون: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو 'ساميءَ جا سلوڪ هڪ نظر ۾')، پريم ساگر پبليڪيشن، ڪراچي، 2002ع، ص75.
14. آغا، سليم، 'شيخ اياز _صدين جي صدا'، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2005ع، ص8، 9.
15. شيخ، اياز، 'ڪپر ٿو ڪن ڪري'، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1986ع، ص55، 56.
16. شيخ، اياز، 'ڪٿي نہ ڀَڄبو ٿَڪُ مسافر - 2'، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1995ع، ص16، 17.
17. شيخ، اياز، 'پتڻ ٿو پور ڪري'، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1990ع، ص157.
18. شيخ اياز، 'اُڀر چَنڊَ پَسُ پرين'، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1990ع، ص19.
19. شيخ، اياز، (پبلشر پاران)، 'ڪپر ٿو ڪن ڪري'، نيو فيلڊس پبليڪيشنس، حيدرآباد، 1986ع، ص11.

ڊاڪٽر حاڪم ٻرڙو

# سنڌي اساسي شاعري- مختصر تعارفي تحقيق
# Sindhi Basic/ classical poetry: A brief introductory research

***Abstract:***

*Dr Nabi Bux Khan Baloch had a pretty great knowledge about the Sindhi folk poetry, classical poetry, modern poetry and including prosodic poetry. He had a good study of Arabic, Persian, Urdu and English poetry. He compiled and got published poetic works of some of the poets who had composed their poetry in different languages. He had a keen eye on such early and evolutionary poetry. Apart from that, he was well-aware of Sindhi poetry's evolution and trends, nobody can match him. After a vast study of poetry of other languages of the Sub-continent. Dr Baloch did his research about Sindhi poetry which was known as Classical poetry. He was of the opinion that a genre of classical poetry has made Sindhi poetry's canvas very limited and Sindhi poetry was dependent on other languages. In this context, Dr Nabi Bux realised this, so he used a trend of early poetry. He diverted readers' attention towards Sindhi poetry's originality, evolution, significance and its substance. He used words like classical poetry, Alla Sindhi poetry and Sindhi Asaasi Shairi. He used to insist on assigning high standard to early poetry. In this research paper the word "Asaas" is being discussed in its contextual meaning.*

سنڌي شاعريءَ جي سڀني قسمن: لوڪ شاعري، ڪلاسيڪي شاعري، عروضي شاعري ۽ جديد شاعريءَ جي سڀني صنفن ۽ لاڙن جو ادراڪ حاصل ڪندڙ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. ڪيس عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي شاعريءَ جو مطالعو بہ وسيع هو. انهن زبانن ۾ سنڌ جي جن بہ شاعرن شعر چيو، تن مان ڪيترن جو تہ ڪلام سهيڙي، ترتيب ڏيئي ۽ شايع بہ ڪرايائين. اهڙي سموري ذخيري جي ابتدا ۽ ارتقا تي سندس گهري نظر هئي. ان کان علاوه سنڌي زبان جي شاعريءَ جي ارتقا ۽ لاڙن جي جيڪا ڄاڻ بہ ڊاڪٽر بلوچ کي حاصل هئي، تنهن جو ڪو ٻيو مثال مشڪل سان ملي سگهي. ننڍي کنڊ جي زبانن جي شاعريءَ جي اڀياس کان پوءِ پاڻ سنڌي شاعريءَ جي ڳوڙهي اڀياس، تحقيقي نتيجن، اهميت ۽ افاديت سبب سنڌي شاعري، جنهن کي

اڪثر ’ڪلاسيڪي شاعري‘ سڏي، جڻ ان جو اعليٰ مقام محدود ڪيو پئي ويو. ان کان سواءِ سنڌي شاعري جڻ ٻين ٻولين جي مرهون منت پئي محسوس ٿي. يقينًا اول ڊاڪٽر بلوچ جهڙي ادبي تاريخ جي محقق ۽ مدبر کي ٻه اهو احساس ٿيو هوندو، جنهنڪري سنڌي شاعريءَ لاءِ اساسي شاعريءَ جي ترڪيب قائم ڪري، پنهنجي شاعريءَ جي اصليت، ارتقا ۽ افاديت ڏانهن ڌيان ڌرڻ جي دعوت ڏيئي، ان جي ماهيت معلوم ڪري، مٿس فخر ڪرڻ جي لائق ٿيڻ جا موقعا ڏنا. پاڻ وقت بوقت ’ڪلاسيڪي شاعري‘، اعليٰ سنڌي شاعري ۽ ’سنڌي اَساسي شاعري‘ جا لفظ ٻه ڪتب آڻي، ان جي مٿاهين مقام جي تعين ڪرڻ طرف راغب ڪيو آهي. انهيءَ پسمنظر ۾ ’اساس‘ لفظ تي لغوي لحاظ کان هڪ نظر ڌرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي.

’اساس‘ عربي، فارسي، هندي، سنسڪرت ۽ پراڪت ٻولين ۾ ٻه مستعمل آهي، پر هر هڪ ٻوليءَ ۾ مختلف تلفظ سبب ان جي املا ۾ جزوي فرق نظر اچي ٿو، البت مفهوم ۽ معنيٰ جدا آهن.

سنڌي زبان ۾ ’ اَساسُ ‘ لفظ عربيءَ مان آيو، جو اسم مذڪر آهي ۽ جمع اٿس اَساسَ. واحد طور ڪم ايندڙان لفظ جي معنيٰ آهي بنياد، پاڙ، جڙ، پيڙهه.(1) اهڙيءَ طرح اَساسِي لفظ جو جمع اَساسِي آهي ۽ صفت پڻ. معنيٰ بنيادي /اصولي (2).

سنڌي زبان دنيا جي قديم زبانن ۾ شمار ٿئي ٿي، جيڪا پنهنجي مختلف حيثيتن سان مختلف ملڪن ۽ زبانن سان لاڳاپن سبب مختلف ماخذن ۾ ذڪر هيٺ آيل آهي. سنڌو تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ ٻه ڪُهني ۽ قديم آهي، جنهن جون ريتون رسمون، ڌرمي تبدل ۽ تغير، رسم الخط ۽ علم ادب پڻ آڳاٽو آهي. مختلف رسم الخط هئڻ سبب پراڻين پوٿين ۽ پُستڪن جو اڀياس اجا آسان ڪونہ ٿيو آهي، جنهن جي حيثيت ۽ اهميت هنڌائي راءِ قائم ڪري سگهجي. انڪري اسان کي سنڌ جي ادبي تاريخ جا آثار ۽ اهڃاڻ جيڪي ۽ جتان ميسر ٿيا، تن تي ڪفايت ڪريون پيا.

سنڌي شاعريءَ جي دستياب ٿيل ذخيري جي فني ۽ معنوي اڀياس کان پوءِ سنڌي زبان جي فطري ماهيت جي سموري جلوه گري، ان جي ارتقائي سفر ۾ جا سيرت ۽ صورت جي سونهن سمائي نروار ٿي آهي، سا تهذيبي ۽ تمدني لحاظ کان بيشڪ ان کي انفرادي حيثيت ۽ مٿاهين مقام تي، دنيا جي اعليٰ شاعريءَ ۾ شامل ٿيڻ جوڳو بڻائي ٿي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي شاعريءَ جي تلاش ۽ تحقيق، فني ۽ فڪري ڪمال جي اڀياس ۽ اشاعت لاءِ جيڪي گران قدر خدمتون سرانجام ٿئي

ڏنيون، تن جي نتيجي ۾ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي انفراديت کي قائم رکڻ لاءِ 'اساسي شاعريءَ' سان تعبير ڪري، اسان جي يقيني فهم جي استحڪام لاءِ نئين روايت جو شاندار بنياد رکي، سچاڳي آندي.

'اَساسي شاعريءَ' جي اها ترڪيب ڊاڪٽر بلوچ تڏهن کان استعمال ۾ آندي، جڏهن کان پاڻ ان جي ڳولا، تحقيق ۽ ترتيب ۽ اشاعت لاءِ ڪوششون پئي ڪيون اهو عرصو لڳ ڀڳ سن 1950ع کان پوءِ جو آهي. ان کان اڳ پاڻ 1945ع کان 1949ع تائين 'عام سنڌي شاعريءَ' طرف متوجهه رهيو. 'عام سنڌي شاعري' مان سندس مراد اهو سنڌي شعر آهي، جو سنڌ جي عوام ۾ مقبول ۽ مروج آهي.(3)

اَساسي شاعريءَ جو بنيادي مقصد واضح ڪندي ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته:

> "ان جو بنيادي مقصد نبي ڪريم ﷺ پاران ڏنل اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت ۽ معاشري ۾ شخصي ڪردار جي اعلیٰ قدرن واري فڪر ۽ فهم تي ٻڌل آهي (4).

ڊاڪٽر بلوچ، اَساسي شاعرن ۾ قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري، ميين شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، صوفي محمد صديق صادق، قنبر علي شاهه ياڏائي، خليفي نبي بخش قاسم، غلام محمد خانزئي جن کي 'رسالي جا ڌڻي' سڏي ٿو. فڪر، معنیٰ ۽ بياني جي لحاظ کان 'شاهه جي رسالي'کي سنڌي اساسي شاعريءَ جي آسمان جو سج سڏيو آهي. انهن کان سواءِ عبدالرحيم گرهوڙي، روحل فقير ۽ حضرت سچل سرمست کان سواءِ جن به شاعرن جا رسالا شايع ٿيل آهن، انهن کي سنڌي اساسي شاعرن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو.

**نتيجو:**

- هن تحقيق ذريعي اهو معلوم ٿي سگهي ٿو ته سنڌي شاعريءَ جي بنياد ۽ ارتقا متعلق ڪيئن تحقيق ڪجي؟ ۽ نتيجن تائين ڪيئن رسائي حاصل ڪجي؟
- هن تحقيق ذريعي ڪلاسيڪي شاعري ۽ اساسي شاعريءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.
- هن تحقيق ذريعي اَساسي شاعريءَ جي بنيادي مقصد متعلق ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي.

- هن تحقيق وسيلي مختلف رسالن ۾ منجهن پيش ٿيل فني جوڙجڪ جي معلومات ملي سگهي ٿي.
- هن تحقيق وسيلي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي، سنڌي شاعريءَ متعلق ڪيل جاکوڙ ۾ حاصلات جا ڪي فڪري پهلو روشن ٿي سگهن ٿا.
- هن تحقيق ذريعي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي، سنڌي شاعريءَ متعلق ڪيل تحقيق، حاصلات ۾ نتيجن جي ڄاڻ حاصل ٿيڻ ۾ اعتراف ڪرڻ جا موقعا فراهم ٿي سگهن ٿا.

**ڪي ضروري وضاحتون:**

مختلف ٻولين ۾ بہ اَساس مستعمل آهي. عربي ٻوليءَ ۾ 'اَساس' جي معنيٰ اڳ ۾ پيش ڪئي ويئي آهي، فارسي ٻوليءَ ۾ بہ اَساس عربيءَ مان آيل آهي، جو فارسي ٻوليءَ جي لغات فيروزي (18ص) ۾ چٽو ڄاڻايل آهي ۽ معنيٰ اٿس: بنياد، جڙ (5)

سنسڪرت ۾ اَساس: مونث آهي ۽ معنيٰ اٿس: ساهہ جي بندش، ساهہ جي روڪ. 'سامي' جي سلوڪن ۾ آيل: 'مالها ساسَ اَساسَ جي پائي ڳل پوئي' (6)

پراڪرت: آسَاسُ معنيٰ آسيس، ساهي، فرحت، آرام جمع آسَاسَ (7)

## حوالا


1. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: 'جامع سنڌي لغات' ج_1، ص 186: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1960ع
2. حوالو ساڳيو
3. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: 'ٻيلائين جا ٻول' ص 3، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد: ڇاپو 2: مئي 1970ع.
4. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر: 'رسالو غلام محمد خانزئي جو' ، ص 2، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1985ع.
5. منشي گلاب سنگهہ ۽ مولوي علي محمد: 'لغات فيروزي': ص 18، منشي گلاب سنگهہ اينڊ سنز لاهور: 1912ع.
6. ڏسو حوالو پهريون. ص 186
7. ڏسو حوالو پهريون ص 52.

ڊاڪٽر محمد انس راڄپر / ڊاڪٽر محمد علي لغاري

# مخدوم محمد صادق ٺٽوي صديقي: ٺٽي جو هڪ نامور استاد

## Makhdoom Muhammad sadiq: a renowned teacher of Thatta

**Abstract:**

*For many centuries, Thatta has been center of knowledge and literature. But from twelfth century of hijra, educational development of Thatta could be seen from Tuhfat-al-Karam, maqalat-ul-shuara and other books of the period. Like these kinds of educational zenith of thata Farid Bakhri watched in eleventh century and called Thatta as `Iraq Thani` (second Iraq). In beginning of the twelfth century (1111 A.D) Hemilton called Thata the city of success, literature, politics and religious and said in Thatta there were four hundred colleges.*

*Makhdoom Muhammad sadique siddiqui has been a well-known teacher of Thatta city. He taught various religious uloom at Thatta. He travelled to Harmen Shrifen for getting more command on Uloom e Hadith. He learned a lot from their scholars. After completion of his studies in Harmen, he resumed his duties and delivered his knowledge to his homeland students. He also travelled to Bhuj and Katch, where he died. Makhdum Abdullah Naryai, Abdul Kareem Noushahrai and Hafiz Muhammad Yaqoob Tunio remained well known because of his guidance and teaching.*

*In this paper, various aspects of Makhdoom Muhammad Sadique Siddiqui`s services for religious Uloom, Guidance to students, Fiqh and Fatwa have been discussed in detail.*

ٺٽو صدين کان علم، ادب ۽ تدريس جو مرڪز رهيو آهي، پر ٻارهين صدي هجريءَ ۾ هن خطي جي علمي اوُج ۽ ترقيءَ جو نظارو ’تحفة الڪرام‘، ’مقالات الشعراءُ‘ ۽ ان دور جي ٻين تصنيفن مان چٽيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو. ٺٽي جي اهڙي علمي بهار ڪي يارهين صديءَ ۾ فريد بکريءَ ڏٺو ۽ ٺٽي کي ’عراق ثاني‘ قرار ڏنائين.[1]

ٻارهين صدي هجريءَ جي آغاز (1111هه) ڏاري هملٽن، ٺٽي کي دينيات، لسانيات ۽ سياسيات جي تدريس ۽ تعليم جي سلسلي ۾ بهترين شهرت جو مرڪز

قرار ڏنو. ”هُن ٺٽي ۾ چار سؤ درسگاهن جو ذڪر ڪيو آهي.“ [2] ٺٽي جي هن دور جي ڪيترن ئي عالمن ۽ مدرسن، محدثن ۽ مفسرن، جن ٺٽي جي علمي وقار کي بلند رکيو، تن ڏيهه ـ پرڏيهه تائين ٺٽي جي علم ۽ تدريس جي هاڪ هُلائي ڇڏي، انهن جو تذڪرو به مٿي ذڪر ڪيل ڪتابن ۾ بئي علمي مواد مان چٽيءَ طرح اسان جي آڏو اچي چڪو آهي. اهڙن عالمن ۽ مُدرِسَن (استادن) مان هڪ مخدوم محمد صادق ٺٽوي صديقي پڻ هو.

## ٽي مخدوم:

**محمد صادق:** هن مقالي ۾ جنهن ’مخدوم محمد صادق‘ جو تذڪرو آهي، ان جي تفصيل ۾ وڃڻ کان پهريائين ضروري آهي، ته مخدوم محمد صادق جي ٻن ٻين همنام مخدوم محمد صادق نالي وارن مخدومن جي به وضاحت ڪري ڇڏجي، ته جيئن انهن ٽنهي کي الڳ الڳ سڃاڻڻ ۾ ڏکيائي نه ٿئي. انهن ٽنهي مخدومن کي سڃاڻڻ لاءِ، انهن جي نالن سان ڪجهه اضافا ڪري، انهن جو تعين هن طرح ڪري سگهجي ٿو: (1) مخدوم محمد صادق نقشبندي (2) مخدوم مولوي محمد صادق (3) مخدوم محمد صادق ٺٽوي صديقي فاروقي.

**مخدوم محمد صادق نقشبندي:** ٺٽي ۾ مخدوم آدم نالي به شخص هئا، هڪ مخدوم آدم نقشبندي ۽ ٻيو مخدوم آدم پٽ مخدوم اسحاق صديقي. پهريون مخدوم آدم، سنڌ ۾ نقشبندي سلسلي جو پهريون پير طريقت هو، شيخ احمد سرهندي مجدد الف ثانيءَ جي پٽ عروة الوثقىٰ خواجه محمد معصوم سرهنديءَ سان بيعت ٿيل هيس. مخدوم آدم پٽ مخدوم اسحاق جي ڪري هيءُ پاڻ کي مخدوم آدو سڏائيندو هو. مير قانع ’معيار سالڪان‘ طريقت ۾ لکيو آهي:

> ”چوں غلغلہ مخدوم آدم صديقی بسيار بود، فرمود: مرا آدو گويند، در يک شهر و يک زمانہ دو آدم نباشد.“ [3]

> (جڏهن مخدوم آدم صديقيءَ جو چرچو عام ٿيو، ته فرمايائين: مون کي ’آدو‘ چئو، هڪ شهر ۽ هڪ زماني ۾ ٻه آدم نه ٿا ٿي سگهن)

هي مخدوم محمد صادق، مخدوم آدم نقشبنديءَ جي پٽ مخدوم اشرف جو نياڻو هو، وڏو عالم ۽ ڪامل شخص هو. مشهور محدث ابوالحسن صغير سندس پٽ هو ۽ سيد عبداللطيف تارڪ جو مريد هو. [4]

**مخدوم مولوي محمد صادق:** هي مخدوم عنايت الله واعظ جو پٽ هو، هن جو ٻيو ڀاءُ محمد سعيد واعظ بہ ٺٽي ۾ شهرت رکندڙ عالم هو. مولوي محمد صادق مخدوم محمد معين جي شاگردن ۾ سيني ءَ جو نڪ هو. سيد سعدالله سورتيءَ جي پٽ ميرعبدالوليءَ وٽان معقولات جي تحصيل پڙ ڪيائين[5]. وقت جو علامہ ۽ لياقت ڀريو استاد هو. ڪيترن شاگردن کي ڪمال جي درجي تي پهچايائين. معقولات ۾ پنهنجي وقت جو بينظير هو، هن لاءِ بہ مير قانع لکيو آهي تہ: "سيد عبداللطيف جو مريد هو"[6].

مخدوم محمد معين جي شاگردن مان سينيءَ کان وڌيڪ رشد ۽ هدايت وارو هو، شهر ۾ معقولي علمن ۾ کيس عبور هو، همعصرن ۾ بي مثال هو. ميان نعمت الله معقولات ۾ سندس شاگرد هو. شاعري بہ ڪندو هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جڏهن شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي مزار تي نئون گنبذ تعمير ڪرايو تہ ان جي تعمير جو سال هن قطعہ تاريخ جي صورت ۾ تحرير ڪيائين:

چہ خون دل کہ خورده همچولالہ
درين گلشن گرفتم يک پيالہ [7]

**مخدوم محمد صادق صديقي:** هي مخدوم محمد صادق پٽ عبدالجميل پٽ علي احمد عرف قمري پٽ مخدوم اسحاق صديقي بن مخدوم عبدالحميد[8]، ٺٽي جي ٻئي مخدوم آدم يعني مخدوم آدم پٽ مخدوم اسحاق صديقيءَ جي خاندان مان آهي، جيڪو هن تحقيق جو موضوع آهي.

ٺٽي جي هن ٻئي مخدوم آدم يعني مخدوم آدم پٽ مخدوم اسحاق صديقيءَ جو هڪ ڀاءُ مخدوم علي احمد عرف قمري هو، جنهن کي بہ پٽ: (1) مخدوم رحمت الله (2) مخدوم عبدالجميل هئا.جن مان مخدوم عبدالجميل کي بہ پٽ هئا، هڪ مخدوم محمد صادق، جيڪو هن مقالي جو موضوع آهي ۽ ٻيو مخدوم نعمت الله. ٻين لفظن ۾ مخدوم محمد صادق، مخدوم آدم صديقيءَ جي ڀاءُ جو ڏوهٽو هو.

مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي، ٺٽي جو ٻيو وڏو عالم ۽ مدرس هو، جيڪو مخدوم محمد معين جو همعصر ۽ مخدوم محمد هاشم ۽ مخدوم عبدالله نريي واري جو استاد هو. مخدوم آدم صديقيءَ جي ڀائٽيي مخدوم عبدالجميل جي شادي مخدوم ضياءُ الدين جي نياڻيءَ سان ٿي، جنهن مان کيس مخدوم محمد صادق صديقي ۽ مخدوم نعمت الله ڄاوا. علي شير قانع لکيو آهي، تہ: "مخدوم ضياءُ الدين مخدوم محمد صادق (صديقيءَ) جو نانو هو".[9] ٻين لفظن ۾ مخدوم محمد صادق صديقيءَ جي، ناناڻي پاسي کان نُک

مخدوم ضياء الدين ٺٽويءَ سان، تہ ڏاڏاڻي پاسي کان مخدوم آدم صديقيءَ سان ملي ٿي.

مخدوم محمد صادق عين جوانيءَ ۾ علمي ڪمال حاصل ڪيو. حرمين شريفين جي زيارت بہ ڪيائين. مخدوم محمد صادق صديقيءَ جا ڪي بہ علمي آثار دريافت نہ ٿي سگهيا آهن. سندس ڪا يادگار تصنيف اجا تائين علم ۾ اچي نہ سگهي آهي، سندس همعصر دور جي ڪن بياضن ۾ مخدوم محمد صادق جي نالي سان فتوائون ملن ٿيون، پر انهن بابت پڪ سان چئي نٿو سگهجي تہ اهي ڪهڙي مخدوم محمد صادق جون آهن. ڇاڪاڻ تہ سندس ٻئي همعصر مخدوم صادق وڏي پائي جا عالم هئا. خوشقسمتيءَ سان مخدوم عبدالله نريي واري جو ترتيب ڏنل ڪتاب ’جامع الڪلام في منافع الڪلام‘ ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق ۽ تصحيح سان منظر عام تي آيو. جنهن جي سنڌي ترجمي جي سعادت راقم جي حصي ۾ آئي. هي ترجمو ’سنڌ جي مشاهير علماء جا خط‘ جي عنوان سان شايع ٿي چڪو آهي. هي ڪتاب سنڌ جي مشاهير عالمن جي خطن تي مشتمل آهي، جن ۾ مخدوم محمد صادق جا خط بہ شامل آهن. اهوئي هڪڙو ماخذ آهي، جيڪو مخدوم محمد صادق صديقيءَ جي چند تحريرن تائين اسان جي پهچ جو ذريعو آهي. هيٺ اسان سندس سوانح جي ڪجھ پهلوئن تي انهن خطن جي بنياد تي روشني وجهنداسين.

**ٺٽي جون حالتون ۽ مخدوم محمد صادق جي بيچيني:** مخدوم محمد صادق جي خطن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ ٺٽي ۾ حاڪمن جي لڙائيءَ جي ڪري ڊگهو عرصو بي يقينيءَ جي صورتحال رهندي تي آئي، ان صورتحال سبب شهر جا ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳا، ڪيترائي ماڻهو شهر ڇڏڻ تي مجبور ٿيا. مخدوم محمد صادق جي ئي هڪ خط مان ان صورتحال طرف هن طرح اشارو ٿيل آهي:

> ”حاڪمن جي جهيڙي جي ڪري ڪجھ ڏڦير شهر ۾ موجود آهن، جنهنڪري گهڻا ماڻهو پنهنجي وڃي ويران جاين تي آباد ٿيا آهن. جيڪي رهاڪو بچيا آهن، سي هن وقت دل جي گهراين سان دعائن کي لازم سمجهي وس آهر دعائن ۾ ڪوتاهي نہ ٿا ڪن“ (10).

هڪ ٻئي خط ۾ لکي ٿو:

> ”بدامنيءَ جو خوف، جيئن خبر ڪوڙ ۽ سچ جو احتمال رکندي آهي، تيئن (سچ ۽ ڪوڙ) ٻنهي ڳالهين جو احتمال رکي ٿو ۽ خير جي اميد گهٽو پري

آهي،. پر هتي جي رهندڙن جو امن ۾ رهڻ بہ اهڙوئي غير يقيني آهي" [11].

هنن حالتن جي ڪري دلي بي آرامي ۽ بي چيني جيڪا مخدوم محمد صادق جي دل تي بہ بوجهہ بڻيل هئي، ان جي پيش نظر هڪ خط ۾ هنن لفظن سان دعا ڪئي اٿس:

"الله جل وعلىٰ زماني جي رنگينين ۽ وقت جي گردشن کان علائقي جي هر پاسي کي خاص طور سڄي سنڌ ۽ ان جي آس پاس کي بچائي ۽ حفاظت ڪري" [12].

**حرمين شريفين لڏڻ جا سانباها:** هنن ئي حالتن جي سببان مخدوم محمد صادق پاڻ بہ خاندان سميت ٺٽي مان لڏڻ جو ارادو ڪيو ۽ ان لاءِ حرمين شريفين ۾ وڃي رهڻ جو پهہ ڪيائين. سندس خط ۾ هن طرح ان جو ذڪر آهي:

"منهنجا دوست مهربان! وڏيڪ شفقت وارا ! قسمين حادثن ۽ مختلف سختين اچڻ جي ڪري وطن ڇڏڻ ضروري ٿي پيو آهي. اسان ٻنهي پاٹرن جو فوري طور تي نڪرڻ جو پڪو ارادو آهي، پرطرف ۽ سمت مقرر ڪرڻ ۾ تردد آهي. البتہ غالب گمان ۽ قوي اميد حضرت الاهيءَ مان اها آهي، تہ ديار شريف (حرمين شريفين) الله انهن جو شرف ۽ عزت وڌائي، ڏانهن سفر نصيب ٿئي. سپني مائٽن مٽن سميت ان ديار ۾ رهڻ جو شرف نصيب ٿئي، جيئن تہ اوهان مهربان ايترو ويجهو پهتا آهيو، طبيعت گهري ٿي تہ فرحت پرئي اچڻ سان خوشي بخشيو، ٻي صورت ۾ جيڪڏهن قسمت سان عزيمت جو اتفاق وقوع ۾ اچي ٿو، تہ ان جي حوالگي بہ هن وقت تي وڃڻ گهرجي. البتہ هن وقت لشڪر جي اچڻ جون وحشتناڪ خبرون وغيره ٻڌجڻ ۾ اچي رهيو آهن، ان بنياد تي اوهان سڀني جو اچڻ مناسب نہ ٿو لڳي. جنهن صورت ۾ سفر مبارڪ جي سعادت حاصل ٿي وڃي، اوهان جي ملاقات پڻ ان اتفاق دوران ٿي وڃي تہ اهو سنو اتفاق ٿيندو. اهوئي اسان گهرون ٿا" [13].

پر وطن جي مٽيءَ کيس ڪونہ ڇڏيو، جلد ئي لڏڻ لاءِ حرمين شريفين جو ارادو ملتوي ڪيائين. جيئن هڪ خط ۾ ان بابت لکي ٿو:

"حرمين شريفين جو ارادو جيڪو گهروارن ۽ دوستن سميت ڪيل هو، في الحال اڻ ڳڻين رڪاوٽن جي سببان عمل ۾ نہ اچي سگهيو آهي ۽ حضرت الاهي آڏو آسانيءَ جو سوال آهي. اهوئي هر ڏکيائي کي آسان ڪندڙ آهي". (14)

**حرمين شريفين جي زيارت:** سندن حرمين ڏانهن سفر جو ارادو ملتوي ٿيو. پر پوءِ الله کيس حرمين جي زيارت بہ نصيب ڪئي ۽ ان ڏانهن سفر تي نڪتا، هڪ خط ۾ ان سفر تي روانگيءَ دوران رستي ۾ ڪنهن دوست کي خط لکي ان سان ملاقات جو شوق ڏيکاريندي لکيو اٿس:

"اسان بندر ڪراچيءَ کان سوار ٿي رهيا هئاسين. خيرالبرية ﷺ جي زيارت/ نبي ﷺ جي حضور ۾ ابدي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سنبريل هئاسين" (15).

ان کان پوءِ نيٺ کيس حرمين جي زيارت نصيب ٿي. هڪ سال جو عرصو اتي رهيو، اتي جي محدثن کان علم حديث ۾ اجازت ورتائين ۽ الله تعالىٰ جي نعمتن سان سرفراز ٿيو. قانع 'مقالات الشعراءِ' ۾ لکيو آهي تہ:

"حرمين شريفين جي زيارت جو شرف حاصل ڪيائين ۽ اتي هڪ سال رهي علم حديث جي سند حاصل ڪري وطن واپس وريو" (16).

حرمين شريفين ۾ ڪهڙن استادن کان علم حديث ۾ اجازت ورتائين؟ اهو ڪنهن بہ ذريعي سان معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، البتہ سنڌ ۾ ان دور ۾ علم حديث جو شوق عروج تي هو. هر طالب علم اهو گهرندو هو تہ مقامي طور ٺٽي ۾ علمن جي تحصيل کان فارغ ٿي حرمين جي عالمن کان علم حديث جي سند ضرور حاصل ڪن. ان کي فخر جوڳو ۽ علم حديث ۾ وڏيڪ رتبي ۽ پختگيءَ جو باعث سمجهيو ويندو هو.

**درس ۽ تدريس:** مخدوم محمد صادق ٺٽي جي انهن نامور استادن مان هڪ هو، جن جي دم ۽ خم سان ٺٽي جا دارالعلوم، ڪاليج ۽ مدرسا آباد هئا. جن جي ڪري ٺٽو 'عراق ثاني' سڏجڻ ۾ آيو.

مخدوم عبدالله نريائي پنهنجي ڪتاب 'جامع الڪلام في منافع الانام' ۾ مخدوم محمد صادق کي پنهنجي استادن ۾ شمار ڪيو آهي. مخدوم عبدالله، جيڪي

خطن جا عنوان درج ڪيا آهن. انهن مان هڪ خط جي عنوان ۾ لکيو اٿس:

"هي خط پڻ مخدوم مذڪور جو سندس هڪ شاگرد ڏانهن آهي"[17].

خط جي متن ۾ مخدوم محمد صادق پنهنجي جنهن شاگرد کي خط لکيو آهي، ان جو هنن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي:

"پنهنجي رب خالق جي رحمت جي محتاج محمد صادق طرفان وفادار دوست وڏي عالم صاف شخص، اخلاق ۽ گڻن جي مالڪ الحاج يعقوب[18] ڏانهن، الله کيس پنهنجي رضا وارن ڪمن جي توفيق ڏئي ۽ کيس پنهنجي آيتن مان قرآن جو فهم نصيب ڪري"[19].

مطلب تہ الحاج يعقوب بہ سندس هڪ شاگرد آهي.

الحاج يعقوب هي خط لکڻ وقت ڪنهن اهڙيءَ جڳهہ تي آهي جتان شايد هو مسقط وڃڻ يا موٽي اچي مخدوم محمد صادق وٽ، اڳ وانگر ٻيهر پڙهائي شروع ڪرڻ جي ارادي ۾ ٻڏتر جو شڪار آهي ۽ نہ پڙهڻ تي ڏکارو بہ آهي. مخدوم محمد صادق سان پنهنجي خط ۾ ڪو اهڙو اظهار ڪيو اٿس، جو مخدوم موصوف کيس جواب ۾ لکيو آهي:

"جيڪڏهن اوهان جو مقصد مسقط بندر جي ٻيڙن تي چڙهڻ جو آهي، تہ پوءِ موٽي اچڻ بي معنيٰ آهي... تو جيڪو اڳين ۽ گذيل ورقن ۾ پنهنجو غم ۽ ڏک ظاهر ڪيو آهي، مطالعي ۽ نہ پڙهڻ تي ۽ پڙهڻ کان فارغ ٿي ويهي رهڻ تي، اهو سڀ مون کي تسليم آهي... جيڪڏهن اوهان جو ارادو علم حاصل ڪرڻ جو آهي ۽ پوءِ ان سبب جي ڪري غم ۽ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪرڻ عجيب آهي ۽ هيءَ جاءِ اوهان جي پنهنجي جاءِ آهي. اوهان کي گهرجي تہ سوچيو ۽ پنهنجي معاملي جو استخارو ڪيو. استخاري کان پوءِ جيڪو ظاهر ٿئي ان تي عمل ڪيو. اسان ڏانهن تنهنجو موٽڻ تڏهن صحيح ٿيندو، جڏهن تنهنجي دل پڙهڻ ۽ ڪتابن جي تدريس تي ڪنهن جاءِ تي مطمئن ٿئي. جيڪڏهن ائين عزم هجي تہ (هيءَ) جاءِ اوهان جي پنهنجي جاءِ آهي. جتي مشيت اسان کي ڇڪيندي سبق ۽ تدريس ان شاءَ الله اتي وڌيڪ سهڻي ۽ خوبصورت ٿيندي.... جيڪڏهن

اوهان جو مون وٽ اچڻ ٿئي ۽ محمد علي جي رفاقت سان اچڻ ٿئي، مطلوب ڪتابن سان گڏ تہ اهو نيڪ ٿيندو، نہ تہ نہ" [20].

سندس هڪ ٽيون شاگرد الحاج عبد الڪريم نوشهرائي[21] بہ آهي. معلوم ائين ٿو ٿئي تہ مخدوم محمد صادق وٽ الحاج يعقوب ۽ الحاج عبدالڪريم نوشهرائي گڏ پڙهن ٿا. عبدالڪريم نوشهرائي پنهنجي هڪ خط ۾ مخدوم عبدالله سان رابطي ۽ ملاقات جي شوق باوجود ڪوتاهي جو عذر ڄاڻائيندي ڪيس لکيو تہ:

"شوق انداز ڪان مٿي آهي ۽ هر ڪم جو وقت مقرر آهي، ڪجهہ ڏينهن شيخ معظم مولانا محمد صادق جي صحبت ان ڪان رڪاوٽ جو سبب بڻي، اوهان کي شيخ حافظ يعقوب سلام ٿو چوئي" [22].

هي سڀ مخدوم محمد صادق جي تدريس جون شاهديون آهن. وٽس هنن ٽن لائق شاگردن وانگر ضرور ڪي ٻيا شاگرد بہ پڙهي رهيا هوندا. جيئن حافظ يعقوب ڏانهن مٿئين مخدوم محمد صادق جي خط ۾ محمد علي نالي ڪنهن شاگرد جو ذڪر ٿيو، تہ "اوهان جو مون وٽ اچڻ ٿئي ۽ محمد علي جي رفاقت سان ٿئي، مطلوب ڪتابن سان گڏ تہ اهو نيڪ ٿيندو" [23].

بدرالدين، اسماعيل، شيخ محمود، قاضي محمد اڪرم، محمد مڪرم، شيخ محمد، يار محمد ۽ ٻيا، جن جا سلام مخدوم محمد صادق شيخ حافظ يعقوب کي لکيا، سي بہ شايد سندس شاگرد آهن. هڪ خط مان معلوم ٿئي ٿو، تہ مخدوم عبدالله جا ٻہ پٽ عبدالسلام جيو ۽ عبداللطيف جيو بہ مخدوم محمد صادق وٽ رهيل آهن، وٽس پڙهن ٿا، جو مخدوم محمد صادق انهن جا سلام مخدوم عبدالله کي موڪلي ٿو[24].

**ڪتابن جي ڏي وٺ:** ان زماني ۾ ڇپائي ۽ اشاعت جو ڪو آسان نظام ڪونہ هو. ڪتاب هٿن سان لکبا هئا، درست ۽ مستند نسخا تيار ڪرڻ لاءِ ماهر ۽ قابل خطاطن جون خدمتون ورتيون وينديون هيون ۽ ماهر عالمن ڪان انهن مٿان نظر داريءَ جو ڪم ورتو ويندو هو. جيئن مخدوم ضياءَ الدين هڪ خط ۾، ڪتاب جي ڪتابت لاءِ نگراني قبول ڪندي، مخدوم عبدالله کي لکيو:

"گهربل نسخو في الحال ميسر نہ ٿيو آهي، ان جي رعايت سان هٿ اچڻ لاءِ بہ معذرت خواه آهيان، البتہ جيڪو شخص لکرائيندو، ان سان گڏ

ان شاءَ الله العزيز ناظر ۽ نگران ٿيو" [25].

مقصد ته مخدوم ضياءُ الدين نسخو نه ميسر ٿيڻ جي ڪري، ٻي سهولت اها ڏيڻ جي آڇ ڪئي، ته ڪو ڪاتب هجي، جنهن کي پاڻ لکرائين، ان جي نگراني ڪن. اهڙي صورتحال جي ڪري ڪتابن جي صحيح نسخن جي وڏي اهميت هئي، پري پري کان درست نسخا گهرايا ويندا هئا. اهل علم استادن شاگردن لاءِ ڪتاب وڏي وٿ هوندو هو.

ڪتابن وٺڻ، گهرائڻ، انهن جي ڏيتي ليتي ڪرڻ علم وارن جو محبوب مشغلو هوندو هو. مخدوم محمد صادق پڻ هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪتابن سان گهڻي دلچسپي رکندو هو. پُڄَ شهر ڏانهن سفر دوران ڪيس موقعو مليو ته ڪتاب خريد ڪيائين ۽ ڪنهن هنڌ امانت رکي مخدوم عبدالله کي لکيائين:

"احقر پڄ شهر ڪنهن ڪم سان چند ڏينهن گذرندي آيو هو، تن ڏينهن ۾ تاج محمد نالي شاگرد فوت ٿيو. ان جا ڪتاب هڪ: ڪافيه، ٻيو شرح ملا، ٽيون به هڪ جلد، جملي ٽي جلد سليمان امام مسجد اسماعيل وٽ امانت آهن. فوري طور ان طرف لکي ٽيئي جلد پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪنهن اچڻ وڃڻ واري معتقد هٿان فقير ڏانهن موڪلي ڇڏيو" [26].

اهي ساڳيا ڪتاب آهن، جن مان هڪ 'شرح ملا' شايد حاجي يعقوب کي پسند آهي، جنهن لاءِ مخدوم محمد صادق مخدوم عبد الله کي لکيو ته:

"....ڪيس (حاجي يعقوب کي) صلاح ڏني آهي، ته ڦريائين اوهانجي خدمت گراميءَ ۾ پهچي، پنهنجون امانت واريون شيون پاڻ سان ڪنيو منزل مقصود ڏانهن روانو ٿئي، ڪتاب شرح ملا، پاڻ استدعا ڪئي هئائين، ته هن پاسي جي شرح ملا سان تبديل ڪري. في الحال سندس رغبت ساڳئي ڦرئين 'شرح ملا' ۾ آهي. ان بنياد تي لکجي ٿو ته اوهان صاحبن فقير جا ڪتاب جيڪڏهن شهر ٺٽي نه موڪليا آهن، ته پوءِ شرح ملا، جيڪا حاجي يعقوب وٽ آهي. ان کان وٺي فقير جي ڪتابن سان گڏ سانڍي رکندا ۽ شرح ملا، جيڪا اوهان وٽ امانت آهي، اها ان جي حوالي ڪندا" [27].

هڪ ٻئي موقعي تي مخدوم عبدالله وٽ ميان يونس هٿان ڪتاب موڪليا اٿس ۽ کيس لکيو اٿس:

”منهنجا دوست! ڪجهه ڪتاب ميان يونس جي هٿان اوهان جي گهر پهچائجن ٿا... اوهان گهر پهچندي..... ئي مذڪوره خط منهنجي پاءُ ڏانهن کنهن شاگرد هٿان يا کنهن معتقد هٿان مذڪوره ڪتابن سان گڏ روانو ڪندا“ [28].

مخدوم عبدالله ڏانهن هڪ ڪتاب ’عمدة المطالب‘ ڏياري موڪليندي کيس خط ۾ لکيائين:

”في الحال رسالو ’عمدة المطالب‘ هنن نياز جي ورقن کڻي اچڻ واري هٿان خدمت شريف ۾ موڪلجي ٿو. ان جي پهچڻ کان پوءِ به لفظ لکي مطمئن ڪرڻ فرمائيندا“ [29].

هڪ ڪاتب سان قيمت ۽ ڪتاب جي معاملي جو هي اشارو به دلچسپيءَ کان خالي نه ٿيندو. جيڪو مخدوم صادق هڪ خط ۾ لکيو آهي:

”ميان عبدالڪريم (صحاف) هڪ اڌ روپيه جي طلب رکي ٿو ۽ فقير کي ادا ڪرڻ به ڏکيو نه ٿيندو، پر جيئن ته حاشيه عبدالحڪيم جي قلمي نسخي جو هو بنهه اقرار نه ٿو ڪري ۽ چوي ٿو ته بنهه کيس خبر ناهي، انڪري فقير سعيو ڪري کيس اهي پئسا ڏيڻ جي جرئت نه ڪئي“ [30].

**فقه ۽ فتویٰ:** مخدوم محمد صادق پنهنجي دور جو وڏو عالم هو. سندس خطن مان معلوم ٿئي ٿو ته کيس تدريس سان گڏ فتویٰ جي علم ۾ به وڏو ادراڪ حاصل هو. سندس خطن ۾ به خط هُن پيج شهر جي هڪ پيرزادي کي لکيا آهن، جيڪي خط مخدوم عبدالله جي لفظن ۾:

”پيرزادي محمد شفيع ڏانهن مسجد فليه جي فيصلي نبيرڻ، ان ۾ جمعي نماز قائم ڪرڻ ۽ ٻنهي ڌرين ۾ هر طرح جي اصلاح لاءِ“ [31] لکيا ويا آهن. معلوم ٿئي ٿو ته پيج ۾ مذڪوره مسجد ۾ امام ۽ خطيب مقرر ڪرڻ تي ڪوڙرين ۾ ڦڏو هلي رهيو آهي مخدوم صاحب ان ڦڏي کي نبيرڻ لاءِ خط لکيو آهي. خط ۾ موصوف قرآن، حديث ۽ فقهي حوالن سان، جنهن طرح

مسئلي تي بحث ڪيو آهي، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ، موصوف کي فتوىٰ جي ڪتابن تي وڏو عبور حاصل آهي. مثال طور مسئلي جي باري ۾ جن ڪتابن جا حوالا ڏنا اٿس، اهي آهن: بخاري، المحيط البرهاني، هدايہ، الاشباہ والنظائر، مشڪواة المصابيح، شرح وقايہ، ڪنزالدقائق. هي فقہ ۽ فتوىٰ جا وڏا ڪتاب آهن. انهن مان حوالا اخذ ڪرڻ ماهر مفتي جو ڪم هوندو آهي، مخدوم موصوف هنن ڪتابن مان حوالا ڏئي جيڪي مسئلا بحث هيٺ آندا آهن اهي آهن:

- امامت ۽ خطابت جو وڌيڪ حقدار ڪير آهي؟
- امامت ۽ خطابت هڪ ٿي حڪم رکن ٿا. اهي بہ الڳ شيون ناهن،
- مسجد جو باني ۽ ان جو پٽ ۽ ان جا وارث امام جي مقرر ڪرڻ جا وڌيڪ حقدار آهن. امام ان کي رهڻ گهرجي جنهن جي امامت تي جماعت راضي هجي.

هي مسئلا جيتوڻيڪ شهر جي مسجد ۽ امامت جي معاملي جا مخصوص حلقي جا مسئلا آهن، پر پوءِ بہ اهي شهر ۽ مسجد جي آس پاس جي ماحول ۾ گهڻ اهميت وارا نہ آهن. عوام تي انهن مسئلن جو گهڻو اثر رهندو آهي، مخدوم صاحب جو زمانو تہ لڳي ٿو ان حوالي سان وڌيڪ حساس هو. پر اڄ بہ اهڙا معاملا بدامنيءَ جو سبب ٿي پوندا آهن، تہ اعلىٰ انتظاميہ جي مداخلت کان پوءِ ٿي حل تي سگهندا آهن. ڪڏهن تہ عدالتن تائين وڃي پهچندا آهن.

مخدوم محمد صادق جي زماني ۾ اهڙا مسئلا مفتي ۽ قاضي حل ڪندا هئا، پنهنجي دور ۾ مخدوم محمد صادق کي اهو مقام حاصل هو. موصوف پنهي خطن ۾ مذڪوره مسئلن تي مذڪوره ڪتابن جي حوالن سان بحث ڪيو آهي.

الحاج حافظ يعقوب مخدوم محمد صادق ڏانهن ڪي مسئلا لکي موڪليا آهن، جن جو مخدوم محمد صادق جواب (فتوىٰ) لکي موڪلي آهي، خط جو متن هن طرح آهي:

> ”اوهان جيڪي بعض مسئلا مون ڏانهن لکيا آهن، تن جو جواب لفافي ۾ بند ورقن ۾ لکيل آهي“ [32].

وڌيڪ ڪيس لکيو آهي تہ:

> ”جواب ڏيڻ واري لاءِ ايستائين اهو جائز ناهي تہ جنهن صورت جي باري ۾

سوال ڪيو ويو آهي، ان تي ڪو مخصوص حڪم لڳايو وڃي ۽ جيستائين چوڻ واري جا بعينہ لفظ بيان نہ ٿين. جيڪڏهن هندي آهن تہ هندي، سنڌي آهن تہ سنڌي، عربي آهن تہ عربي. الفاظن جي ترتيب ۽ ترڪيب جي تفاوت بنا، جيئن آهن تيئن. ڇاڪاڻ تہ لفظن ۾ ترڪيب جي ٿوري فرق سان حڪم (فيصلو) فتویٰ تبديل ٿي ويندي آهي. جيئن اها ڳالهہ فقهہ ۾ ٿورڙي بہ ڄاڻ ۽ مطالعي رکندڙ کان مخفي ناهي. والله اعلم[33].

**حج جي نيت سان نڪرڻ واري لاءِ ٻين ڪمن جي نيت:** مخدوم موصوف حج جي سعادت لاءِ سفر تي نڪتو، تہ رستي ۾ پنهنجي دوست سان ملاقات جو شوق بہ ٿيس ۽ ان سان ملاقات لاءِ خط بہ لکيائين، پر خط ۾ ان سوال جو جواب هڪ بهترين نڪتي ۽ اصول جي بيان جي صورت ۾ ڏنائين، تہ حج لاءِ سفر ۾ نيت خالص الله لاءِ هئڻ گهرجي، وچ ۾ ڪنهن ٻئي سان ملاقات جي نيت يا ڪو ٻيو دنياوي غرض شامل ڪرڻ ڪيئن ٿيندو؟ سندس لفظ هن طرح آهن:

> ”اسان بندر ڪراچيءَ کان سوار ٿي رهيا هئاسين، خير البرّيہ ﷺ جي زيارت ۽ نبي ﷺ جي حضور ۾ ابدي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سنبريل هئاسين، جو مون رستي دوران اوهان جي خدمت ۾ اچڻ جو شوق محسوس ڪيو، تہ جيئن شوق پورو ٿئي ۽ ملاقات جي راحت حاصل ڪجي. جڏهن تہ علت غائيہ جي وحدت باوجود متعدد غايتن کي جائز قرار ڏنو اٿن“[34].

معنیٰ سفر جي علت غائيہ هڪ هجي ۽ ان سان گڏ ٻيون غايتون بہ شامل ڪجن تہ اهو جائز آهي. يعني اصل سفر جو سبب حج هجي ۽ ان سان گڏ ننڍا وڏا سفر ۾ ٻيا ڪم بہ جيڪڏهن ارادي ۾ اچن تہ اهو جائز آهي.

**خطن ۾ ذڪر ڪيل ڪجهہ اهم نڪتا:** منطقي، ڪنهن دليل قائم ڪرڻ لاءِ مقدما ترتيب ڏيندا آهن، جن ۾ حد اصغر، حد اڪبر ۽ حد اوسط شامل آهن. منطقي حد اوسط کي ڪيرائيندا آهن تہ حد اصغر ۽ حد اڪبر هڪ نئين نتيجي جي صورت ۾ سامهون اچي ويندا آهن. مخدوم محمد صادق منطقين جي ان اصول ڏانهن اشارو ڪندي، پنهنجي خط لکڻ کي ان سان تشبيهہ ڏيندي لکيو آهي:

"(خط) عوام وٽ اڌ (جسماني) ملاقات آهي، پر صاف دل ۽ پاڪيزه خيالن رکڻ وارن وٽ پوري روحاني ملاقات آهي. بلڪ اها پاڪيزه دل وارن وٽ منطقين جي حد اوسط وانگر آهي، جنهن ۾ حد اڪبر کان فوري پوءِ حد اصغر داخل ٿيندي آهي" (35).

يعني خط حد اوسط وانگر آهي، جيڪو وچ مان ڪري پوندو ۽ حد اڪبر کان فوري پوءِ حد اصغر وانگر خط لکڻ وارو ۽ جنهن ڏانهن خط لکيو ويو، هڪ ٻئي جي روحاني طور سامهون هوندا.

**هڪ ٻيو عجيب نُڪتو:** غريبن جا حال حالتن مطابق روز پيا بدلجن، ڪڏهن هيٺ تہ ڪڏهن مٿي، ڪڏهن گهوڙي تي تہ ڪڏهن پٽ تي، ان وانگر عربيءَ ۾ هڪڙا لفظ مُعرَب سڏبا آهن، جيڪي جملي ۾ مختلف حالتن ۾'عاملن' بدلجڻ جي ڪري پيا بدلبا آهن ۽ ٻيا لفظ مبني الاصل سڏبا آهن، جيڪي حالتن (عاملن) بدلجڻ سان تبديل نہ ٿيندا آهن. ان لطيف نحوي اصول سان تشبيهہ ڏيندي موصوف لکيو آهي:

"غريب جا احوال 'معرب' وانگر آهن، جيڪي عاملن بدلجڻ سان بدلبا رهندا آهن، عزت ۽ شرف وارن جي مهرباني ۽ شفقت مبني الاصل وانگر آهي، جيڪا پنهنجي اصل محڪم تي مبني هوندي آهي. بلڪ اها تہ مطلق وانگر آهي، جنهن مان فرد ڪامل ئي مراد ورتبو آهي" (36).

**خلاصو:** مخدوم محمد صادق صديقي ٺٽي جو نامور عالم ۽ مدرس هو. سندس نسب جو ڳانڊاپو نانگ ۾ مخدوم ضياء الدين ۽ ڏاڏنگ ۾ مخدوم محمد آدم صديقيءَ سان هو. حج جي سعادت بہ حاصل ڪيائين ۽ حرمين ۾ هڪ سال رهي حرمين جي عالمن کان حديث ۾ اجازت ورتائين. شهر ٺٽي جو مشهور مدرس هو،سندس درس ۽ تدريس مان گهڻن فيض پرايو، ڪيئي نامور عالم وٽس پڙهي وڏا عالم ٿيا. مخدوم عبد الله نريي وارو، عبد الڪريم نوشهرائي ۽ حافظ يعقوب وغيره سندس مشهور شاگرد هئا. تدريس سان گڏ فتوىٰ ۾ بہ مشهور هو. ڪانئس اختلافن جي نبيري لاءِ فتوائون پڇيون وينديون هيون. پاڻ محقق عالمن وانگر جواب ڏيند ۽ فيصلا نبيريندو هو. پاڻ صاحب طرز نثر نويس بہ هو، پنهنجي خطن ۾ صرف، نحو، منطق جي لطيف اصولن ۽ قاعدن کي استعاري طور استعمال ڪرڻ جو فن خوب آزمايو اٿس. انهن علمن کان واقف ماڻهو سندس نثر مان خوب لطف اندوز ٿيندو.

# حوالا


1. بکري، شيخ فريد الدين: 'ذخيرة الخوانين' پاڪستان هسٽاريڪل سوسائٽي، ڪراچي، 1970ع، ج:2، ص:311
2. مهر، غلام رسول: 'تاريخ سنڌ، عهد ڪلهوڙا' ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، ج: 2،ص: 874
3. حوالو ساڳيو، ص:191
4. قانع، مير علي شير: 'معيار سالڪان طريقت'قلمي، راشدي ڪارنر، ريسرچ لائبريري انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ص: 200
5. قانع مير علي شير: 'معيار سالڪان طريقت'، ص:202
6. قانع، مير علي شير: 'تحفة الڪرام'، ص695.
7. قانع، مير علي شير: 'مقالات الشعراء'، ص:360
8. قانع، مير علي شير: 'معيار سالڪان طريقت'، ص: 195.
9. قانع، مير علي شير: 'تحفة الڪرام'، ص:679.
10. صديقي، مخدوم محمد صادق: سنڌ جي مشاهير علماء جا خط، مرتب: مخدوم عبدالله نريائي، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ،2015ع، ص: 158
11. حوالو ساڳيو، ص:152
12. حوالو ساڳيو، ص:157
13. حوالو ساڳيو، ص:175
14. حوالو ساڳيو، ص: 135.
15. حوالو ساڳيو، ص: 69
16. قانع، مير علي شير: 'مقالات الشعراء'، ص:365
17. صديقي، مخدوم محمد صادق: 'سنڌ جي مشاهير علماء جا خط'مرتب: مخدوم عبدالله نريائي، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ،2015ع، ص:66
18. الحاج حافظ يعقوب ولد ڪيانتو فقير، نوشهري فيروز جي پرسان اوپر طرف ۾ اڄ ڪلهه پڊعيدن روڊ تي ڪجهه ڪلوميٽرن جو فاصلو طئي ڪري وري روڊ سان هڪ ٻه ڪلوميٽر اندر ڳوٺ حافظ يعقوب تنيا آباد آهي، اتي جو رهواسي هو. سندس قبر مبارڪ تي ڪتبو لڳل آهي، جنهن تي سندس وفات 1287هه ڄاڻايل آهي. قريشي حامد عليءَ وٽ سندس هڪ رسالو نالي جنس نامو، جيڪو حافظ يعقوب جي پونيرن وٽان ڪيس مليو، سو محفوظ آهي. سندس پونير اڄ به ڳوٺ ۾ آباد آهن.
19. صديقي، مخدوم محمد صادق: 'سنڌ جي مشاهير علماء جا خط'مرتب: مخدوم عبدالله نريائي، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ،2015ع، ص:66

20. حوالو ساڳيو،ص:67
21. عبدالڪريم بن عبد الملڪ نوشهرائي، جيئن سندس نالي مان معلوم آهي، نوشهري فيروز جو رهاڪو آهي، ان کان وڌيڪ سندس باري ۾ بي معلومات دستياب نہ ٿي سگهي آهي. دار العلوم مجدديہ ملير ڪراچيءَ ۾ مخدوم جعفر جي ڪتاب عجالة الطالبين جي پنيان سندس هڪ اجازت حديث منقول آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ، کيس شيخ محمد حيات سنڌيءَ کان حديث جي اجازت حاصل آهي.
22. صديقي، مخدوم محمد صادق: 'سنڌ جي مشاهير علماء جا خط'مرتب: مخدوم عبدالله نريائي، ڊاڪٽر اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ،2015ع، ص:103
23. حوالو ساڳيو،ص: 67
24. حوالو ساڳيو،ص: 134_135.
25. حوالو ساڳيو،ص:129
26. حوالو ساڳيو،ص: 161.
27. حوالو ساڳيو،ص: 148_149.
28. حوالو ساڳيو،ص:162_163
29. حوالو ساڳيو،ص: 150_151.
30. حوالو ساڳيو،ص: 157.
31. حوالو ساڳيو، ص: 164.
32. حوالو ساڳيو، ص:66
33. حوالو ساڳيو،ص: 66_67.
34. حوالو ساڳيو،ص:69
35. حوالو ساڳيو
36. حوالو ساڳيو

# SINDHI BOLI

HEC recognized Research Journal

Editor:
**Dr. Muhammad Ali Manjhi**


**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY**
HYDERABAD, SINDH

**SINDHI BOLI [Research Journal]**

| | |
|---|---|
| Editor: | Prof. Dr Muhammad Ali manjhi |
| Joint Editor: | Shabnum Gul |
| Sub Editor: | Shoukat Chachar |
| Layout: | Asadullah |
| Volume: | 13th - Edition: 2nd (December 2020) |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad Sindh, 71000 |
| Price: | Rs.250/- |
| E- mail: | sindhiboli@sindhila.edu.pk |
| Online link: | www.journal.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Pakiza Printers, Hyderabad |

**ISSN-L: 2519-9765 Print Version**

**ISSN: 2521-4608 online Version**

**www.journal.sindhila.org**

## Policy & Guidelines for Authors.

- The Research Paper must be written on the topics of Linguistics, Sindhi Language and Literature.
- In composing (MB Bhitai Sattar) Font size 13 be used.
- The Abstract in English of the Research Paper must be included.
- The references should be in MLA or APA style.

## Editorial /Advisory Board (National

**Dr Nawaz Ali Shoq**
Ex-Chairman
Sindhi Language Authority

**Prof. Dr Fahmida Hussain**
Ex-Chairperson
Sindhi Language Authority

**Prof. Dr Anwar Figar Hakro**
Dean Faculty of Arts:
University of Sindh, Jamshoro

**Dr Kaleemullah Lashari**
Research Scholar/ Archelogist
Karachi

**Prof. Dr Adal Soomro**
Ex-chairman, Sindhi depart:
SALU, Khairpur

**Prof. Dr Ishaq Samejo**
Chairman , Sindhi Depart:
University of Sindh, Jamshoro

**Dr Hakim Ali Buriro**
Asstt: Prof.
Depart: of Pakistani Languages
Allama Iqbal Open University, Islamabad

**Dr Manzoor Ali Veesrio**
Asstt: Prof.
NIPS, Quaid-e-Azam University, Islamabad

## Editorial /Advisory Board (International)

**Dr Jetho lalwani**
Scholar/ Ex: Director
National Council for Promotion of
Sindhi Language (India)

**Prof. Dr Baldev Matlani**
Ex-Chairman, Sindhi Department, Mumbai
University (India)

**Dr Roshan Golani**
Chairman, Board of Studies Gujrat
University Ahmedabad, (India)

**Dr Kamla Goklani**
President (Women Wing)
Akhal Bharat
Sindhi Boli & Sahat Sabha (India)

**Dr Haaso dadlani**
Head of Sindhi Department,
Samrat Pirthivi Raj Chauhan Govt. P.G
College Ajmer Sharif (India)

**Dr Suresh Bablani**
Research scholar
Panchsheel Nagar,
Ajmer (India)

**Dr Sandhya C.Kundnani**
Head of Sindhi Depart:
Chandi Bai College,
Ulhas nagar (India)

According to HEC Policy

# SINDHI BOLI

[BI-ANNUAL RESEARCH JOURNAL]

Vol.13: Issue: 2nd
December 2020

ISSN: 2519-9765

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY